ڀارت جا ڀڳت



ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميجا "آشا"

107



ڈاکٹر دیال "آشا"

ڀارت جا ڀڳت

ليکڪ:

ڊاڪٽر ديال کوڙومل ڏاميجا "آشا"

ايم. اي. پي ايڇ. ڊي

ڀومڪا

سندري وڌاڻي

شريمتي چانديبائي همٿمل منسکاڻي ڪاليج

الهاسنگر-٣

پهريون ڇاپو اپريل ١٩٨١ع] [ڪاپيون ١٠٠٠

پهڻا ٢٥ روپيا

پرڪاشڪ: ڪملا آنند ڏاميجا

آشيرواد

ڀاڳيه شالي ڀارت ڀومي رشين منين ۽ اوتارن جي ڀومي آهي. هن پاون ڌرتيءَ تي هزارين پرڀوءَ جا پيارا ڀڳت وقت به وقت جنميا آهن جن پنهنجي جيون ۾ سمرڻ سيوا سنيهه ستيه سادگيءَ جي ساکي ڏني آهي. مانوتا لاءِ انهن جي جيون روشن منار آهي. انهن سنتن ڀڳتن سنتوشن نه صرف پنهنجي مانش ديهه سڦل ڪئي آهي مگر لکين ڏکين ۽ اداس وارن دلين کي سيتلتا ۽ شانتي بخشي آهي. سنسار جي ساگر ۾ ٻڏندڙن کي نام جي نوڪا ۾ چاڙهي پار پهچايو آهي.

مونکي اهو پرسنتا آهي جو منهنجي پياري ديال "آشا" ڀارت جا ڀڳت پستڪ لکيو آهي جنهن ۾ هن ڀارت جي هڪ سؤ ڀڳتن جون مختصر جيون گهٽنائون ڏنيون آهن. جن جي پڙهڻ سان من ۾ پرماتما لاءِ وڌيڪ پياس پيدا ٿيندي. پياري ديال آشا کي ڌنيواد آهي جو اهڙو سندر پستڪ سنڌي سماج اڳيان پيش ڪري رهيو آهي. شل پرم پتا پرماتما سدگرو مهاراجن ۽ سنتن جي مٿس ديا وڌيڪ آشيرواد ڇمڪندي رهي جو اُن قسم جي سٺ ساهتيه جو سرجن ڪندو رهي. پياري ديال آشا نارد ڀڳتي سوتر سنڌي ڪوتا ۾ انواد ڪري اُتم ڪارج ڪيو آهي. جيون جي سارٿڪتا نام سمرڻ ۽ سيوا ۾ آهي. شل ڀڳتن سنتن جي جيون مان اهي گڻ گرهڻ ڪري مانو جيون سڦل ڪريون.

ويساکي، ۱۳ اپريل ۱۹۸۱ع

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

سادر سمرپت

ڀڳوان شري ڪرشڻچندر آنند ڪند ٻالڪي ڀاري
جوڳ ماتا آن شڪتي ويٺا وادني سرسوتي ديوي.
مهندجا آڌياتمڪ مارڳ درشڪ

پوجيه دادا سادو ٽي. ايل واسواڻي
پوجيه ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج
پوجيه سوامي ٻابا ڪيشوداس مهاراج
پوجيه سوامي ليلا شاهه مهاراج
پوجيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج
پوجيه دادا جشن واسواڻي.
ڀڳت ٿهليارام ليلارام
پوجيه پتا شري ڪوڙومل سوپراج ڏاميجا
پوجيه پتا شري وشنداس سوپراج ڏاميجا
پياري ڀاڀي صندوري ٻائي وشنداس ڏاميجا
پياري امان ڀاري ٻائي ڪرڙومل ڏاميجا

جي ڪمل چرڻن ۾
مَن جي آسيس
سان ڀي چمڪي آهي.

ديپال "آنند"

پرڪاشڪ : شريمتي ڪملا آنند ڏاميجا
انڪ نمبر ۱۹۷۴، الهاسنگر-۵
ڇپيندڙ : اشوڪ پريس، الهاسنگر-۳

تو اکين جي گنگا جل سان ڇو نہ ڪيس ڌوتو آهي نہ هردي ۾ هري رهي ٿو. اڪ سپاهي ٿيڻ، پرڀوءَ جي ڪرپا سان، پنهنجي هردي اندر هريءَ جو درشن پائي ٿو ۽ پوءِ ڏسي ٿو تہ هڪ هڪ جي اندر ساڳيو پرڀو آهي.

”جڌر ديکتا هون، اُڌر تون ئي تون هئہ!“ سڀني ۾ اُهو ساڳيو پرڀو ۽ پاپين گنهگارن ۾ بہ ساڳيو پرڀو، پنهنجي ۽ پرائي ۾ بہ ساڳيو پرڀو. هڪ هڪ جيءَ ۾ آهي پرڀوءَ جو نواس. ان ڪري ڀڳت هڪ هڪ جي اڳيان سر جهڪائي ٿو، هڪ هڪ جي سيوا ڪري ٿو ۽ آسيس پائي ٿو. ڀڳتي اُن ۾ ڪين آهي تہ مان فقط جهانجهہ وڄايان ۽ هري نام وڏي آواز سان اُچاريان ۽ جڏهن نام ڳايان، تڏهن واهي نچان. سچي ڀڳتي آهي شڪتي، سيوا شڪتي جنهن جي اندر ڪائي ئي، اُهو دکين دردن، مسڪينن ۽ مظلومن، پکين ۽ پسن جو مددگار ٿئي ٿو ۽ دکي دنيا جي سيوا ڪريندو.

سچي ڀڳت کي چار پدارٿ ملن ٿا:-

(١) چت شانتي- دک سک ۾، نفعي نقصان ۾، صحت ۽ بيماريءَ ۾، ساک ۽ نندا ۾ هو سمان آهي. سندس چت هميشہ اسٿر آهي، ڇو تہ سچو ڀڳت پرڀوءَ جي شرن وٺي ٿو. پنهنجي جيون سموري پرڀوءَ جي حوالي ڪري ٿو ۽ سندس دل منجهان هڪ ئي پڪار اُٿي ٿي:

دين بندو دينا ناٿ،

ميري ڏوري تيري هاٿ.

پنهنجي جيون جي ڏوري مون توکي سونپي آهي- جيئن وڻيئي تيئن هلاءِ. ڀڳت کي پڪ آهي تہ جيڪي ڀڳوان ڪري ٿو، ان ۾ ئي سندس ڀلو آهي ۽ پاڻ ئي پرڀو سندس رکشا ڪري. سندس وشواس آهي تہ پرڀو جيڪي ڪري ٿو سو

ڀارت جا ڀڳت

مھاڳ

ڀڳتي ڇا آهي؟

هڪ ڏينھن هڪ کليل ميدان ۾ ويٺا هئاسين. سياري جي رات هئي. آسمان ۾ تارن جي جھرمر هئي. جت ويٺا هئاسين اُت هڪ وڏو ڪاٺ جو ٽنڊ پئي ٻريو. ٽنڊ آلو هو، جنھن ڪري هڪ پاسي پئي ٻريو ۽ ٻئي ڇيڙي منجھان پاڻيءَ جا ڦڙا پئي ڳڙيا. پياري دادا (سادُو واسواڻي) چيو:- "هي ٽنڊ اسان کي سمجھائي ٿو ته سچي ڀڳتي ڇا آهي. ڀڳت جي اندر عشق جي آگ ٻري ٿي ۽ سندس اکين مان زار زار ڳوڙها پيا ڳڙن. جو پيار جي آگ ۾ جلي ٿو، ان جي اکين ۾ آهي هڪ سوز جو پاڻي. جنھن کي ڀڳتي آهي، ان جون اکيون اوهين آليون ڏسندا، ٻيل ڏسندا."

ڀڳتي آهي نرمل پيار، پرم، عشق سائينءَ واسطي. ڀڳت جي دل اندر اچي جاڳي ٿو پيار پرڀوءَ واسطي. ان پيار جو اکرن ۾ ذڪر ڪرڻ مشڪل آهي. اهو پيار سمنڊ کان اونھو آهي ۽ آسمان کان اوچو آهي. ان پيار ۾ ڀڳت سنسار ۽ سنسار جا خيال وساري ٿو. پنھنجو تن وساري ٿو، پنھنجو من وساري ٿو، اندر جي تمنا وساري ٿو. پرڀوءَ کان سواءِ ڪنھن ٻيو ڪجھ ياد ڪين آهي. "اسر ڳئي سڀ تانت پرائي!" سنسار جو اوترو ڪم ڪري ٿو، جو سندس ۽ سندس ڪٽنب جي پالڻ جي آجيوڪا واسطي ضروري آهي. هو چاهي ٿو ته وڌيڪ وقت پنھنجي پنھنجي پرڀوءَ، پنھنجي پرڀوءَ جي ڌرڻ ۾ گذاري. پر پنج کان پري رهي ٿو. پنھنجي اندر وڃي ٿو. پنھنجو هردو صاف ڪري

ڪٿان شاسترن جو اڀياس ڪٿي آهي. ڪٿان آهي جيوت، جوت جو ديدار ۽ جو پنهنجي اڌ، جوت جو درشن ڪري ٿيو، سو چوگرد چوڌار، هڪ هڪ انسان، هڪ هڪ پراڻيءَ ۾ ساڳي جوت ڏسي ٿو. انڪري سچو ڀڳت جو ڪنهن سان وير ڀاو نه ٿو ٿئي. ورڪ وانگر هو انهن کي آسيس جو ميوو ڏئي ٿو، جي کيس نندا جا يا ڌڪار جا پٿر هڻن ٿا.

شري ليلا کي ڏوريءَ پڪڙي سوليءَ تي چاڙهين ٿا ۽ هي پرڀوءَ جو پيارو انهن کي ئي آسيس ڏئي ٿو جي سندس نرم نرمل سرير ۾ ڪليون ٺوڪين ٿا ۽ ٻچاڙيءَ ۾ سڀن لاءِ پرارٿنا ڪري ٿو: ”پرڀو ڏي هنن کي معافي، ڇو ته هنن کي پروڙ ڪين آهي ته ڇا ڪري رهيا آهن!“

(۴) سيوا شڪتي- اهڙو ڀڳت سيوڪ ٿئي ٿو- دکي دنيا جي سيوا ڪري ٿو ۽ پنهنجي واسطي ڪجهه ڪين ٿو گهري. شايد صبوح کان رات تائين سيوا ڪري ٿو. پر ڪڏهن اجورو ڪين ٿو گهري سندس سيوا پٺيان آهي هيءَ هڪ ڀاونا:-

”تو واسطي! پرڀو، تو واسطي!“

هڪ هڪ سچي ڀڳت جي جيون ۾ ڀڳتي، گيان ۽ ڪرم جو سنجوڳ آهي. ڀڳت آهي سچي ”ترويڻي“، ڀڳت آهي سچو تيرٿ آستان. اي لوڪو! توهين ڪيڏا خرچ ڪري ۽ ڪشٽ وٺي تيرٿن تي وڃو ٿا. توهانکي حاصل ڇا ٿو ٿئي! ان کان بهتر ڪنهن ڀڳت جي حاضريءَ ۾ وڃي وهو. سندس نيڻن مان ۽ سندس مک مان جا گنگا پيئي وهي، ان ۾ اشنان ڪريو ۽ پنهنجو انتهڪرڻ صاف ڪريو!

اهڙا ڀڳت ڀارت ۾ صدي به صدي پيدا ٿيا آهن. انڪري ڀارت ڀومي آهي پُڻ ڀومي- انڪري ڀارت جي ڌولي صاف پوتر ڪري سمجهندو آهيان. ڀارت ۾ هزارين، شايد لکين، ڀڳت پيدا ٿيا آهن، جن مان ڪيترا اڪيلا جن جي نالن جي به ڪنهنکي خبر ڪين آهي. جڏهن مهرشي نارد ڀڳوان کان پڇيو: ”پنهنجو اتم ۾ اتم ڀڳت ڪير آهي؟“ ڀڳوان جواب ۾ هڪ نالو ڏنو، جو نارد ٻڌو به ڪين

واه واه ! ڇهڙي ڪمائين سو واه واه، ڇهڙي ڪندو سو واه واه ! "هيئن نہ سچو واه واه، هونئن نہ سچو واه واه !"

هڪ ڀڳت بابت ٻڌايل آهي. هڪ موقعي تي ڪنهن چيس تہ تون پنهنجي ڀڳوان جي ساراهہ مان لاڀ ڪين ٿو، جي ڀڳوان توکي دوزخ ۾ موڪلي تہ تون ڇا ڪندين؟ ڀڳت چوي ٿو: ڀڳوان دوزخ ۾ ڪيئن موڪليندو! ڀلا جي ڪٿي موڪلي تہ بہ مونکي بہ ڀانئيو ن آهن. ٻار ۽ ننڍڙيون جون ڀانئيون، جن سان ڪنهن ڀڳتي ڀاڳ سان وٺي ويندس ۽ ڀڄن آهي تہ مان ڀڳوان سان دوزخ ۾ هجان، تنهن کان جو ڀڳوان کان سواءِ بهشت ۾ نواس ڪريان!"

(٢) ديئتا– سچو ڀڳت ڀاڳ کي دان ڪري ٿو سمجهي، چوي ٿو، مان ڪجهہ ڪين آهيان، مسڪين آهيان. منهنجو ڀڳوان سڀ ڪجهہ آهي– سنت رام ڪرشن وري وري هڪ پرارٿنا ڪندو هو:– "ناهم ! ناهم ! تون هو ! تون هو !" ڀڳو، مان آهيان ڪين، اڪ تون ئي آهين!

گرو امرداس کي جڏهن گرو انگد جو پٽ، داتو، لت هڻي ٿو، موٽ ۾ گرو امرداس سندس ٻير کي زور ڏئي ٿو ۽ چوس ٿو: "منهنجا هڏا منهنجي ٻير کي لڳا هوندا ۽ تنهنجي ٻير کي سور آيو هوندو !"

سچو ڀڳت پاڻ کي سڀني کان گهٽ سمجهي ٿو. جو نہ سڀني ۾ هو پنهنجي گرو يا ڀڳوان جو روپ ڏسي ٿو– سچو ڀڳت دنيا جي مان هاڻ وڏائيءَ جا وسترا لاهي، اماڻو ٿي، ڀڳوان جي در تي اڪ خادم، ڀڪاري ٿي اچي ٿو.

(٣) جوت جو پرڪاش– سچو ڀڳت پنهنجي اندر جوت جو پرڪاش ڏسي ٿو انهي جو ڀالڪ لئي ٿو– دل جي ڪمل ڪل ۾ روشن سروپ جو درشن پائي ٿو– اها جوت آهي سچو گيان گيان ڀسٽڪن ايا اگن جي ٻاله ڪين آهي.



ڄو جنم، دادا
ساڌو ٽي. ايل واسواڻي

هو. وڌيڪ اچا ڪرڻ لئي ڀڳوان نارد کي موڪليو ته. اهو پرم ڀڳت هڪ غريب ڪسان (ڪڙمي) جو ذڪر ڀارت ۾ هڪ ٻيءَ ٽي ڪم ڪندو هو.

ڀارت ۾ انيڪ ڀڳت ٿي ويا آهن. ان مان ڪن ٿورن جو ذڪر هن سنڌر پستڪ ۾ ڏنل آهي. هن پستڪ جو سواگت مان دل وجان سان ڪريان ٿو، ڇو جو ان پستڪ ۾ ڀڳتن جو ورنن ڪري ليکڪ، جو پاڻ ڀڳت آهي. پروفيسر ڊاڪٽر ديال آشا نند اڪ ودوان آهي، ڪوي آهي، پروفيسر آهي، ليکڪ آهي، سماج شيوڪ آهي. انهن سان گڏ اڪ ڀڳت پڻ آهي. سندس هردي جي اندر آهي سڪ سچ واسطي، اڪير عجيبن واسطي. ان اڪير ۾ سندس نيڻن وري ٿي ويا آهي. مون سندس اکيون آليون ڏٺيون آهن. سندس دل اندر هڪ سوال ورئي ورئي اٿندو آهي: ”پريا! اچا ڪڏهن؟ اچا ڪڏهن؟“

پيارو ديال ڏکڻ ديوڙن جو دوست آهي، مسڪينن جو مٽر آهي. مسڪينن جو رکڻ آهي. ڏنو ودوان آهي، انهن هوندي به پاڻ کي اڪ مسڪين ڪري ڄاڻندو آهي. ڀارت سرڪار ۽ ٻين سنستائن پاران کيس ڪيترا انعام مليا آهن، پر هميشه چوندو آهي:- ”مان اڪ اوزار آهيان، ڀڳل اوزار! ڪم ڪندڙ ته اڪ پريو آهي!“
سندن سڀني ڪمن: پريوءَ جي پيارن لاءِ کيس عجيب شردا ۽ ڀڳتي آهي. انهن جي حاضريءَ ۾ هي ودوان اڪ ٻار وانگر ويندو آهي ۽ مونکي ياد ايندا آهن پياري دادا (ساڌو واسواڻي) جي ٻانيءَ جا اکر:-


”نموڙي نماڻي سڪو ڏر ٻار
آهي ٻال ميندر، لئي ڪون ٻار!“

شل ٻار ٿيون! وڏائيءَ جا ويچار ڇڏيا ڪري، پريوءَ جي در ڀکاري ٿي سچي ڀڳتي جي ڀڪيا گهرون:- ”مانگو دان، ٺاڪر نام!“ سو سچو جيڪو ٺاڪر نام جو دان ڏئي ٿو، ان کي چار ئي پدارٿ ملن ٿا ۽ اهو مالڪ پاڻ سوڀل ڪري ٿو.


١٠ ساڌو واسواڻي پٿ، پونا-١، ١٠-٤-٨١ — جشن واسواڻي



ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج



يوگيراج سوامي ليلاشاھ مھاراج




پوڄيه، دادا جشن واسواڻي

سهڻوڳي ساٿي



پرنسپال ڪي. ايم. ڪندناڻي



ڊاڪٽر هوتچند آڏواڻي



شريمتي جوتي ڪي. ڪندناڻي



شريمتي ساوتري هوتچند آڏواڻي

پوتر ياد ۾



پوڄنيه پتي

سرڳواسي شري جهوڙرام جهٽومل منگهناڻيءَ

جي

پوتر يادگيريءَ ۾ سڪ ۽ شرڌا سان ڀيٽ.

ساوتري جهوڙرام منگهناڻي

سهيوگي سڄڻ



دادا لعلچند ماکيجاڻي




شري مورجمل مگهاڻي



شري سياڻچند چاولا



شري وکيومل شراف



شري هري ٺاراماڻي



شري ڪنهيالعل نندلعل ماکيجا

پوڄ ياد ۾



پوڄيه پتا

سرڳواسي شري جشن مل ڀوڄا

جي

پوتر يادگيريءَ ۾ سندس شرڌا سان ڀيٽ.

ڪنهيا لعل جشن مل ڀوڄا

شنڪر لعل راملال ڀوڄاڻي.

۱

پيش لفظ

پرماتما جي پيدا ڪيل سرشٽي هڪ عجب اسرار آهي. ڀانت ڀانت جا ميوا ڦل جيو جنتو ۽ انسان آهن. هر ڪنهن جي صورت ۽ لياقت الڳ. ڪروڙين انسان آهن پر سڀني جي شڪل جدا جدا ۽ سڀاءُ هر ڪنهن جو نرالو. منش جو سڀاءُ ۽ حالتن لـي بدلجي بدلجي جو پرڀاءُ آهي. ستجڳ ماڻهن جي عمر وڏي هئي ۽ سالن جا سال تپسيا ڪندا هئا. اڄڪلهه جي ڀڄ ڀڄ ۽ ڏڪاٽ ۾ دان. هن ڪلجڳ ۾ اهي ڳالهيون ڏکيون ٿي پيون آهن. انهن ڪو نه آهي نه تپ لڳي. ۽ دان ڪو نه ڏيندا آهن پر اهي ساڌارڻ منش لاءِ ممڪن نه آهن.

هن ڳالهه انوسار انسان کي مهاپرشن ۽ سنتن سولو رستو ڏسيو آهي جو ساڌارڻ منش به سولائيءَ سان هلي ٿو سگهي. اهو ساڌنن کان ڀڳتي وڌيڪ سگهو ۽ سرل آهي. ڀڳتيءَ جو مطلب اهو نه آهي نه مندر ۾ وڃي رڳو مٿو ٽيڪجي ۽ گهنڊ وڄائجن. ڀڳتي آهي نام سمرن ۽ سيوا ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه پالڻا مها پرش سڀڪارين ٿا نه اڪيلائي ۾ ڪجهه وقت سانت ۾ ويهي نه توهانجو من اشانت اڪاگر ۽ نرمل ٿيندو. نرمل من سان نام جپو ۽ سيوا ڪريو. پيارو دادا واسواڻي ۽ دادا جشن چوندا آهن ته غريب ۽ ڏکين آهن پربوءِ جون پيل مورتون. انهن جي نسڪام ڀاو سان سيوا ڪندا ته اها توهان جي ڀڳتي ٿيندي. گهر جو ڪم ۽

فهرست

افسوس ته هي ڪم ڪرڻو ضرور هو سمجهائي ۽ دل سان ڪرڻو ۽ ان ڪرڻ لاءِ پورو اڳيان ته اها به دوهان جي پوڄا نه ڪندي لشڪار پاڻ ۽ ايمان رهت جيڪو هي ڪم ڪجي تو اها آهي پڪي ۽ اها پورو ڪي قبول آهي.

پام دڀال آشا "نارد ڀڪتي سوتر" جو سنڌي ڪونا ۾ اسر جمو ڪري جس جو ڀاڱي ٺهو آهي. گهڻا سنڌي هو نند نارد ڀڪتي سوتر جو رس جهڪر ڪري ٿي سگهن. نارد ڀڪتي سوتر سان اهي ڀڪتن جون ساکيون ته سنڌيءَ ۾ ڏاڍيون آهن جن ڀڪتيءَ ڪهاڻ ۽ ونراڳ سان پورو جو اثر ڪهو. سنڌس سنڌي تمام سلمس آهي تو ري سنڌيءَ جي جاڻ رکندڙ به سولائيءَ سان اهو رس ٿي آنند ماڻي سگهن ٿا.

اميد ته گهڻا سنڌي پيار ۽ پڙهن هن پسڪ مان لاڀ وٺندا جن آدرشن تي پستڪ لکيو ويو آهي. پاڻ دڀال انهن تي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. پاڻ غريبن ۽ پيڙن جي وڏو آهر شيوا ڪري رهيو آهي. ايهو ڪهس شڪتي ڏيندو جئن انسان ذات جي وڏيڪ وڏيڪ شيوا ڪري آسيس ڪندي ۽ وڏيڪ جس جو ڀاڱي ٿيندي.

هوتچند گوپالداس آڏواڻي
Bar-at-Law

۽

ساوتري هوتچند آڏواڻي
Educationist

نارد ڀڳتي سوتر

مول: رشي نارد   ترجمان: ڊاڪٽر ديال ”آشا“

(١) ڀڳتو آءِ ڀڳتيءَ جي وياکيا ٻڌايان،
پرم پريم جـي آءِ مهما تو ڳايان.

(٢) پرم پريم روپ آهي ايشور جي ڀڳتي،
ملي جيو کي جنهن مان ٿي پيئي مڪتي.

(٣) اِها ڀڳتي امرت جو سروپ آهي،
ڇڏي واسنائون ٿي مڙئي مٽائي.

(٤) پيئڻو پريم جو جنهن هي امرت ته آهي،
اُهو سڌ ۽ ترپت امر پد کي پائي.

(٥) جنهن پريما ڀڳتيءَ جي وتي وات آهي،
نه تنهن کي ڪڏهن ڪا به اِڇا ستائي.

(٦) ڄاڻي مام ڀڳتيءَ جي، آتم ۾ اسٿت،
رهي مگن ڀڳتيءَ ۾ آنند سدا چت.

(٧) بنا ڪامنا جي آهي پريما ڀڳتي،
نروڌ ٿياڳ روپي سچي پريو ڀڳتي

(٨) سنساري ۽ ويدڪ ڪرمن جو ٿياڳ،
ڇڏجي نروڌ تنهن کي پيارا تون ڄاڻ.

(٩) وهنواري وشين ۾ اُداسينتا،
انيه پريو پريم تلينتا؛
اِهو ئي آهي نروڌ پيارا تون ڄاڻ!
لڳاءِ چت چيتن ۾ ڪلي تنهنجو ڀاڳ.

صفحو

صفحو

(١٨) آتم روپ ۾ استت رهڻ ۾ لين،
رشي شانڊليہ موجب ڀڳتي اعليٰ ترين.

(١٩) پرڀوءَ کي سڀئي ڪرم ارپڻ ڪجن،
جي ڀلجي وڃي، هوُ ته لڙڪ لاڙجن،
تو نارد اِها ڀڳتي وياکيا ڪري،
هلي راهہ اُن تي جڳت مان تري.

(٢٠) حقيقت ۾ آهي اِها سچي ڀڳتي،
جڏهن جيو پنهنجي مٽائي ٿو هستي،
ملي برهم سان برهم روپ ٿئي ٿو،
جنم ۽ مرڻ جي چڪر کان ڇٽي ٿو.

(٢١) جئن پريم گوپين کي ڪرشن جي لاءِ،
تئن ڀڳت کي پريم جي راهہ جڳاءِ.

(٢٢) مهاتم نہ موهن جو گوپين وساريو،
جڳت ساڻ هلندي اکين آب هاريو،
وره ۾ وياڳيون ڪرشن کي پڪاريو،
اَٺئي پهر من ۾ موهن کي سنڀاريو.

(٢٣) ڪوُڙا پريمي سوارٿ سبب پريم ڪن ٿا،
لٿو ڪم تہ پوءِ منهن ماڳهين مٽن ٿا،
سچا پريمي پرڀوءَ جي مهما کي ڄاڻن،
ٿا ڪن پيار پرڀوءَ کي آنند ماڻن.

(٢٤) سچو پريمي پريتم جو سک ڀرين چاهي،
نہ ڪا چاهنا هن کي پنهنجي ڪا آهي.

(٢٥) اِها پريما ڀڳتي تہ سروتم آ،
ڪرم گيان ۽ يوگ کان ڀي اُتم آ.

(١٠) اڇا آسرا راهون سڀئي ڇڏي،
جڏهن جيءُ مالڪ سان مڃ تو ڳنڍي.
ڌري ڌيان هڪ جو، ڌن مايا کان موڙي،
اهو اننيه پريم پرڀوءَ سان جوڙي:

(١١) اڇا ايش انڪول ڪرڻ ڪرم گهرجن،
سي وئدڪ ڪرم چاهي دنيوي هجن،
سڀي آ اِها ٿي اُداسينتا،
چون ياؤ ان کي ٿا تلينتا.

(١٢) پريو پريم جو نشچو من ۾ ٿئي؛
تڏهن پڻ شاسترن جي آگيا ۾ رهي.
ٻڌايل ڪرم شاسترن ۾ جي آهن،
ڪري ڪرم ارپڻ، پرڀوءَ کي ته پائن.

(١٣) جو شاسترن جي نيمن جو پابند ناهي،
اُنهيءَ جي ڪرڻ جو انديشو ته آهي.

(١٤) وهنواري ڪرم پڻ وڌيءَ سان ڪجي،
نه وشين ۾ هرگز ٻي آسڪت ٿجي،
ڀوڄن ڪرم ٻيو پيو ته ٿيندو ٽيسين،
شرير آهي پيارا جڳت ۾ نه جيسين.

(١٥) مان ڀڳتيءَ جا هاڻي تو لڪشڻ ٻڌايان،
آءٌ ڀن ڀن متن جا تو رايا سڻايان.

(١٦) پرڀوءَ جي پوڄا ۾ سچو پريم ڀڳتي،
پاراشر جي موجب اِها آهي ڀڳتي.

(١٧) پرڀوءَ جي ڪٿا ۾ هجي جي پريتي،
رشي گرگ موجب اِها آهي ڀڳتي.

(٣٧) جڳت ۾ پرڀوءَ جا ٻڌڻ گڻ ٻڌائڻ،
آهي اُهي ٻه ساڌن گڻاواد ڳائڻ.

(٣٨) تڏهن منش کي ڀڳتي پراپت ٿئي ٿي،
سنتن ۽ ايشور جي آسيس ٿئي ٿي.

(٣٩) سلڀ سنگ سنتن جو پيارا نه آهي،
نصيبن سان تن جو ڪو درشن ٿو پائي.

(٤٠) پرڀوءَ جي ڪرپا سان اهو سنگ ملي ٿو.
ڀليل جيو جو ڀاڳ جهٽ پٽ کلي ٿو.

(٤١) ڀڳوان ۽ ڀڳتن ۾ انتر ڪو ناهي،
ڀڳت برهم جو ئي نت روپ آهي.

(٤٢) پرڀو پراپتيءَ لاءِ ستسنگ ضروري،
آ ستسنگ جي ساڌنا رنگ ضروري.

(٤٣) ڪسنگ کان سدائين ته پاسو ڪجي،
انهيءَ راهه مان پاڻ آجو ڪجي

(٤٤) ڪسنگ ڪروڌ ڪام موهه پيدا ڪري،
سمر ئي ٻڌي ٿو ختم سڀ ڪري.

(٤٥) وڪار ترنگين جيان پيدا ٿين ٿا،
وڏي سي وڏي سمنڊ روپ ٿين ٿا.

(٤٦) تري ڪير مايا جي ساگر منجهان ٿو؟
ڪري ڀاڳ ٿو جو ته سيوي سنگن جو.

(٢٦) اِها ڀڳتي ساڌن نہ، ڦل روپ آهي،
تي پريميءَ کي پريوءَ سان جلدي ملائي.

(٢٧) آهي ديئتا نمرتا پريو کي پياري،
وٺي کين ايمان، هن کي اهنڪاري.

(٢٨) ڪن آچارين جو اِهو سدانت آهي،
تہ ڀڳتيءَ جو ساڌن گيان ئي تہ آهي.

(٢٩) ڀڳتي گيان پرسپر آڌارت ئي آهن،
ڪي آچاريہ اِهو مت ٿا ٻڌائن.

(٣٠) برهما جي سپوٽن جو سدانت آهي،
تہ پريما ڀڳتي ئي ڦل روپ آهي.

(٣١) راجا، محل ۽ ڀوڄن کي ڏسڻ سان،
نہ ترپت ٿئي من ٿو تن کي ٻڌڻ سان.

(٣٢) جڏهن گهرو سنبنڌ ٿو راجا سان رکجي،
تڏهن سندس ڪرپا جو ٿو پاتر ٿجي.

(٣٣) جي چاهن ٿا دنيوي خواهشن کان مڪتي،
ڪرڻ گهرجي حاصل اُنهن کي تہ ڀڳتي.

(٣٤) آچاريہ ڀڳتيءَ جا اُپاءَ ٿا ٻڌائين،
پانڌيئڙن کي پريوءَ جو پتو ٿا ٻڌائن.

(٣٥) وشين جو تياڳ تہ آهي ضروري،
۽ سنگہ تياڳ پڻ ڏاڍو آهي ضروري.

(٣٦) اکنڊ ڀڄن ڀڳتيءَ جو آهي تہ ساڌن،
ڪندي نام سمرڻ لڳي نام سان من.

(٥٥) اهو پريم وارو پريوءِ کي پسي ٿو،
چوڌاري اُن جو ئي جلوو ڏسي ٿو،
اُنهيءَ برهم هڪ جو بيان هو ڪري ٿو،
سمورو سميه اُن جو چنتن ڪري ٿو.

(٥٦) گوُڻي ڀڳتي گڻ ڀيد ٽن قسمن جي آهي،
ساتوڪي، راجسي تامسي سا سڏائي.

(٥٧) اُتم ساتوڪي مڌيم راجسي آ،
ٽنهي ۾ نمن ڀڳتي ئي تامسي آ.

(٥٨) آ سيني اُپاون ۾ ڀڳتي ئي سهنجي،
آهي گيان ۽ يوگ جي وات اهنجي.

(٥٩) ڀڳتي پاڻ پنهنجو ئي پرماڻ آهي،
ضرورت ان لاءِ ٻي پرماڻ جي ناهي.

(٦٠) سچي ڀڳتي شانتيءَ جو سوروپ آهي،
پرم پريم آنند جو روپ آهي.

(٦١) سنساري ويدڪ ڪري ڪرم اَرپڻ،
ڀڳت تو ڪري پاڻ پريوءَ سمرپڻ،
ڀڳت کي نه هاڃيءَ جي چنتا جڳائي،
نه ڪنهن ڳالهه جو شوڪ هن کي ستائي.

(٦٢) سڦلتا ڀڳتيءَ ۾ ملي ناهي جيسين،
مناسب ڇڏڻ ناهي وهنوار تيسين،
ڇڏي چاهنا ڦل جي، ڀڳتي ڪجي،
جڏهن من پريوءَ جي چرنن ۾ لڳي.

(٤٧) جو ايڪانت آستان تي ئي رهي ٿو،
جو سنساري بندڻن کي ٽوڙي ڇڏي ٿو،
جو يوگ ۽ ڪيم جو تياڳ ڪري ٿو،
جو ٽنهي گڻن کان نه رهي پري ٿو،
سوئي ڀڳت مايا جو ساگر تري ٿو.

(٤٨) جو ڪرمن کي تياڳي ڪرم ڦل تياڳي،
جو سڀ ڪجهه تياڳي پريوءِ لاءِ جاڳي،
سدائين جو سک دک کان آهي پري،
سوئي ڀڳت مايا جو ساگر تري.

(٤٩) جو ويلن جو پڻ تياڳ پي ٿو ڪري،
اکنڊ پريم پريوءِ جو پراپت ڪري،
سوئي ڀڳت مايا جو ساگر تري.

(٥٠) اهڙو ڀڳت پريمي تري ٻين کي تاري،
پيئي پريم - امرت ۽ ٻين کي پياري.

(٥١) سچو پريم پرماتما روپ آهي،
ڪرڻ بيان تنهن جو نه ممڪن ئي ناهي

(٥٢) جئن گونگو گڙ کائي پرسن ٿئي ٿو،
ذڪر پر زبان سان ڪري نا سگهي ٿو.

(٥٣) اهڙو پريم ڪنهن ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو،
انهيءَ منش جو ڀاڳ ڀهڙو ڏئي ٿو.

(٥٤) اهو پريم گڻ ۽ اڇا رهت آهي،
سدائين وڌي، سو ڪيم انڀو روپ آهي

(٧٢) نہ جاتي وديا ڪل سونهن پيد آ،
پر پوءِ وت ڪريا ۽ نہ ٿن ڇيد آ،
ڪري جو بہ مالڪ کي سڀ ڪجهہ ٿو ارپڻ
ملي تنهن ڀڳت کي ٿو ڀڳتيءَ جو ڏن ۔

(٧٣) سيڙي ڀڳت ڀڳوان جا ٿي نہ آهن
اڇن شرط جيڪي پرم پد سي پائن ۔

(٧٤) واد و واد سونهين ٿا ڀڳت کي،
پري ٻڌت کان رهڻ گهرجي ڀڳت کي

(٧٥) واد وواد مان وڏائي ٿئي ٿو،
گڏ و گڏ وڏائي مان شڪ پڻ وڌي ٿو۔

(٧٦) ڀڳتي شاسترن جو منن آ ضروري،
ڪرم سي ضروري وڌي ڀڳتي پوري۔

(٧٧) سکہ دکہ اڇا لاڀ جو تياڳہ ٿئي،
نہ پل هڪڙو غفلت ۾ گهارڻ کپي۔

(٧٨) ستيہ اهنسا سوچ ديا ضروري،
ڪرڻ پالنا شڀ گڻن جي ضروري،
ڀڳت لاءِ آهي اها راهہ ضروري۔

(٧٩) سدائين ٿي نشچنت ڀڳتي ڪري،
سچي ڀاونا سان ڀڄن ٿو ڪري۔

(٨٠) ڀڄن ڪيرتن سان هو پرگهٽ ٿئي ٿو،
۽ ڀڳتن کي هو پنهنجو درشن ڏئي ٿو۔

(٨١) ٽنهي ستنيہ ۾ ڀڳتي سريشٽ آهي،
ڀڳتيءَ جهڙي اتم ٻي ڪا راهہ ناهي۔

(٦٣) ذڪر ڪامني ڏن ۾ جو هرگز نہ ٻڌجي،
سدا ناستڪ کان پري پڻ ٿجي.

(٦٤) ادمبر کان پاسو هميشہ ڪجي،
ڪڏهن ٻي نہ اهنڪار من ۾ اچي.

(٦٥) سڀ ئي ڪرم ارپڻ ڪرڻ بعد ٻي،
اچي ڪام ايمان موهہ ڪروڌ جي،
نہ ارپڻ ڪجن سي نہ ڀڳونت کي.

(٦٦) ٽن روپن کي ٽوڙي ڪجي داسيہ ڀڳتي،
سدائين ڪجي پريم سان ڪانتا ڀڳتي.

(٦٧) سدا جي رهن ڀڳت ايڪانت ۾.
اهي سريشٽ آهن سدا شانت ۾.

(٦٨) ڀنل دل آيا وار اکڙين ۾ پاڻي،
ڀڳت ۾ اهي گڻ مڌر هجي واڻي،
ڪندي روح رهاڻ ڪن پوٻر سين کي،
ڪن پوتر پرٿوي ۽ سڀن سنبنڌين کي.

(٦٩) اهڙا ڀڳت تيرٿن کي سندر بڻائن،
ڪرمن کي سڪرم سٽ شاستر ٿا ٺاهن.

(٧٠) اهڙا ڀڳت پرڀوءَ ۾ هڪ ٿي وڃن ٿا،
ملي سي پرڀوءَ سان سي تد روپ ٿين ٿا.

(٧١) جڏهن ڀڳت اهڙا نہ ڪل ۾ اچن ٿا،
سڀني پتر پرسن تڏهن ڏاڍو ٿين ٿا.
ديوون ڏهو آنند ۾ نرتيہ ڪن ٿا،
سهاڳڻ ٿي ڀومي، سي ڏن ڏن ٿين ٿا.

ڀڳت ڌرُوُ

ڀڳتي نه عمر سان سنبنڌ رکي ٿي نه ڪل سان. پورو جنم جي شڀ سنسڪارن ۽ ست ڪرمن سبب ڪي ننڍپڻ ۾ ئي پرماتما جي ڪمل چرنن ۾ ڇڪجي اُن منزل تي پهچن ٿا جتي راجا مهاراجا به پهچي ڪين سگهن. ڪي وهي وڃائي ويرت، وڪارن وس ويران ٿين ٿا. ڪي نام سان نينهن لڳائي شاد آباد ٿين ٿا، پاڻ به ترن ٿا ۽ ڪل به تارين ٿا.

ڌرو ڀڳت پنجن سالن جو ننڍڙو نينگر ڪيئن نه پريوءَ جي راهه ۾ ڇڪجي اچي ٿو. معصوم ڌروءَ جي جيون نه صرف ننڍڙن ٻالڪن پر وڏڙن لاءِ به پريرڻا جو سرچشمو آهي.

راجا اُتانپاد کي ٻه راڻيون هيون سنيت ۽ سرچ. سنيت مان کيس ڌرو نالي ٻالڪ هو ۽ سرچ مان اُتم نالي پٽ هو. راجا اُتانپاد پنهنجي ننڍي راڻي سرچ ۽ ننڍي پٽ اُتم کي ڏاڍو ڀائيندو هو. هڪ دفعي راجا ننڍي راڻيءَ سان ڪڏ سنگهاسن تي براجمان هو ۽ سندس گود ۾ ننڍو پٽ اُتم پڻ ويٺو هو. ان وقت ڌروءَ جي به مرضي ٿي ته هو اُتم جيان راجا جي گود ۾ ويهي. ننڍي راڻيءَ جي موجودگيءَ سبب راجا ڌروءَ کي گود ۾ نه وهاريو مٿان ننڍي راڻي رسي نه وڃي.

راڻيءَ به چيو ته تو شايد اڳين جنم ۾ ڀڳوان جو پوڄن ڪين ڪيو آهي نه ته اَڀاڳڻ جي پيٽ مان جنم ڪين وٺين ها! هاڻ تنهنجو سنگهاسن تي ويهڻ دشوار آهي وڃي ڀڳوان جو پوڄن ڪر.

ٻالڪ ڌرو پوچ پتا ۽ ماتيلي ماءُ جي اها روش ڏسي

(٨٢) يارهن روپ ڏارڻ ڪري ٿي هيءَ ڀڳتي،
مهاتم، روپ پوڄا سمرڻ آسڪتي،
داسيه، سکيه، ڪانت، واتسليه آسڪتي،
آتم نويدن، تنميتا پرم وره آسڪتي.

(٨٣) ڪمار ويد وياس شڪ گرگ شانڊليه،
وشنو شيش اوڌو آرٽي ڪونڊليه،
وڀيشڻ هنومان آچاريه بلي،
چون ٿا ته ڀڳتي سين ڪان ڀلي.

(٨٤) نارد جي وچن ۾ شرڌا رکن ٿا،
سي ڀڳتي جي مارگ ۾ اڳتي وڌن ٿا.
ملي سي برهم سان سي تدروپ ٿين ٿا،
وري ڪين مايا چڪر ۾ اچن ٿا.

راڄمحل ۾ موٽي آيا. ڌروُ ڌرم نيمن انوسار جيون گذارڻ لڳو. ماتا پتا جو پيار ۽ لاڏ پاڻي پر پوءِ کي ڪين وساريائين. ڪجهه سالن کان پوءِ راجا اُتانپاد ڌروءَ کي راڄ گديءَ تي ويهاري پاڻ بنواس هليو ويو.

بالڪ ڌروءَ جي تپسيا اجائي ڪين ويئي. پرڀوءَ جو درشن به ڪيائين ۽ وهنوار ۾ پڻ پورو رهيو. اڄ به سندس امرتا جي نشاني ڌرو تارو سندس يادگيري تازي ڪندو آهي.



ڀڳت پرهلاد

راجا هرڻيه ڪشپ دشٽپورڻي وارو اتياچاري راجا هو. هرڻيه ڪشپ کي چار پٽ ڄاوا. پرهلاد سندس ننڍي ۾ ننڍو پر سداچاري سپاٽر هو. پورب جنم جي اُتم سنسڪارن ڪري بالڪ پرهلاد پنهنجي ڀين ڀائرن کان هڪ نرالو بالڪ هو. ننڍپڻ ۾ پرڀو پرماتما جي ڀڳتيءَ جو سلو سندس من ۾ پيدا ٿيو جو جلد ئي وڌي ورکش ٿيو. پٽ ته اهڙا جي ننڍپڻ ۾ ئي نام سان نينهن لڳائن.

جنني جني تو هرجن جني يا داتا يا سور

بالڪ پرهلاد کي جڏهن پاٺشالا ۾ پڙهڻ لڳو تڏهن گرو ڪيس چيو ته تو ڀڳوان نارائڻ جو نالو نه جپي پنهنجي پتا راجا هرڻيه ڪشپ جو نالو ور ور جپ.

روئندو پنهنجي ماتا وٽ آيو ۽ کيس سموري حقيقت ٻڌائي ته
ڪيئن راجا کيس پنهنجي گود ۾ نه وهاريو.

ڌروءَ جي ماتا ڌروءَ کي سڏڪا ڀريندو ڏسي کيس پرچائيندي روئڻ جو ڪارڻ پڇيو. بالڪ ڌروءَ سڄي وارتا ماتا کي ٻڌائي. ماتا کيس آٿت ڏيندي چيو ته بالڪ! راڻيءَ توکي برابر چيو آهي ته تو اڳين جنم ۾ ڀڳوان جي ڀڳتي ڪين ڪئي آهي تنهنڪري تون منهنجي گرڀ مان پيدا ٿيو آهين. نه ته تون راج سنگهاسن ماڻين ها. چنتا نه ڪر وڃ وڃي ڀڳوان جي ڀڳتي ڪر. ڀڳتيءَ مان توکي شڪتي ملندي. پنجن ورهين جو معصوم ڌرو جهنگل ۾ وڃي وڻ هيٺان ڀڳوان جي ڀڳتي ڪرڻ لڳو. رشي نارد جي آگيا انوسار ڌرو جمنا جي ڪناري تي آسڻ وڇائي ڀڳوان نارائڻ جي ڌيان ۾ لين رهيو. ڪائونس ڪاڌو پيتو ڀلجي ويو. هيڏانهن ڌروءَ جي پتا راجا اُتانپاد پنهنجي غلطي محسوس ڪئي ۽ پنهنجي ننڍي راڻيءَ تي به غصو ڪيو ته تو حسد وچان بالڪ ڌروءَ کي تيرن جهڙا لفظ چئي جهنگل موڪلي ڇڏيو. رشي نارد راجا کي ڌيرج ڏنو ته پرڀوءَ پاڻ اوهانجي بالڪ ڌروءَ جي پرگهور پيو لهي، چنتا نه ڪريو.

ڀڳوان نارائڻ بالڪ ڌروءَ جي اڏول ڀڳتي ڏسي کيس ساڪيات
درشن ڏيندي چيو، بالڪ تنهنجي شرڌا ۽ وشواس، پريم ۽ ڀڳتي
هٺي هنڌ ڪيو آهي. جنهن توکي سنگهاسن تي ڪين ويهاري
سو هاڻ توکي پاڻهي پيار مان گود ۾ ويهاريندو ۽ راج گديءَ ج
مالڪ تون ئي ٿيندين.

ڀڳت ڌرو ڀڳوان شري نارائڻ شنک چڪر پدم گدا ڌاري
جو ساڪيات درشن ڪري ٺري پيو. سندس پيشانيءَ ۾ تجلو اچ
ويو. سياڻو ڌرو جنهن ننڍڙيءَ عمر ۾ ڀڳوان جو ساڪيات درش
ڪيو. ڀڳوان جي انتر ڌيان ٿيڻ کان پوءِ سندس ماتا پتا کيس

بالڪ پرهلاد کي جبل جي چوٽيءَ تي چاڙهي ڪيس اُتان ڌڪو ڏنو ويو ته جيئن پرهلاد ڀورو ڀورو ٿي ختم ٿي وڃي. بالڪ پرهلاد من ۾ پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪندي چيو:

”پرڀو تون ئي مون کي بچاءِ،
ڪانهي منهنجي جاءِ.

مان بالڪ تون مالڪ منهنجو،
ڪين سهارو آ ٻيو ڪنهنجو،
اچي تون ئي ٿيءُ سهاءِ،

پوڄ پتا ٿيو ڀکشڪ منهنجو،
تون ئي آهين رکشڪ منهنجو،
اچي وچ ۾ پنهنجو تون نياءِ.

ڌرم جي هاڃي جڏهن ٿئي ٿي،
تنهنجي آمد تڏهن ٿئي ٿي،
اچي ڌرم جو جهنڊو جهلاءِ.

ڀڳت پرهلاد کي جيئن ئي جبل جي چوٽيءَ تان ڪيرائڻ لاءِ ڌڪو ڏنو ويو ته هو ”رام رام“ چوندو کسڪندو کسڪندو ائين هيٺ ڌرتيءَ تي اچي لٿو جيئن بالڪ کسڪڻيءَ تي راند ڪندي کسڪندو ايندو آهي. بالڪ پرهلاد کي ڪا به ضرب ڪين رسي.

جنهنتي مالڪ راضي آ،
تنهنکي گھٽتي ڇا جي آ!

راجا هرڻيه ڪشپ پرهلاد کي ختم ڪرڻ جي رٿائن ۾ پاڻ کي اسڦل ڏسي ويتر وڌيڪ ڪروڌت ٿيو. سندس ڀيڻ هولڪا کي ور مليل هو ته جيڪڏهن هوءَ پوتي پائي وچ

مگر پرهلاد گروءَ کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڀڳوان جو نالو جپيندو رهيو. سندس گروءَ مٿس ڏاڍي ڪاوڙ ڪئي ليڪن پرهلاد رام رام جپيندو رهيو. جڏهن هرڻيڪشپ کي ان گهٽنا جي ڄاڻ پيئي ته سندس سڳو پٽ ٻه سندس نالو نه جپي رام جو جاپ جپي رهيو آهي. تڏهن هو پرهلاد تي ڪاوڙ ڪندي چيپيندي چيو، "پرهلاد! تون منهنجو پٽ ٿي ڪري منهنجي دشمن نارائڻ جو تون نالو جپي رهيو آهين، جنهن نارائڻ منهنجي ڀاءُ هرناڪس کي ختم ڪيو. مان راجا آهيان اڄ کان وٺي منهنجو نالو جپيندو ڪر."

پتا جا اهي لفظ ٻڌي پرهلاد نمرتا پوروڪ وراڻيو، "پتا جي مان اوهانجو نالو هرگز ڪين وٺندس. ڀڳوان نارائڻ جو ٽنهي لوڪن جو ٽنهي لوڪن جو ناٿ آهي ان کي ياد ڪرڻ سڀني جيون جو فرض آهي. مان ڀڳوان کي هرگز ڪين وساريندس، سندس نالو پريم ۽ شرڌا سان پڪاريندس."

پنهنجي پٽ پرهلاد جو اهو جواب ٻڌي هرڻيڪشپ ٻاهر ٿي ويو. هن هڪدم پنهنجي سپاهين کي سڏ ڪري فرمان ڪيو، "پرهلاد کي هڪدم هٿيارن سان ختم ڪيو وڃي."

راجائي فرمان جي پيروي ڪئي ويئي. دئيت سپاهين بياري پرهلاد تي ڪيترن ئي هٿيارن سان حملو ڪيو مگر پرهلاد اکيون بند ڪري رام نام جپيندو رهيو. انهن هٿيارن جو ڪوبه اثر پرهلاد تي ڪين ٿيو. اهو ڪوتڪ ڏسي سپاهي دنگ رهجي ويا ۽ راجا پڻ تعجب ۾ پئجي ويو ته هيترن هٿيارن حملائڻ سان به پرهلاد جو وار به ونگو ڪين ٿيو آهي. سو ڪروڌ ۾ ڀرجي راجا هرڻيڪشپ وري حڪم ڪيو ته پرهلاد کي جبل جي چوٽيءَ تي چاڙهي ڪيس هيٺ ڪيرايو وڃي. راجا جي آگيا جو پالن ڪيو ويو.

وشواس وڌيڪ وڌيو ۽ هڪدم اُن ٿنڀ ٿنڀي کي ڀاڪر پاتائين. ٿنڀ ٿنڀي کي ڀاڪر پائڻ سان هنکي ڪجهه ڏُک ڪين آيو. هرڻيہ ڪشپ غصي ۾ ڀرجي اُن ٿنڀي کي زور سان هٿيار هنيو تہ اوچتو اُن ٿنڀي مان ڀڳوان شري نرسنگهہ روپ ۾ پرگهٽ ٿيو. هرڻيہ ڪشپ هڪدم گدا کڻي ڀڳوان تي حملو ڪيو.

شري نرسنگهہ ڀڳوان سندس هٿ مان گدا کسي چائنٺ تي ڪيرائي ننهن سان ڪيس چيري ڦاڙي ختم ڪري ڇڏيو.

ڀڳوان پنهنجي پياري ڀڳت پرهلاد کي گلي لڳايو ۽ ڪيس چيو تہ ور گهر. پرهلاد جي اکين ۾ پريم جا آنسون هئا. هن پريم پورڪ پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪئي ”هي ديناناٿ! ڀڳت وتسل اوهان ساکيات درشن ڏنو آهي ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڇا کپي.“

پنهنجي ڀڳتيءَ جو مون کي دان ڏيو،
منهنجو جيون ائين سڦلو ڪريو،
نہ کپي شان ۽ شوڪت مان ڪجهہ،
اٽي ڀير اوهان جو ڌيان کپي.

ڀڳوان ڀڳت پرهلاد تي اڻينت پرسن ٿي ڪيس راج گديءَ تي وهاريو. پرهلاد راج گديءَ تي ويٺو تہ سهين پر سندس چت تہ پرڀوءَ جي ڪمل چرنن ۾ هو. هن ڀڳوان کي پوڄ پتا راجا هرڻيہ ڪشپ جي اُڌار لاءِ وينتي ڪئي. ڀڳوان ڀلا ڀڳتن جي ڳالهہ ڪيئن ٽاريندو. ڀڳوان ڀڳت پرهلاد کي چيو ”پيارا! جنهن ڪل ۾ تو جهڙو ڀڳت پيدا ٿيو آهي ڪل اوس ترندو. تون چنتا نہ ڪر تنهنجون ايڪويهہ پيڙهيون ترنديون.

ڀڳوان پنهنجن پيارن ڀڳتن جي ڪيئن نہ رکشا ڪري ٿو، دم دم سندن سار لهي ٿو. جئن ماتا جان جگر کي پيار ڪري ٿي تئن پرڀو ڀڳتن کي پيار ڪري ٿو.

باھ ۾ ويهندي ته اُن تي باھ جو ڪجھه به اثر ڪين ٿيندو.

هرڻيه ڪشپ ڀيڻ هولڪا کي حڪم ڪيو ته تون پرهلاد کي گود ۾ ويهار، پوءِ تنهنجي چوڌاري باھ جو پنيت ٻاريو ويندو. تون پنهنجي مٿان پوتي پائج ۽ پرهلاد کي باھ ۾ ڍڪي ڇڏج. تون پوتي پائڻ سبب بچي وينديءَ ۽ پرهلاد باھ ۾ سڙي ختم ٿي ويندو. هرڻيه ڪشپ جي اُن حڪم جي پٺ پيروي ڪئي ويئي. جڏهن چوڌاري باھ جو پنيت ٻريو اها پوتي هولڪا تان اڏامي وڃي پرهلاد مٿان پيئي. هولڪا سڙي ڀسم ٿي ويئي ۽ پرهلاد بچي ويو.

دشمن لاک برا چاهي هوتا وهي هئه جو منظوري خدا هوتا هئه.

ٻالڪ پرهلاد ڀڳوان جي نالي جو اهڙو پرتاب ڏسي وڏيڪ وڏيڪ پرڀوءَ کي ڌيائڻ لڳو. پرڀو ڪيئن نه پرهلاد کي پنهنجي ٻاجھه جي ٻانهن ۾ جهليو. جيڪو پرم پتا پرماتما جي اوٽ وٺي ٿو تنهن جي مشڪل آسان ٿئي ٿي، دشمن دفع ٿين ٿا.

هرڻيه ڪشپ پنهنجي ڀيڻ هولڪا جي سڙي وڃڻ ۽ پرهلاد جي بچي وڃڻ جي خبر ٻڌي ڄڻ باھ ٿي ويو ۽ من ۾ پڪو پهه ڪيائين ته هاڻي پاڻ هو پٽ پرهلاد جو انت آڻيندو. هرڻيه ڪشپ آگيا ڪئي ته هڪ لوھ جو ٿنڀو باھ جي ٽپايو وڃي. لوھ جو ٿنڀو اهڙو ته باھ ۾ تپايو ويو جو باھ جي زبردست تؤ سبب ڳاڙهو لعل ڏسڻ ۾ اچڻ آيو. هرڻيه ڪشپ تلوار هٿ ۾ ڪڍي پرهلاد حڪم ڪيو ته اُن تتل ٿنڀي سان ڀاڪر پاءِ نه ته هن تلوار سان ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندو سانءِ.

ڀڳت پرهلاد اکيون بند ڪري پرڀوءَ جو ڌيان ڌ ر پرڀوءَ کي ياد ڪيو، اڃا جو اکيون کوليون ته هڪ ڪولي تتل ٿنڀي تي گهمندي نظر آيس، اهو ڏسي پرهلاد جو پرڀوءَ

امبريش جي رکشا لاءِ هڪدم سدرشن چڪر موڪلي ٿو.

رشي دروواسا سدرشن چڪر ڏسي عجب ۾ پئجي وڃي ٿو. رشي دوارسا جنهن طرف وڃي ٿو سدرشن چڪر کيس ختم ڪرڻ لاءِ پويان وڃي ٿو.

رشي دروواسا ڀڳت راجا امبريش جو اهڙو پرتاب ڏسي دل ئي دل ۾ عجب کائي ٿو ۽ هو پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ديوتائن وٽ وڃي ٿو. ديوتائون پڻ کيس ڀڳوان جي سدرشن چڪر کان کيس بچائي نٿا سگهن ۽ کيس چون ٿا "هي رشي دروواسا! تو نردوش پرڀوءَ جي پياري ڀڳت راجا امبريش کي ڀسم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، تون ان جو نتيجو ڀوڳي رهيو آهين. ڀڳوان پنهنجن پيارن جو دک سهي ڪين سگهندو آهي. اسان ڀڳوان جي ڪيل ڪارين ۾ دست اندازي نٿا ڪري سگهون."

رشي دروواسا جي سامهون سدرشن چڪر ڪال چڪر روپ ۾ ڦري رهيو هو. هو رکشا لاءِ ڪئلاش پتي ڀڳوان شنڪر وٽ ويو، برهما وٽ ويو، اندر وٽ ويو، مگر سڀني کيس ناڪاري جواب ڏنو ۽ کيس چيو ته رشي تنهنجو اهو اُتاولو ڪروڌ وارو سڀاءُ نيڪ نه آهي جو رواجي ڳالهين تي ڪاوڙجي بنا سوچ ويچار جي سراپ ڏين ٿو. پنهنجي شڪتيءَ جو دُر اُپيوگ ڪرين ٿو. پنهنجي وويڪ سان وينجهاءِ ته پرڀو ڀڳتن تي تنهنجو غصو جائز آهي؟

ٻي ڪا واهه نه ڏسي دروواسا آخر وئڪنٺ ۾ ڀڳوان جي شرڻ ۾ آيو ۽ ڀڳوان کي وينتي ڪيائين، "هي ڀڳوان! تون مون کي ڪال چڪر کان بچاءِ."

ڀڳتوتسل ڀڳوان فرمايو: "دروواسا جي مان ڀڳتن جي

راجا امبريش

راجا امبريش پرڀوءَ جو سچو ڀڳت هو. گرهست ۾ رهندي، راج ڪاروبار هلائيندي سندس چت جي ورتي پرماتما طرف هوندي هئي. هو نام سمرڻ سان گڏ دان پنج ۽ ڪيترا ئي اُپڪار جا ڪم ڪندو هو.

هڪ ڀيرس ڏينهن رشي دُرواسا راجا امبريش وٽ پڌاريو. راجا هن کي ڀوڄن ورتائڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي. رشي دُرواسا چيو ته اِشنان ڪري اچان پوءِ تون ڀوڄن ورتايان.

رشي دُرواسا اِشنان ڪرڻ ويو. هن اشنان ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳايو. هيڏانهن راجا امبريش سوچيو ته ٻيارس جي تٿ پوري ٿي ٿئي ٻيرس شروع ٿي ويندي. ٻيرس ۾ ورت ڇوڙڻ نشيڌ آهي. راجا برهمڻ جي صلاح سان تلسيءَ جي پتي ۽ ڀڳوان جي چرڻ امرت سان ايڪادشيءَ جو ورت ڇوڙيو، جنهن رشي دُرواسا واپس وريو تنهن راجا جي ورت ڇوڙڻ تي هن زبردست ڪروڌ ڪيو.

راجا امبريش نمرتا پوروڪ رشي دُرواسا کي هٿ جوڙي معافي گهري. مگر دُرواسا وڌيڪ گرم ٿي پنهنجي جٽائن مان اگني ڪڍي ان کي آگيا ڪئي ته راجا امبريش کي ڀسم ڪر.

راجا امبريش ان وقت ڀڳوان جو ڌيان ڪري دل ئي دل ۾ رکشا لاءِ پڪاري ٿو. ڀڳوان پنهنجي پياري ڀڳت راج

شبري

پريو ڏسي ٿو پريما ڀڳتي، نه ذات نه پات نه شاهوڪاري شان. دليون پرکي داسڙو. ٽريتا يگ ۾ شبريءَ هڪ ڀيل ڪل ۾ جنم ورتو. مگر پوب جنم جي اُتم سنسڪارن سبب سندس من ڀڳوان طرف مڙيل هو. هوءَ جهنگل جي ٻين ٻالڪين کان نرالي هئي. جڏهن عمر ۾ وڏي ٿي تڏهن سندس مائٽ ڪيس شادي ڪرائڻ جو سانباهو ڪن ٿا. سندس وواهه جو وقت مقرر ٿيو. اُن وواهه جي موقعي لئي ڪيترن گگدام ٻڪرن ٻڪرين ۽ ٻين گگدامن پسن کي ماري کائڻ جو بندوبست ڪيو ويو.

وواهه جي وقت کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ انهن گگدام پسن کي ڏسي شبريءَ جي دل دَيا سان ڀرجي آئي ۽ هن سوچيو ته سندس شاديءَ جي موقعي تي هيترن گگدامن جو قتلام ٿئي! اِها شادي ڪهڙي ڪم جي! رات جي وقت جڏهن سندس گهر جا سڀ ڀاتي ۽ مٽ مائٽ سمهيل هئا تڏهن شبريءَ سڀني گگدامن کي ڇوڙي ڇڏي ڏنو ته جيئن هو سڀ جهنگل ڏانهن ڀڄي وڃن ۽ موت کان بچي وڃن. شبري شاديءَ کان پلؤ آجا ڪرڻ لاءِ بارڻ پڻ پمپا سر ڀرسان اچي لڪي. ڪيترا مهنا جهنگل ۾ ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي ڦل ڦول کائي ۽ پمپاسر جو پاڻي پي گذران ڪندي هئي.

شبري گهڻو وقت ڀڳوان شري رام جو سمرڻ ڪندي هئي. دنيوي ڪم ڪار ته ڪيس هيو ڪين. سو لڪي ڇپي

جي اڏين آهيان. توُن منهنجي پياري ڀڳت راجا امبريش کي بي گناهه ستايو آهي. اهو مان ڪيئن سهي سگهندس. جيڪڏهن توُن هاڻي ڪال چڪر کان ڇٽڻ چاهين ٿو ته جلد ئي راجا امبريش وٽ وڃ اهو ئي تنهنجو دک دور ڪندو.

ڀڳوان جا وچن ٻڌي، پشيمان ٿي دروسا راجا امبريش وٽ آيو. راجا امبريش نمرتا سان رشي دروسا جو سواگت ڪيو ۽ سدرشن چڪر کي ونتي ڪئي ته رشي دروسا ڪافي ڪشٽ سٺو آهي، توُن هاڻي واپس هليو وڃ.

سدرشن چڪر واپس هليو ويو. راجا دروسا رشيءَ کي ڀوڄن ڪرائي خوش ڪري روانو ڪيو.

راجا امبريش اناسڪت ڀاءُ سان راج ڪاروبار هلائيندو هو. انهيءَ ڀر ڀريوءَ جو ڌيان ڌيائيندو هو ۽ اُن جا گڻ ڳائيندو هو. سندس راڄڌانيءَ ۾ ڀڳتيءَ جو واتاورڻ هو.

نام

نام جي شڪتي جنهن کي آهي،
ڪير نه سگهندو تنهن کي ڍاهي.

نام ئي جيو کي پار اُتاري،
ڀو ساگر مان نام ئي تاري.

نام ئي آهي سڀن جو ڌار،
رسنا جپ توُن وڏ وڏ رام.

نام ئي مڪتيءَ جو آ دوار،
نام ئي آهي سرب آڌار.

رشي متنگ جي زبردست مخالفت ڪئي مگر رشي متنگ آنند ۾ استٿت رهيو. جڏهن رشي متنگ جي برهملين ٿيڻ جو سمو ٿيو تڏهن هن شبري ڀيلڻيءَ کي سڏي چيو، "شبري! مان هاڻي جلد ئي پرلوڪ پڌارجندس. تون چنتا نه ڪج. هتي ئي رهج. ڀڳوان شري رامچندر هت ايندو ۽ تون ان جو درشن ڪري جيون سڦلو ڪج.

شبري پنهنجي گرو رشي متنگ جي برهملين ٿيڻ جي شوڪ ۾ ڏاڍو ڏکي گذارڻ لڳي. هوءَ شري ڀڳوان رام جي درشن جي انتظار ۾ راتين جون راتيون پريم جا لڙڪ لاڙيندي رهي. ڀڳوان شري رام جي ڪاڻ لاءِ هوءَ جهنگل مان ٻير گڏ ڪرڻ لڳي، هڪ هڪ ٻير چکي رکندي هئي ته متان ڪو ٻير کٽو نه هجي. هن چکيل مٺن ٻيرن جي ننڍڙي ٽوڪري ڀڳوان شري رام لاءِ سڪائي رکي.

هڪ ڏينهن اِشنان گهاٽ وارو رستو صاف ڪرڻ ۾ شبريءَ کي ڪجهه دير ٿي ويئي. هڪ رشي اِشنان ڪري موٽي رهيو هو ته اُن وقت شبري ڀيلڻي جا رستو صاف ڪري رهي هئي اُن سان هنجو ٽورو سپرش ٿيو. رشي شبريءَ تي ٽپي باهه ٿي ويو ۽ شبريءَ کي لت هنيائين.

شبري سد سد نماڻي، ٻڍي راڻين جي راڻي، صبر شڪر ۾ ڪاوڙيل رشيءَ جي لت سهي ٿي ۽ ور ور رام رام اُچاري ٿي. رام جي پريم ۾ سندس دل ڀنل" رام جا گڻ ڳائي ٿي:-

تنهنجا گيت ڳايان
تنهنجو پيار پايان
ڪڏهن رام ايندين،
مان واٽون واجهايان
پسان ڪمل مکڙو

سنتن ۽ رشين منين جي شيوا ڪنديون هيون. لڪي ڇپي شيوا انڪري ڪنديون هيون متان نيچ ذات هئڻ سبب رشي مني هن جو ترسڪار نه ڪن. رشي مني جنهن رستي تان لنگهندا هئا شبري اهو رستو پرڀات جو صاف ڪري ڇڏيندي هئي، رستو صاف ڪرڻ کان پوءِ هوءَ گڏ ڪيل ڪاٺيون ڪن آشرمن ۾ رکي ايندي هئي. اهي سڀ شيوا جا ڪم هوءَ لڪي ڇپي ڪندي هئي.

رشين منين کي پڻ سندس شيوا ڪاريه جي ڪل ڪين هئي. هو جڏهن صبح جو رستو صاف ڏسندا هئا ۽ آشرم ۾ ڪاٺيون ڏسندا هئا ته پاڻ عجب ۾ پوندا هئا.

هڪ ڏينهن رشي متنگ اهو ويچار ڪيو ته اهو ڪهڙو گمنام ڀڳت آهي جو اڌ رات جو ڏي آشرم لاءِ ڪاٺيون رکي ٿو وڃي، رستو صاف ڪري ٿو وڃي. هن پنهنجي ششين کي چيو ته رات جو جاڳي اُن ڀڳت جي خبر لهو ته اهو ڪير آهي.

ڀڳتياڻي شبري نت نيم موجب رستو صاف ڪري جيئن ڪاٺين جي ڀري رشي متنگ جي آشرم ۾ کڻي آئي ته رشي متنگ جي سڄاڳ ششين هڪدم هن کي سڃاڻي اُٺي روڪيو ۽ پنهنجي گرو رشي متنگ جيءَ کي سارو احوال ٻڌايو. شبريءَ رشي متنگ جو درشن ڪندي کيس ساشٽانگ پرڻام ڪيو.

شبريءَ جي اهڙي شرڌا ۽ ڀڳتي ڀاونا ڏسي رشي متنگ ڏاڍو پرسن ٿيو. هن شبريءَ جي آڪهه کي ڪين ڏٺو پر سندس دل پرکي کيس رام نام جو منتر ڏنو ۽ پنهنجي آشرم ۾ اچهو ڏنو. هن پنهنجي ششين کي چيو ته شبري گهٽ ذات جي آهي پر سندس ڀڳتي ڀاونا وندنيه آهي.

جڏهن رشي متنگ شبريءَ کي پنهنجي آشرم ۾ رکيو تڏهن اُن جهنگل ۾ رهندڙ ٻيا رشي زبردست ڪاوڙيا ۽ انهن

۽ شبريءَ سهت رشين منين سان گڏ پمپاسر تي ويو. ڀريو ڀڳوان رام لڪشمڻ کي آگيا ڪئي ته پنهنجا چرڻ پمپا سر ۾ رکي من جل وري پوتر نرمل ٿي پوي. لڪشمڻ پمپا سر ۾ پير رکيا مگر جل ۾ پريورتن ڪين آيو، ساڳيو ئي لتاڙيل. وري ڀڳوان شري رام پاڻ پمپاسر ۾ گهڙيو مگر تڏهن به جل نرمل نظر ڪين آيو. ائين نه هو ته ڀڳوان شري رام لاءِ ملين جل کي نرمل ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم هو، هن لاءِ ته اهو ڪم اک ڇنڀ جو هو، مگر ڀڳوان شري رامچندر، جن رشين منين شبريءَ خلاف طوفان ڪڙو ڪيو هو تن کي پنهنجي ڀڳتياڻي شبريءَ جي اهميت ڏيکارڻ ٿي چاهي.

ڀڳوان شري رامچند شبريءَ کي آگيا ڪئي "تون پمپاسر ۾ پرويش ڪر." جنهن تي شبريءَ پمپا سر ۾ پرويش ڪيو ته پمپاسر جو جل نرمل ٿي پيو، لتاڙيل مان صاف اجرو ٿي پيو.

اهو ڪوتڪ ڏسي رشي مني دنگ رهجي ويا ۽ ڀڳوان شري رامچندر ۽ شبريءَ جي جئڪار منائڻ لڳا. شبري نماڻي ٿي راڻين جي راڻي سندس اکين ۾ پريم جا آنسون ڀرجي اچن ٿا ته ڪٿان نه ڀڳوان سندس ورو ڏين اڳيان مان رکيو.

ڀڳوان ڪهڙو نه ڀڳتوتسل آهي جو پنهنجي پيارن جي عزت رکڻ لاءِ پاڻ کي به گهٽ ڪري ٿو. هو هنا پيدياو جي پاونا ڏسي ديا درشٽي ڪري ٿو، پنهنجو پيار ڏئي مالامال ڪري ٿو. شبري ذات جي ڀيلڻي پر ڀڳوان شري رام جي ڀڳتي ڪرڻ ڪري مهان ٿي وئي.

پياسي مان آهيان،
ديالو ديا ڪر تون،
ديا تنهنجي چاهيان.

ڪروڌت رشي شبريءَ کي لت هڻي پمپا سر ۾ وري اِشنان ڪرڻ ويو. جڏهن رشي پمپا سر ۾ گهڙيو تڏهن پمپاسر جو پاڻي اڙانگهي خراب ٿي ويو. نرمل جل ملين ٿي پيو.

رشين عجب کاڌو. هن پمپا سر جي جل خراب ٿيڻ جي تهمت پڻ شبريءَ تي هڻيائون. جهنگل ۾ رهندڙ سڀ رشي منڌي پمپا سر جي جل خراب ٿيڻ ڪري ڏاڍو ڏکي ٿيا. هنن ڏاڍا حيلا هلايا مگر پمپا سر جو پاڻي اڙانگهيل ئي رهيو.

ڀڳوان شري رام بنواس ۾ آيو، تڏهن شبري لڪي ڇپي هنجو درشن ڪندي هئي. آخر شبريءَ جي سڪ ۾ ڇڪ پيدا ٿي جنهن ڀڳوان شري رام کي شبريءَ جي جهوپڙي ۾ ڇڪي آندو. شبري شري ڀڳوان شري رام کي ڏسي ڪيڏو نه گد گد ٿي نچي ٿي، ڳائي ٿي:

نورا پائي نينهن جا
اڄ رام اڱيان نهان ڏي
اڄ نه منهنجو رام آيو
سکن جو ڌام آيو

شبري وار وار رام تان ٻلهار وڃي ٿي ۽ پريم سان ڪيس چونڊيل چکيل ٻير کارائي ٿي. پريو رام ڪيئن چاهه ۽ چوچ مان اهي چکيل جوٺا ٻير کائي ٿو ۽ شبريءَ کي پنهنجو پيار ڏئي ٿو.

جهنگل جي رشين کي خبر پوي ٿي ته ڀڳوان شري رام شبريءَ وٽ آيو آهي. پمپا سر جي جل کي وري نرمل ڪرڻ لاءِ هو ڀڳوان شري رام کي اچي وينتي ڪن ٿا. ڀڳوان رام ته جاڻي جاڻهار هو. رشين منين جي زور پرڻ تي ڀڳوان لڪشمڻ

رام ڀڳت شري هنومان

پون پتر ڪيسري نندن شنڪر سدن انجني ست مهاوير بجرنگ بلي شري هنومان ڀڳوان شري رام جو اننيه ڀڳت هو. سندس رڳ رڳ ۾ رام سمايل هو. هن ڀڳوان شري رامچندر جي اهتري نه ڀڳتي ڪئي جو سندس جيون ئي راممينه ٿي پيو. شري هنومان ڀڳتي ۽ شڪتي، سيوا ۽ سمرپڻ جي ساڪيات صورت هو. هو ڀڳوان شنڪر جو اوتار هو، هو مها پراڪرمي هو پر شري رام لاءِ ڪيڏي نه منجهس شرڌا داسيه ڀاونا! ڀڳتي ڪجي ته شري هنومان جهڙي. ڪيس ڀڳت شرومڻي چئجي ان ۾ وڌاءُ نه آهي. هن ڀڳوان شري رام جي ايتري نه ڀڳتي ڪئي جو ڀڳوان شري رام هڪ دفعي کيس چيو:

"تئن مم پريه لڪشمڻ تي دونا." (رامچرت مانس)

"پيارا هنومان! تون مونکي ڀاءُ لڪشمڻ کان به وڌيڪ پيارو آهين."

ڀڳوان شري رام جي آگيا انوسار ڪئن نه شري هنومان لنڪا ۾ وڃي ماتا سيتا کي ڌيرج ڏني اچي ٿو. رستي تي کيس ڪيترن راڪشن سان مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. اهو نه هن جو کٻي هٿ جو کيل هو. لنڪا ۾ جڏهن سندس پڇ کي راوڻ آگ ڏياري ٿو ته شري هنومان لنڪا جي سندر نگريءَ جي ڪيترن آستانن کي ڀسم ٿو ڪري. شري هنومان ڀڳوان شري رامچندر جي آگيا ڪرڻ کان اڳ ئي هر ڳالهه لاءِ هڪيو حاضر آهي. سچو شيوڪ سو جو سواميءَ جي دل کي جاڻي ٻنا ان

ڀڳت ودر

ڀڳت ودر ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيہ اُپاسڪ ھو. گھر
گرھست ۾ رھندي ھن پنھنجي جيون ۾ ڀڳوت پريم جي ساکي
ڏني. ڀڳوان شري ڪرشن آنند ڪند کي ياد ڪندي سندس
اکڙين مان پريم جا آنسون ٽپڪندا ھئا.

ھڪ دفعي ڀڳوان شري ڪرشن ودر جي گھر آيو. اُن وقت
ودر ڀڳت گھر ۾ ڪين ھو. سندس پتني ڀڳوان جي اچڻ تي
ڏاڍو پرسن ٿي. ھوءَ ڀڳوان شري ڪرشن کي ويھاري سندس
اڳيان ڪيلا پيش رکيا. ھوءَ ھو ڪيلن جي ڳر بدران ڪيلن جون
کلون کائڻ لاءِ ڀڳوان شري ڪرشن کي ڏيندي پئي وئي. پريم
وچان کيس اھو سماءُ ئي نہ پيو پوي تہ ھوءَ ڪيلي جي ڳر
بدران ڀڳوان کي کلون ڏئي رھي آھي. ڀڳوان بہ ڀڳت جي پتنيءَ
جون پريم سان ڏنل ڪيلن جون کلون چاھہ سان چوسي رھيو
ھو. انھين ڪندي ودر ڀڳت گھر ۾ آيو. ڀڳوان کي ڏسي ڏاڍو
پرسن ٿيو مگر جڏھن ھن ڏٺو تہ سندس پتني ڀڳوان کي ڪيلن
جي ڳر بدران کلون ڏيندي رھي آھي تڏھن ھو ڏاڍو دکي ٿيو ۽
پتنيءَ کي چيائين ”تون ھي ڇا ڪري رھي آھين؟ ڳر جي
بدران ڀڳوان کي کلون کارائي رھي آھين! اھو وڏو اپراڌ ڪيو
اٿئي! اڄ تہ ڀڳوان کان معافي وٺون.“

ڀڳوان شري ڪرشن ڀڳت ودر جو وارتالاپ ٻڌي مشڪندي
چيو تہ اھي کلون بہ پريم رس سان پورڻ ھيون انھڪري چوسيندي
مونکي ڏاڍو رس آيو. اوھان ڪوبہ فڪر نہ ڪريو. ڀڳت ودر
۽ سندس ڌرمپتني وري بہ پڇتاءُ ۽ پريم جا لڙڪ لاڙيندا مرلي
منوھر جي ڪمل چرنن تي ڪري پيا. ڀڳوان پنھنجي ڀڳتن کي
ڇاتيءَ سان لڳائي کين پيار ڏنو.

پربو ڏسي ٿو پريم نہ ٻاھريون اڊمبر. ڪيئن نہ شري
ڪرشن ڪيلن جون کلون پريم سان سواد ڪري کاڌيون.

چرڻن ۾.

ڀڳوان شري رامچندر جڏهن راوڻ ۽ ٻين راڪشسي شڪتين جو سنگهار ڪري ايوڌيا واپس وريو ۽ راج گديءَ تي براجمان ٿيو. تڏهن ڀڳوان راجا رام ڪيترن ئي برهمڻن پنڊتن کي دان ڏنا، سگريو، انگد، نيل ۽ ٻين ڪيترن سڄڻن کي ڏنل سهيوگ سبب آشيرواد روپ ۾ هيرن جا هار ڏنا. اُن وقت اُتي ماتا سيتا به ويٺي هئي. ماتا سيتا ڏٺو ته ڀڳوان شري رام شري هنومان کي، جو سڀني شيواڌارين جو سرتاج ۽ سچو ڀڳت آهي تنهن کي ڇڏي ٻين سڀني کي هيرن جا هار يا ٻيون ڪي سوغاتون ڏنيون آهن. ماتا سيتا به هڪدم پنهنجي گلي مان امولهه هار لاهي شري هنومان جي ڳچيءَ ۾ وڌو.

شري هنومان هيرن جو هار گلي مان لاهي هڪ هڪ مڻي کي جاچي، نهاري ڏٺو ته اُن ۾ ڀڳوان شري رام ڏسڻ ۾ اچي ٿو يا نه. هنڪي اُنهن مڻين ۾ ڀڳوان رام جو درشن ڪين ٿيو سو سڄو هار ٽوڙي اهي ملهائتا مڻيا ويو ڦٽا ڪندو. سندس ڀرسان هڪ جوهري ويٺو هو تنهن هن تي ٺٺولي ڪندي چيو ته تون اهڙا ملهائتا موتي ڦٽا پيو ڪندو وڃين! تڏهن شري هنومان وراڻيو ته جنهن مڻي تي ڀڳوان شري رام جو نالو لکيل ڪين آهي سو مڻيو ڪهڙي ڪم جو.

جوهري وراڻيو ته ڇا تنهنجي شرير ۾ به رام وياپڪ آهي. تڏهن شري هنومان اُتي جو اُتي پنهنجي ڇاتي چيري اُن جوهريءَ کي ڏيکاريو ته ڀڳوان شري رام ۽ سيتا سندس سيني ۾ براجمان آهن. اهو جوهري شري هنومان جي ڇاتيءَ ۾ ڀڳوان رام ۽ سيتا کي ڏسي دنگ رهجي ويو. شري هنومان جي رڳ رڳ ۾ رام وياپڪ هو. شري رام کان سواءِ شري هنومان کي ڪا به چيز پياري ڪين هئي، ٻين ته هار ۽ سوکڙيون سانڍي رکيون مگر هنومان هيرن تي ڪين هرکيو. هيرا ته هنجي

جي چوڻ جي پنھنجو پارٽ ڪم ڪندو رھي. شري ھنومان ڀڳوان شري رام جو ته اننيءَ ڀڳت ڏيان ڪري ٿو مگر سندس شيوا ۾ سدائين حاضر رھي ٿو.

جنگ جي ميدان تي جڏھن شري لڪشمڻ مورڇت ٿي وڃي ٿو تڏھن ڀڳوان رام پڻ چنتت ٿئي ٿو. اُن وقت قابل وئديه جي ضرورت ھئي. شري ھنومان ننڍڙو روپ ڌاري لنڪا ۾ وڃي لنڪا جي قابل وئديه سشيڻ کي گھر سميت کڻي آيو. وئديه سشيڻ لڪشمڻ کي بيھوش ڏسي چيو ته ھن کي سرجيت ڪرڻ لاءِ سنجيوني ٻوٽيءَ جي سخت ضرورت آھي. اھا ٻوٽي اڄ رات جو ئي دروڻاچل پربت تان جڏھن ڪو کڻي ايندو تڏھن ئي لڪشمڻ بچي سگھندو نه ته ھنجو بچڻ محال آھي. اھڙي ڪٺن ڪم لاءِ پون پتر شري ھنومان کي دروڻاچل جبل تي پھچڻ ۾ گھڙي دير ھئي. ھو اُڏامندو ھڪدم اچي دروڻا چل پربت تي پھتو. ھو اُن جبل تي سنجيونيءَ ٻوٽي ڳولھڻ لڳو. ھن ويچار ڪيو ته مٿان ھو ھڪ جي ٻي ٻوٽي پل ۾ کڻي وڃي ۽ سندس اُن ڀل ڪري شري لڪشمڻ جي علاج ۾ رڪاوٽ پوي. ان ڪري ھو، سارو دروڻا چل پربت ھٿ ۾ کڻي روانو ٿيو ته پاڻھي وئديه راڄ ضروري ٻوٽي چونڊي استعمال ڪندو. شري ھنومان دروڻاچل پربت سوڌو وقت تي پھچي ويو.

وئديه سنجيوني ٻوٽي ڳولھي لڪشمڻ جو علاج ڪيو ۽ شري لڪشمڻ جلدي سرجيت ٿيو.

اھو ڏسي ڀڳوان شري رام ھنومان تي ڏاڍو پرسن ٿيو.

شري ھنومان جي جيون ڀڳتا جو سر چشمو آھي. ھن ۾ پنھنجي اشٽ ڀڳوان شري رام لاءِ ڪيڏي شرڌا ۽ شيوا ڀاونا ھئي. رات ڏينھن ڀڳوان جي شيوا لاءِ تيار ھوندو ھو. سچو صدقي، سچو ڀڳت سدائين سمرپت آھي پنھنجي اشٽ جي ڪمل

سدامي وراڻيو، سشيلا تون ڀڳلي آهين ڇا! مان هن مسڪيني حالت ۾ ڀڳوان ڪرشن وٽ خالي هٿين ڪيئن ويندس؟" سدامي جي پتني سشيلا چانورن جو چورو ناهي. هڪ پراڻي ڪپڙي ٽڪر ۾ ٻڌي پنهنجي پتي سدامي کي ڏيندي چيو ته ڀڳوان شري ڪرشن کي سوکڙي ڏج.

ڀڳت سدامو پنهنجي پتنيءَ جي صلاح انوسار اها سوکڙي کڻي پنڌ ڪندو اچي ڀڳوان شري ڪرشن وٽ پهتو. ڀڳوان شري ڪرشن سدامي کي ڏسندي ئي ڪيس ڀاڪر پاتو ۽ پاڻ سان گڏ ويهاري ڪانئنس حال احوال ورتو. سدامو ڀڳوان کي اُهو چانورن جو چورو ڏيندي سنڪوچ پيو ڪري ڀڳوان شري ڪرشن پريم وچان ڪانئنس اها سوکڙي کسي چانورن جو چورو چاهه سان ڦڪ ڀري کاڌو. ڀڳوان پنهنجي پياري ڀڳت ۽ ساٿي سدامي جي مسڪين حالت ڄاڻي پنهنجي شڪتيءَ دوارا سندس جهوپڙيءَ کي هڪ سندر گهر جي روپ ۾ بدلي ڇڏيو ۽ ڳجهه ڳوهه ۾ سندس آرٿڪ مشڪلات پڻ دور ڪيئي. پر ڀڳوان ڪيس رو برو پنهنجو پيار ڏنو. حقيقت ۾ پرڀوءَ جو پيار ملي ته ان کان وڌ ٻيو ڪجهه ڪين آهي.

سدامو ڀڳوان شري ڪرشن کان موڪلائي نراس ٿي جڏهن وطن واپس وريو تڏهن پنهنجي جهوپڙيءَ جي جڳهه تي هڪ سندر مڪان ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. سندس ڌرم پتنيءَ ڪيس سارو احوال ٻڌايو ته ڀڳوان شري ڪرشن ڪيئن نه ڪرپا ڪري سندس جهوپڙي سندر مڪان ۾ بدلائي ڇڏي آهي ۽ سندس آرٿڪ مشڪلات پڻ دور ڪري ڇڏي آهي.

سدامو ڀڳوان شري ڪرشن جي ڪيل ڪرپا جو اندر ئي اندر ۾ احسان محسڻ لڳو ته شري ڪرشن ڪيڏو نه دين ديالو آهي. دلين جو پارکو آهي.

هٿن جي مٿل هئا. سچو ڀڳت ڀڳوان جو ڀاسي ٿئي ٿو ۽ نه مايا جي پدارٿن جو.

اڄ به جتي شري رام جي ڪٿا ٿئي ٿي تڏهن اُتي شري هنومان پنهنجي اشٽ جي گٿا واد ٻڌڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ پهچي وڃي ٿو.

شري هنومان ايڏي ته ڀڳتي ڪئي جو سندس نالي وٺڻ سان ئي دک دور ٿي وڃن ٿا. کيس چون ٿا سنڪٽ موچن.

گو سوامي سنت تلسيداس شري هنومان جي استتيءَ ۾ شري هنومان چاليسا لکيو آهي جنهن جي پاٺ ڪرڻ سان شاريرڪ مانسڪ روڳ مٽجي وڃن ٿا. اهو سڀ هنجي ڀڳتيءَ جو پرتاپ آهي.

ڀڳت سدامو

ڀڳت سدامو ڀڳوان شري ڪرشڻ جو ننڍپڻ جو ساٿي هو. سندس گهر جي آرٿڪ حالت ڏاڍي تنگ هئي. هو نشڪام ڀاونا سان ڀڳوت ڀڄن ڪندو هو. ڏاڍو سادو نماڻو سشيل ۽ سندس سيني ۾ سڪ سڄڻ واسطي.

هڪ ڏينهن سندس ڌرمپتني سشيلا کيس وينتي ڪري ٿي، ”پيارا پراڻناٿ، اسين ٽن ڄڻن جهوپڙيءَ جو گذر به ڏکيو آهي. برسات جي منڌ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي. اوهان جيڪر پنهنجي ساٿي ڀڳوان شري ڪرشن وٽ وڃو، ته اوهان کي مالا مال ڪندو ۽ پوءِ اسين دکن کان ڇٽي پونداسين.“

اهو ويچار ڪري هن هڪدم جلاد کي گهرايو ۽ کيس آگيا ڪئي ته هن بالڪ کي ختم ڪري نشانيءَ طور سندس عضوي جي ڪا نشاني کڻي اچ.

جلاد بالڪ چندرهاس کي جهنگل ۾ وٺي آيو، کيس بالڪ تي رحم به ڏاڍو ٿي آيو. ووڪ ويءِ ٿي وڌا ته ابهم بالڪ کي مارڻ سان کيس انجو برو نتيجو ڀوڳڻو پوندو. پر وزير جي حڪم جي پيروي ڪرڻ لاءِ هن لاچار بالڪ چندرهاس کي چيو، ”پيارا بالڪ! وزير جي آگيا موجب توکي قتل ڪرڻو آهي سو تيار ٿيءُ“

بالڪ چندرهاس ڀڳوان جي مورتي ڪڍي اُن جو ڌيان ڪيو ۽ مورتي هٿ ۾ جهلي جلاد کي چيو ته تون ڀلي هاڻي پنهنجي تلوار هلاءِ. جلاد بالڪ چندرهاس جو ساهس ۽ ڀڳتي ڀاونا ڏسي دنگ رهجي ويو ۽ سندس دل ديا سان ڀرجي آئي. سندس دل ۾ پڻ ڀڳتي ڀاونا پيدا ٿي.

هن بالڪ کي چيو ته وزير کي خوش ڪرڻ لاءِ صرف تنهنجي پير ۾ جا ڇهين آڱر آهي اُها وڍي کڻي ٿو وڃان. جلاد ائين ڪيو. وزير دُرشٽبدي، بالڪ چندرهاس جي آڱر ڏسي گد گد ٿيو ته هن پنڊتن جي اڳڪٿي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي.

هيڏانهن چندن پور جو راجا ڪلندڪ شڪار ڪندي اچي اُن جهنگل مان لنگهيو. جتي اُهو بالڪ چندرهاس ويٺو هو. اُن سنسان جهنگل ۾ بالڪ کي ڏسي راجا عجب ۾ پئجي ويو. کيس پُٽر سنتان ڪين هئي سو اُن بالڪ کي چوج مان پنهنجي راڄڌانيءَ ۾ وٺي آيو ۽ کيس پنهنجو پُٽر ڪري ليکيو. بالڪ جئين عمر ۾ وڌيو تئين چندرما وانگر سندس ڪلائون روپي ڳڻ ظاهر ٿيا. راجا چندرهاس کي پنهنجو راجڪمار ظاهر ڪيو.

راجا چندرهاس

دواپر يگ ۾ ڪيرل پرديش ۾ ميڌاوي نالي راجا راڄ ڪندو هو. دشمنن مٿس حملو ڪري کيس ماري ڇڏيو. سندس پتني ستي ٿي ۽ سندس ننڍڙي نينگر چندرهاس کي داسيءَ لڪائي ڇپائي ڪنتلپور راڄڌانيءَ ۾ ڪڍي آئي. ڪنتلپور جو راجا گالو رشيءَ جو شش ۽ ڀڳوان جو ڀڳت هو. پر سندس وڏو وزير ڌرشٽبڌي ڀرشٽبڌي وارو شخص هو. داسي پورهيو ڪري چندرهاس جي پالنا ڪندي هئي. ٽن سالن کان پوءِ داسي به پرلوڪ پڌاري.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ رشي نارد چندرهاس بالڪ کي ڏسي کيس ڀڳوان جي مورتي ڏيندي کيس رام نام جو منتر ڏنو.

بالڪ چندرهاس ور ور مورتيءَ جو درشن ڪري پيو ٽڙندو هو ۽ زبان سان رام نام اُچارڻ ڪندو هو ۽ ٻين بالڪن کان رام نام جي ڌني چوائيندو هو.

هڪ دفعي وزير ڌرشٽبڌيءَ جي گهر ودوان پنڊت آيل هئا. انهن اُتي بالڪ چندرهاس کي ڏسي ڌرشٽبڌيءَ کي چيو ته هي بالڪ اوهان جو ناٺي ٿيندو. اهو ٻڌي ڌرشٽبڌي بنهنجو اپمان سمجهو.

ڪجهه وقت بعد هن سوچيو ته هي اناٿ بالڪ منهنجو ناٺي ٿئي تنهن کان بهتر آهي ته مان هاڻي ئي هن بالڪ کي مارائي ختم ٿو ڪرائي ڇڏيان.

لکيل هو ”پيارا پٽ مدن هن چٺي آڻيندڙ کي وش ڏج.“

وشيا پنهنجي پيءُ جي اِها چٺي پڙهي غصي ۾ ڀرجي وئي ته سندس پتا هھڙي سندر نوجوان کي مارائڻ ٿو چاهي جنهن کي مان پنهنجو ڪري ويٺي آهيان. وزير جي ڌيءُ چالاڪي ڪري اُن چٺيءَ ۾ وش لفظ کي ”يا“ ڳنڍي وشيا ڪري ڇڏيو.

هاڻي چٺيءَ ۾ اهي اکر هئا ته هن چٺي آڻيندڙ کي ”وشيا ڏج“. وشيا اُها چٺي وري چندرهاس جي پڳڙيءَ ۾ وجهي سهيلين سان باغ ۾ رمندي رهي ۽ هن دل ۾ سورهن آنه پڪ ڪئي ته هي جوان ئي سندس پتي ٿيندو.

چندرهاس کي جڏهن جاڳ ٿي تڏهن هو وزير ڌرشٽبڌيءَ جي گهر آيو ۽ سندس پٽ کي اچي چٺي ڏنائين.

ڌرشٽبڌيءَ جي پٽ مدن اُها چٺي پڙهي جنهن ۾ لکيل هو ته هن چٺي آڻيندڙ کي وشيا ڏج. مدن پنهنجي پتاجي لکيل چٺيءَ جي پيروي ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن ڌوم ڌام سان وشيا جي چندرهاس سان شادي ڪرائي. شاديءَ جي موقعي تي اتان جو راجا ۽ ٻيا ڪيترا ئي سڄڻ شريڪ ٿيا. راجا پڻ چندرهاس کي ڏسي چيو ته هھڙو جوان ته منهنجي ناٺي ٿيڻ جي لائق آهي.

ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ ڌرشٽبڌي ڪنتلپور پنهنجي گهر آيو. هو پنهنجي ڌيءُ وشيا جي چندرهاس سان شاديءَ جو سماچار ٻڌي ڏاڍو غصي ٿي ويو ۽ پٽ کي چيائين ته تو هي ڇا ڪيو آهي؟

سندس پٽ مدن ڪيس سندس لکيل چٺي ڏيندي چيو، ”پتاجي مون ته اوهانجي لکڻ موجب پيروي ڪئي آهي.“

چندرهاس راجائي سک ماڻيندي رام نام کي ڪين وساريو هو وڌيڪ وڌيڪ رام نام جو جاپ جپيندو رهيو ۽ ٻين کي جپائيندو رهيو. اُن جو نتيجو اهو نڪتو جو چندنپور جو واتاورڻ ڀڪتيمه ٿي پيو.

چندنپور جي راجڪمار چندرهاس ايترو ته دان پن ۾ پئسو خرچ ڪيو جو چندنپور جو راجا ڪلندڪ ڪنتلپور جي راجا کي ڍل ڏئي نه سگهيو. جنهنڪري ڪنتلپور جي وزير ڌرشٽبڌي چندنپور تي چڙهائي ڪئي. هن چندنپور جي يوراج چندرهاس کي اُتي سڃاڻي ورتو ۽ هي عجب ۾ پئجي ويو ته چندرهاس کي ته مون مارائي ڇڏيو هو سو هي ڪيئن بچي ويو آهي! چندرهاس کي وري ختم ڪرڻ لاءِ هن سٽاءُ سٽيو. هن راجا ڪلندڪ کي چيو، ”مان تنهنجي راجڪمار چندرهاس کي ڪنهن مخفي ڪم لاءِ ڪنتلپور موڪلڻ چاهيان ٿو. تون ان کي موڪل ڏي.“ راجا ڪلندڪ چندرهاس کي موڪل ڏني.

وزير ڌرشٽبڌي چندرهاس کي چٺي ڏيندي چيو، ”اها بند ٿيل چٺي جيئن جو تيئن ڪنتلپور ۾ منهنجي پٽ مدن کي ڏئي اچجِ.“

چندرهاس وزير جي آگيا انوسار اُها چٺي کڻي ڪنتلپور ڏانهن روانو ٿيو ۽ اچي ڪنتلپور ۾ پهتو. ٿڪاوٽ سبب هو ڪنتلپور جي باغ ۾ جهٽ ليٽي پيو ۽ اُتي ئي کيس گهيرٽ اچي ويو. اچانڪ اُتي وزير ڌرشٽبڌيءَ جي ڌيءَ وشيا راجڪماريءَ ٻين ساهيڙن سان سير ڪرڻ آئي. باغ ۾ گهمندي گهمندي هوءَ اڪيلي ان جاءِ تي اچي پهتي جتي چندرهاس سمهيو پيو هو. هوءَ چندرهاس جو تجلو ۽ پيشاني ڏسي مٿس موهت ٿي پيئي. هن جي نظر چندرهاس جي پڳڙيءَ ۾ ٻڌل چٺي ۾ پئي. هن آهستي آهستي ڪري اُها چٺي پڙهي. جنهن ۾

جي جڳهه تي سندس پٽ موت جو شڪار ٿي ويو هو. هو جڏهن مندر ۾ آيو تڏهن پنهنجي پٽ جو مرڻ ڪ شرير ڏسي تمام دلشڪستو ٿي زمين تي ڪري پيو ۽ مري ويو.

ڌرشٽبڌي ور ور چندرهاس کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو پر نه صرف پاڻ ختم ٿي ويو مگر سندس پٽ جو به دردناڪ موت ٿيو. چندرهاس ته هڪ ڀڳت جن پر اُپڪاري راجڪمار هو. ڌرشٽبڌي ناحق هن کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو. بندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ بي. ڀڳوان پنهنجي ڀڳت چندرهاس جي ور ور رڪشا ڪئي سندس وار به ونگو نه ٿيو.

سر تي پکي هيڪڙو پاڙ پيري لک
جنهن تي سائين جي رک سو سر ۾ گهمي سرهو (شاهه)

چندرهاس کي جڏهن ڌرشٽبڌي ۽ سندس پٽ مدن جي موت جي خبر پيئي تڏهن هو هڪدم ديوي ماتا جي مندر ۾ آيو. اُتي هن سچي دل سان ديوي ماتا کي آراڌنا ڪئي.

”هي جڳ امبا! ڪرپا ڪري مدن ۽ سندس پتا ڌرشٽبڌي کي جيوت ڪر.“ ديوي ماتا ڀڳت چندرهاس تي پرسن ٿي هنجي وينتي قبول ڪئي. ڌرشٽبڌي ۽ سندس پٽ مدن کي جيوت ڪيو. ڌرشٽبڌي ۽ سندس پٽ مدن ديوي ماتا ۽ چندرهاس جا احسان مڃڻ لڳا.

ڪنتلپور جا رهواسي چندرهاس جي اهڙي ڀڳتي ڀاونا ڏسي پاڻ به ڀڳتيءَ جي مارگ ۾ وڌيا. ساري راجڌانيءَ جو رنگ ئي ڦري ويو. چندرهاس جي ڀڳتيءَ جي پرتاب ڪري ڌرشٽبڌي هاڻي ڌرم بڌي ٿي پيو نه صرف هن ۽ هنجي پريوار تي ڀڳتيءَ جو رنگ چڙهيو مگر ڪنتلپور جي راجڌاني

ڌرشٽٻڌيءَ پنهنجي لکيل چٺي پڙهي اندر ۾ ڏاڍو پشيمان ٿيو. هن دل ۾ پڪو پرڻ ڪيو ته هو ڪيئن به ڪري چندرهاس کي ختم ڪرائيندو ڀل ته سندس ڌيءُ ودوا ٿئي. هٺيلو ماڻهو شل نه هوڏ تي چڙهي. هن جلاد کي گهرائي چيو ته اڄ سنڌيا جو جيڪو ماڻهو ديويءَ جي مندر ۾ اچي ان کي ختم ڪري ڇڏجِ.

ڌرشٽٻڌي چندرهاس کي سڏي چيو ته اسان ۾ رواج آهي ته شاديءَ کان پوءِ سنڌيا جي وقت اڪيلو ديويءَ جي مندر ۾ وڃبو آهي. سو تون اڄ سنجها جو ديويءَ جي مندر ۾ وڃج. هيڏانهن ڪنتلپور جي راجا کي ان ڏينهن خيال آيو ته چندرهاس هڪ تيجسوي ڀڳت راجڪمار آهي مان ٻه چوڻ هن کي پنهنجي ڌيءُ سونپي ڪيس راڄ اڪار ڏئي باقي ڏينهن ڀڳوان ڀڳتيءَ ۾ گذاريان.

راجا ان وقت ڌرشٽٻڌيءَ جي پٽ مدن کي آگيا ڪئي ته هاڻي جو هاڻي تون پنهنجي ڀيٽوي چندرهاس کي وٺي اچ. ”مدن راجا جي آگيا انوسار گهر ڏانهن آيو ان وقت چندرهاس ديويءَ جي مندر ڏانهن وڃي رهيو هو. هنکي راجا جو سنديش ٻڌايو. چندرهاس وراڻيو ”مان ته هاڻي پوڄا لاءِ ديويءَ جي مندر ۾ وڃي رهيو آهيان.“

مدن کيس چيو، ”مان تنهنجي بدران ديويءَ جي پوڄا لاءِ مندر ۾ ٿو وڃان تون راجا وٽ جلدي وڃ.“ چندرهاس راجمحل ۾ راجا وٽ پهچي ويو. راجا هن کي پنهنجو راڄ ڀاڳ ۽ ڪنيا به سونپي ڇڏي.

هو ڏانهن مدن جئن مندر ۾ پهتو ته جلاد ڌرشٽٻڌيءَ جي حڪم موجب مقرر وقت تي پهريان آيل شخص يعني مدن کي قتل ڪري ڇڏيو. اها خبر جڏهن ڌرشٽٻڌيءَ کي پيئي ته چندرهاس

پيو آهي. هن اُهو پرساد پڙهوءَ جي ڏين سمجهي ورتايو ۽ خالي سونو ٿالهه رکي ڇڏيو.

شري جڳنناٿ جي مندر جي پوڄارين صبوح جو ڏٺو ته مندر ۾ رکيل پرساد وارو سونو ٿالهه غائب آهي. چوڌاري سوني ٿالهه کي ڳولهڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي. ڳولها ڪندي ڪندي آخر اهو سونو ٿالهه ڀڳت ماڌوداس جي ڪٽيا مان مليو. اُنهن پوڄارين بنا سوچ ويچار جي ڀڳت ماڌوداس تي سوني ٿالهه جي چوريءَ جي تهمت هڻي کيس پڪڙي نيت جي لڪڻ سان خوب ماريو.

پنهنجي پياري نردوش ڀڳت ماڌوداس کي هنيل نيت جا لڪڻ پڙيوءَ پاڻ سٺا. جڏهن پوڄارين ڀڳوان جڳنناٿ جي مورتيءَ تي تيل پئي لڳايو ته ڏين ڀڳوان جي مورتيءَ تي نيت جي لڪڻ جي مارڻ جا نشان ڏسڻ ۾ آيا.

پوڄاري وائڙا ٿي ويا ۽ سندن من ۾ شنڪا پيدا ٿي ۽ پڙيوءَ کي پرارٿنا ڪرڻ لڳا: ”پڙيو اوهان کي ڪنهن نيت جا لڪڻ هڻي چوٽ رسائي آهي.“ ڀڳوان جي مورتيءَ مان آواز آيو ”توهان ئي ته مون تي نيت جي لڪڻ جو وسڪارو ڪيو.“

اهو ٻڌي پوڄاري ڏڪي ويا ۽ چوڻ لڳا ”پڙيو اسان اوهان کن ڪيئن ماريندا سين.“

ڀڳوان وراڻيو، ”اوهان منهنجي نردوش ڀڳت ماڌوداس کي جيڪي لڪڻ هڻي ماريو آهي اُهي لڪڻ مون کي لڳا آهن. منهنجي پياري ڀڳت ٽن ڏينهن کان اَن جل ڪين ورتايو هو تنهن ڪري مون ئي کيس اهو سونو پرساد وارو ٿالهه موڪليو هو. هو ته پنهنجي ڪٽيا ۾ منهنجي ڀڄن ۾ ليِن هو. هن سونو ٿالهه چوري ٿورو ئي ڪيو هو. اوهان بنا سوچ ويچار

ڀڳتيءَ ورتي ٻڌجي ويئي.

چندرهاس راڄ ڪندي پرجا کي سکي ڪيو ۽ سارئي پرجا کي ڀڳوت ڀڳتيءَ جي راهه ٻڌائي آئينده روشن ڪيو. ڀڳت چندرهاس پاڻ به تريو ۽ هزارن کي نام جي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي ڀؤ ساگر مان پار ڪيو.

ڀڳت ماڌوداس

براهمڻ ماڌوداس مهان ودوان به هو ته ڀڳت به هو. ڌرمپتنيءَ جي پرلوڪ پڌارڻ تي هنجي من ۾ وئراڳ ورتي پيدا ٿي ۽ هو سوچڻ لڳو ته جڳت ۽ جڳت ۾ جيڪي سنبنڌي ۽ پدارٿ آهن سي متيا آهن. پريوار جي پالنا جي جا مان چنتا ڪريان ٿو سا به منهنجي ڀل آهي. پرميشور پاڻ ئي پالڪ آهي.

ماڌوداس جي دل دنيا مان کڄي ٿي ويئي. هو هڪدم جڳنناٿ پوريءَ ۾ سمندر جي ڪناري پرسان ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لڳو. ڀڄن ڪندي کائو نس ڪاٿو پيتو وسري ويو. هيڏانهن ڀڳوان جڳنناٿ کي ڀڳت ماڌوداس جو خيال ٿيو.

ڀڳوان پاڻ وٽ رکيل هڪ پرساد جو ٿالهه هن ڀڳت ڏانهن موڪليو. جڏهن پرساد هنجي ڪٽيا ۾ رکيو ويو ته هن هڪ روشنيءَ جو درشن ڪيو اکا جو نهاري ته پرساد جو سونو ٿالهه

هڪ دفعي ڀڳت ماڌوداس بيمار ٿي پيو ته ڀڳوان پاڻ ڀڳت جي شيوا لاءِ اچي ٿو. ماڌوداس سمجهي ويو ته پريو پاڻ آيو آهي. ماڌوداس اکين ۾ آنسون آڻي وينتي ڪري ٿو، ”پريو توهان ايڏو ڪشٽ ڪري مون ناچيز وٽ آيو آهيو، تنهن کان اِها بيماري ئي نه ڏين ها.“

ڀڳوان وراڻيو، ”پيارا مان ڀڳتن جو دک سهي ڪين سگهندو آهيان. پر ڪرمن جي نيم موجب دک سک ڪرمن جو ڦل هر ڪنهن کي ڀوڳڻو آهي. جي هن ديهه ۾ نه ته وري ٻيءَ ديهه ۾ ڀوڳڻو پوندو.“ ڀڳوان جي درشن ۽ سپرش سان ڀڳت ماڌوداس جو دک دور ٿي ويو.

ڀڳت ماڌوداس پنهنجو وڌندڙ يش ٻڌي پرسن ڪين ٿيندو هو، ڇاڪاڻ ته يش ڪيرتي ڪڏهن اڀمان پيدا ڪندا آهن. اڀمان وري ڪيرائي ٿو. تنهن ڪري ڀڳت ماڌوداس هيڏي ڪيرتي يش هوندي پاڻ نڪما ڪري ويندو هو.

هڪ دفعي جڳناٿ پوريءَ ۾ هڪ ودوان پنڊت پڌاريو ۽ هن اُتان جي پنڊتن کي شاسترارٿ ڪرڻ لاءِ چيو. پنڊتن کيس چيو ”توهان وڃي ڀڳت ماڌوداس سان شاسترن بابت بحث مباحثو ڪريو. ان جي هار جيت اسان جي هار جيت آهي.“

اُهو اڀماني پنڊت ڀڳت ماڌوداس وٽ آيو ۽ کيس چيائين ته مون سان شاسترن بابت بحث ڪر نه ته پنهنجي هار هن پني تي لکي ڏي. ڀڳت ترڪ مان ڇا ڄاڻن. هنن جي جيون هوندي آهي پيار جي جيون. پيار وارو شخص ڪڏهن به بحث نه ڪندو. ڀڳت ماڌوداس بنا شاستر ارٿ ڪرڻ جي اُن پنڊت کي پني تي هار لکي ڏني.

اُهو اڀماني پنڊت ڪڇون هڻندو ٻاهر آيو ته هن جيت

جي منهنجي پياري کي ٻڌي لڪڻ هٿي ماريو آهي اِهو وڏو اپراڌ ڪيو اٿو، اِهو وهنوار جڻ پياري ماڌوداس سان نہ پر اوهان مون سان ڪيو آهي. اوهان نہ ٻڪايل ڀڳتن کي ڀوڄن کين ڏنا ڪارايو، پر جي مان پنهنجن پيارن کي پنهنجو ڀوڄن ڪارايان ٿو تہ توهان وري انهن کي ماريو ٿا.“

مندر جا پوڄاري اِهو ٻڌي ڏاڍو پشيمان ٿين ٿا ڀڳوان کان کيل اپراڌ جي معافي وٺن ٿا ۽ ڀڳت ماڌوداس وٽ اچي پنهنجي ڪيل ڀل جو پڇتاءُ ڪندي ڪانوس مافي وٺن ٿا. سنت ماڌوداس پيو مشڪي، مشڪي کين پنهنجو پيار ڏئي. اِها گهٽنا ساري جڳنناٿ پوريءَ ۾ مشهور ٿي وئي تہ ڪيئن نہ ڀڳوان ڀڳت ماڌوداس جي سار لڌي. ڀڳوان نہ صرف پنهنجي پيارن جي سار لهي ٿو پر کين ڪيڏو نہ پيار ڪري ٿو. ڇوڏاري ڀڳت ماڌوداس جو يش ڦهلجي ويو.

هن گهٽنا کان پوءِ ماڌوداس جي من ۾ وڏيڪ وڌيڪ ڀڳوت پريم پيدا ٿيو هو. ڀڳوان جڳنناٿ جي مورتيءَ جو ڏيان ڪندي ايڏو تہ لين ٿي ويندو هو جو سندس سڌ ٻڌ ڀلجي ويندي هئي. سياري جي مند ۾ هڪ ڏينهن ڀڳت ماڌوداس مندر ۾ ڀڳوان جو ڏيان ڪندي اهڙو تہ لين ٿي ويو جو مندر جا پوڄاري بہ وڃي رات جو آرامي ٿيا. زبردست ٿڌ هوندي بہ ماڌوداس اڪيلو پيو پريوءَ جا گڻ ڳائي، ڏيان ڌيائي. ڀڳوان جڳنناٿ اوچتو هن پياري جي مٿان هڪ ڪمبل ٿڌ کان بچائڻ لاءِ وڌو.

ڀڳت ماڌوداس اهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويو تہ ڀريو ڪيئن نہ وٽو سندس سنڀال لڌي، جئن هڪ ماتا پنهنجي سنتان جي سار سنڀال لهندي آهي تئن پريو پنهنجن پيارن جي سار سنڀال لهي ٿو.

رشي والميڪ

رشي والميڪ جنهن سنسڪرت ڀاشا ۾ رامايڻ جي رچنا ڪئي سو پهرين هڪ خوني لٽيرو هو. سندس نالو رتناڪر هو. هو جهنگل ۾ لٽ ڦر ڪري، ڪڏهن ڪڏهن ته راهگيرن کي ماري ڦري پئسا ڳهڻا هٿ ڪري ڪٽنب پريوار جي پالنا ڪندو.

هڪ دفعي رشي نارد گهاٽي سنسان جهنگل مان لنگهي رهيو هو ته رتناڪر ڊاڪوءَ کيس ڦرڻ لاءِ پڪڙيو. رشيءَ نارد هن کان پڇيو ته تون ڪير آهين ۽ ڪهڙي ڪارڻ پڪڙيو اٿئي؟ رتناڪر ڊاڪوءَ وراڻيو ”مان ڊاڪو رتناڪر آهيان تو وٽ جيڪي پئسا، ڪپڙا آڀوشڻ هجن سي هڪدم ڪڍي ڏي نه ته ماري ختم ڪري ڇڏيندو سانءِ.“

نارد ڊاڪوءَ جو اهو جواب ٻڌي کائونس پڇيو، ”تون اهڙو نيچ ڪم ڇو ٿو ڪرين؟“

ڊاڪو رتناڪر وراڻيو، ”اهو منهنجو ڌنڌو آهي. لوٽمار ڪري مان پنهنجي ڪٽنب جي پالنا ڪندو آهيان.“

رشي نارد وري ڊاڪو رتناڪر کان پڇيو، ”تون جن ڪٽنب جي ڀاتين لاءِ لوٽ مار جو ٻڇڙو ڪم ڪري رهيو آهين ڇا اهي ڪٽنب جا ڀاتي تنهنجي ٻڇڙي ڪرم ڀوڳڻ لاءِ تيار ٿيندا؟ رتناڪر وراڻيو، ”منهنجي گهر جا ڀاتي اوس ئي منهنجي ڪرم ڦل ڀوڳڻ ۾ ڀاڱي ڀائي ٿيندا ڇاڪاڻ جو مان انهن لاءِ ئي ته هي ڪرم ڪري رهيو آهيان.“

حاصل ڪئي آهي. هن اُهو پنو جنهن جڳناٿ پرڀوءَ جي پنڊتن کي ڏيکاريو ته اُن پني تي هار بدران جيت لفظ ڏسڻ ۾ آيو. جڳناٿ پرڀوءَ جا پنڊت اُن ايماني پنڊت تي کلڻ لڳا. اُهو ايماني پنڊت پڻ عجب ۾ پئجي ويو ته ماڌوداس هار لفظ لکيو، اِهو لفظ بدلجي ڪيئن ويو. هار بدران جيت. هو هڪدم ڪاوڙجي ڀڳت ماڌوداس وٽ آيو ۽ اچي مٿس ڏوڙيو وسايو ته تو دوکو ڪيو آهي هار لفظ بدران جيت لکيو آهي.

هاڻي اُٺي بحث ڪر، شاستر ارٿ ڪر. جيڪڏهن تو مون کان هاريو ته توکي جتيون ٻڌي گڏه تي چاڙهي گهمايو ويندو. ڀڳت ماڌوداس ان پنڊت کي چيو، ”مان سنان ڪري پوءِ اچي ٿو اوهان سان ڳالهه ٻولهه ڪريان.“

ڀڳت ماڌوداس سنان ڪرڻ لاءِ ويو ۽ سندس پر پٺ ڀڳوان جڳناٿ پنهنجي پياري ماڌوداس جو روپ ڌاري ان اهنڪاري پنڊت سان شاستر ارٿ ڪرڻ لڳو. شاستر ارٿ ۾ ايماني پنڊت جي هار ٿي ۽ کيس جتيون ٻڌي گڏه تي چاڙهيو ويو. پوءِ ڀڳوان انتر ڌيان ٿي ويو.

هيڏانهن جڏهن ڀڳت ماڌوداس سنان ڪري موٽيو. هن اهو ڪوتڪ ٻڌي دل ۾ سڀ ڪجهه ڄاتو ته ڪئن پرڀو پاڻ اچي سندس پت رکي آهي ۽ پاکنڊي پنڊت جي هار ڪئي آهي. ڀڳت ماڌوداس جي دل ڀرجي آئي.

قدم قدم تي پرڀو پنهنجي پيارن جي ونو سار لهي.

جي ڪيل ڪوڙن ڪرم ۾ ڀاڱي ڀائي ڪين ٿيندس.“ ماتا پتا ۽ گهرواريءَ جو اسنتوشجنڪ جواب ٻڌي رتناڪر ڌاڪو واپس جهنگل ۾ آيو ۽ هن هڪدم رشي نارد کي وڻ مان ڇوڙيو ۽ سندس چرنن تي ڪري معافي ورتائين. هن رشي نارد کي نيزاريءَ واري نوع ۾ چيو ته گهر جي ڪوبه ڀاتي منهنجي ڪيل ڪوتن ڪرمن جي ڦل ڀوڳڻ لاءِ تيار ڪين آهي. اوهان جيڪي اڳ چيو هو سو سورهن آنا صحيح آهي. مون ته ناحق سڄي جيون خون خرابين، لٽڻ ڦرڻ ۾ برباد ڪئي آهي. ڪيترن نردوش راهگيرن جو خون ڪيو آهي. هاڻي اوهان مون تي ديا درشٽي ڪري مون کي ست مارگ جو رستو ٻڌايو.

رشي نارد رتناڪر ڌاڪوءَ کي پرڀوءَ ڏيندي چيو ته ڀارا نام سان نينهن لڳاءِ. جڳت جا سڀ مٽر سنبنڌي سوارٿ جا آهن. جن لاءِ تو ڪوتا ڪرم ڪيا آهن سي ساٿ نه ڏيندءِ.

مطلب جو هرڪو يار آ،
هي سوارٿي سنسار آ.

جن لاءِ ڪرين تون ڏون خطا
سي سڀ اٿيئي بي وفا،
پوندءِ نه تن مان ڪي نفعا،
ڏوکي جو سڀ وهنوار آ،
هي سوارٿي سنسار آ.

مرمد ين جڏهن جهان ۾،
ساڙي ايندءِ شمشان ۾،
هاڻي ٿي چڙهه ويوان ۾،
جوڙو سين جو پيار،
هي سوارٿي سنسار آ.

رشي نارد رتناڪر ڌاڪوءَ کي سمجهايو ته اهو لوٽ مار جو ٻڇڙو ڪرم ڪرڻ ڇڏي ڏي. تون وڃ ۽ وڃي پنهنجي گهر جي ڀاتين کان پڇي اچ ته برابر هو تنهنجي ٻڇڙن ڪرمن جي ڦل ڀوڳڻ لاءِ اهي ڀاڱي ڀائي ٿيندا يا نه؟ تيسين مان هت ترسان ٿو. جيڪڏهن اهي توسان ڀاڱي ڀائي ٿين ته تون مون کي ڀلي ڦرجانءِ.

ڌاڪو رتناڪر سوچيو ته رشي نارد متان ڀڄ ڀٽ پئجي ته وڃي تنهنڪري رشي نارد کي وڻ سان ٻڌي پنهنجي گهر روانو ٿيو. پهرين هن پنهنجي ماتا پتا کان پڇيو ته مان جيڪا لٽ ڦر ڪري ڌاڪا هڻي اوهان جي پالنا ڪريان ٿو ڇا اوهان منهنجي ان ڪوڙي ڪرم جي ڦل ۾ مون سان حصيدار ٿيندا؟

ماتا پتا وراڻيو، ”ٻچا اسان ته توکي پالي نپائي وڏو ڪيو سي هاڻي ٻڍا اوستا جا ٿيا آهيون تنهنجو فرض آهي، اسان جي پالنا ڪرڻ. پوءِ تون ڪهڙي نموني ڪمائي ڪري اسان کي پالين ٿو ان سان اسان جو ڪهڙو پريوجن. توکي ڪنهن چيو آهي ته تون ماڻهن کي ماري ڦري اسانجي پالنا ڪر. تون ڪو سٺ ڪرم ڪري ۽ اسانجي پالنا ڪري سگهين ٿو. اسان تنهنجي ڪوڙي ڪرم جي ڦل ڀوڳڻ ۾ توسان ڀاڱي ڀائي ڪين ٿينداسين.“

ماتا پتا جو نراسائيءَ وارو جواب ٻڌي رتناڪر وري پتنيءَ وٽ آيو ۽ کيس چيائين ته مان جيڪا لوٽ مار ڪري گهر ۾ پئسا ڪٺي ٿو اچان ڇا تون مون سان منهنجي ڪيل ڪوڙن ڪرمن جي ڦل ڀوڳڻ ۾ ڀائيوار ٿيندينءَ؟

پتنيءَ وراڻيو، ”پتي ديو، منهنجو ڪم آهي کاڌو پڪو تيار ڪرڻ، ٻارن جي ديک ڀال ڪرڻ. اوهان ڪهڙي نموني پئسا ڪمائي اچو ٿا ان سان منهنجو ڪهڙو پريوجن. مان اوهان

راجا ڀرترهري

يوگيراج راجا ڀرتري هري تياڳ ۽ وئراڳ جو پرتي روپ هو. هو تپسيا دوارا مهاراجا مان ڦري مهاتما ٿيو. سندس رچيل "وئراڳ شتڪ" اڄ به هزارن جو مارڳ درشن ڪري ٿو. وڪرم جي ڀهرين صديءَ ۾ راجا ڀرتري اُجين جو راجا هو. سندس پتا مهاراجا گندروُسين پڻ يوگيه راجا هو. هن ٻه شاديون ڪيون ڀهرينءَ مان ڀرتري هري ۽ ٻيءَ مان وڪرماديه ٿيو. راجا گندروسين جي ٻنهي پٽن پنهنجي ست ڪرم دوارا نالو روشن ڪيو. پتا جي ديهانت کان پوءِ ڀرترهري راج گديءَ تي ويٺو هو سنسڪرت جو ودوان به هو ته ڪوي پڻ هو. هوُ راجائي عيش عشرت ۽ ڀوڳ ولاس ۾ ڦاسي پيو. تنهنڪري سندس ننڍي ڀاءُ وڪرماديه هن جي مخالفت پڻ ڪئي. ورون سبب ڀرترهري ڀاءُ وڪرماديه کي پنهنجي راڄ مان ڪڍي ڇڏيو.

راجا ڀرترهري پنهنجي راڻي پنگلا کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. هو ايترو ته ڀوڳ ولاس ۾ دلچسپي رکندو هو جو هن "شرنگار شتڪ" ڪاويه پڻ لکيو. راجا ڀرترهريءَ جي راڄ ۾ هڪ رشي ايستري تپسيا ڪئي جو ديس ديوتائن وٽان "امرا ڦل" پراپت ٿيو جنهن جي کائڻ سان ٻڍو جوان ٿي پوي ارٿات نوجيون جو سنچار ٿي پوي. اهو تپسوي ويچار ڪري ٿو ته اهو ڦل جيڪر راجا ڀرترهريءَ کي ڀيٽ ڪريان جئن هو وڌيڪ وقت راڄ ڪاروبار هلائي. رشي اُن مراد سان اهو ڦل کڻي راجا ڀرترهريءَ وٽ آيو ۽ راجا کي "امرا ڦل جي خاصيت ٻڌايائين.

ڀنوري جهان تو ڀٽڪين،
مايا جار ۾ تون اٽڪين،
ترشنا جيان تون لٽڪين،
توکي ڪين ڪي ڪو قرار آ،
هي سوار تي سنسار آ!

دنيا مان ڪجهه نه وٺبو،
سڀ ڪجهه هتي ئي ڇڏبو.
”آشا“ سچو هي دلبو،
سچو سنگي هڪ ڪرتار آ،
مطلب جو هرڪو يار آ!

ڏاڪو رتناڪر جي من ۾ ويراڳ ورتي اُٿل ڏني. رشي نارد هن کي رام نام جو منتر ڏنو. گهرٻار جو ڪو خيال نه ڪري رتناڪر جهنگل ۾ ئي هڪ وڻ جي هيٺان رام نام جو جاپ ڪرڻ لڳو. رام نام جو جپ جپيندي جپيندي هو ايترو نه لين ٿي ويو جو هو سڄو مٽيءَ ۾ پورجي ويو ۽ مٿائونس گاهه ڄمڻ لڳو. ڏاڪو رتناڪر بدلجي هڪ اوچ ڪوٽيءَ وارو مهاتما ٿي پيو.

پڇتاءُ ڀريل پگهران سندس ڏوهه ڏنگايون ڪيميا ڪري ڪيس ساڪيات درشن ڏنو. سندس رڳ رڳ مان رام جو آلاپ اچڻ لڳو.

اڄ ڀارت جي مهان رشين مان رشي والميڪ مڃيو وڃي ٿو ۽ ڪيس آدي ڪوي ليکيو وڃي ٿو.

نام سمرڻ ذريعي هڪ نيچ ڪرم ڪندڙ به مهان ٿي سگهي ٿو. پوءِ ڇو نه سدائين نام سان نينهن لڳائجي سچو آنند پائجي.

راجا وشيا کان سوال ڪيو ته هن اهو ڦل ڪٿان آندو؟ وشيا جواب ڏنو ته کيس اهو ڦل سيس ڏنو آهي. راجا سيس کي گهرايو ۽ کائونس پڇيو ته توکي اهو ڦل ڪنهن ڏنو؟ سيس ڏڪندي ڏڪندي وراڻيو، "راڄن اهو ڦل راڻي پنگلا موکي ڏنو آهي."

راجا وري راڻي پنگلا کي سڏايو ته تو هي ڦل سيس کي ڇو ڏنو؟ پنگلا جي پيرن هيٺان ڌرتي نڪري وئي. سندس پيار جو راز ظاهر ٿيو. راڻيءَ قبول ڪيو ته هن برابر اهو ڦل سيس کي ڏنو آهي. راجا ڀرٿري هري لاءِ ٻاهه ٿي ويو ۽ من ۾ سوچيائين ته مان پاڻ ڦل نه کائي پنگلا کي ڦل ڏنو. اها وري اهڙي ته بي وفا جو اُن منهنجي آڏيا جو اُلنگهڻ ڪري اهو پاڻ نه کائي پنهنجي پريمي سيس کي ڏنو. اُن سيس وري پنهنجي پريمڻ وشيا کي ڏنو. راجا جي دل پرجي آئي ته پنگلا جنهن کي هن پاڻ کان وڌ پيار ڪيو سا به جڙتو، بي وفا!

پس راجا جي دل دنيا مان کان کٽي ٿي پئي، راجا محسوس ڪيو ته هن وشين کي ڪين ڀوڳيو آهي مگر وشين هن کي ڀوڳيو آهي. هو پاڻ کي ڌڪارڻ لڳو ته سڄي عمر ڀوڳ ولاس ۾ وڃائي اٿم. هو هڪدم راڄ پاٽ جو تياڳ ڪري جهنگل ۾ وڃي جوڳي بڻيو.

جهنگل ۾ هن ڀڳوان شنڪر مهاديو جي اُپاسنا ڪئي ۽ يوگ ابڀياس ڪيو. ڀڳوان شري شنڪر هن جو اشٽ هو. جنهن راجا ڀرٿري ولاسي جيون ۾ شرنگار شتڪ جي رچنا ڪئي تنهن جوڳي بڻجڻ بعد ارٿات وئراڳي ۽ ورڪت بڻجڻ کانپوءِ وئراڳ شتڪ جي رچنا ڪئي. هن يوگ دواران برهم سان تادانميه ڪيو. سندس سماڌي الور راجيه جي گهاٽي جهنگل ۾ آهي. جيتوڻيڪ راجا ڀرتر هري ساري زندگي يوگ ولاس ۾ گذاري ها ته سندس نالو نشان به نه هجي ها. سندس تياڳ، وئراڳ تپسيا اُئي کيس امرتا جو پد ڏنو.

راجا ڀرٿري اهو ڦل وٺي رکيو ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ راجا سوچيو ته مان پاڻ کان وڌيڪ پيار راڻيءَ پنگلا کي ڪريان ٿو ڇو نه اِهو ڦل پنگلا کي کائڻ لاءِ ڏيان.

راجا هڪدم پنگلا کي سڏ ڪري امرا ڦل ڏنو ۽ کيس ٻڌايو ته اِن ڦل کائڻ سان سندس جيون ۾ نوجيون جو سنچار ٿيندو. راڻيءَ اهو ڦل راجا کان وٺي خيال ڪيو ته هوءَ دل وجان سان راجا جي سائيس (گهوڙا صاف ڪندڙ) کي پيار ڪري ٿي تنهنڪري پاڻ اهو ڦل نه کائي سائيس کي کارائي. راڻي پنگلا وري پنهنجي پريمي سائيس کي سڏي اهو ڦل ڏنو ۽ کيس ٻڌايو ته اِن ڦل کائڻ سان تون جوان ٿي پوندين ۽ عمر پڻ وڌندءِ.

سائيس اهو ڦل کڻي گهر آيو. هن سوچيو ته جيڪڏهن مان اهو ڦل کائيندس ته منهنجي عمر ۽ وڌندي ۽ وڌيڪ سال راجا جا گهوڙا صاف ڪرڻا پوندا تنهنڪري اِهو ڦل جيڪر مان نه کاوان. اِن سائيس جو وري ناتو هڪ وشيا سان هو. سائيس اهو امرا ڦل کڻي پنهنجي پريمڻ وشيا وٽ آيو ۽ کيس اهو ڦل پيش ڪندي چيائين ته تون اهو ڦل کائيندينءَ ته نوجوان ٿي پوندينءَ. وشيا اهو ڦل وٺي رکيو.

ڪجهه وقت بعد وشيا سوچيو ته مان سڄي عمر ڪوڙا ڪرم ڪيا آهن جي وري هي ڦل کائيندس ته وڌيڪ عمر پڻ ڪوڙا ڪرم ڪرڻا پوندا. تنهنڪري اهو امولڪ ڦل ڇو نه راجا ڀرٿري هريءَ کي پيش ڪري اچان جئن هو وڌيڪ وقت پرجا جي سيوا ڪندو رهي.

اها وشيا امرا ڦل کڻي راجا ڀرٿري هريءَ وٽ آئي ۽ سندس اڳيان اهو ڦل پيش ڪندي اِن ڦل جي وشيشتا راجا کي ٻڌايائين. راجا اهو امرا ڦل ڏسي دنگ رهجي ويو ته اهو سندس وارو ساڳيو ڦل وشيا وٽ ڪيئن وڃي پهتو.

ڪيو ۽ راوڻ شري هنومان کي ختم ڪرڻ جي آگيا ڪئي تڏهن وڀيشڻ راوڻ جي ان فيصلي جو سخت ورود ڪندي چيو ته:

"नीति विरोध न मारि अदूता"

دوت کي مارڻ نيتيءَ جي ورود آهي.

اهڙي نموني وڀيشڻ شري هنومان جي رکشا ڪئي. جڏهن ڀڳوان شري رام لنڪا تي چڙهائي ڪئي تڏهن وڀيشڻ ڀاءُ راوڻ کي سمجهائيندي چيو:

ڪام ڪروڌ مد لوڀ سب ناٿ نرڪ ڪي پنٿ
سب پرهري رگهوبيرهه ڀڄهه ڀڄهن جيهه سنت

(رام چرت مانس)

هي ناٿ! (راجا راوڻ) ڪام ڪروڌ، اهنڪار لوڀ اهي وڪار نرڪ ڏانهن نيندڙ رستا آسن. انهن سڀني وڪارن جو تياڳ ڪري ڀڳوان شري رامچندر جو ڀڄن ڪجي. سنت مهاتمائون ڀڻ اُن شري رام جو ئي ڌيان ڪن ٿا.

شري وڀيشڻ راوڻ کي ڀڳوان شري رام جي مهما ٻڌائيندي ۽ صلاح ڏيندي چوي ٿو:

تات رام نهه نرڀوپالا، ڀونيسور ڪالهه ڪر ڪالا،
برهم انامي اج ڀڳونتا، وياپڪ اجت انادي اننتا،
تاهه بيرو تج ناءِ ماٿا، پرن تارتي ڀنجن رگهو ناٿا،
جاس نام ترءِ تاپ نساون، سوءِ پريو پرگهٽ سمجهين راون
(رام چرت مانس)

(هي تات! (مانيور ڀاءُ راوڻ) شري رامچندر نه صرف هن پرٿويءَ جو راجا آهي پر سڄي سنسار جو سوامي آهي؛

وڀيشڻ

وڀيشڻ ڏاڍي تپسيا ڪئي. برهما سندس تپسيا تي پرسن
ٿي کيس وردان ڏيڻ آيو. وڀيشڻ کيس وينتي ڪئي، ”مون
کي ڀڳوت ڀڳتيءَ جو دان ڏيو.“ برهما تٿاستو چئي انترڌيان
ٿي ويو.

وڀيشڻ ڀڳوت ڀڳتيءَ ۾ لين رهندو هو. سندس وڏي ڀاءُ
راوڻ جي اڌرمي نيتي وڀيشڻ کي ڪين وڻندي هئي. هن
کيس ڪيترا دفعا سمجهايو مگر راوڻ پنهنجي اهنڪار ۾ وڀيشڻ
کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندو هو. راوڻ جڏهن ماتا سيتا کي زوريءَ
ڀڄائي کڻي آيو تڏهن وڀيشڻ کيس ڪافي سمجهايو ته پر استريءَ
سان ان قسم جو ويوهار پنهنجي يش، ٻل ۽ عمر کي ختم ڪندو
۽ توکي ان لاءِ نرڪ ڀوڳڻو پوندو. سمجهائڻ سان به راوڻ ڪين
سمجهيو، مگر وڀيشڻ رام جي ڀڳتيءَ ۾ لين رهيو.

جڏهن شري هنومان ماتا سيتا جي ڳولا ۾ لنڪا ۾ آيو
تڏهن هڪ محل پرسان ڀڳوان جي مندر ۾ پرڀات جي وقت
شري رام رام جو آواز ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو. اهو محل ۽ مندر
هو ڀڳت وڀيشڻ جو. وڀيشڻ نت نيم برهم مهورت جو اٿي
ڀڳوان شري رام جو ڀڄن چنتن ڪندو هو.

شري هنومان جڏهن وڀيشڻ کي پنهنجي پرچيه ڏني ته
هو شري رام جو سيوڪ آهي تڏهن وڀيشڻ ڏاڍو خوش ٿيو.
جڏهن شري هنومان کي ميگهناد ٻڌي راوڻ اڳيان پيش

راجا هرشچندر

ستياوادي راجا هرشچندر سوريه ونشي ۾ ايوڌيا جي راجا ترشنڪوءَ جي گهر ڄائو. راجا هرشچندر راڄ ڪاروبار هلائيندي ايتري ته تپسيا ڪئي جو سندس ڪيرتي چوڌاري ڦهلجي ويئي.

رشي وشوامتر سندس پريکشا وٺڻ لاءِ ايوڌيا ۾ آيو. راجا هرشچندر رشي وشوامتر جو سواگت ڪيو. رشي وشوامتر کيس چيو ته تون سمورو راڄ پاڻ ۽ ٻي لک روپيا پڻ مون کي دان ڪر ۽ هاڻي ئي دان جو سنڪلپ ڪر.

راجا هرشچندر سارو راڄ رشي وشوامتر کي دان ۾ ڏئي ڇڏيو. باقي ٻي لک مدرائون کيس ڏيڻيون هيون. راجا هرشچندر پنهنجي وچن تي ايترو ته پڪو بيٺو هو جو پاڻ پنهنجي پتنيءَ شئويا (تارا) ۽ پٽ روهت کي ڪاشيءَ ۾ وڪڻڻ لاءِ وٺي آيو. پاڻ ۽ پريوار جي پاڻين کي وڪڻي به راجا هرشچندر وشوامتر سان ڪيل قول پاڙڻ ٿي چاهيو. هو ٽئي ڪاشيءَ جي چوسول ۾ پاڻ وڪڻڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا.

هڪ وئشيا راڻي شئويا جي سونهن سوڀيا ڏسي کيس خريد ڪرڻ چاهيو ۽ ان لاءِ واڪ به ڏنائين. ايتري ۾ هڪ باندر ان بد نيت وئشيا جو نڪ چيري ڪٽي ويو. پوءِ هڪ اگني شرما نالي برهمڻ راڻي ۽ روهت کي ڏيڍ لک روپين ۾ خريد ڪيو. راجا هرشچندر رشي وشوامتر کي ڏيڍ لک روپيا ڏنا ۽ باقي اڃا ڏيڍ لک جي ضرورت هئي. انهن هڪ ڪالو چنڊال مساڻيءَ

ڪال جو بہ ڪال آهي. هو سروَ وياپي انادي برهم آهي. اُن برهم ڀڳوان شري رام لاءِ تنهنجي اندر ۾ جا وير جي ڀاونا آهي تنهن کي تياڳي اُن کي نمسڪار ڪر. هو شرڻاڳت ۾ آيل جو ڏک دور ڪري ٿو. جنهنجو نالو ٽنهي تاپن کي ناس ڪندڙ آهي. اهو پرڀو شري رام منش روپ ۾ پرگهٽ ٿيو آهي.)

هوڏي راوڻ کي ڀاءُ وڀيشڻ جي اها صلاح نہ وڻي ۽ هن ڀري سڀا ۾ وڀيشڻ کي لت هڻي لنڪا مان نڪري وڃڻ جي آگيا ڪئي.

وڀيشڻ اچي ڀڳوان شري رام جي شرڻ ورتي. ڀڳوان شري رام کيس ڳلي لڳايو. وڀيشڻ جي اکين مان پريم جا آنسون ٽمڪيا.

ڀڳوان شري رام جڏهن راوڻ تي جيت حاصل ڪئي تڏهن ڀڳوان لنڪا جو راڄ ڪاروبار وڀيشڻ کي سونهي ڏنو.

ڪجهہ سالن کان پوءِ ڀڳوان شري رام پنهنجي پياري ڀڳت وڀيشڻ جي سار سنڀال لهڻ لاءِ لنڪا ۾ آيو. وڀيشڻ ڀڳوان جو درشن ڪري ٻلهار وڃڻ لڳو نہ ڪئن نہ پرڀو پاڻ اچي پر گهور لڌي آهي. لنڪا جي پرجا پڻ ڀڳوان شري رامچندر ۽ ڀرت جو درشن ڪري باغ بهار ٿي. ڀڳوان شري رام وڀيشڻ کي راڄ ڪاروبار وڌيڪ سٺي نموني هلائڻ لاءِ سهڻيون صلاحون ڏنيون.

وڀيشڻ ڀڳوان جي آگيا انوسار راڄ ڪاروبار سنڀاليندي ڀڳوت ڀڄن ڪندو رهيو.

ڌڙ کان ڌار ڪيو وڃي.

راڻيءَ عرض ڪيو ته شمشان ڀوميءَ جو جيڪو مساڻي آهي ان کي آگيا ڪريو ته پلي منهنجو سر ڌڙ کان ڌار ڪري. اهو جيڪڏهن مونکي تلوار هڻي ختم ڪندو ته مان پرڀوءَ جي ڪمل چرنن ۾ وڃي واسو ڪندس.

ان راڻيءَ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ لاءِ مساڻيءَ کي آگيا ڪئي وئي. مساڻي راجا هرشچندر، راجا جي آگيا انوسار جڏهن ئي پنهنجي پتنيءَ تي تلوار سان وار ڪيو ته برهما، وشنو، مهيش سندس هٿ کي روڪيندي چيو، "پيارا ور گهر." راجا انهن جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ وينتي ڪيائين، "منهنجي من ۾ ڪا به چاهنا ڪانه آهي پر جي اوهان ور ڏيڻ چاهيو ٿا ته ڪلجڳ ۾ ڪنهن به ڀڳت کي اهڙي پيڙا نه ڏيندا."

رشي وشوامتر به اچي اتي پرگهٽ ٿيو ۽ چيائين، "راجا هرشچندر تون پريکيا مان پار ٿيو آهين. پرڀوءَ جي ڪرپا سان اوچتو گنگا جو پرواهه الٽو وهيو ۽ روهت زنده ٿي ان مان ٻاهر نڪتو. رشي وشوامتر سارو راج وري راجا هرشچندر کي واپس ڪيو.

راجا هرشچندر راج ڪاروبار پٽ روهت کي سونپي پاڻ پتنيءَ سميت بن ۾ ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهيو.

صديون گذري وينديون مگر راجا هرشچندر جو ستيه ورت تياڳ تپسيا قرباني هزارن کي پريرڻا پئي ڏيندي.

جنهن ڪم ڪرڻ لاءِ راجا هرشچندر کي خريد ڪيو.

راجا هرشچندر باقي ڏيڍ لک روپيا پڻ رشي وشوامتر کي ڏئي مُڪت ٿيو مگر پنهنجي پتنيءَ ۽ پتر جو وِيوڳ ڪيئن سٺائي رهيو هو. راجا هرشچندر ستيه وچن صدقي سڀ سهه ڪيو.

راجا هرشچندر وڃي مساڻ کي ڪم سنڀاليو. هيڏانهن راڻي شئبيا ۽ سندس پٽ روهت شرما جي سيوا ڪندا رهيا. راڻي سندس گهر لاءِ جهنگل مان ڪاٺيون ڪري ايندي هئي ۽ ليپو ٻهاري پائيندي هئي. ڪٿي راڄ جي راڻي، ڪٿي نوڪرياڻي! راجڪمار روهت وري جهنگل مان ڦل ڦول چونڊي ايندو هو. هڪ ڏينهن جهنگل ۾ وڻ تي چڙهندي روهت کي نانگ ڏنگيو ۽ روهت گذاري ويو. راڻيءَ کي جڏهن اِن گهٽنا جي خبر پيئي ته ڊڪندي ڊڪندي اُتي آئي. پٽ جو لاش ڏسي زار زار روئڻ لڳي. آخر پٽ جو مرتڪ شرير شمشان ڀوميءَ ۾ کڻي آئي. اُتي راجا هرشچندر مساڻيءَ جي روپ ۾ هن کان ڪفن جا پئسا ۽ ٻيو مساڻن جو ٻنڌيان گهريو.

مگر راڻيءَ وٽ ته اُن وقت ڪجهه ڪين هو، هوءَ ته هئي هاڻي نوڪرياڻي. آخر راڻيءَ پنهنجو رئو ڦاڙي ڪفن لاءِ ڏنو ۽ ٻنڌيان جا پئسا نه هئڻ سبب روهت کي گنگا نديءَ ۾ پرواهه ڪيو. راڻي اڃا گنگا جي گهاٽ تي اُڀي هئي ته ڪي پکي هڪ هار راڻيءَ جي ڳچيءَ ۾ وجهي اُڏاڻو.

هيڏانهن ڪاشيءَ جي راجا جا دوت چوري ٿيل هار جي ڳولها ڪندي نديءَ جي گهاٽ تي اهو هار هن راڻيءَ جي ڳچيءَ ۾ ڏسي هڪدم اُن کي پڪڙي راجا وٽ وٺي آيا. راجا بنا جاچ جوچ ڪرڻ جي اُن راڻيءَ تي هار جي چوريءَ جي تهمت هڻائي ۽ حڪم ڪيو ته هن جو شمشان ڀوميءَ ۾ سر

ميور ڌوج جي محل ۾ آيا تہ انهن هنن دوارپال کي چيو تہ راجا کي اسانجي اچڻ جو سنديش ڏيو.

دوارپال راجا کي برهمڻ جي اچڻ جو سنديش ڏنو. راجا دوارپال کي چيو تہ برهمڻ ديوتا کي چئو تہ ”مان هاڻي ڀڳوت اُپاسنا ڪري رهيو آهيان، انان فارغ ٿي اچان ٿو اوهان ليسين ٿو سو.“

دوارپال اهو نياپو آيل برهمڻ کي ڏنو. برهمڻ ٿوري ڪاوڙ ڪري واپس ورڻ لڳو تنهن تي دوارپال وڃي راجا کي برهمڻ جي ڪاوڙجڻ جي خبر پڌائي. راجا ميور ڌوج هڪدم ڊوڙندو آيو ۽ اُن ٻرڊ براهمڻ کان ڪِميا ياچنا وٺي کين ٿرسايو. راجا هن جو سواگت ڪيو. اُن ٻرڊ برهمڻ راجا کي چيو تہ، وچن ڏي تہ اسين جيڪي، توکان گهرندا سين سو تون ڏيندين.

راجا ڏيڻ جو انجام ڪيو. برهمڻ چيو، ”راجن هيڏانهن ايندي رستي ۾ اسان کي هڪ شينهن مليو جنهن هن ٻالڪ کي پنهنجو شڪار بڻائڻ ٿي چاهيو. مون شينهن کي وينتي ڪئي تہ هن ٻالڪ کي ڇڏي ڏي.

شينهن ورائيو تہ جيڪڏهن اُن ٻالڪ جي عيوض مون کي راجا ميور ڌوج جو اڌ شرير ملندو تہ مان ٻالڪ کي ڇڏيندس. مان شينهن سان اهو وچن ڪري آيو آهيان تہ تون ٻالڪ کي ڇڏي ڏي مان توکي راجا ميورڌوج جو اڌ شرير اُن عيوض اچي ٿو ڏيان. سو تون ٻنا دک افسوس جي شرير جي ساڄي پاسي وارو اڌ ڪپي ڏي.

اهو ٻڌي راجا ميورڌوج جي راڻيءَ برهمڻ کي وينتي ڪئي تہ مان راجا جي اڌانگي يعني اڌ شرير آهيان. راجا جي بدران منهنجو ئي شرير شينهن کي ڏيو.

راجا جي پٽ تامرڌوج چيو تہ مان راجا جي انس آهيان

راجا ميورڌوج

راجا ميورڌوج هڪ ڌرماتما، پراپڪاري ڀڳوت ڀڳت راجا ٿي گذريو آهي. هو رتنپور ۾ راڄ ڪندو هو. سندس پٽ تامرڌوج پڻ وير ۽ ساهسي هو.

هڪ دفعي هن اشوميڌ يگيه ڪري گهوڙو ڇڏيو هو. گهوڙي سان تامرڌوج ۽ سيناپتي پڻ ساڻ هئا.

هيڏانهن ڌرمراج يڌشٽر پڻ اشوميڌ يگيه ڪري رهيو هو. يڌشٽر جي گهوڙي سان گڏ ڀڳوان شري ڪرشن ۽ شري ارجن هئا. ڀڳوان شري ڪرشن ارجن جي من ۾ وڌيل گهمنڊ سبب هيس سبق سيکارڻ ٿي چاهيو. جڏهن مٺڀيڙ وٽ تامرڌوج ۽ ارجن جي وچ ۾ چڪري لڳي. چڪريءَ ۾ تامرڌوج جيتيو ۽ ارجن بيهوش ٿي پيو. تامرڌوج پنهنجو ۽ ارجن وارو گهوڙو وٺي پنهنجي راڄڌانيءَ ۾ پتا راجا ميورڌوج وٽ آيو.

هيڏانهن جڏهن وري ارجن سُر جيت ٿيو. تڏهن هن ڀڳوان شري ڪرشن کان پنهنجي اشوميڌ يگيه واري گهوڙي بابت پڇيو.

ڀڳوان شري ڪرشن ارجن کي ڌيرج ڏيندي چيو، ”تنهنجو گهوڙو منهنجي هڪ پرم ڀڳت وٽ آهي چنتا نه ڪج.“ اسين روپ بدلائي اُن وٽ هلون ٿا. ڏس ته ان راجا ۾ ڪيڏي شرڌا ۽ ڀڳتي ڀاونا آهي.

ڀڳوان شري ڪرشڻ پاڻ هڪ ٻڍ برهمڻ جو روپ ڌارڻ ڪيو ۽ ارجن کي پنهنجو برهمچاري ٻالڪ بڻايو. هو جڏهن راجا

ڪوٻا ڪنڀار

ڪوٻا هيو ته ڪنڀار پر سندس دل ۾ هو پرڀوءَ لاءِ پيار. پيٽ گذران ڪرڻ لاءِ مٽيءَ جا ٿانوَ ٺاهي وڪڻندو هو. سندس پتني پڻ ساڌوڪي سڀاءُ واري هئي. غريبيءَ ۾ گذاريندي به سدائين باغ بهار هوندا هئا. جيڪڏهن سندن گهر ۾ ڪو ساڌو سنت ايندو هو ته پاڻ نه کائي به اُن کي کارائي خوش ٿيندا هئا. پتي پتني ٻئي سادا نماڻا هئا. ٻنهي جي جيون ۾ سمرڻ سيوا ۽ سچائيءَ جي جوت جڳي هئي.

هڪ دفعي سندن ڳوٺ ۾ ٻه سؤ ساڌن جي ٽولي اچي لٿي، اهي ساڌو سنت ڪوٻا ڪنڀار جو جس ٻڌي هن وٽ اچڻ لڳا. ڪوٻا ۽ سندس پتني اُنهن سنتن جو دل سان ستڪار ڪن ٿا پر ساڌن کي کارائڻ لاءِ اڌ پاءُ اَن ڪين آهي. ڪوٻا گهٻرائي ڪين ٿو. هڪ ڏنوان وٽ وڃي کيس عرض ڪري ٿو، ”سائين منهنجي گهر ٻه سؤ ڪن سنت ساڌو آيل آهن اُنهن جي کاڌي لاءِ سيڌو اُڌارو ڏيو اوهان کي، با امانت واپس ڪندس.

اُن ڏنوان ڪوٻا کي چيو ته مونکي هڪ کوهه کوٽائڻو آهي. مان توکي سيڌو ڏيان ٿو اُن عيوض مونکي کوهه کوٽي ڏجانءِ. ڪوٻا اهو شرط قبول ڪري اُن ڏنوان کان کاڌي پيتي جو سامان وٺي اچي کاڌو تيار ڪرائي انهن سنتن کي کارائي ٿو سمع پوڄن ڪاٿي ڀرسن ٿي رمندا رهن ٿا.

ٻيارو ڪوٻا وچن انوسار پنهنجي پتنيءَ سان گڏ اچي اُن

منهنجي پوٽ پتا جي ٻدران مون کي ئي شينهن جي حوالي ڪريو. پر تہ ٻرهمڻ اها ڳالهہ ڪين مڃي.

آخر راجا ميور ڌوج وچن موجب پنهنجي اڌ شرير ڏيڻ جي تياري ڪئي. جڏهن راجا ميور ڌوج کي چيرڻ لڳا تڏهن سندس کاٻي اک مان آنسون اچي ويا.

ٻرهمڻ راجا جي ، اک ۾ اهي آنسون ڏسي آکيو تہ راجا دان ڪري روئين ٿو مان واپس ٿو وڃان. راجا وراڻيو "ٻرهمڻ ديوتا مونکي پنهنجي شرير جي ڪابہ چنتا يا ڏک ڪين آهي. منهنجي کاٻيءَ اک مان آنسون ان ڪري ٿا ڪرن تہ شرير جي ساڄي پاسي وارو اڌ تہ اڄ سڦلو ٿي رهيو آهي باقي کاٻي پاسي وارو اڌ شرير ڪنهن جي ڪم نٿو اچي تنهن ڪري ئي کاٻي اک مان لڙڪ لڙيا.

ٻرهمڻ راجا جو اهو جواب ٻڌي هڪدم راجا کي پنهنجي ڳلي لڳايو ۽ ٻرهمڻ پنهنجي اصلي روپ يعني شري ڪرشن جي روپ ۾ پرگهٽ ٿي راجا ميور ڌوج ۽ سندس ساري پريوار کي ڪرتارٿ ڪيو. ڀڳوان شري ڪرشن جو درشن ڪري راجا ميور ڌوج باغ بهار ٿي پيو ۽ ڀڳوان جي چرڻن کي چمندي ٻلهار وڃڻ لڳو.

ڀڳوان شري ڪرشن کيس چيو "پيارا ميور ڌوج مون تنهنجي پريکشا پئي ورتي تون ان ۾ سڦل ٿئين. هي بالڪ ارجن آهي. ارجن پڻ اصلي روپ ۾ ظاهر ٿيو. راجا ميور ڌوج ڀڳوان شري ڪرشن جي ڏاڍي چاهہ شرڌا سان سيوا ڪئي ۽ ڪتيل گهوڙو بہ کين واپس ڏنو. راجا ميور ڌوج جي وچن پالنا ۽ ڀڳتي ڀاونا ساراهہ جوڳي آهي.

ڏسن ٿا ته شنک چڪر گدا پدم ڌارڻ ڪري ڀڳوان پاڻ بيٺو آهي ۽ سندس سنمک ڀڳت ڪوبا ڪنڀار ڪيرتن ويٺو ڪري. اهو درشيه ڏسندي راجا ۽ ٻيا ڳوٺاڻا ڏاڍو پرسن ٿيا ايتري ۾ ڀڳوان ته انترڌيان ٿي ويو باقي ڀڳت ڪوبا ڪنڀار کي راجا ٻاهر ڪڍائي ٿو. ڪيس راجا ۽ ڳوٺ واسي وار وار پرڻام ڪن ٿا ۽ ستڪار ڪندا ڪيس سندس گهر وٺي اچن ٿا.

سندس ڌرم پتني ڪيس ڏسي ڏاڍي خوش ٿئي ٿي ڀڳت ڪوبا ۽ سندس پتني پريوءَ جي ڀڳتيءَ ۾ وڌيڪ تلين ٿي وڃن ٿا ۽ چوڌاري سندن ڪيرتي ڦهلجي وڃي ٿي. ڀڳوان پنهنجي پياري جي ڪٺن ۾ رکشا ڪئي.

راجا شبي

راجا شبي ايشور ڀڳت، ديالو ۽ پراپڪاري راجا ٿي گذريو آهي. سندس اُپڪار ۽ ديا ڀاونا جو يش چوڌاري پکڙيل هو.

ديوتائن جي راجا اندر راجا شبيءَ جي آزمائش وٺڻ لاءِ پاڻ باز جو روپ ڌارڻ ڪيو ۽ اگني ديوتا وري ڪبوتر جو روپ ڌارڻ ڪيو. باز جي ڊپ وچان اهو ڪبوتر اُڏامندو اُڏامندو اچي راجا شبيءَ جي گود ۾ لڪيو ۽ باز به اُڏامندو اتي آيو.

اُهو باز ماڻهوءَ جي زبان ۾ راجا سان ڳالهائڻ لڳو. راجا کي چيائين، "راجن! تون ته ڌرماتما آهين، اڄ مان بک کان وياڪل آهيان. مون کي اڄ اهو ڪبوتر آهار لاءِ مليو هو مگر اُن ڪبوتر تنهنجي گود ۾ اچي شرڻ ورتي آهي. جلدي اهو ڪبوتر منهنجي حوالي ڪر."

راجا ورائيو. "ڪبوتر ته منهنجي شرڻ ورتي آهي. مان

ڏنوان جو کوهه ڀرئي ٿو. هي پيارو کوهه کوٽيندو وڃي ۽ سندس پتني مٽي ڪڍيندي وڃي. سنتن جي ڪالڏي صدقي ڪيترا ڏينهن هي پيارو پورهيو ڪري ٿو. کوهه کوٽيندي هري نام جي ڌني لڳائي ٿو. کوهه جي ڪافي کوٽائي ٿي چڪي آهي.

هڪ ڏينهن جيئن هي پيارو کوهه جي تري ۾ کوٽائي ڪري رهيو آهي ته اوچتو ئي اوچتو زمين واريءَ مٿس، اچي هن جي مٿان ڪري. هي پيارو مٽيءَ ۾ هميشه دٻجي ويو. سندس ڌرمپتنيءَ جي پڪار ٻڌي ڪي ڳوٺاڻا آيا پر مٽي ڪڍڻ کو هڪ ڏينهن جو ڪم ڪين هو. ڪوشش جي باوجود ڀڳي ڪوبا جو پتو ڪين پيو.

ڳوٺ جي رهواسين ڪوبا جي پتنيءَ کي ڀر ٻوڌ ڏيندي سندس سار سنڀال لهڻ جو وچن ڏنو.

ائين هڪ سال گذري ويو. ڪوبا جي پتني سارو سال ڀرپوءَ جي اڳيان ٻاڏائيندي رهي ۽ پنهنجي پياري پتي ڀڳت ڪوبا کي ياد ڪندي رهي. برسات جي پاڻي پوڻ سبب کوهه جي مٽيءَ ۾ خال پيدا ٿيو هو.

هڪ ڏينهن ڪي مسافر اُتان لنگهي رهيا هئا، رات ٿيڻ سبب اُن کوهه جي ڀرسان ڏيرو ڪيو. اُنهن کي رات جي سناٽي ۾ کوهه وٽان هري نام جي ڌني ٻڌڻ ۾ آئي ۽ سازن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. اهو ٻڌي هو عجب ۾ پئجي ويا ۽ صبوح جو هنن ڳوٺاڻن کي اها ڳالهه ٻڌائي. ڪيترا ئي ڳوٺاڻا کوهه جي اندران هري ڪيرتن جي ڌني ۽ سازن جا آواز ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويا.

آخر اها خبر اُن رياست جي راجا کي پئي. راجا پڻ اُتي اها ڌني ٻڌي دنگ رهجي ويو. راجا حڪم ڪوهه جي مٽي کوٽائي کوهه صاف ڪرايو راجا ۽ ٻيا ڳوٺاڻا کوهه اندر

ويو آهين. توکي پنهنجي پراڻن کان وڌيڪ ٻين جي سک ۽ رکشا جي اون آهي تنهنڪري تون پرٿويءَ جو سک به ماڻيندين ۽ آتمڪ آنند به پراپت ڪندين.”

اندر ديوتا ۽ اگني ديوتا، ائين چئي انترڌيان ٿي ويا. راجا شبي اڄ به پر اُپڪار سبب پرسڌ آهي.

ورکش ڪبهين نه ڦل ڀکشڻ ندي نه سنچي نير،
پر اُپڪار ڪي ڪارڻي ساڌن ڌرو شرير.

وشڻو سوامي

وڪرم سنبت کان ڇهه سؤ سال اڳ دراوڙ پرديش جي هڪ راجا جي ڀڳت برهمڻ منتريءَ پتر سنتان لاءِ ايشور جي آراڌنا ڪئي.

ايشور ڪرپا سان کيس پٽ ڄائو جنهنجو نالو وشڻو سوامي رکيو ويو.

وديا ابياس ڪرڻ کانپوءِ وشڻو سوامي جي من ۾ پڀو درشن جي تيبر اڇا پيدا ٿي. پڀو درشن جي آڪير ۾ هن ست ڏينهن ساندهه اَن جل ڪين ورتايو.

انين ڏينهن ڀڳت وتسل ڀڳوان هن جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ کيس ساکيات درشن ڏئي ڪرتارٿ ڪيو.

ڀڳوان جي درشن ڪرڻ بعد هن ڀڳوان جي جنهن روپ جو درشن ڪيو هو اهڙي مورتي ٺاهي اِن جي اُپاسنا ڪرڻ لڳو. ڏينهن جا ڏينهن ڀڳوت ڀڳتيءَ ۾ لين رهندو هو، چوڌاري سنسار ڀڳتيءَ جي سڳنڌي ڦهلجي وئي.

هڪ دفعي شري وشڻو سوامي پنهنجي پريمين سان گڏ

راجا آهيان منهنجو فرض آهي شرڻ آئي جي رکشا ڪرڻ. تنهن
ڪري ڪبوتر هرگز توکي ڪين ڏيندس. توکي آهار لاءِ
جيڪڏهن ٻيو ڪجهه گهرجي ته مان ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.

باز ورائيو: ”راجن دان مانس آهاري آهيان. جيڪڏهن
اوهان اُن ڪبوتر جي تور جيترو مانس پنهنجي شرير مان ڪٽي
ڏيندا ته پوءِ مان سنتشٽ ٿيندس.“

راجا اهو ٻڌي پرسن ٿيو ۽ باز کي چيائين. ”جيڪڏهن
منهنجو شرير ڪنهن به پراڻيءَ جي ڪم اچي ته وڏا ڀاڳ! شرير
ته ناسونت آهي. مان تنهنجي چوڻ موجب پنهنجي شرير مان
ڪبوتر جي تور جيترو مانس ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.

راجا هڪدم تارازي گهرائي، تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾
راجا ڪبوتر کي رکيو ۽ ٻئي پڙ ۾ پنهنجي شرير مان مانس ڪٽي
رکندو ويو.

راجا شبيءَ جي کهڙي نه دَيا ۽ اُپڪار واري سدڀاونا ته
سندس پل شرير ختم ٿئي مگر ڪبوتر جي جان به بچي ۽ باز
کي آهار به ملي.

راجا مانس ڪٽيندو رکندو ويو مگر ڪبوتر وارو پڙ اڃا
ڳورو رهيو. راجا ٻئي ٽنگون ۽ وري ٻئي ٻانهون تارازيءَ جي
پڙ ۾ وڌيون مگر ڪبوتر وارو پڙ وڌيڪ وزندار رهيو. آخر راجا
سڄو شرير پڙ ۾ رکيو.

تڏهن آڪاش مان گلن جي ورکا ٿي ۽ چوڌاري راجا
شبيءَ جي جئه جئڪار ٿي. باز ۽ ڪبوتر پنهنجي اصلي روپ ۾
اندر ديوتا ۽ اگني ديوتا پرگهٽ ٿيا ۽ راجا کي آشيرواد
ڪيائون. راجا جا ڪٽيل عضوا وري ٺيڪ ٿي ويا.

ديوراج اندر راجا شبيءَ کي چيو ”توُن پريکشا ۾ سڦل

ڪندي شهر جي سڌ ٻڌ ڀلجي ويندي هيس.

ڀڳت پدم ناڀ ڪيترا دفعا ڀڳوان جي اچڻ جو من ۾ تصور ڪندي سوچيندو هو ته جڏهن ڀڳوان کيس درشن ڏيندو تڏهن هو پنهنجي پريم جي آنسن سان ڀڳوان جا چرڻ ڌوئيندو. جڏهن ڀڳوان ڪانئس پڇندو ته توکي ڇا کپي؟ تڏهن هو کيس اها ئي وينتي ڪندو ته:

تنهنجو ئي پريم مون کي ڌيان رهي.
تنهنجو ئي سدا مون کي گيان رهي.
هڪ پل به نه توکان دور رهان،
تنهنجي نه جدائي مور سهان،
پنهنجي آنسون سان تنهنجا چرڻ ڌوئان،
تنهنجي پياس ۾ پريتم پيو مان روئان.
پڪ آهي اوس درشن ڏيندين،
انگ سنگ تون مون سان سهاءِ ٿيندين.

نيٺ ڀڳوان ڀڳت پدم ناڀ جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ کيس ساڪشات درشن ڏنو هو.

پدم ناڀ پرڀوءَ جو درشن ڪري گد گد ٿي ويو، هڪدم پرڀوءَ جا چرڻ پڪڙي ورتا. پرڀو کيس ڪيڏو نه پيار ڏنو هو، پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڇپائي ورتو. پدم ناڀ جي سالن جي ڪمائي سڦل ٿي ٿي. پرڀو کيس آسيس ڏئي انتر ڌيان ٿي ويو.

ڀڳت پدم ناڀ وڌيڪ پريم سان پرڀوءَ جي آپاسنا سمرڻ ڪري ٿو. هڪ دفعي هڪ راڪشس سندس سامهون اچي ٿو. ان وقت پدم ناڀ پرڀوءَ کي رکشا لاءِ پرارٿنا ڪري ٿو. پرڀو ڀڳت جي رکشا لاءِ هڪدم سدرشن چڪر موڪلي ٿو. اهو سدرشن چڪر ان راڪشس جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري هليو ويندو.

اهو ڪوتڪ ڏسي پدم ناڀ عجب ۾ پوي ٿو ۽ من ۾ پرڀوءَ جا وار وار شڪرانا مڃيندي چوي ٿو، "پرڀو ڪيئن نه تو پنهنجي سنتن جي رکشا ڪري، سار لهي.

جڳنناٿ مندر ۾ آيو ائي مها اُنسو سبب ڪافي پيڙ هئي. شري وشٽو سوامي ڏنڊن ڪري مندر جي پٺيان وڃي ويٺو. تڏهن مندر جو دروازو ان طرف ڦري ويو ۽ وري ائين ماڻهن جي پيڙ ٿي وئي.

وشٽو سوامي وري مندر جي پٺي پاسي وڃي ويٺو. ڪجهه وقت کان پوءِ وري مندر جو دروازو ان طرف ڦري ويو.

اهو ڪوتڪ ڏسي مندر جا پوڄاري ۽ اُنسو ۾ آيل پريمي عجب ۾ پئجي ويا ۽ ڀڳت وشٽو سواميءَ جي ڀڳتيءَ پرڀاءَ کيئن کي پرڀاوت ڪيو.

سنت گياناديو، سنت هريداس، ڀڳت ترلوچن، مشر نارايڻداس، شري ولڀ آچاريه، وشٽو سوامي سمپرداءِ جا مکيه سنت ليکيا وڃن ٿا.

ڀڳت پدمناڀ

ڏکڻ هندستان ۾ بالاجيءَ جي مندر کان ٿورو پري چڪرپشڪرڻي نالي تيرٿ هو. ان تيرٿ جي ڪناري تي برهمڻ پدمناڀ رهندو هو. ڀڳوان جي نالي جو جاپ ۽ سمرڻ ئي سندس سچو خزانو هو. پنهنجي ٻالپڻ کان پري وئراڳ ورتيءَ ۾ ڀڳوت ڀڄن ڪندو هو. سندس دل ۾ دين دکين لاءِ ديا ڀاونا هوندي هئي جو دکي ڏسي سندس دل پگهرجي پوندي هئي. سندن جو سڀاءُ مکڻ جهڙو نرم ٿيندو آهي. پنهنجي ڪاڻي پيٽ جي هو چنتا ڪين ڪندو هو، ڪڏهن سڪل ٻڙ ڪائي ته ڪڏهن صرف پاڻي پي ئي وقت گذاريندو هو. ڀڳوان جو ڌيان

رشي نارد ڀڳوان جي آڳيا انوسار ڀڳت پنڊرڪ وٽ آيو. ڀڳت پنڊرڪ رشي نارد جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيو ڇاڪاڻ جو رشي نارد، ڀڳوان جو هردو آهي.

رشي نارد ڀڳت پنڊرڪ کي پرماتما جي مهما ٻڌائيندي صلاح ڏني ته ”اوم نمو نارائڻايه“ جو منتر جپيندو رهج. اِن منتر جي ساڌنا ڪرڻ سان تو کي ڀڳوان جو درشن ٿيندو. ڪير به اِن منتر جي ساڌنا ڪري پريم کي پراپت ڪري سگهندو.

رشي نارد جي وچن ڪان پوءِ ڀڳت پنڊرڪ ”اوم نمو نارائڻايه“ منتر جو اکنڊ جاپ ڪيو. سندس نشٺا مان ننڊ موڪلائي وئي. ڀڳوان شري وشنو هن تي ڪرپا ڪندي هو پاڻ شري وشنو روپ ٿي ويو. سندس شرير ۾ پراڻ اچي ويو. شرير جو رنگ سانورو، چار ٻانهون، هٿن ۾ شنک، چڪر، گدا، پدم ۽ پيشانيءَ ۾ تلڪ.

ڀڳوان شري وشنو کيس ساکيات درشن ڏنو ۽ چيائينس ”پنڊرڪ ور گهر.“

پنڊرڪ پرارٿنا ڪندي چيو، ”پريو اڄ کان منهنجي ڪمل چرنن ۾ چت لڳو رهي.“ ڀڳوان ڀڳت پنڊرڪ جي اڇا پوري ڪندي کيس پنهنجي گلي لڳايو.

جو منش جيون ۾ پنهنجي سڀ ڪرم ۾ پورو آهي ؟
ڀڳوان جي ڀڳتي نٿو ڪري سو منش روپ ۾ پشو آهي.

ڀڳت پنڊريڪ

ڀڳت پنڊريڪ جو جنم اُتم ڪل ۾ ٿيو هو. هن ٻالڻ شاسترن جو ڪافي اڀياس ڪيو هو. هو ڏاتارن ۽ تپسوي هو. هن ماتا پتا ۽ گروءَ جي شردا سان سيوا ڪئي، هُوءَ نيم سان ڀڳوان شري وشنوءَ جو سمرڻ ڪندو هو، سندس من ۾ پرماتما جي درشن جي اڀلاس پيدا ٿي. ان ڪري هو سنساري سکن جو تياڳ ڪري بنواس ويو. بنواس ۾ هو ڦل پاڻ ڪا سبزي کائي گذران ڪندو هو. سڄو وقت ڀڳوت چنتن ۾ گذاريندو هو.

هن ڪيترن تيرٿن جي ياترا پڻ ڪئي. پنهنجي شاريرڪ سک جي ڪنهن اون ڪين هوندي هئي. هر وقت ڀڳوان شري وشنوءَ جو ڌيان. تپسيا ڪندي ڪندي هو شالگرام آستان تي اچي پهتو. اهو آستان رمڻيڪ ۽ پوتر هو ۽ ساڌ سنت اتي ڀڳت پنڊريڪ کي ڪي تپوگياني مهاتمائون پڻ مليا جن جي درشن ڪري سندس آتما کي آنند آيو.

هاڻي هو اتي شالگرام ۾ ٿي رهي ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لڳو. هيڪاندن ڀڳت سچي ڀاونا سان ڀڳوان کي ياد ڪن ٿا، ته ڀڳوان به کين ياد ڪري ٿو، سندن ٿيٽ ٿيٽ اچي سار لهي ٿو.

هڪ ڏينهن ڀڳوان شري وشنو نارد کي آگيا ڪئي ته پنڊريڪ جي ڀڳتي ڀاونا کي درشن ڪري اچ.

ڀڳت رامداس

دوارڪا کان ڪجهه ڪوهن جي مفاصلي تي ڊاڪور طرف هيرا ڪور نالي ڳوٺ ۾ ڀڳت رامداس رهندو هو. سندس رڳ رڳ ۾ ڄڻ شري ڪرشن سمايل هو.

دوارڪا جي رڻڇوڙ ڀڳوان جي مندر ۾ هر ايڪادشيءَ تي خاص اُتسو ٿيندو هو. ڀڳت رامداس ڪيترن ئي سالن کان هر ايڪادشيءَ تي پنهنجي ڳوٺ کان پنڌ ڪري ڀڳوان رڻڇوڙ جي مندر دوارڪا ۾ ايندو هو ۽ ساري رات جاڳي جاڳي نام ڪيرتن ڪندو هو. ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ويهي سندس اُستتي ڳائيندو هو. هي نيم جو ڏاڍو پاليندو هو، ڪيڏي به برسات پوي، آنڌي هجي يا ڌُند هجي ته هي پيارو ڳوٺ کان پنڌ ئي پنڌ اچي دوارڪا پهچندو هو.

ڀڳوان هن جي ڀڳتي ڀاونا ڏسي اتينت پرسن ٿيندو هو. ڀڳت رامداس جڏهن ٻرڌ اوسٿا جو ٿيو تڏهن ڀڳوان کان رهيو نه ٿيو.

هڪ ايڪادشيءَ تي جڏن ڀڳت رامداس ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ويٺو هو ته مورتيءَ مان آواز آيو،

”منهنجا پيارا رامداس تون هاڻي ٻڍو ٿي ويو آهين. هاڻي تون هت پنڌ ڪري نه اچ. پنهنجي گهر ۾ ويهي ئي مون کي ياد ڪج.“

رنتي ديو

راجا دشينت جي ڪل ۾ سنڪرتي نالي راجا ٿيو آهي. رنتي ديو ان جو ننڍو پٽ هو. رنتي ديو جي دل ۾ پرڀو پريم ۽ هيڻن لاءِ همدرديءَ جا سلا پيدا ٿيا. دکين دي سکي ڪرڻ ئي سندس جيون جو سڌانت هو. هو دريدرن، اناٿن بکايلن جي شيوا ۾ شاهي خزاني مان ڪافي خرچ ڪندو هو.

هڪ دفعي ڏاڍو ڏڪار پيو. ان وقت به هن وٽ جيڪي ڪجهه پدارٿ هو سو ڏڪار جي ستايلن جي خدمت ۾ خرچ ڪيو.

هڪ دفعي هو ڀڳوت ڀڄن لاءِ پنهنجي پريوار سميت وڃي ٻن ۾ رهيو.

اٺيتاليهه ڏينهن جي اپواس کان پوءِ اٺونجاهين ڏينهن سندس لاءِ ڪو حلوو کيرڻي وغيره ڪٿي آيو. جڏهن رنتي ديو ڀوڄن ورتائڻ جو خيال ڪيو تڏهن اتي اوچتو هڪ برهمڻ آيو. رنتي ديو پاڻ ڀوڄن نه کائي ان برهمڻ کي ڀوڄن کارايو.

وري اتي هڪ ٻيو سوالي بکايل آيو، رنتي ديو ان کي به ڀوڄن کارايو ۽ باقي ٿورو بچيل کاڌو هڪ ڪتي کي کارايو ۽ پاڻ بکايل ئي رهجي ويو. هن انهن بکايلن کي رام سروپ سمجهي پاڻ نه کائي انهن کي ترپت ڪيو. هن پنهنجي پريوار جي کاڌي پيتي جي پڻ پرواهه نه ڪئي.

ڀڳوان، رنتي ديو جي ڀڳتي، سمدرشتي سنيهه ساهيوڳي ڏسي کيس ساکيات درشن ڏنو. ڀڳوان پرسن ٿي کيس چيو، "ور گهر" رنتي ديو ڀڳوان جو درشن ڪري ڏاڍو آنند ليو ۽ ڀڳوان کي وينتي ڪيائين. "نه مون کي اهڙي شڪتي پردان ڪريو جو مان دکين جا دک سهي خوش ڪريان."

ڀڳوان ڀڳت رنتي ديو جي من ۾ دکين دريدرن لاءِ اهڙي سدڀاونا ڏسي کيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو.

سيني برهمڻن ۽ پوڄارين کي گهري ننڊ اچي ويئي. ڀڳوان آگيا ڪئي رامداس مونکي هاڻي هتان ڪڍي بيل گاڏيءَ ۾ رکي ۽ پاڻ سان پنهنجي ڳوٺ وٺي هل.

آگيا انوسار ڀڳت رامداس ڀڳوان جي مورتي کڻي ته سهين پر کيس خيال آيو ته ڀڳوان جا آڀوشڻ زيور مان ڇا ڪندس؟ مونکي ته گهرجي صرف پاڻ پريو. سو ڀڳوان جي مورتيءَ تي پيل زيور آڀوشڻ لاهي اتي ئي رکي مورتي کڻي ته مورتي ڪمل جي گل جيان هلڪي ٿي پيئي. رامداس مورتي گاڏيءَ ۾ رکي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن راهي ٿيو.

صبوح جو مندر جا پوڄاري ڏسن ته ڀڳوان جي مورتي غائب آهي. اهو ڏسي دنگ رهجي ويا ۽ زيور آڀوشڻ اتي ڏسي اچرج ۾ پيا. هنن سوچيو ته پڪ ئي پڪ رامداس جو رات جو بيل گاڏي ڪاهي آيو هو سو ئي ڀڳوان جي مورتي چوري ڪري ويو آهي. پوڄاري ۽ ٻيا ڪي سڄڻ ڪاوڙ ۾ ٻرجي ٻاڻ لٺيون کڻي اُن وقت ئي بيل گاڏين ۾ چڙهي ڀڳت رامداس جي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا.

هيڏانهن ڀڳت رامداس پڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ گهر پهچي ويو اچا هن ڀڳوان جي مورتي لاهي مس رکي ته پريان مندر جي پڄارين کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺائين. کين ڏسي هو ڏڪي ويو ۽ ڀڳوان جي مورتي اڳيان وينتي ڪرڻ لڳو، "پريو مون چوري نه ڪئي آهي. مون ته اوهان جي آگيا جو پالڻ ڪيو آهي. هاڻي منهنجو پرڏ رکندا.

ڀڳوان جي مورتيءَ مان آواز آيو، "رامداس گهٻراءِ نه منهنجي جهوپڙيءَ جي پويان جا باولي (کوهي) آهي

ڀڳت رامداس اها آڳيا ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويو. هن اهو پهريون ڀيرو ڀڳوان جي مورتيءَ مان آواز ٻڌو. هن جي من ۾ ويتر پريما ڀڳتي وڌي. صبوح جو پنڌ ڪري واپس پنهنجي ڳوٺ وريو.

ڀڳت رامداس جڏهن ٻي ڳهو پهتو ته هن جو ٻن پيرن جي اڌ ۾ وياڪل ٿيڻ لڳو، نيڻن مان ننڊ موڪلائي وئي - سندس اکين اڳيان ڀڳوان رڻڇوڙ جي مورت پئي ڦري.

وري ايڪادشي آئي سندس دل نه رهي، پنڌ پيو. آهستي آهستي پنڌ ڪندي اچي ڀڳوان رڻڇوڙ جي مندر دوارڪا ۾ پهتو. ساري رات ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ڪيرتن ڪندو رهيو، پياس جا ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو.

ڀڳوان ڏٺو ته ڀڳت رامداس منع ڪرڻ کان پوءِ به پريم جي وس ٿي تڪليف وٺي وري به هت آيو آهي. تڏهن ڀڳوان کيس آڳيا ڪئي، "پيارا رامداس تون ڪيڏي تڪليف سهي پنڌ ئي پنڌ هت اچين ٿو. تنهنجي تڪليف ڏسي مون توکي هت اچڻ کان روڪيو هو تون پنهنجي نيم تي پورو رهيو آهين. مان توتي ڏاڍو پرسن آهيان. هاڻي تون ضرور منهنجي آڳيا جو پالن ڪر.

"ايندڙ گيارس تي تون پاڻ سان هڪ بيل گاڏي وٺي اچج مان توسان گڏ تنهنجي ڳوٺ هلي رهندس."

ڀڳوان جا اهي پيار ڀريا وچن ٻڌي ڀڳت رامداس ڏاڍو خوش ٿيو.

پندرهن ڏينهن کان پوءِ گيارس آئي، ڀڳت رامداس پاڻ سان هڪ بيل گاڏي ڪاهي آيو. نيم انوسار ڀڳت رامداس ڀڳوان رڻڇوڙ اڳيان نام ڪيرتن ڪندو رهيو. اڌ رات جو ٻن

وڃڻ لڳا.

پوڄارين ڀڳوان جي مورتي ڀانوليءَ مان ڪڍي، ڏسن ته برابر ڀڳوان جي مستڪ تي لٺين جا گهاو آهن، اڃا رت پيو وهي. ڀڳوان جي مورتيءَ مان وري آواز آيو ”پوڄاريو! اوهان هتان واپس هليا وڃو. اوهان منهنجي پياري ڀڳت رامداس کي بي گناهه ماريو پٽيو آهي. مان هت پنهنجي اڇا سان آيو آهيان. هتان مور واپس نه وريندس.“

ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي پوڄاري زارون زار روئڻ لڳا ۽ پڇتاءُ ڪرڻ لڳا. ڀڳوان کين آگيا ڪئي ته ٻي مورتي وڃي استاپن ڪريو ۽ منهنجي تور جيترو سون هتان کڻي وڃو.

ڀڳوان ڀڳت رامداس کي آگيا ڪئي ته تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ منهنجي مورتي وجهه ۽ ٻئي پڙ ۾ سون توري هنن کي ڏي. رامداس وينتي ڪئي پرڀو مون وٽ ايترو سون ڪٿان اچي. تڏهن ڀڳوان رامداس کي چيو ته تنهنجي پتنيءَ جي ڪن ۾ جا والي پئي آهي سا ٻئي پڙ ۾ رک. منهنجي مورتي واليءَ کان به هلڪي ٿيندي.

رامداس ڀڳوان جي آگيا انوسار تارازيءَ جي هڪ پڙ ڀڳوان جي مورتي رکي ۽ ٻئي پڙ ۾ پنهنجي پتنيءَ جي سوني والي. واليءَ وارو پڙ وڌيڪ وزن وارو ٿيو. رامداس اها سوني پوڄارين کي ڏني.

پوڄاري اهو اچرج ڏسي ۽ ڀڳت رامداس جي ڀڳتي ڏسي پڇتائيندا دوارڪا واپس وريا.

اُن ڏينهن کان پوءِ ڀڳوان رڻڇور جي مورتي ان ڀڳت رامداس جي ڳوٺ ۾ ئي استاپن ٿي ۽ اها مورتي دائم قائم آهي.

اُن گهڻا کان پوءِ رامداس رات ڏينهن انهي ڀير ڀڳوان جي ڪمل چرنن ۾ گذاريندو هو.

”بسر گئي سب تات پرائي جب تيرو درشن پايو.“

ڀڳوان پنهنجي پيارن کي ڪيڏو نه پيار ڪري ٿو، سندن ڏک درد سهي نٿو سگهي.

تنهن ۾ مون کي وجهي ڇڏ."

ڀڳت رامداس ڀڳوان جي آگيا انوسار ائين ڪيو. ائين ڪندي مندر جا پوڄاري رامداس جي جهوپڙيءَ ۾ پهچي ويا. هنن ٽڪا ڪڍي هم ته ٿم هڪدم ڀڳت رامداس جي مٿان انهين جو وسڪارو ڪيائون.

ڀڳت رامداس جي مٿي مان رت وهڻ لڳو، پر تنهن به هو پيار ۽ پرڀوءَ جي صدقي مشڪندو رهيو. پوڄارين رامداس جو سارو گهر ڳولهيو مگر ڀڳوان جي مورتي ڪين نه ملي. جڏهن هنن مارڪٽ کان پوءِ ڀڳت رامداس کان مورتيءَ جي پڇا ڪئي، تڏهن رامداس ورائيو:

"پيارا مون ڪا مورتي چورائي ڪين آهي ڀڳوان جي آگيا ۽ اِڇا انوسار هت کڻي آيو آهيان."

تنهن تي پوڄارين ورائيو ته اها مورتي ڪٿي آهي؟

رامداس جواب ڏنو اها مورتي جهوپڙيءَ جي پٺيان باوليءَ ۾ آهي.

پوڄاري هڪدم باوليءَ طرف آيا. باوليءَ جو پاڻي خون جهڙو ڳاڙهو ڏسي دنگ رهجي ويا.

هڪدم ڀڳوان جي مورتيءَ مان آواز، "او هان منهنجي پياري ڀڳت رامداس جي مٿي تي انهن جو وسڪارو ڪري خون وهايو آهي. اهي ٽڪ اوهان رامداس کي نه پر مونکي هنيا آهن. منهنجي مٿي مان اوهان خون واهايو آهي ان ڪري هن کوهيءَ جو پاڻي به رت ٿي ويو آهي"

پوڄاري اهو آواز ٻڌي ڏڪي ويا ۽ ڪميا ياچنا لاءِ ڀڳوان جي در ور پڪارڻ لڳا ۽ ڀڳت رامداس کان مارڻ جي معافي

پنهنجي هٺ کي پورو ڪرڻ لاءِ ۽ ڀڳوان پرڀوءَ جو درشن کيس نصيب ٿئي اُن لاءِ وڏي يگيه ڪري ٿو، دان ڪري ٿو.

هيڏانهن وشڻوداس مسڪين پر پريو پريم ۾ مالا مال. اُٿي ڀڳر مندر ۾ ويهي پرڀوءَ جي مورتيءَ اڳيان ويهي، ڀڳوان شري وشڻوءَ جو ڌيان ڌيائي ٿو، پرڀوءَ جي درشن لاءِ پيار جا لڙڪ لاڙي ٿو.

هڪ ڏينهن جڏهن هن ڀوڄن ٺاهي ڀوڳ لڳائڻ لاءِ پرڀوءَ جي اڳيان رکيو ۽ ڪجهه وقت ڪان پوءِ جڏهن هن ڌيان مان اکيون کوليون ته ڀوڄن غائب. اُهو ڏينهن هـي پيارو بکيو ئي رهيو.

وري ٻئي ڏينهن به ساڳي ڪار ٿي. اهڙين ست ڏينهن سانده ڀوڄن غائب ٿيندو رهيو ۽ ڀڳت وشڻوءَ سوچيو ته ڏسان ته سهي اهو ڪير آهي جو نتو پرڀوءَ ڀوڄن کڻي ٿو وڃي.

سو اُنين ڏينهن ڀڳوان جي پوڄا اُپاسنا ڪري ڌيان ۾ ويٺو پر ور ور اکيون کوليائين پئي. اُنين ڪنڊي هن هڪ ڏٻرو پتلو مسڪين شخص ڏٺو جو اهو ڀوڄن کڻي رمندو پئي رهيو. اِهو ڏسي ڀڳت وشڻو کيس سڏ ڪيا، ”پيارا روٽي اَڪيلي اٿئي، ٿورو ته گيهه جو مڪ ڏئي ڏيانءِ.“

پر اُهو شخص ڀڄي اُٿي ڪري هلندو هليو. ڀڳت وشڻو به اُن جي پويان گيهه کڻي ڊڪيو، جڏهن ئي اُن شخص جي ويجهو آيو تڏهن هن ڏٺو ته اُهو شخص رواجي اِنسان نه پر پاڻ پرڀو آهي. ڀڳوان شري وشڻوءَ کيس ساکيات درشن ڏنو.

ڀڳت وشڻوداس

ڏکڻ ڀارت طرف اننتشين نالي تيرٿ آستان تي ڀڳت وشڻو رهندو هو. هو نت نيم ڀڳوان شري وشڻوءَ جي مندر ۾ اچي اُن جي پوڄا اُپاسنا ڪندو هو. هو ڀرابر مسڪين برهمڻ هو مگر سندس دل ۾ ڀڳوان لاءِ ڏاڍي اُڪير هئي.

هڪ دفعي ڪانچي نگريءَ جو راجا چول ڀڻ ساڳي تيرٿ آستان تي ڀڳوان جي پوڄا اُپاسنا ڪئي ۽ ڀڳوان جي مورتيءَ تي هيرن جواهرن جا هار ڀيٽ ڪيا. اُن وقت نيم انوسار ڀڳت وشڻوداس پوڄا لاءِ تلسيءَ جا پن ۽ جل کڻي آيو ۽ هن ڀڳوان جي مورتيءَ کي ٿوري مٿان تلسيءَ جا پتا لڳايا. راجا کي اها ڳالهه ڪين وڻي. سو اُن برهمڻ تي ڪاوڙ ڪندي چيائين، "تو کي هيرن جواهرن جو قدر ڪونهي، تون ڪو بي سمجهه ڳوٺاڻو آهين. ڀڳوان هيرا جواهر پسند ڪندو ڪين تنهنجا تلسيءَ جا پتا. تو ۾ ڀڳوان وشڻوءَ ۾ شرڌا ۽ ڀڳتي ڀاونا ڪانهي. تو ڪڏهن ڀڳوان کي پرسن ڪرڻ لاءِ يگيه ڪيو آ؟ دان ڪيو آ؟ تنهن هوندي به تون پاڻ کي ڀڳوان جو وڏو ڀڳت پيو سمجهين: هاڻي ڏس ته ڀڳوان پهرين درشن مون کي ٿو ڏئي يا تو کي!"

ڀڳت وشڻوداس نماڻو، راجا جا ٻول ٻڌي ڪجهه ورندي ڪين ٿو ڏئي. راجا پنهنجي ايمان ۾ پورو، هن ڀڳت وشڻوداس جي ڀاونا جو ڪو خيال ڪين ڪيو، پنهنجي راجائي ادمبر ۾ پورو، ڪيس پنهنجي چترائي ۽ ڌن دولت جو ايمان. راجا

شري شنڪر آچاريه

ڪيرل پرديش جي پورڻا نديءَ جي ڪناري ڪالندي نالي ڳوٺ ۾ هڪ ڌرمشت برهمڻ شري شوُ گرو رهندو هو. سندس پتنيءَ جو نالو سيدرا هو. وڏي عمر تائين کين اولاد ڪين ٿي. پتي پتنيءَ پتر سنتان جي پراپتيءَ لاءِ ڀڳوان شنڪر جي ڏاڍي شرڌا سان اُپاسنا ڪئي.

ڀولانات ڀڳوان شنڪر برهمڻ شو گروءَ ۽ سندس پتنيءَ سيدرا جي تپسيا تي پرسن ٿيو ۽ کين سروُگڻ سمپن پتر ٿيڻ جو وردان ڏنو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ برهمڻ شوُ گروءَ کي سروگڻ سمپن پتر ڄائو جنهن جو نالو شنڪر رکيائون جو اڳتي هلي شري شنڪر آچاريه جي نالي سان پرسد ٿيو.

بالڪ شنڪر جي روپ ۾ هڪ مهان وڀوتي پرٿويءَ تي اوتار وٺي آئي. هڪ سال جي عمر ۾ ئي بالڪ پنهنجي ماتري ڀاشا ۾ چڱيءَ ريت ڳالهائڻ لڳو. ٻن سالن جي عمر ۾ هن پنهنجي ماتا کان ٻڌل پراڻن جي ڪٿا ياد ڪئي.

ٽن سالن جي عمر بعد سندس پتا پرلوڪ پڌاريو. شنڪر جڏهن پنجن سالن جو ٿيو تڏهن کيس جڻيا پائي گروءَ جي آشرم ۾ موڪليو ويو. ستن سالن جي عمر ۾ ويدن شاسترن جو اونهو

ڀڳت وشڻو ڀڳوان شري وشڻوءَ جو درشن ڪري اتيت پرسن ٿيو. ڀڳوان شري وشڻو هڪدم ڀڳت وشڻوءَ کي ڳلي لڳايو.

ڀڳوان راجا جي هيرن جواهرن ۽ ڀڳتيءَ تي پرسن ڪين ٿيو، پر ڀڳت وشڻوءَ جي دلي پريم تي پرسن ٿي کيس درشن ڏنائين.

جڏهن راجا چول کي اها خبر پئي ته ڀڳوان برهمڻ وشڻوداس کي درشن ڏنو آهي تڏهن هو پنهنجي اجائي الڊمبر ۽ هوڏ تي پڇتائڻ لڳو. پرماتما وٽ سياٽپ ودوتا ۽ ڌن پدارٿ ڪم ڪين ايندا. شاهه لطيف ڪين چيو آهي:

الا ڏاهيون م ٿيو، ڏاهيون ڏک ڏسن
مون سان مون پرين ڀورائيءَ م پال ڪيا!

(شاهه)

راجا چول پنهنجي ڪئيءَ تي ڏاڍو پڇتائڻ لڳو. جڏهن هو پڇتاءُ جا ڳوڙها ڳاڙي ڀڳتيءَ ڪندي م ٿيو ڏيڻ لڳو تڏهن ڀڳوان هن پياري جي دلي پڇتاءُ ۽ ڀريم ڏسي کيس پڻ ساکيات درشن ڏنو،

ديوتائون ۽ ٻيون آسمان تي ڏيري ڏيري پوتر ڪندا آهن مگر مهاپرش جي نظر جهٽ نهال ڪندي آهي.

ويدانت سوتر جو ڀاشيه لکيج.

گروءَ جي آگيا انوسار شري شنڪر ڪاشيءَ ۾ آيو. هن پنهنجي وڏوتا سبب ڪاشيءَ ۾ به نالو ڪڍيو. اُتي هن جا ڪيترا شِشيه ٿيا. هو اُتي شِشين کي پاڙهيندو به هو ته ساڻ ساڻ گرنٿ رچنا به ڪندو هو.

چون ٿا ته اُتي ڀڳوان شوشنڪر کيس درشن ڏنو ۽ کيس آگيا ڪيائين ته برهم سوتر ڀاشيه به لکجه ۽ ڌرم جو پرچار پڻ ڪجه.

شري شنڪر آچاريه ڪر وکيتر، بدرڪا آشرم ۽ ٻين تيرٿن جي ياترا پڻ ڪئي. هن پنهنجي وڏوتا ۽ ويدن جي گيان دواران ڪيترن ئي مخالفتن سان ترڪ ڪندي کين جيتيو.

هن ڀارت ۾ جدا جدا آستانن تي مٺ برپا ڪيا جتي ويدانت ۽ اُپنشدن جي سکيا ڏيڻ جو اُتم ڪاريه آرنڀ ڪيو ويو. شري شنڪر آچاريه نه صرف مهان گيانواد ۽ اوچ ڪوٽيءَ جو دارشنڪ هو، مگر ڀڳت پڻ هو.

هن ڀڳتيءَ کي گيان جو مکيه ساڌن ڪري سويڪار ڪيو. هو ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيه ڀڳت هو، هن برهم سوتر ڀاشيه اُپنشد جون ٽيڪائون ڪيون.

مطلب ته ڪيترن ئي امولِيه گرنٿن جي رچنا ڪئي جي ڏيالمڪ ڀت ۾ اڃ به مارگ درشن ڪن ٿا.

اڀياس ڪري شنڪر گهر واپس ويو. هنجي اسادرڻ ٻڌي ۽ پرتڀا ڏسي سندس گرو پڻ حيرت ۾ پئجي ويا. وديا اڀياس ڪرڻ کان پوءِ شري شنڪر سنياس اختيار ڪرڻ ٿي چاهيو. مگر سندس ماتا هن کي، حال سنياس اختيار ڪرڻ جي موڪل ڪين ڏني. هو ماتا جو آگياڪاري مريادا وارو پٽ هو تنهن ڪري هن ماتا جي آگيا اکين تي رکي.

هڪ ڏينهن شنڪر ماتا سان نديءَ ڪناري اشنان ڪرڻ ويو. نديءَ ۾ اشنان ڪندي شنڪر کي هڪ مانگرمڇ پڪڙيو. ماتا هڪدم پٽ جي رکشا لاءِ رڙيون ڪيون.

مانگرمڇ شنڪر کي ڳڙڪائڻ لڳو هو، شنڪر رڙ ڪري ماتا کي چيو، "امين جي تون مون کي سنياسي ٿيڻ جي موڪل ڏين ته هاڻي به مانگرمڇ مونکي ڇڏي ڏيندو."

پٽ جا اها لفظ ٻڌي ماتا چيو، "ڀلائڪ وڃي سنياسي ٿيءُ." ماتا جو ائين چوڻ ۽ مانگرمڇ جو شنڪر کي ڇڏي ڏيڻ. ماتا اهو ڪوتڪ ڏسي عجب ۾ ٻه ٿي ۽ من ۾ پرسن ٿي ته سندس ٻچڙو شنڪر موت جي منهن مان ته بچي ويو نه ڀلي وڃي سنياسي ٿئي.

اٺن ورهين جي عمر ۾ شنڪر گهر جو تياڳ ڪيو ۽ ماتا کي انجام ڏنائين ته سندس ديهانت وقت هو ضرور به ضرور وٽس ايندو.

ٻالڪ شنڪر سفر ڪندو ڪندو اچي نرمدا نديءَ جي ڪناري تي سوامي گووند ڀڳوت پاد سان مليو ۽ هن جي چرنن ۾ سيس نمائي ڪائونس ديکشا ورتي. سوامي گووند ڀڳوت پاد ٻالڪ شنڪر جو نالو ڀڳوت پوڄيه پاد آچاريه رکيو. هن گروءَ جي ٻتايل راهه تي هلي يوگ سڌي حاصل ڪئي، سندس گروءَ هن جي سفلتا ڏسي کيس آگيا ڪئي ته ڪاشيءَ ۾ وڃي

سونيون مهرون ڪافي آهن، عمر ۾ آچيوڪا جو ساڏن ٿي پوندو. مگر وويڪ کيس روڪيو. هن سوچيو ته ڏن جو لوڀ پڳتيءَ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪندو، ڏن سبب اهنڪار پڻ پيدا ٿئي ٿو. لاڀ مان لوڀ پيدا ٿئي ٿو ۽ نه وري کيس شانتي ئي نصيب ٿئي، لوڀ نرڪ جو دروازو آهي. ڏن ڪام ڪروڌ ۽ ٻين وڪارن کي وڌائي ٿو ڇڏي پرشٽ ڪري ٿو. اهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني. اهو سوچي ڀڳت ٽلاڏار سونين مهرن کي هٿ به ڪين لاتو ۽ گهر واپس وريو.

هيڏانهن ڀڳوان هڪ جوتشيءَ جو روپ ڌاري ٽلاڏار جي ڳوٺ ۾ آيو. ڪيترائي ڳوٺ جا رهواسي اُن جوتشيءَ کي پنهنجو هٿ ڏيکارڻ آيا. ٽلاڏار جي پتني پڻ پنهنجو آئينده پڇڻ لاءِ ان جوتشيءَ وٽ آئي. جوتشي (ڀڳوان) سندس هٿ ڏسي کيس چيو، تنهنجي ڀاڳ ۾ غريبي لکيل آهي. تنهنجو پتي اهڙو ته اياڻو آهي جو گهر ۾ آيل لڪشميءَ جو به نرادر ڪري ٿو. نصيبن سان اڄ کيس ڏن مليو رهيو هو مگر هو اُن ڏن کي اُتي ئي ڇڏي آيو. گهر وڃي گهوٽ کان پڇج.

ٽلاڏار جي پتني گهر آئي ۽ گهوٽ کي ساري حقيقت ٻڌايائين. گهوٽهس اهو ٻڌي عجب ۾ پيو ته هن جوتشيءَ کي اِها ڏن ملڻ جي خبر ڪيئن پيئي.

ٽلاڏار پتنيءَ کي ساڻ ڪري اُن جوتشيءَ وٽ آيو ۽ ڪائونس پڇيائين، ”مون کي ڏن ملڻ جي خبر اوهان کي ڪيئن پيئي؟“

جوتشيءَ وراڻيو، ”پيارا وري به توکي چوان ٿو ته اُتي وڃي سون جون مهرون کڻي اچ.“

ٽلاڏار تنهن تي چيو، ”ڏن ٻڌائڻ ۾ منهنجو موهه ٻنڌ

ڀڳت ٽُلاڌار

هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ٽلاڌار نالي هڪ شودر رهندو هو. هو جيتوڻيڪ ڳهٽ ذات جو هو مگر ستيوادي، تياڳي، نرلوڀي ۽ ڀڳوت ڀڳت هو. سندس پتني پڻ ساتوڪ ويچارن واري هئي. سنساري وشين ۾ وئراڳ ورتل هئڻ سبب ٻئي پتي پتني ڀڳوت ڀڄن ۾ سدائين سڦلا ڪندا هئا. پيٽ گذران لاءِ هو خاص ڪو ڪم ڪين ڪندا هئا. فصل لڻڻ وقت کيت ۾ جي اَن جا داڻا ڪرندا هئا. اُهي چونڊي، هو انهن مان گذران ڪندا هئا. جيتوڻيڪ کاڌي پيتي لاءِ ڪين پورو اَن ۽ پائڻ لاءِ پورو ڪپڙو به ڪين هوندو هو مگر تڏهن به هو هر حال ۾ خوش رهندا هئا.

ٽلاڌار کي هڪ ڦاٽل ڌوتي ۽ پراڻو چولو هوندو هو، هو انهن ٻن ڪپڙن مان ئي ڪم ڪيندو هو.

هڪ ڏينهن ڀڳوان پنهنجي ڀڳت ٽلاڌار جو امتحان ورتو. ٽلاڌار نديءَ جي ڪناري تي جت اشنان ڪرڻ ايندو هو، ڀڳوان اُتي به اوچا ڪپڙا رکي ڇڏيا. ٽلاڌار اُنهن ڪپڙن کي ڏٺو مگر اُنهن کي کڻڻ ته ڇهڻ جي همت به ڪين لاتائين. اشنان ڪري جلد ئي هو واپس وريو.

ٻئي ڏينهن ڀڳوان اُن ساڳي جاءِ تي سونـي جون مهرون اُتي رکيون. ٽلاڌار جيئن اشنان ڪري آيو ته اُتي ٻيل سونين مهرن کي ڏسي هن سوچيو ته غريبيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ هي

ٽلاڌار هڪدم اُن جوتشي ارٿانت ڀڳوان جا وڏي چرڻ
ڪڙيا ۽ پرارٿنا ڪئي "پريو ديناناٿ! تو مون داس تي
ڪيڏي نه ڪرپا ڪئي آهي. هاڻي پنهنجو ساڪيات درشن ڪراءِ."

ڀڳت جي پريم ڀري پرارٿنا پريوءَ سوڪار ڪئي، پر پريو
نه، صرف ڀڳت ٽلاڌار ۽ سندس پتنيءَ کي ساڪيات درشن ڏنو
مگر انهن جي صدقي اُتي بيٺل ڳوٺ واسين کي پڻ درشن ڏنو.

ٽلاڌار هڪ شودر اڄ اُتم پرش ٿي پيو. پاڻ به تريو ۽ ٻين
کي به تاريائين.

شري مني واهڻ

شري مني واهڻ جو اصلي نالو تروپن هو. هنکي آلوار
سنتن جي پرمپرا مان ليکيو وڃي ٿو. هو جڏهن ننڍڙو ٻالڪ
هو تڏهن هڪ اڇوت هن کي هڪ کيت ۾ ليٽيل ڏسي کيس
گهر کڻي آيو. هن ٻالڪ جي چوڄ مان پالنا ڪئي. هو ذات جو
اڇوت هو مگر سندس گلي ۾ سرسوتيءَ جو واسو هو. هو جڏهن
ڳائيندو هو يا ساز وڄائيندو هو ته ٻڌندڙ منتر مگڌ ٿي ويندا
هئا.

تروپن پتا جي سنگ ۾ سنگيت سکيو ۽ خاص ڪري وڻا
بهتر نموني وڄائيندو هو. پورو ڄنم جي سنسڪارن سبب
تروپن وڻا تي صرف پريوءَ جا گيت ڳائيندو هو. سندس من
۾ ڀڳوان شري رنگاناٿ جي درشن جي اڇا پيدا ٿئي ٿي مگر
اڇوت ذات جو هئڻ ڪري هن لاءِ ڀڳوان شري رنگاناٿ جي
مندر ۾ وڃڻ ممڪن ڪين هو. ان ڏينهن ۾ اڇوتن لاءِ مندر
جا دروازا بند هوندا هئا.

ڪين آهي. مان سمجهان ٿو ته پدارٿ منش کي ڦاسائڻ جا ڄار آهن. جيڪو هڪ دفعو اٽڪيو، سو لٽڪيو. جو لٽڪيو سو ڀڳوان جي در ڪان ڀٽڪيو. مون کي ته پدارٿ هرگز ڪين کپن.“

ڀڳت ٽلاڌار جو اهو جواب ٻڌي اُن جوتشيءَ ته پدارٿن جي ساراهه ڪندي چيو، ”ته دوارا سڀ سنساري سک حاصل ٿين ٿا، ته واري جي هرڪو عزت ڪري ٿو. نه ته ڪي هرڪو ٺڪاري ٿو. مندر، ڌرمشالائون، کوهه وغيره پڻ ته سان ئي ٺهرايا وڃن ٿا. ته ذريعي ئي ڌرم ڪيو وڃي ٿو، اُپڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ سرڳ جي پراپتي ٿئي ٿي.“

جوتشيءَ کي جواب ڏيندي، ڀڳت ٽلاڌر نمرتا سان چيو، ”مهاراج، سنسار جا سک انتيه آهن، پوڳ روڳ آهن. مون لاءِ پراستري ماتا سمان آهي ۽ پرائو ته ڌوڙ سمان آهي. مون کي جيڪي ملي ٿو مان ان ۾ ئي آنند جو انڀو ڪريان ٿو پوءِ ڇو پاڻ کي جنجال ۾ وجهان.

اِن ڌن وتو ڌولو جدائيءَ جو جڳ ۾،
سامي ڇٽي سڀ ڪي ڪيائين ڀلائي ڀولو،
ڪنهن گياڻيءَ هنيس غضب جو غٽبي گلولو.

جوتشي مهاراج! مايا روپي ڪپ ۾ هٿ وجهي وري اُنهن هٿن کي ڌوئڻ جي ڪوشش ڪريان تنهن کان ته اُهي بهتر آهيان.

ڀڳت ٽلاڌار اِئين ٿي سوچيو ته هي جوتشي جو مون کي اِترو ته لاءِ زور ڀري رهيو آهي، سو ڪو رواجي جوتشي ڪين آهي. شايد پاڻ ڀڳوان آهي جو منهنجي پريکشا وٺي رهيو آهي.

ٽروڻ نردوش هو، هو ڀڳوان جي درشن لاءِ واليون جاڳي پهاس جا ڳوڙها ڳاڙيندو هو ۽ ڪنهن نه جهاڙو هٿ ۾ کڻي مندر جو رستو صاف ڪندو هو.

هيڏانهن اهو پنڊت پوڄاري جنهن پياري ٽروڻ کي ڏک ڏنا ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو، جڏهن هو مندر ۾ اچي ٿو ته ڏسي ٿو ڀڳوان شري رنگناٿ جي مورتي مان خون وهي رهيو آهي. اهو ڏسي هو وائڙو ٿي ويو.

تڏهن ڀڳوان جي پرتيما مان آواز آيو، "تو ئي ته مون کي ڏک ڏنا آهن جنهن ڪري خون وهي رهيو آهي. اهو پوڄاري اهو ٻڌي ڏکي ويو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو، "پرڀو مان ته اوهانجي در جو داس آهيان، آءٌ ڪهڙو آهيان مان اوهان کي ڏک ڪيئن ڏيندس! ڪرپا ڪريو."

"ڀڳوان وراڻيو، "تو منهنجي پياري ڀڳت ٽروڻ کي جيڪي ڏک ڏنا آهن سي ڏک مون کي لڳا آهن. پيارو ٽروڻ ته منهنجو ڀڳت آهي. هن جي دل ۾ ڪيڏي نه اڪير آهي. تو هن کي گهٽ ذات جو سمجهي ماريو آهي ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو آهي اهو تو اپراڌ ڪيو آهي."

پوڄاريءَ جو شرير ڏڪي رهيو هو. هن ڏڪندڙ آواز ۾ چيو "پرڀو اڻ لاءِ مون کي معافي ڏيو. اپراڌ ڪرپا ڪريو."

ڀڳوان وراڻيو، مني سارنگما! هاڻي ئي تون ٽروڻ جي جهوپڙيءَ ۾ وڃي کيس پنهنجي ڪلهن تي چاڙهي کيس منهنجي مندر جي چوڌاري پرڪرما ڏئي پوءِ سڄي شهر ۾ پرڪرما ڏئي تڏهن تنهنجو اپراڌ ڪرپا ٿي سگهندو."

پوڄاري مني سارنگما هڪدم ٽروڻ جي جهوپڙيءَ ۾ ويو. ٽروڻ هن کي ڏسي عجب کاڌو. مني سارنگما ٽروڻ کي

پياري ٽروڻ جي من ۾ ڀڳوان جي درشن جي پياس وڌي ويئي. هو پنهنجي اڇوتن واري بستي نشالاپوري ڇڏي ڀڳوان شري رنگاناٿ جي مندر جي ايراضيءَ ۾ مگر مندر کان دور ڪاويري نديءَ جي ڪناري تي ننڍڙي جهوپڙي ٺاهي اچي رهيو. هو اتي ئي ڀڳوان شري رنگاناٿ جو ڌيان ڪندو هو ۽ ان جا گڻ ڳائيندو هو. جڏهن ڪنهن اتسو جي موقعي تي ڀڳوان شري رنگاناٿ جي سواري نڪرندي هئي ته هي ڀڳت جن پريان ئي پڀوءَ جو درشن ڪري پرسن ٿيندو هو ۽ سندس اکين مان آنسون ٽپندا هئا. ڀڳوان شري رنگاناٿ جي درشن لاءِ سندس دل تڙڦندي هئي. اڇوت هئڻ سبب نه هو مندر ۾ وڃي سگهندو هو ۽ نه ڪوئي ورلي هن سان ملڻ ايندو هو پر تنهن هوندي به آنند ۾ رهندو هو.

هو نت نيم پرڀات جو اتي ڀڳوان شري رنگاناٿ جي مندر جي سامهون بيهي نمسڪار ڪندو هو. مگر مندر ۾ اندر ڪين ويندو هو. پڀوءَ کي نمسڪار ڪري مندر وارو رستو صاف ڪندو هو، جتان ڪيترائي برهمڻ پوڄاري اندر مندر ۾ ويندا هئا.

هڪ ڏينهن جيئن هن ڀڳت ٽروڻ رستو صاف ٿي ڪيو ته هڪ پنڊت کيس ڏسي ورتو.

اهو پنڊت هن کي ڏسي هن تي اچي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ کيس چيائين، ”تون نيچ ذات جو ٿي ڪري هت مندر جي سامهون اچي صفائي ٿو ڪرين.“ ان پنڊت غصي ۾ ڀڳت ٽروڻ کي خوب ڌڪ به هنيا مگر ٽروڻ پڀوءَ جي پيار سبب مشڪندو رهيو. سندس مٿي مان ٿورو خون به وهيو. مگر هي پيارو ماڻهو پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ واپس آيو. پڀوءَ جا پيارا هميشه صبر ۾ سهندا رهيا آهن.

ڀڳوان شري وشنوءَ جي ڪرپا سان ئي کين اهو ٻالڪ اُپن ٿيو. تنهن ٻالڪ جو نالو ئي وشنوچت رکيائون. ماتا پتا جي ڀڳتي ڀاونا جو ٻالڪ وشنوچت تي پرڀاو پيو.

جڏهن ئي ٻالڪ ٿورو وڏو ٿيو ته مندر ۾ وڃي ڀڳوان شري وشنوءَ جو ڌيان ڪرڻ لڳو. هو گهڻو وقت ڀڳوان جي مندر ۾ گذاريندو هو ۽ شري وشنو سهسر ناما ڳائيندو رهندو هو. جڏهن هو جوان ٿيو تڏهن هن هڪ سندر باغ لڳايو.

روز صبوح جو ڀڳوان شري نارائڻ جو نالو اُچاريندي باغ مان طرحين طرحين گل پٽيندو اُنهن مان ڦول مالهائون ٺاهيندو هو. اهي ڦول مالهائون ڀڳوان شري وشنوءَ جي مورتيءَ تي چاڙهيندو هو.

هڪ ڏينهن مندر جي پوڄاريءَ وشنوچت کي گلن جو هار واپس ڏيندي چيو، تنهنجي گلن جي هار ۾ ڪنهن منش جو وار اٽڪيل آهي. تنهن ڪري اهو هار ڀڳوان جي ڀيٽ يوڳيه نه آهي.“

وشنوچت اهو ٻڌي، ڏاڍو دکي ٿيو. هن هڪدم تازن گلن جو ٻيو هار ٺاهي پوڄاريءَ کي ڏنو.

ٻي ڏينهن وري پوڄاريءَ کيس چيو ته مالها مرجهائل پئي لڳي. اهو ٻڌي وشنوچت عجب ۾ پئجي ويو.

ٽئي ڏينهن اوچتو وشنوچت پنهنجي گهر ۾ ويٺو هو جو سندس نظر پنهنجي ڌيءُ ڀڳتيمتي تي پيئي.

ڀڳتيمتي ڀڳوان لاءِ ٺاهيل تازن گلن جو هار پنهنجي ڳلي ۾ پائي درسنيءَ جي سامهون بيٺي هئي ۽ من ئي من ۾ ڀڳوان سان ڳالهيون ڪري رهي هئي.

منٿون ميڙون ڪري پنهنجن ڪلهن تي چاڙهيو ۽ کيس مندر ۾ وٺي آيو. مندر جي چوڌاري کيس ٻه ڪرما ڏني ۽ سڄي شهر کي ٻه ڪرما ڏنائين.

اُن ڏينهن کان پوءِ اروپن جو نالو "مني واهڻ" پئجي ويو ۽ چوڌاري سندس يش ڦهلجي ويو.

مني واهڻ (اروپن) دل ئي دل ۾ ڀڳوان شري رنگاناٿ جا احسان مڃڻ لڳو، جو ٻئي ڪنهن نه هن جي سار لڌي آهي.

اُها مار ۾ ٻلي جا ٻرپوءِ جي ويجهو آهي.

اروپن (مني واهڻ) گهٽ ذات جو پر سندس دل ۾ جو ڀڳوان شري رنگاناٿ لاءِ پيار هو، اُن پيار کيس مهان بڻايو جو مني سارنگما هن ڀڳت کي ڪلهن تي چاڙهي پرانشچت ڪيو.

شري وشڻوچت

آلوار ڀڳتن ۾ شري وشڻوچت پرسڌ ڀڳت ٿي گذريو آهي. سندس رچيل پد پريم سان ڳايا وڃن ٿا.

مدراس پرديش جي وليپٽرو نالي آستان ۾ مڪند آچاريه نالي هڪ سداچاري برهمڻ رهندو هو. سندس پتنيءَ جو نالو پدما هو.

مڪند آچاريه ۽ سندس پتني پدما پتر سنتان جي پراپتيءَ لاءِ نت نيم ڀڳوان شري وشڻوءَ جي مندر ۾ وڃي آراڌنا ڪندا هئا. سندن پرارٿنا پرڀوءَ در قبول پيئي ۽ کين ٻالڪ ڄائو.

رگھو مھاڻو

جڳنناٿ پوريءَ جي ڀلي چٽي گاڻوءَ ۾ پيارو رگھو مھاڻو رھندو ھو. سندس گھر ۾ ٻڍي اوستا جي ماتا ۽ ڌرمپتني ھئي ھئي. رگھو پيٽ گذران لاءِ روز مڇيون ڦاسائڻ ويندو ھو. اڳين جنم جي شڀ سنسڪارن ڪري ھن جي من جو لاڙو پرڀوءَ جي طرف ٿيو. ڌيري ڌيري ڀڳوت ڀڳتيءَ سبب سندس دل ۾ ديا جي ڀاونا پيدا ٿي، جڏھن ھو ٻھنجي ٿي وچاپل جار ۾ مڇين کي ڦٿڪندو ڏسندو ھو تڏھن سندس دل ۾ ڪروڻا ڀاو پيدا ٿيندو ھو. پر گھر جي گذران لاءِ ٻيو ڪو رستو نہ ڏسي مڇيون ڦاسائيندو ھو. ڪجھہ ڏينھن کان پوءِ ھن جي من ۾ ويراڳ ورتي پيدا ٿي. ھڪ سنت کان گر منتر وٺي اُن جو نت نيم سان ٻر ياٺ جو جاپ ڪندو ھو. اکين ۾ آنسون آڻي پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪندو ھو، ”ھي ڪرپانڌان اوھان موکي ھن مھاڻڪي پيشي مان آجو ڪريو.“

جيسين سندس گھر ۾ کاڌي لاءِ اناج ھو تيسين نہ ھن مڇين کي ڪين ڦاسايو. اُن بعد ٻي ڪجھہ ڏينھن اُپواس رکيائين پر وري سندس من ۾ ماتا ۽ پتنيءَ جي گذران جو خيال پيدا ٿيو. ھي ھڪدم جار کڻي وري مڇين کي ڦاسائڻ لاءِ روانو ٿيو.

مرضيءَ نہ ھوندي پڻ رگھو جار پاڻيءَ ۾ اُڇلايو. ھڪ وڏي ڳاڙھي مڇي ھن جي جار ۾ ڦاسي پيئي. اُن وقت سندس دل وري ديا سان ڀرجي آئي. اُن وقت ھن کي اُن مڇيءَ ۾ نہ

وشنوچت هڪدم پنهنجي ڌيءَ جي ويجهو آيو ۽ کيس چيائين، "ڪڪي هي تو ڇا ڪيو آهي؟ ڀڳوان لاءِ ٺاهيل گلن جي مالها پهرين تو پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاتي آهي! تون پاڳل ته نه آهين؟

وشنوچت ٻيو تازن گلن جو هار ٺاهي ڀڳوان جي مورتيءَ کي پاتو.

وشنوچت کي رات جو سپني ۾ ڀڳوان آگيا ڪئي ته "مون کي تنهنجي پياريءَ ٻالڪيءَ وارو پهريون هار وڌيڪ پسند آهي. اڳتي اهو هار پيش ڪج."

وشنوچت ننڊ ۾ ڀڳوان جو درشن ڪري اتيئنت پرسن ٿيو. ۽ صبوح جو پنهنجي ڌيءَ کي چيائين،

"پياري ٻالڪي، ڀڳوان لاءِ ٺاهيل هار جيڪي تون پهرين پاڻ پائي پوءِ مون کي ڏيندي هئينءَ سو اڳتي لاءِ به اهي هار ڏيندي ڪج. ڀڳوان کي تنهنجا پهرين پاتل هار وڌيڪ پسند آهن.

شري وشنوچت محسوس ڪيو ته پيو پرم پاوتا ڏسي ٿو. بس هاڻي وشنوچت رات ڏينهن ڀڳوان شري وشنوءَ جي ڌيان ۾ مگن رهڻ لڳو، هوءَ سوتجي سون ٿي پيو.

سنتن جو سنگ آ سکدائي،
ڪلپ ورکش جان آ ڦلدائي.

سنتن جو سنگ مهل نواري،
ٻڏ ساگر مان جهو ڪي تاري.

پارس لوهه ڪري ٿو ڪنچن،
سنت پنهنجي سنگ پاڻ جهڙو ڪن.

اُئين اُمندو ڇڏي ڀڳوان انترڌيان ٿي ويو. ڀڳت رگهو ڀڳوان جو درشن پائي ڌنيه ڌنيه ٿيو. هاڻي هو هر جيو ۾ داتار جو درشن ڪرڻ لڳو. هو هاڻي پنهنجي گهر واپس وريو. ڳوٺ وارن هن کي ڏسي هن کي گهٽ وڌ ڳالهايو ته هيترا ڏينهن ڪٿي ويا آهن جو تو پنهنجي ماءُ ۽ پتنيءَ جي سڌ سماءُ به ڪونه لڌي آهي. جيڪڏهن زميندار ڪين مدد نه ڪري ها ته ٻئي بک سبب مري وڃن ها. رگهوءَ ڪين ڪو به جواب ڪين ڏنو ماٺ ڪري گهر ۾ آيو. سندس ماءُ ۽ پتني ڪيس ڏسي ڏاڍو آنند ٿيون. ڀڳوت جي ڪرپا سان ڀڳت رگهوءَ جي پريرڻا ڪري سندس ماءُ ۽ پتني پڻ نام جو سمرڻ ڪرڻ لڳيون. ڀڳت رگهو پرڀات جو اٿي سنان ڪري ڀڳوت ڀڄن ۾ لين ٿي ويندو هو. پرڀوءَ جي ڪرپا سان ڪونه ڪو روز ڪاڏي پيٺي جو سامان سندس گهر پهچائي ويندو هو. اهو ڪوتڪ ڏسي سندس ماءُ ۽ پتني عجب ۾ پوندي هيون ته بنا گهرڻ جي گهر ويٺي سڀڻ سار وسٿو لهي. هو ڪاڌو تيار ڪري پهرين ڀڳوان کي ڀوڳ لڳائي پوءِ ان کي پرڀوءَ جو پرساد سمجهي ورتائيندا هئا. ڀڳت رگهو ڀڳوان جي ڏني لڳائيندي ايڏو ته لين ٿي ويندو هو جو هو سڌ ٻڌ ڀلجي ويندو هو. ڳوٺ جا ڪي رولا ۽ ڇوڪرا هن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا، پر هي پيارو مالڪ جي محبت جي مستيءَ ۾ مخمور هوندو هو.

هڪ ڏينهن اهڙي هڪ اڙٻنگ ڇوڪري ڀڳت رگهوءَ جي پٺيءَ تي لڪڻ وهائي ڪڍيا. ايتري قدر جو رت به وهڻ لڳو. پر پيارو رگهو سڀ ماٺ ۾ سهندي مشڪندو رهيو. ٿوري وقت کان پوءِ اهو اڙٻنگ شيطان ڇوڪرو بيهوش ٿي ڪري پٽ ۽ مري ويو. اها خبر سندس ماءُ پيءُ کي پئي سي ڊوڙندا آيا. ڪين خبر پئي ته ڪيئن نه سندن پٽ نردوش ڀڳت رگهوءَ کي ماريو آهي. ماءُ پتا پنهنجي مئل پٽ کي ڀڳت

متسيه ڀڳوان جو درشن ٿيو. هن سوچيو ته مان ان کي ناس ڪيئن ڪندس! اوچتو هن اهي عجيب چمتڪار ڏٺو ان مڇيءَ جي منهن مان آواز آيو:

“هي نارائڻ! رکشا ڪر! رکشا ڪر!!” اهو رنگ ڏسي رگهو مهاڻي کيس جهڙي ۾ وجهي جيئدان ڏنو.

اُن مڇليءَ کي جل ۾ وجهڻ سان رگهو مهاڻي هڪ عجيب آنند جو انڀو ڪيو، سچ پچ ٻين کي سکي ڪرڻ ۾ ئي جيون جو سچو سک آهي. هي اُتي جهنگل ۾ ئي ڀڳوت ڀڳتيءَ ۾ لين ٿي ويو، ڪائونس ماتا پتنيءَ جي گذران جو خيال ئي ڀلجي ويو. ور ور ڀڳوان کي پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته، “پنهنجو ساڪشات درشن ڏيو.” ائين ئي ڏينهن گذري ويا. رگهوءَ ڪجهه کاڌو پيتو ڪين. ڀڳوان سندس پريم ڏسي هڪ ٻڍڙي برهمڻ جي روپ ۾ پرگهٽ ٿيو ۽ رگهوءَ کي چيائين پيارا تون هت ڇو ويٺو آهين. رگهو ڀڳت اُن برهمڻ کي نمسڪار ڪري ورائيو “سائين مان هت ڀڳوان جي درشن لاءِ ويٺو آهيان. اوهان ئي ڪو اهڙو اپاءُ ڏسيو جنهن مون کي ڀڳوان جو ساڪشات درشن ٿئي. ائين چوندي ڀڳت رگهوءَ جي اکين ۾ آنسون اچي ويا.

ٻڍڙي برهمڻ پنهنجي اصلي روپ ۾ يعني چترڀج سروپ ۾ پرگهٽ ٿي ڀڳت رگهوءَ کي ساڪشات درشن ڏئي سندس اڇا پوري ڪئي. ڀڳوان چيو “ور گهر” ور گهر. ڀڳت رگهوءَ پريل دل سان چيو، “سدائين اوهان جي چرنن جو ڌيان رهي ۽ مان پيٽ پالڻ لاءِ ڪڏهن به جيو هتيا نه ڪريان اهڙي مون تي ديا درشٽي ڪريو مک ۾ اوهان جو نام رهي ۽ دل ۾ اوهان جو ڌيان رهي.”

ڀڳوان ڀڳت رگهوءَ جا اهي لفظ ٻڌي چيو “تٿاستو”

شري ورڌمان مهاوير

٢٥٠٠ سال اڳ بهار جي مگڌ راڄ ۾ راجا سڌارٿ جي گهر شري ورڌمان مهاوير جو جنم ٿيو. سندس ماتا جو نالو ترشلا هو. بالڪ ورڌمان جو من موهيندڙ مکڙو ۽ سڊول شرير ڏسي چت پرسن ٿيندو هو. راجائي پار هئڻ سبب سندس پالنا ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان ٿي. شري ورڌمان پڙهڻ لکڻ ۾ به پروڻ هو. ٩ سالن جي ننڍڙي عمر ۾ هن وياڪرڻ شاستر جو چڱيءَ ريت ابياس ڪيو. ننڍپڻ کان ئي سندس من ۾ وئراڳ ورتي هئي. هو سنساري سکن کي عارضي سمجهندو هو تنهنڪري دنيوي عيش عشرت کان پري رهندو هو. ماتا جي زور ڀرڻ تي ورڌمان وسنت پور جي راجا سمرويُر جي ڪنيا يشودا سان وواهه ڪيو. کيس هڪ ڌيءَ ڄائي جنهن جو نالو پريه درشنا رکيو ويو. گرهست ۾ رهندي هو وئراڳيه جيون گذاريندو هو.

ورڌمان جڏهن ٢٨ ورهين جو هو تڏهن سندس ماتا پتا پرلوڪ پڌاريا. ٣٠ سالن جي عمر ۾ شري ورڌمان پنهنجي حصي ۾ مليل ملڪيت ۽ مايا دان ڪري وئراڳي ٿي جهنگل ۾ تپسيا ڪرڻ لاءِ نڪتو. رستي تي هڪ پيڙهو برهمڻ سندس اڳيان اچي ڀکيا پنڻ لڳو. ان وقت شري ورڌمان کي بدن تي پيل هڪ ڪپڙي کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪين هو. ان ڪپڙي جو اڌ ٽڪر ڦاڙي هن ان پيڙي برهمڻ کي ڏنو. راڄ ڀون مان نڪرڻ کان پوءِ هن ١٢ سال ڪٺن جيون گذاريو. ڪيترن هنڌن تي هن جو نرآدر ڪيو ويو ۽ کيس خوب ستايو مگر شري ورڌمان سديو ڪما شيل رهيو. هو

رگھوءَ وٽ ڪٺا آيا. هنن روئندي ٻاڏائيندي ڀڳت رگھوءَ کي وينتي ڪئي "سائين، اوهان سنت دَيالو آهيو. اسان جي هن ٻالڪ اوهان کي لڪڻ هڻي برابر مها پاپ ڪيو آهي. سندس ڪيل پاپ ڪهڙا جهڙو ڪين آهي پر اسان ٻڍين جو هيءُ هڪ ئي سهارو هو. ڪرپا ڪري اسان جي جيون نرواهه جي صدقي ٻالڪ جي ڀُل معاف ڪري جيئدان ڏيو."

ڀڳت رگھوءَ اهڙا درد واري پڪار ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو، ڇاڪاڻ ته کيس اها ڄاڻ ڪين هئي ته جنهن ڇوڪري کيس لڪڻ هنيا آهن سو مري ويو آهي.

ڪنهن کي به ستائڻ نه گھرجي قدرت ڏاڍي آهي. جيڪي پرڀوءَ جي پيارن کي ستائن ٿا تن کي نه گڏيل وياج سوڌو حساب ڏيڻو پوندو.

ڀڳت رگھوءَ ورائيو ته هن ٻالڪ برابر مونکي ماريو ٿي پر مون نه موٽ ۾ کيس ڪجهه به ڪين چيو. اچو ته پرڀوءَ کي گڏجي ٻالڪ لاءِ پرارٿنا ڪريون. ڪيترا ئي ڳوٺ جا ماڻهو به مڙي آيا. ڀڳت رگھو پريم ڀري پڪار ڪندي پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪئي. ڀڳت رگھو ڪيرتن ڪندي مستيءَ ۾ اچي ويو. ٿوري ئي وقت کان پوءِ اهو ٻالڪ موت جي گھڙيءَ نند مان اٿي ساڃاڻ ٿيو. سندس ماءُ پيءُ ۽ ڳوٺ جا ٻيا رهواسي اهو ڪوتڪ ڏسي دنگ رهجي ويا. پوءِ ته اُن ٻالڪ به ڀڳت رگھوءَ کان معافي ورتي ۽ هڪ دراچاريءَ مان سداچاري ٿي پيو. ڳوٺ ۽ آس پاس جي ماڻهن جي شرڌا ڀڳت رگھوءَ ۾ وڌي آهي به هاڻي سندس ڪيرتن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. ڀڳوان جو ڀڄن ڪندي ڪندي ڀڳت رگھوءَ جي زبان ۾ سڌي اچي ويئي. هو جيڪي ٻوليندو هو سو ٿيندو هو. سندس يش ڪيرتي چوڌاري ڦهلجي ويئي. ڀڳوان جي پريم ڀڳتيءَ ڪري هڪ مهاڻو نام جي جپڻ سان ٿري پار پيو. نه صرف پاڻ تريو پر ڀڳوت ڀڳتيءَ جي جهاز ۾ هزارن کي چاڙهي پار لنگھايائين.

شري گوتم ٻڌ

اڍائي هزار ورهيه اڳ ڀارت ڀوميءَ ۾ اهنسا جي اوتار
يا ۽ ڪروڻا جي روپ گوتم ٻڌ ڪپل وستوءَ راجا شڌوڌن ۽
ھر جنم ورتو، جوتشين جوتش ڪئي ته هي ٻالڪ اڳتي هلي
ڪرورتي راجا ٿيندو يا سنسار جو تياڳ ڪري فقيري
ختيار ڪندو.

اهو ٻڌي سندس پتا راجا سڌوڌن ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو. هن
ٿا رٿي ته ٻالڪ گوتم کي ننڍپڻ کان ئي محل ۾ سڀ سک ميسر
ڪري ڏجن، جئن هن کي دکن جو احساس ئي نه ٿئي. نه دکن
دردن جو احساس ٿيندس نه من ۾ وئراڳ ورتي پيدا ٿيندس.

اهو خيال ڪري ٻالڪ گوتم جي پرورش لاءِ خاص ٻانهيون ۽
ڪر رکيون ويون. محل ۾ هر پرڪار جا سک، سهڻيون فرحت بخش
اڻن ميسر ڪيا ويا.

هڪ ڏينهن گوتم پنهنجي راڄائي باغ ۾ سير ڪري رهيو
و ته سندس پرسان هڪ زخمي هنس ڪري پيو. هن هڪدم
ن هنس کي کڻي ڇاتيءَ سان لڳايو، ڪيس لڳل ٻاڻ ڪڍي اُن
خم کي صاف ڪيو. اُن هنس کي ٻاڻ هڻندڙ ديو دت جڏهن
اغ ۾ اچي گوتم کان اُهو هنس گهريو تڏهن گوتم هنس ڏيڻ کان
ڪار ڪيو. تڏهن ديو دت اُن بابت راڄ دربار ۾ شڪايت
ڪئي. راڄ درٻار ۾ فيصلو گوتم جي فائدي ۾ ٿيو ڇاڪاڻ ته گوتم

نه صرف ماڻهن کي مگر پکين پسن کي به پنهنجو پيار ڏيندو هو. هو سچو اهنساوادي هو. هو پرستيءَ کان پري ڀڄندو هو. سندس باقي اڌ ڪپڙو ٻوڙي ٻراٽو ٿي ويو ۽ هو بنا وستر گذارڻ لڳو. هنجي ڪميا شيلتا، اهنسا، همدردي پيار ۽ ماڻهن لئي لوڪن کيس مهاوير ڪري سڏيو.

هڪ دفعي جهنگل ۾ شري وردمن مهاوير ڌيان ۾ مگن هو ته هڪ ڳئوار ڍاندن کي چارڻدي شري وردمن جي پرسان انهن ڍاندن کي ٻاري شري وردمن کي چيائين ته ڍاندن جي سنڀال ڪجِ. شري وردمن ته ڌيان ۾ لين هو. ڍاند چرندا چرندا گهڻو پري نڪري ويا.

جڏهن ڳئوار واپس ورڻو ته کيس پنهنجا ڍاند ڏسڻ ۾ ڪين آيا. تنهن تي ڳئوار شري وردمن تي ڪاوڙ ڪندي ڍاندن بابت پڇيو ته ڍاند ڪيڏانهن ويا؟ شري وردمن ته اڃا ڌيان ۾ مگن هو. اُن ڳئوار لٺ کڻي شري وردمن کي هنيئين. شري وردمن صبر ۾ رهيو ڪجهه ڪين ڪڇيو، هڪ سنت پنهنجي جيون ۾ ڪيترو نه سٺو آهي.

ٻارهن سالن جي ڪٺن تپسيا کان پوءِ شري وردمن مهاوير کي سچو گيان پراپت ٿيو ۽ سندن من کي سچي شانتي ملي. سچي گيان پراپتيءَ کان پوءِ شري وردمن مهاوير لوڪن کي اُپديش ڏيڻ شروع ڪيو. هن لوڪن کي موڪش جو مارگ ٻڌايو، ستيه، اهنسا، برهمچريه، ديا، ڪميا، نمرتا، تپسيا، سنيم ۽ پوڄا جا ساڌن لوڪن کي سڻايا.

شري وردمن مهاوير جي جين مت جي سولي اُپديش جو عام لوڪن تي ڪافي پڀاءُ پيو ۽ لکين ماڻهو سندس پوئلڳ ٿي ويا. شري وردمن مهاوير پوءِ ساري ديش ۾ جين مت جي سدانتن جو پرچار پرسار ڪيو. ٧٢ ورهين جي عمر ۾ ڪارتڪ مهيني ۾ شري وردمن استول شرير جو تياڳ ڪيو.

دکين جي سيوا ڪرڻ سان من کي ملي آرام ٿو،
جو اڃائون ٿو ڇڏي پاڻي سو ٿي وشرام ٿو.

شري گوتم ٻڌ کي گيان جو پرڪاش ملي ٿو ۽ هو لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ وري سنسار ۾ پرويش ڪري ٿو.

ستيه اهنسا پريم سيوا جو سمرس سک سان ڪٺي،
ٻڌ ڪيو پرچار هي سنسار ۾ رمتو اٿي.

ڀڳوان گوتم ٻڌ اندر جي آواز انوسار سنسار کي پريم اهنسا ۽ سيوا جو سنديش ڏنو. هن سڀني سک جي پراپتيءَ لاءِ اشٽ مارگ جو رستو ٻڌايو. اشٽ مارگ آهي:- (١) سمان درشٽي (٢) سمان سنڪلپ (٣) سمان واڻي (٤) سمان ڪرم (٥) سمان آجيوڪا (٦) سمان سماڌي (٧) سمان سمرتي (٨) سمان وياپام. انهن آدرشن اپنائڻ سان سڀني سک ۽ مڪتيءَ جي پراپتي ٿئي ٿي.

پياري گوتم ٻڌ جي دل ۾ دَيا ۽ پريم جو ساگر ڇوليون ماريندو هو. هڪ ڏينهن گوتم هڪ رڍن جو ڌڻ ڏسي ٿو ان رڍن جي ڌڻ ۾ هڪ رڍ جو ٻچو منڊڪائيندو منڊڪائيندو پوئتي رهجي وڃي ٿو. ان ٻچي جي ماءُ ممتا ڀري نگاهن سان پوئتي نهاري ٿي. پيارو گوتم هڪدم ان رڍ جي ٻچي کي پنهنجي ڪومل هٿن ۾ کڻي ان ڌڻ جي پويان هلي ٿو. منجهس ڪهڙي نه دَيا هئي جو هڪ رڍ جي ٻچي جو ڏک به سهي نه سگهيو.

شري گوتم ٻڌ جو وڏ ڏاڏڙ جو پٽ ديودت شري گوتم لاءِ اندر ۾ حسد رکي ٿو. هو شري گوتم کي ختم ڪرڻ لاءِ راجا اجات شترو کي اتيجت ڪري ٿو.

اجات شترو شري گوتم کي ختم ڪرڻ لاءِ سمورا اپاءَ ڪري

تي هنس جا پر ٽٽي پيا هئا. جڏهن هنس جو زخم ٺيڪ ٿي
تڏهن گوتم اُن هنس کي اُڏائي ڇڏيو. گوتم جي دل ۾ ڪيڏي
نه دَيا هئي.

جڏهن گوتم عمر ۾ وڏو ٿيو تڏهن وهنوار موجب يشودا سا
ويواهه ڪيو ويو. کيس پتر سنتان ٿي جنهن جو نالو راهل رکيو ويو

هڪ دفعي شري گوتم رٿ تي سوار ٿي سير لاءِ نڪري
ٿو. سير ڪندي ڪندي هو هڪ تمام ضعيف شخص کي ڏسي
ٿو، جنهن جا هڏا نڪري آيا آهن، هلڻ چلڻ کان لاچار آهي
اکين ۾ نور ڪونهي. ورِي ٿورو اڳيرو ڏسي ٿو ته هڪ مر
شرير کي ڪانو ڪائي رهيا آهن. اهي درد وارا درشيه ڏس
سندس من ۾ درد پيدا ٿئي ٿو.

هيئن ڀلا انسان جو آخر ۾ ڇو ٿو حال ٿي
سارٿيءَ کان سوال ڪيو گوتم اهو احوال ڏي

سارٿيءَ ورائيو:

جو جمي ٿو سو مري ٿو ڪال ڪنهن کي نٿا ڇڏي
ڪرم ڪير آهي دنيا ويو جوڙا ۾ پيا لڏي.

هي ٻڌي احوال نمب گوتم جي رئي هڪدم ڦٽي،
دل دنيا جي عيش مان گوتم جي ٿي پيئي ڪٽي،

اوچتو اڌ رات جو هو جهنگل ڏي راهي ٿيو،
ڪين راهل ۽ يشودا جي موهه ممتا ۾ ڦسيو.

پيارو گوتم ڪيترا ئي سال جهنگل ۾ سچي آنند جي
پراپتيءَ لاءِ تپسيا ڪري ٿو، تن کي تسيائون ڏئي ٿو، ور
رکي ٿو. تياڳمئه جيون گذاري ٿو. هو اوچتو آواز ٻڌي ٿو:

هڪ دفعي شري گوتم ٻڌ جي ڪن ٻيارن شخصن سان گهاٽي جهنگل مان لنگهي رهيو هو، جتي زبردست باهه ٻري رهي هئي. شري گوتم شخصن کي ٻرندڙ باهه ڏانهن اشارو ڪندي چيو سياڻو اهو جو باهه کان پاسو ڪري. سنسار جا گهڻيئي ماڻهو لوڀ-دويش جي آگ ۾ جلي رهيا آهن. ٻڌيمان اهو آهي جو ان آگ کان پاسو ڪري سچ جي کوج ڪري، اڏيانڪ راهه ۾ وک اڳتي وڌائي.

شري گوتم ٻڌ جي سڏائن لکن جيون کي نئين جهرن ڏني. راجا اشوڪ جهڙن کيترن ئي ڀاڳوان کيون، انهن جي من ۾ ڪيڏو نه ڦيرو اچي ويو.

اڄ به گوتم جي مول سڏائن اهنسا ۽ پيار جي دنيا کي سخت ضرورت آهي. اڄ جي اڻاڻ آهي ته اهنسا، ديا ۽ ڀاونا جي. شري گوتم ٻڌ هزارن جي راهه روشن ڪئي.

سڏ ٻين جهڙن مان سڏيون سوئي سڏارت هي ٿيو.
مڪتي ۽ خاطر هرڪو هجو ٻو ٿلڳ اڳتي ٿيو.

ڀڳت ناپاداس

ڀڳت ناپاداس سنت ٽلسيداس جي سمڪالين هو. هن ڀڳت ني ڀڳت مالها تيار ڪئي. سندس ٻهراڻن ڳالهو نارائڻ هو.

هڪ دفعي سنت اگرداس ۽ سنت ڪيلهداس ان ۾ ٻڌ ڪري رهيا هئا ته هڪ ٻالڪ جي روئڻ جو آواز سندن ڪن

هاٿيءَ کي ڇڏيو هو. اهو مست هاٿي ڇٽي ئي شري گوتم جي
سامهون اچي ٿو لڳن سالم ٿي ان جي سامهون وڃي ٿو. اهو
هاٿي شري گوتم جي چرڻن ۾ ليٽل ٿي ڪٽي ٻانهن کي لڳي
ٿو. هڪ مست هاٿي به ديالو گوتم کي ڏسي شانت ٿي ويو.

ڪن ورونڌين شري گوتم جو ورونڌ ڪندي چيو ته شري
گوتم کي ڪاٻه شڪتي ڪونه آهي. تڏهن شري گوتم جي ششين
ڪنس ۾ ڀٽي ڪٽي ته انهن ورونڌين کي ڪو چمتڪار ڏيکاريو

شري گوتم ان وقت هڪ انب کاڌي ان جي ڇو سان
ڪوڪڙي زمين ۾ وجهي ان جي مٿان پنهنجو هٿ ڌوتو ۽ هڪدم
ان ڪوڪڙي ۾ سلو نڪتو ۽ پيدي ٿي ان سلي مان انب جو وڻ
ٿي پيو ۽ ان وڻ ۾ ان وقت ئي هزارين انب لٽڪڻ ۾ آيا

اهو ڪولڪ ڏسي ورونڌين محسوس ڪيو ته شري گوتم
الوڪڪ شڪتي آهي.

هڪ دفعي شري گوتم ڳهاٽي جهنگل مان لنگهي رهيو ه
ته سندس پويان انگلي مار ڌاڪو جنهن ڪيترن ئي آدمين جو
انس آندو هو، سو ڊڪي شري گوتم کي لٽڻ چاهي ٿو
شري گوتم پڻ ڪنڌي ته پيار سان ان رهزن ڌاڪوءَ کي سم
اپديش ڏني ڪنس پاپ ڪرم کان پري ڪري ٿو. انگلي مار
ڌاڪوءَ جي جيون ۾ گوتم جي اپديش پرڀاو ڪن آڻي ڇڏيو
جنهن سون ماڻهن جو خون ڪيو سو اڄ ستمارگ تي هلي ٿو.

شري گوتم پڻ جي سرل سکيائن هزارن جي جيون ۾ قيم
آندو. سندس ڪيترا ئي شش ليا جن ڪي ٻوڌي ڀکشو سڏ
ويو. اڄ به نه صرف ڀارت ۾ پر سڄو جهانءِ ڪاڻي ۽ دنيا جي
ڪيترن ملڪن ۾ لوڪ شري گوتم پڻ سڌارڪ جي سکيائن
سدائين تي هلي رهيا آهن.

يمنا آچاريہ

شري يمنا آچاريہ جو جنم وڪرم سنبت ١٠١٠ ڌاري مدورا ۾ شري ايشور منيءَ جي گھر ٿيو. سندس ڏاڏي جو نالو ناٿ مني هو. ڏهن ورهين جي عمر ۾ يمنا آچاريہ جو پتا ايشور مني پرلوڪ پڌاريو ۽ سندس ڏاڏي ناٿ منيءَ پڻ سنياس ڌارڻ ڪيو هو. تنهن ڪري يمنا آچاريہ جي پالنا سندس ماتا ۽ ڏاڏيءَ ڪئي. ٻالڪ يمنا آچاريہ جي ٻڌي تيز هئي. هن شري ڀاشيہ آچاريہ کان سکيا ورتي. گرو ڀاشيہ آچاريہ هن کي شاسترن جو ڪافي ابياس ڪرايو. ٻن سالن ۾ شري يمنا آچاريہ ودوان ٿي پيو. ان ڏينهن پنڊت ڪولاهل ٻيل اڳاڙيندو هو. ڀاشيہ آچاريہ مسڪيني حالت سبب ٻن ٽن سالن جي ٻيل ڏئي ڪين سگھيو هو. تنهن ڪري پنڊت ڪولاهل جو هڪ شش ٻيل اڳاڙڻ لاءِ ڀاشيہ آچاريہ جي جھوپڙيءَ ۾ آيو. اُن وقت ڀاشيہ آچاريہ اُتي ڪين هو ۽ يمنا آچاريہ حاضر هو. ڪولاهل جي شش ٻيل جي طلب ڪندي ڪجھہ ناجائز لفظ چيا. تنهن تي يمنا آچاريہ کيس للڪاريندي چيو، ”مان تنهنجي گرو ڪولاهل سان شاستر ارٿ ڪرڻ چاهيان ٿو.“

اُن شش اچي پنهنجي گرو ڪولاهل کي اهو سنديش سڻايو. ٻارهن ورهين جي ٻالڪ يمنا آچاريہ جي اُن ڳالھہ تي عجب ڪاتو. آخر پنڊت ڪولاهل ۽ يمنا آچاريہ جي وچ ۾ شاستر ارٿ ٿيو.

ٿي ويو. هو وڏو ٿيو اچي تڏهن ته هڪ ٻالڪ ٻڪر سڀ روئي
رهيو آهي. ٻنهي مهاتمائن هڪدم ٻالڪ جي سنڀال ورتي
ڪيس جهل ٻڌائي ٿو ڪير ڄاڻندو ته ٻالڪ ڪٿان آيو پيو.

سنت اگرداس ٻالڪ کي گود ۾ کڻي سندس نالو نارائڻ
رکيو ۽ کيس پنهنجي آشرم ۾ وٺي آيو. هن اُن ٻالڪ
کي سنتن جي سيوا جو ڪم سونپيو ۽ کيس رام نام جو منتر
ڏنو.

سنتن مهاتمائن جي سيوا ڪندي نارائڻ داس جو من
نرمل ٿيندو ويو. گرو سنت اگرداس ۽ ٻين ۾ سندس شرڌا
وڌندي رهي. سندس نالو نابهاداس رکيو ويو.

سنت اگرداس جي آگيا سان ئي سنت نابهاداس
"ڀڳت مالا" جي رچنا ڪئي. "ڀڳت مالا" جي پڙهڻ سان
من ۾ ايشور ڀڳتيءَ جو ڀاءُ پيدا ٿئي ٿو؛ جو وڌي وڃي ٿو
موڪش ۽ شانتيءَ جو ميوو ڏئي ٿو. ڀڳت مالا ڪانسواءِ هن ڪجهه
ڀڳتي ٻيا ڪي دوها به لکيا آهن.

سنت نابهاداس ڀڳت ڀڳتي ڀڳوان ۽ گروءَ کي هڪ روپ
ڪري سمجهي ٿو. هو چوي ٿو؛

ڀڳت ڀڳتي ڀڳونت گرو چتر نام ٻپو ايڪ،
انکي پد وندن ڪيي ناست وگهن انيڪ.

چار جگن ۾ ڀڳت جي لکي پد ڪي ڏور.
سروس سر ڏر راکهون ميري جيون مور.

رامانج آچاريه

رامانج آچاريه جو جنم وڪرم سنبت ١٠٧٤ ۾ دراوڙ پرديش جي ڪانچي پوري جي ويجهو ڪاويري گنگا ڪناري رشي هاريت جي ڪل ۾ شري ڪيشو ڀٽ جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو ڪانتيمتي هو.

رامانج اڃا ننڍڙو هو جو سندس پتا پرلوڪ پڌاريو. هن ڪانچي ۾ وڃي آچاريه يادو پرڪاش جي شرڻ ورتي. آچاريه يادو پرڪاش جي چرنن ۾ ويهي هن ويدن جو اڀياس ڪيو. ويدن شاسترن جو اڀياس ڪندي رامانج پاڻ به هڪ ودوان ۽ گيانوان ٿي پيو. ودوتا ۾ هو گروءَ کي به گوءِ ڏئي ويو. سندس گروءَ آچاريه يادو رامانج آچاريه کي مارڻ جي رٿ رٿي مگر جنهن تي سائين جو چت تنهن کي لهر نڪي لوڏو. رامانج کي ڀڳتيءَ دوارا سڌيون پڻ پراپت ٿيون.

هڪ دفعي هن ڪانچيءَ جي راڄڪماريءَ کي ڀوتن پريتن کان بچايو.

جڏهن سنبت يمنا آچاريه جي برهملين ٿيڻ جو وقت ٿيو تڏهن هن پنهنجي هڪ شش دوارا شري رامانج آچاريه کي پاڻ وٽ گهرايو. شري رامانج آچاريه جي پهچڻ کان اڳ ئي يمنا چاريه برهملين ٿي ويو.

شري رامانج آچاريه يمنا آچاريه جي ستول شرير جو درشن ڪري نمسڪار ڪيو. هن ڏٺو ته يمنا آچاريه جون ٽي آڱريون

ٻالڪ يمنا آچاريه پنڊت ڪولاهل کان ٽي سوال پڇيا مگر پنڊت ڪولاهل هڪ سوال جو به پورو جواب ڏئي ڪين سگهيو. اهنڪاري پنڊت ڪولاهل جي هار تي جنهن ڪري پانڊيه ديش جي راجا اڌ راڄ يمنا آچاريه کي ڏئي ڇڏيو.

يمنا آچاريه ڌن سمپتيءَ جو سد اپڀوگ ڪيو. پنهنجي گرو ڀاشيه آچاريه جي چرنن ۾ پڻ ڪجهه سمپتي ڀيٽ ڪئي. ڏاڏو پڻ برهملين ٿيو. سندس ڏاڏي برهملين ٿيڻ کان اڳ پنهنجي مٽر رام مشر کي چيو ته تون يمنا آچاريه جو خيال ڪج جئن چت ڀڳوان شري رنگناٿ جي چرنن ۾ لڳي.

شري يمنا آچاريه ٣٥ ورهين جو ٿيو تڏهن شري رام مشر کيس چيو ته تنهنجو ڏاڏو تنهنجي لاءِ ڪافي ڌن ڇڏي ويو آهي. مون سان گڏجي هل ته توکي اهو ڌن ڏيان.

يمنا آچاريه رام مشر سان گڏجي ويو. شري رام مشر يمنا آچاريه کي ڌن جي بهاني، ڀڳوان جي رنگناٿ جي مندر ۾ وٺي ويو ۽ هن کي ڀڳوان جون ڪيتريون ليلائون ٻڌايون. شري رام مشر کيس چيو ته پيارا اهو ئي ڀڳتيءَ جو سچو ڌن اٿئي.

شري يمنا آچاريه جي من ۾ ويراڳ اڀري ويو. سندس ڀڳتيءَ جو پرواهه پرواهت ٿيو. راڄ ڀاڳ، سڀ سک آرام ڇڏي، هو ڀڳوان شري رنگناٿ جو اننيه اپاسڪ ٿي پيو. هو نه صرف پاڻ ڀڳت ٿيو پر سوين سڄڻ سندس نقش قدمن تي هليا. شري يمنا آچاريه پنهنجي گرنٿن ۾ وششٽ ادوئيت واد جو سمرٿن ڪيو. شري رامانج آچاريه پڻ شري يمنا آچاريه جي پرمپرا جو ڀڳت ليکيو وڃي ٿو. شري رامانج آچاريه پنهنجي گرو يمنا آچاريه جي آخرين اڇا کي عمل ۾ آندو.

رامانج آچاريه گيان جي گنگا پرواهت ڪئي. سندس مکيه ۷۴ ششيه ٿيا. هن پنهنجي وياکيانن ۾ نرگڻ ڀڳتيءَ جو سمرٿن ڪيو.

سوامي رامانج آچاريه نرگڻ برهم جو ڌيان ڪندي نه صرف پاڻ آڌياتمڪ آنند پراپت ڪيو، پر هزارن کي آتم گيان جو امرت پيئاريو. سوامي رامانج آچاريه ۱۲۰ ورهين جي عمر ۾ وڪرم سنبت ۱۱۹۴ ۾ برهملين ٿيو.

ڀڳت ڪلشيکر

ڪيرل پرديش جي ڪولنگر جو راجا درڍورت هڪ ڌرماتما راجا هئو، پر کيس پتر سنتان ڪين هئي. ان ڪري هن پتر پراپتيءَ لاءِ تپسيا ڪئي. پرڀوءَ جي ڪرپا سان کيس تيجسوي پتر سنتان ٿي جنهن جو نالو ڪلشيکر رکيو ويو. راجا کيس وديا گيان ۽ ڀڳتيءَ جي واتاورڻ ۾ رکيو. هن کي خوب پڙهيائين، هو سنسڪرت ۽ تامل ڀاشا ۾ ودوان ٿي پيو.

هن ويدن شاسترن جو پڻ اڀياس ڪيو ۽ چوهٺ ڪلائن جو گيان پڻ پراپت ڪيو. سندس پتا محسوس ڪيو ته سندس پٽ ڪلشيکر سڀني ڪلائن ۾ پرويڻ ٿي ويو آهي ۽ راج ڪاروبار پڻ چڱيءَ ريت هلائي سگهندو. تنهن ڪري راج ڪاروبار جون واڳون کيس سونپي پاڻ مڪتيءَ جي پراپتيءَ لاءِ ايڪانت واس ورتائين.

ڪلشيکر ڏاڍيءَ سياڻپ سان راج ڪاروبار هلائڻ لڳو. هن هر پرڪار جنتا کي سکي رکيو. راج ڪاروبار سنڀاليندي

مڙيل آهن. ٻين پرامڻن اُنهن مڙيل آڱرين جو مطلب ڪين سمجهو
مگر شري رامانج آچاريه اُنهن مڙيل آڱرين جو مطلب سمجهي
ويو ته شري يمنا آچاريه برهم سوترن، وشنو سهسرناما ۽ آلوار سنتن
جي ”ديو پربندم“ اُنهن ٽنهي گرنٿن جي مونکان ٽيڪا ڪرائڻ
ٿي چاهي. اهي ٽئي مڙيل آڱريون مون کي اِن ڪارڻ لاءِ
پرارٿنا ڪري رهيون آهن.

شري رامانج آچاريه وري شري يمنا آچاريه جي استول
شرير کي پرڻام ڪندي چيو، ”مان اوهان جي آگيا جو پالن
ڪندس. انهن ٽنهي گرنٿن جي ٽيڪا لکندس يا لکائيندس.“

شري رامانج جي اُنهن وچنن چوڻ سان يمنا آچاريه جون
ٽئي مڙيل آڱريون سڌيون ٿي ويون. اهو ڪوتڪ ڏسي پرڀو جي
حيرت ۾ پئجي ويا. سنت ئي سنتن جون رمزون سمجهن.

رامانج يمنا آچاريه جي پرڌان ششيه کان وشنو ديڪشا
ورتي ۽ ڀڳتي مارگ ۾ اڳتي وڌي ويا. ڪجهه وقت کان پوءِ
هن شري رنگم وڃي يتيراج سنياسيءَ کان سنياس جي ديڪشا
ورتي. شري رامانج مهاتما نامبيءَ کان ”اوم نمو نارايڻايه“ جو
جو منتر ورتو.

اُن مهاتما کيس منع ڪئي هئي ته اهو منتر اندر ۾
جپيندو رهج ۽ ٻاهر ظاهر نه ڪج. مگر رامانج مندر جي دروازي
تي چڙهي وڏي آواز ۾ ”اوم نمو نارايڻايه“ منتر اُچارڻ
لڳو. مهاتما نامبي جڏهن کيس اهو منتر ڏنو هو سو پنهنجي
آگيا جو اُلنگهن ٿيندو ڏسي هن تي اچي ڪاوڙيو ۽ چيائينس
”تون نرڪ ۾ ويندين.“

شري رامانج وراڻيو، ”سوامي جي نرڪ ۾ ته مان اڪيلو
ويندس پر جيڪي اهو منتر ٻڌندا تن جو ته ڪلياڻ ٿيندو
نرڪ کان اچي ويندا، اُن مان مونکي خوشي ٿيندي. اهو ٻڌي
مهاتما نامبي هن کي هڪدم گلي لڳايو.

هڪ دفعي ڪلشيکر جي خزاني مان هڪ املهه هيرو غائب ٿي ويو. منترين هيرو غائب ٿيڻ جي تهمت راجا ڪلشيکر وٽ ايندڙ سنتن تي رکي ته شايد ڪو سنت اهو هيرو کڻي ويو آهي.

ڪلشيکر اهو ٻڌي پنهنجي وزيرن ۽ ٻين نوڪرن کي گهرايو ۽ کين چيو، "سنت اوهانجي هيرن جواهرن کي ڇا ڪندا." ڪلشيکر هڪ زهريلو نانگ هڪ برتن ۾ گهرائي وزيرن ۽ نوڪرن چاڪرن کي چيو ته، اوهان مان جنهن کي هيري کڻڻ جي تهمت سنتن تي هڻي ٿو اهو هن برتن ۾ هٿ وجهي. جيڪڏهن انهي تهمت برابر هوندي ته نانگ کيس ڪين ڏنگيندو، جي تهمت ڪوڙي هوندي ته نانگ اُن کي ڏنگيندو. سڀئي وزير ۽ نوڪر ڏڪي ويا.

ڪلشيکر پاڻ اُن نانگ واري برتن ۾ هٿ وڌو. نانگ جنهن جو تنهن برتن ۾ ويٺو رهيو ۽ نانگ ڪلشيکر کي سپرش به ڪين ڪيو. اهو ڏسي ويٺل وزير ۽ نوڪر دنگ رهجي ويا. ڪلشيکر اُنهن کي سمجهائيندي چيو ته جيڪي سنتن ستپرشن جي نندا ڪن ٿا يا اُنهن تي ڪوڙيون تهمتون هڻن ٿا اُهي ناحق پاڻ کي پاپ جو ڀاڱي بڻائين ٿا. ڀڳت دنيوي پدارٿن کي ڇا ڪندا! جن آتمڪ آنند پراپت ڪيو آهي سي دنيوي مزن کي ڇا ڪندا!

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ راجا ڪلشيکر راڄائي تياڳي تيرٿن تي ويو. اُتي ٻين ڀڳتن جي سنگ ۾ ڀڳوت ڀڳتي ڪندو رهيو. هن تيرٿ ياترا ڪندي سنسڪرت ۾ "مڪند مالا" گرنٿ لکيو.

هُو ڪجهه وقت ترووتيءَ ۾ رهيو، اُتي هن ڪترا ئي ڀڳتي ڀاونا سان ڀرپور پد لکيا آهن جن ۾ هنجي ڀڳتيمئه ڀاونائن جي گهرائيءَ جي جهلڪ ملي ٿي.

هن پنهنجي من مندر ۾ ڀڳوان جي مورتيءَ جو ڌيان قائم رکيو. تخت تي هوندي سندس دل جي تخت تي ڀڳوان شري رام براجمان هوندو هو. سندس دل جي پياس هوندي هئي ته اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جڏهن پرڀو ڪيس پنهنجو درشن ڏيندو. ان پياس ۾ هو وڌندو رهيو.

هڪ رات جو ڀڳوان ڪيس پنهنجو دويه درشن ڏنو. ڪلشيکر ڀڳوان جو درشن ڪندي سڌ ٻڌ ڀلجي ويو. من ۾ پريوڙن اچي ويو هن کي هاڻي ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ مان ئي آنند ايندو هو. راڄ ڪاروبار ۾ سندس دل ڪين لڳندي هئي. جن ڀڳوان جو درشن ڪيو آهي انهن کي دنيوي پدارٿ نيرس ڀاسيا لڳندا. چاڪاڻ ڀڳوان ئي سڀني رسن جو اپائيندڙ آهي، سچ چت آنند روپ آهي. جنهن کي اهو مليو تنهن کي سڀ ڪجهه مليو. هاڻي ڪلشيکر گهڻو وقت ڀڳوت ڀڄن، ڀڳوان شري رام جي اپاسنا ۽ سنتن جي سنگ ۾ صرف ڪندو هو.

هڪ دفعي ڪلشيکر شري راماين جي ڪٿا ٻڌي رهيو هو. ان وقت ڪٿا جو پرسنگ هو ته ڀڳوان شري رام کردوشڻ ۽ ان جي چوڏهن هزار راڪسن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ اڪيلو وڃي رهيو آهي.

ڪلشيکر ڪٿا ٻڌندي ايترو ته تنميه هو جو هن اهو پرسنگ ٻڌي هڪدم اٿي بيٺو ۽ سنک وڄائي سينا پتي ۽ سينا کي سڏائي ڪيائين ته هلي ڀڳوان رام جي سهائتا ڪريون. هو اڪيلو کردوشڻ ۽ سندس سئنا سان مقابلو ڪرڻ ويو آهي. چوڏهن ڪٿا واچڪ پنڊت مٿيون پرسنگ پورو ڪندي چيو ته ڀڳوان اڪيلي سر کردوشڻ ۽ سندس سئنا جو خاتمو ڪيو. تڏهن ڪلشيکر جي من کي سنتوش ٿيو. ڪلشيکر جي من ۾ ڀڳوان شري رام لاءِ اتوٽ شردا ۽ پريم هو.

آهي مون کي نٿين جتي ڏئي، ان عيوض مان توکي هيءُ سندر پٿر ڏيان ٿو، جو وکي اوزارن گسائڻ لاءِ ڪارائتو ٿيندو.

اُن وقت به پيارو رامداس ويٺو برابر پنهنجي ننڍڙي دڪان ۾ هو ۽ جتيون پئي ناهيائين، پر سندس ڌيان هو پرڀوءَ طرف ۽ ائين وري وري پئي پڪاريائين ”هري مٺا تيرا هون تيرا“

دڪان تي گراهڪ کي آئل ڏسي ڪيس نٿين جتي ڏئي وري پنهنجي ڌن ۾ رهيو. اهو چوڙ شالگرام رکي جتي ڪٽي رمندو رهيو.

اڻڄاڻ رامداس اُن شالگرام کي پٿر سمجهي پنهنجا اوزار اُن تي گسڻ لڳو. اهڙو ٽڪو پٿر هن اڳ ڪڏهن ڪين ڏٺو. رامداس اُن پٿر تي چمڙو رکي، چيريندو هو. هڪ دفعي هڪ برهمڻ رامداس جي دڪان تي اُن شالگرام جو اُن نموني استعمال ٿيندو ڏسي ويچار ڪيو ته ڪنهن نه ڪنهن نموني ان چماڙ کان اها ڀڳوان جي مورتي هٿ ڪريان. جو هي شالگرام تي ويهي موچڪا اوزار تو تکا ڪري ۽ چمڙو چيري، اها ته تمام خراب ڳالهه آهي، هي بي سمجهه آهي.

اُن برهمڻ رامداس کي چيو، ”پيارا، اهو پٿر مون کي گهرجي. جيڪڏهن توکي ان جي عيوض ڪجهه پئسا گهرجن ته مان توکي ڏيندس. رامداس برهمڻ جو عرض ٻڌي هڪدم چيو، ”اهو پٿر ته مون لاءِ ڪافي ڪارگر ثابت ٿيو آهي: پر اوهان جو چوڻ به موٽائي نٿو سگهان بلاشڪ کڻي وڃو.

اُهو برهمڻ اُها شالگرام جي مورت گهر ۾ کڻي اچي ٿو. هو ان مورتيءَ کي سنان ڪرائي صاف ڪري پوڄا جي آستان تي براجمان ڪري انَ جي پوڄا ڪري ٿو. ائين هو نت نيم پوڄا ته ڪندو هو پر سندس اندر ۾ اُها سڪ ۽ چڪ ڪين هئي ۽ دنيوي وڪار مٿس غالب هئا.

سنت رامداس موچي

پريو پريم ۾ پرسن ٿئي ٿو نڪي ذات پات ۽ آڏمبر ڏسي
هو ڏسي نه ذات پات، جنهن کي سندس طلب آهي، تنهن کي
سو پنهنجو ڪري.

سنت رامداس ذات جو چمار، سندس ڌنڌو موچڪو، پر
هي پيارو هڪ ڏينهن ٻڌي ٿو مٺڙو آواز، "هري مئن تيرا هون
تيرا، جيسا ڀي تيسا، هري مئن تيرا هون تيــرا" بس اِن ٽڪ
هن پياري تي جادوءَ جو اثر ڪيو. جتي وڃي اتي اهـا رٽ
لڳائي، "هري مئن تيرا هون تيرا."

جيئون ٿاهي ته اها ٽڪ دهرائيندو رهــي. سندس سڀاءُ
سنتوشي سڀاجهو، سندس چت ۾ نام جو پرڪاش ڏينهن ڪري
هردو نرمل ٿئي ٿو. گهر ۾ ٻي ٻالي هئا ٻاڻ ۽ سندس ٻنئي ۽
پتر. جيئون ٿاهي وڪڻندا هئا. گهر جي خــرچ کـان وڌ ٻڪ
جيڪي بچندو هو سو غريبن دکين جي شيوا ۾ خرچ ڪندا هئا.

هڪ ڏينهن هڪ چور شالگرام جي سندر مورت هيــرن
جواهرن، آيو شڪ سوڌي چوري ڪري سنت رامداس جي ڳوٺ
ڪنڪاوڙي مان لنگهي ٿو (هي ڳوٺ ڏکڻ هندستان جي گوداوري
نديءَ جي ڪناري تي هو) سندس جتي صفا چٽي ٻـڌي ٿي.
سو اهو چور شالگرام جا زيور هيرا لاهي پاڻ وٽ رکي ٿو ۽ اتي
اها سنگمرمر جي مورتي پاڻ سان ڪڍي رامداس چمار جي جڳهه
تي آئي ڪمس چوي ٿو، "رامداس منهنجي جتي چٽي ٻـڌي

ڪيئن توکي مان سرچايان

ٻڌڙو ڀرهمڻ سنت رامداس جو ٽيبر ڀرلم ۽ شرڌا ڏسي
پنهنجي اصلي روپ ۾ پرگهٽ ٿيو. ٻانڪي ٻهاريءَ ڪي ڏسي
رامداس هڪدم ڪٺي سندس چرڻ. چميا، گد گد ٿي هن ڀڳوان
جا چرڻ پڪڙيا. ڀڳوان ڀڳت کي درشن ڏئي انتر ڌيان ٿي ويو.
پس هاڻي سنت رامداس اُن مورتيءَ جو ڌيان ڪندي ڪندي
آنند اوسٿا ۾ رهيو.

ڀڳوت ڀڳتيءَ سبب هڪ موچي به مهان سنت ٿي پيو.
ذات نه آهي ذات ٿي جو وهي سو لهي.

ڀڳت مٽيداس مالهي

جڳناٿ پوريءَ ۾ مٽيداس نالي مالهي رهندو هو. هو
گلن جا هار ٺاهي وڪڻندو هو. اُنهن گلن جي هارن وڪڻڻ مان
جيڪا ڪيس اُپت ٿيندي هئي تنهن مان پنهنجي پريوار جي
پالنا ڪندو هو ۽ ساڌ سنتن جي سيوا پڻ ڪندو هو.
جيتوڻيڪ هو اکري علم کان اڻواقف هو پر آتمڪ علم جي ڪيس
پروڙ هئي ته دين دکين تي ديا ڪرڻ ڄاڻي. ٻيڙن ڪرمن جو
تياڳ ڪري اندر ۾ ايشور کي آراڌجي.

مٽيداس جي استري ۽ پٽ اوچتو پرلوڪ پڌاريا. مگر
سندن جدائيءَ جي دک جي ريکا هن جي منهن تي ڪين هئي-
هو رام جي رضا تي راضي رهيو. جيڪي انسان دنيوي وشين
پدارٿن ۽ مايا جي موهه ۾ ڦاٿل آهن، سي ڌن دولت ڪٽنب
جي سنبنڌين جي ناس ٿيڻ تي دکي ٿين ٿا. مگر مٽيداس پنهن

هڪ رات جو اُن برهمڻ کي ڀڳوان آنند ڪند آڳيا ڪئي "پيارا تون منهنجي اها مورتي جلد ئي منهنجي پياري سنت رامداس کي واپس ڏئي اچ، مان ڀاونا جو بکيو آهيان نه ٻاهرين ٺاٺ ٻاٺ جو." برهمڻ ڀڳوان جو ناراضپو ڏسي ڏکي ويو ۽ هڪدم اُتي اها مورتي سنت رامداس چرڻ وٽ کڻي آيو ۽ کيس ٻڌايائين ته ڪئين ڀڳوان جي آڳيا انوسار هيءَ مورتي واپس آندي اٿانئين. برهمڻ رامداس کي تاڪيد ڪندي چيو، "پيارا تنهنجي اهڙي ڪا ڪمائي ڪيل آهي جو ڀڳوان پاڻ توکي پرسن ٿيو آهي. اها مورتي ان مرلي منوهر وشو وياپيءَ جي اٿئي جنهن جو تون سمرڻ ڪندو آهين."

اهو ٻڌي رامداس جي اکين ۾ پريم جا آنسون اچي ويا هن هڪدم اُن مورتيءَ کي پنهنجي سيني سان لڳايو ۽ گهر اچي ساري حقيقت پنهنجي ڌرمپتنيءَ کي ٻڌائي. گهر ۾ اها مورتي استاپن ڪري ان مورتيءَ جو ڌيان ڪندي لين ٿي ويندو هو، سندس نيڻن مان نير ڌارا ڪري پيو وهندو هو. هن کان دنيوي ڌنڌو وهنوار وسري ويو. هو اُٿئي پهر "هري مڃن نمرا هون نمرا......" پيو دهرائيندو هو ۽ درشن لاءِ ٻاڏائيندو هو.

پياري رامداس جي نيبر اچا ڏسي ڀڳوان هڪ ٻڍڙي برهمڻ جي روپ ۾ سندس گهر ۾ پڌاريو. ان وقت پڻ رامداس پربوءَ جي ڌيان ۾ مگن هو. جڏهن سندس ڌيان ٽٽي ٿو تڏهن سامهون ان ٻڍڙي برهمڻ کي ساهمون ڏسي پڇي ٿو، "پربو مون کي درشن ڪڏهن ڏيندو؟" ٻڍڙو برهمڻ جواب ڏئي ٿو، "پيارا پربوءَ جو درشن ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ڪون آهي. تون وڃي پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳ." ٻڍڙي برهمڻ جو جواب ٻڌي رامداس نراس ڪون ٿو ٿئي مگر ڀڪتيءَ ۾ لين ٿي ٿو وڃي ۽ ڳائي ٿو:

ڪڏهن پريتم توکي پايان!

پنڊت جي اهڙي حالت ڏسي ماٺ ۾ رهيو ۽ هُن سوچيو تہ پرڀوءَ جي سامهون ۽ اُن جي ڪٿا ڪندڙ ۽ ڪٿا ٻڌندڙ ماڻهن کي مارڻ ٿا تہ مان اُتي ڇو وڃان؟

جيڪو پريم ڪري ٿو تنهن کي رُسڻ جو بہ حق آهي. اُن ڏينهن مٺيداس ڀڳوان شري جڳناٿ کان رُسي ڪري مٺ جي ڪنڊ ۾ بنا کائڻ پيئڻ جي ويٺو رهيو. مندر ۾ شام جو آرتي ٿي پر مٺيداس آرتيءَ ۾ بہ شريڪ نہ ٿيو. رات جو مندر جو دروازو بند ٿي ويو. رات جو جڳناٿ پوريءَ جي راجا کي ننڊ ۾ شري جڳناٿ ڀڳوان درشن ڏيندي چيو ۽ ”تون ڪهڙو راجا آهين! منهنجي مندر ۾ ڇا ٿو وهي واپري تنهنجي تو کي ڄاڻ ڪين آهي. منهنجي مندر ۾ روز منهنجو پيارو ڀڳت مٺيداس ڪرتال کڻي ڳائيندو آهي، نچندو آهي. اڄ ڪٿا واچڪ پنڊت منهنجي پياري ڀڳت مٺيداس کي ماريو آهي. مٺيداس جي ڪيرتن بنا مون کي سڀ ڪجهہ ڦڪو پيو لڳي. منهنجو پيارو مٺيداس اڄ مٺ ۾، مندر جي ڪنڊ ۾ بکيو پياسو آهي. تون پاڻ وڃي اُن کي خوش ڪر، اڄ کان وٺي هن جي ڀڳتيءَ ۾ ڪو بہ ڀنگ نہ وجهي. ڪٿا واچڪ اڄ کان وٺي منهنجي مندر ۾ ڪٿا نہ ڪري. منهنجو مندر تہ ڀڳتن جي ڀڳتي ڪرڻ لاءِ آهي. ڪٿا هاڻ لڪشميءَ جي مندر ۾ ٿيندي.

هيڏانهن مٺيداس پرڀات جو پرڪاش ڏٺو. ڀڳوان شري جڳناٿ مٺيداس جي مٿي تي هٿ رکي چئي رهيو هو، ”ٻچا مٺيداس تون بکيو ڇو آهين؟ تون بکيو رهيو آهين تنهن ڪري مان بہ اڄ اُپواس رکيو آهي. اُٿي جلدي ڀوڄن ڪر.“ ائين چوندي ڀڳوان انتر ڌيان ٿي ويو. مالهي مٺيداس ڀڳوان جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ پنهنجي سامهون پرساد جو ٿالهہ ڏٺائين. هن اهو پرساد پريم سان ورهايو ۽ پاڻ بہ ورتايو.

جي استريءَ ۽ پٽ جي پرلوڪ پڌارڻ ۾ ته مالڪ جي مهرباني ڏٺي ڇيو ته منهنجو ڀريو ڪيڏو نه ڪرپانڌان آهي، جو اُن موڪ سڀني بندڻن کان آجو ڪري ڇڏيو. منهنجو من استريءَ ۽ پٽ کي پنهنجو سمجهي انهن ۾ موهجي ويو هو مگر مهربان مالڪ مون تي مهر ڪري منهنجي مڪتيءَ لاءِ پنهنجون سٿون واپس ورتيون. هاڻي مان جيون جو پل پل ڀريوءَ جي ڌيان ۾ سڦل ڪندس.

مٽيداس هاڻي سمورو سمو ڀڳوت ڀڄن ۾ گذارڻ لڳو. پرڀات جو سنان ڪري، هٿن ۾ ڪرتالون کڻي وڃي شري جڳناٿ جي دروازي ٻاهران ڳائيندو هو. ڀڳوت پريم ۾ لين ٿي نچندو هو. مندر جي دروازي کلڻ تي اندر وڃي ڀريوءَ جي مورتيءَ جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيندو هو. ڪيترا دفعا ڀڄن ڳائيندي ڪرتالون وڄائيندي، پريم ۾ نچندي ئي سڌ ٿي ويندو هو. سندس اکڙين مان پريم جا ڳوڙها پيا ڳڙندا هئا.

اُن مندر جي هڪ پاسي ۾ برهمڻن جي ڪٿا ٿيندي هئي. ڪٿا ڪندڙ ودوان ته هو مگر منجهس ڀڳتي ڀاونا ڪو نه هئي. ڪٿا ڪرڻ وقت هو اهڙي ته مٺي نموني ڪٿا ڪندو هو جو ٻڌندڙ ڀڄ ڀاوت ٿي ويندا هئا.

هڪ دفعي اُن ودوان پنڊت ڪٿا پئي ڪئي ته ڀڳ مٽيداس ”هري ڪرشن هري ڪرشن“ جي ڌني لڳائيندو اُتي اچي پهتو. مٽيداس مندر ۾ ڀڳوان جو درشن ڪندي مستيءَ ۾ اچي نچڻ لڳو. ڪيس اها ڪل ڪٿي پئي ته ڪو پنڊت ڪٿا وينو ڪري. ڪٿا واچڪ پنڊت ڪروڌت ٿي مٽيداس کي گهڻو وڌ ڳالهايو. مگر مٽيداس ڪيرتن جي آنند ۾ لين رهيو.

اهو ڏسي ڪٿا ٻڌندڙن ۽ پنڊت جوش ۾ اچي مٽيداس تي ڌڪن ٺڪن ۽ گارين جو وسڪارو ڪيو. مٽيداس پرڪاش

ڏيندو. جڏهن ڏاڍيءَ جو ديدار ڪئي سو نصيب وارو. ماءُ مريم
جي اهڙن خدائي خيالن جو شيخ فريد تي گهاٽو اثر پيو هو.

هڪ ڏينهن شيخ فريد ماءُ کي چيو، "امان مون کي
موڪل ڏي ته مان جهنگل ۾ وڃي رب جي بندگي ڪريان."

سندس ماءُ خوشيءَ سان کيس خدا جي عبادت ڪرڻ لاءِ
موڪل ڏني ۽ چيائينس ڏهه سال سانده بندگي ڪندو رهج.
متان خدا جي ديدار کان اڳ واپس ورين.

فريد ماءُ کان موڪلائي جهنگل جي راهه هليو. رستي تي
کيس خيال آيو ته جيڪر امان کي چوان ها ته ڪجهه لولا پچائي
ڏئي، هڪ سمهڻ لاءِ وهاڻو ۽ پاڻي پيئڻ لاءِ ڪٽورو ڪڻڻ ۾
سري وڃي. اُن ويچار کان فريد وري گهر ڏانهن واپس وريو.
ماڻهس عجب ۾ پئجي ويئي ۽ کانئس واپس ورڻ جو سبب
پڇيائين. فريد وراڻيو، "امان، مون کي لولا پچائي ڏي، بک
لڳندي ته گرهي لولي جي کائي پاڻي پي ڇڏيندس. پاڻي پيئڻ
لاءِ ڪٽورو ۽ سمهڻ لاءِ هڪ وهاڻو ڏيءِ."

سندس ماءُ مرڪي کيس سمجهائيندي چيو. "بچا! تون رب
جي راهه ۾ هليو آهين وري لولا ڇا جا؟ "فقيري ته فاقا. ڪم
کانا اور غم کانا" فقيريءَ جي نشاني آهي. خدا لوڪي ۾ همٿ
وارا آهن. ڪيري بند پاڻي پيئج، ڪٽورا وري ڇا جا؟

وسيلا وسار. سمهڻ لاءِ ڪهڙو ڇا لاءِ. سڪايل سمهندا
آهن ڇا؟ جاڳي جاڳي رب کي ريجهائيندا آهن. ڏاڍيءَ جي راهه ۾
"پاڻ ۾ ڪٽج پاڻ سين وسيلا وسار" شاهه

فريد کي ماءُ تاڪيد ڪئي ته وڻن مان ڦل پٽي نه کائج.
سهج ملي وڃي ته کائج. هن کيس هڪ ڪاٺ جو ٽڪر ڏنو

هيئنهن صبوح جو جيئن راجا جي اکه کلي تئن کيس سپني واري ڳالهه ياد آئي. ڀڳوان شري جڳناٿ جي آڳيا انوسار هي ڀڳوان شري جڳناٿ جي مندر ۾ آيو. ڪمند ۾ مالهي مڌيداس کي وڻ تلي ڏٺي کيس نمسڪار ڪيائين ۽ ڪٿا واچڪ ٻڌائڻ شروع ڪيائين طرفان راجا مالهي مڌيداس کان معافي ورتي.

راجا اُن ڏينهن کان خاص ڀڳت مڌيداس جي سار سنڀال لهندو هو ۽ مڌيداس وري سارو سمو ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريندو هو. ڀڳوان پنهنجي ڀڳتن کي ڪڏهن نه ڀانئين ٿو. ڀڳوان شري جڳناٿ جي راجا کي سپني ۾ ڏنل آڳيا انوسار اُن ڏينهن کان اها ڳالهه ڪونه لڪندي آهي. پريو پريم ڏسي پرسن ٿئي ٿو نه ورنا ۽ ايمان، نه شاهوڪاري نه شان.

هي پسڻ چاهين ڀڳتيءَ کي نه ڀل هيئاڻين وات.

شيخ فريد

شيخ فريد جو جنم سنه ١١٧٣ع ۾ ڀنڊ چاوڙي شهر جي ڳوٺ پنجاب ۾ شيخ جمال الدين جي گهر ۾ ٿيو. فريد جو پيءُ جلد ئي گذر ڪري ويو. انهن ڪري ماءُ مريم سڀلس ڇگي سنڀال ڪندي هئي. ننڍپڻ کان ئي کيس نماز پڙهڻ جو طور طريقو سيکاريو ۽ قرآن شريف پڙهڻ لاءِ منجهس چاهه پيدا ڪيو.

فريد ڇهن سالن جو هو جو نماز پڙهڻ شروع ڪيائين. فريد کي درويش بڻائڻ ۾ سندس ماءُ مريم جو ئي هٿ هو. هوءَ وقت به وقت فريد کي ڌڻيءَ جي بندگي ڪرڻ لاءِ سمجهائيندي ڪندي هئي، کيس چوندي هئي ته بندگيءَ کان سواءِ ڌڻيءَ جو ديدار ڪين

بندگي ڪرڻ سبب فريد صاحب جي زبان ۾ سدي اچي ويئي. هڪ دفعي "پاڪ پٽن" جي پرسان وهندڙ ستلج نديءَ جي پاڻيءَ چاڙهه ڪاڍي. پاڪ پاٽن جو شهر ٻڏڻ تي هو. اُتان جي رهواسين اچي فريد صاحب کي عرض ڪيو ته فقير سائين ٻوڙ کان شهر بچايو.

فريد صاحب اُن وقت هيٺيون سلوڪ اُچاريو:

ڪنڌي وهڻ نه ٻاهه، تهِ پيءَ ليکا ڏيوڻا،
جڏهن رب رضاء، وهڻ ٽڏائون گنهه ڪري.

فريد صاحب جي ائين چوڻ سان نديءَ جو پاڻي لهي ويو ۽ "پاڪ پٽن" جا رهواسي ٻوڙ کان بچي ويا.

هڪ دفعي فريد صاحب کان سندس مرشد امتحان ورتو. هڪ رات جو زبردست برسات وسي رهي هئي. مرشد سيني مريدن کي چيو ته ٻاهه وسائي، بتيون وسائي وڃي آرام ڪريو.

رات جو ڏير سان مرشد شيخ فريد کي حڪم ڪيو، "بابا چلم تاهي ڏي" مرشد کي چلم تاهي ڏيڻ لاءِ فريد صاحب تانڊي جي ڳولها ۾ ٻاهر نڪتو. چوڌاري ڦريو، مگر ڪٿان تانڊو ڪين مليو. هڪ اونداهي رات ٻيو اوڙڪ برسات. هنجي نظر پريان هڪ جهوپڙيءَ تي پيئي جت بتي ٻري رهي هئي. فريد ڊڪندو پڄندو اُتي آيو، اُها هڪ وئشيا جي جهوپڙي هئي ۽ اُن جي گهر ٻاهه ٻري رهي هئي. فريد کيس عرض ڪيو ته مونکي تانڊو گهرجي. وئشيا وراڻيو "تانڊو ڀلي کڻي وڃ پر انجي عيوض اک ڏيڻي پوندءِ. فريد صاحب وئشيا کي چيو تون ڀل منهنجي اک ڪڍ. پر جي اک جي عيوض منهنجو مرشد راضي ٿئي ته به سودو سستو آهي.

فريد صاحب اگهر (تانڊو) کنيو ۽ وئشيا سندس اک ۾ چمٽو وجهي اک ڪڍي. فريد صاحب اُن اک کي پٽي ٻڌي تانڊو

چيس تہ جڏهن بہ لڳئي تہ هن ڪاٺ ٽڪر کي چڪ
پائيج.

فريد ماءُ جي حڪم جي تعميل ڪئي. هو سڌو جهنگل ۾
آيو. اتي پهرين الله کي ياد ڪرڻ لڳو. ڪاٺونس ڪاٺو پيتو وسري
ويو. نمڻين مان ننڊ موڪلائي وئي، هڪ جي ٿي طلب تامع بي
وائي نہ سندس واسطہ.

شيخ فريد ڌڻيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٽن کي ڪمڏيون نہ
تسپائيون ڏنيون. هڪ دفعي هن پاڻ کي هڪ وڻ ۾ اُبتو ٽنگي
اکيون بند ڪري الله جي ديدار لاءِ دل ۾ پڪاريو. سندس
بدن جو ماس سڪي ويو. ڪانوَن سمجهيو تہ وڻ تي شايد
ڪو مُردو ٽنگيو پيو آهي. ڪانو سندس ماس کائڻ لاءِ ماس تي
ٽونگا هڻڻ لڳا. ڪانوَن جي ٽونگن هڻڻ تي فريد جون اکيون
کليون ۽ اتي ڪانوَن کي التجا ڪيائين:

فريدا ڪانگا ڪرنگهہ ڍنڍو لئا، سگلا کائيو ماس،
اي دو نہ نئنا مت ڇهئہ، پر ديکڻ ڪي آس.

(اي ڪانو توهان منهنجي ماس کائڻ لاءِ ڀلي ٽونگا هڻو
پر منهنجي اکڙين کي نہ ڇهو يعني اکين کي نہ کائجو، باقي
جو ماس کائو ڇاڪاڻ تہ انهن اکڙين کي ڌڻيءَ جي ديدار جي
پياس آهي.)

شيخ فريد جي تپسيا ڌڻيءَ در قبول پئي، محبوب جو
مشاهدو ماڻيائين ۽ پوءِ ئي ماءُ ڏانهن گهر موٽيو. هن صاحب
وهنوار انوسار شادي برابر ڪئي پر سندس دل نہ هئي لاهوتين
سان. سيدي جيون ۾ رب جو ديدار ڪندو هو. هي صاحب ڪک
کي بہ رنجائڻ ڪين چاهيندو هو، چوندو هو:

" فريدا ڪک بہ وڏي وت جي اُڏي پوءِ اک ۾
نہ گهڻو ڏي پئي ڏکہ "

۽ سنڪلپ ڪيائين ته ڪڏهن به ڪنهن درويش سان مسخري
ڪين ڪندس ۽ نه ڪي ڪوڙ ڳالهائيندس.

شيخ فريد ڪيتري ٻاڻي لکي آهي، جنهن ۾ روحاني
ترقيءَ جي راهه ٻڌايل آهي ۽ ساڻ ساڻ وهنوارڪ درشٽيءَ کان
به سندس ٻاڻي هڪ روشنمناز آهي. سندس ڪي دوهـ
ڏجن ٿا:

فريدا چار گنوائيا هنڍ ڪي، چار گنوائيا سم،
ليکا رب منگيسوئا، تون آهو ڪيري ڪم.

برها برها آکئيي، برها تون سلطان،
فريدا جس تن برهه نه اوپجي، سو تن جاڻ مساڻ.

جوبن جا ندي نا ڏران، جي شهه پريت نه جاءِ،
فريدا ڪتي جوبن پريت بن، سڪ گئي ڪملاءِ.

فريدا ٻري دا ڀلا ڪر، غصا من نه هنڍاءِ،
ديهي روڳ نه لڳئي، پلي سڀ ڪڇ پاءِ.

فريدا جو تينو مارن مڪيئا، تنا نه ماري گهم،
اپڻڙي گهر جائيئي، پير تنا دي چم.

فريدا جتنا خوشيئان ماڻيئان، تتنا پئيا روگ،
ڪلر ڪاڏي ماريئا، گڙ ڪاڏي ڪيا هوگ.

فريدا گليئين چڪڙ دور گهر، نال پياري نينهه،
چلان ته ڀڄي ڪنبلي، رهان ته ٽٽي نيهه.

ڀڄئه سڄئه ڪنبلي، الله ورسئه ميهه،
جاءِ ملان تنا سڄڻا، تنئه ناهي نيهه.

ڪٽي آيو ۽ اچي مرشد کي چلم ٺاهي ڏني. مرشد پڇيو ابا چلم ڪيئن دکائيئه، ٽانڊو ڪٿان آندءِ ۽ تنهنجي اک تي هيءَ پٽي ڇو ٻڌل آهي؟

شيخ فريد ساري حقيقت مرشد کي ٻڌائي. مرشد سندس پٽي کوليندي ڇٽن مٿس هٿ رکيو ته سندس ٻئي اکيون سالم.

مرشد کيس چيو، "پيارا فريد! تنهنجي ڪمائي قبول! تون امتحان ۾ ڪامياب ويئين. الله نگهبان تنهنجو ۽ اعليٰ شان." مرشد مهر ڪئي فريد لعلون لال ٿي پيو. مرشد جي عنايت مريد کي رڱي ڇڏيو.

هڪ دفعي هڪ واپاري گڏهه تي کنڊ جا ٻاچڪا ڪٽائي ٿي ويو ته رستي تي شيخ فريد کانئس پڇيو، "گڏهه تي ڇا پيو ڪٽائي وڃين؟" واپاريءَ جواب ڏنو، "لوڻ پيو ڪٽائي وڃان." فريد ورائيو، "برابر لوڻ هوندو."

اهو واپاري جڏهن ڳوٺ پهتو ۽ اهي کنڊ جا ٻاچڪا کوليائين ته سڀني ٻاچڪن ۾ کنڊ بدران لوڻ نڪتو. اهو واپاري ٻڏو ۽ پڇتائڻ لڳو ته ناحق هن درويش شيخ فريد سان ڪوڙ ڳالهايو. اهو واپاري اُهي ٻاچڪا ڪٽائي شيخ فريد وٽ آيو ۽ کيس وينتي ڪيائين، "منهنجي ڀل معاف ڪريو. اوهان جڏهن مونکان پڇيو ته گڏهه تي ڇا ٿو ڪٽائي وڃين، تڏهن مون اوهان سان ڪوڙ ڳالهائي کنڊ بدران لوڻ چيو ۽ جڏهن ڳوٺ پهتس ته سڀني ٻاچڪن ۾ کنڊ بدران لوڻ نڪتو. مهرباني ڪري ڪوڙ جي معافي ڏيو ۽ کنڊ کي کنڊ ڪريو.

شيخ فريد آکيو، "ابا جي کنڊ هئي ته کنڊ ٿيندي." فريد صاحب جي ائين چوڻ سان اهي ٻاچڪا وري کنڊ سان ڀرپور ڏسڻ ۾ آيا. واپاري خوش ٿي ٻاچڪا ڪٽائي رمندو رهيو ۽ دل

ڪڏهن پنهنجي گروءَ کي به سمجهائيندو هو. ساري ڏکڻ ڀارت ۾ هن جي ودتا جو يش ڦهلجي ويو.

هڪ ڏينهن هن پنهنجي گروءَ کان گنگا اشنان ڪرڻ لاءِ موڪل گهري. گنگا ندي ته ڪافي دور هئي. گروءَ ماڌو جهڙي سيوڪ، شش کي پاڻ کان پري ڪرڻ نٿي چاهيو. گروءَ جي اهڙي ڀاونا ڏسي اننتيشور چيو ته ڀڳتن جي اڌار لاءِ گنگا پاڻ هت سامهون واري تلاب ۾ ايندي. پوءِ ماڌوءَ کي ياترا ڪرڻ جي ضرورت ڪين پوي. ٻاڻ ٻئي ڏينهن تلاب ۾ سائي پاڻيءَ جي بدران سفيد نرمل جل ڏسڻ ۾ آيو ۽ ان ۾ لهرون ڏسڻ ۾ آيون. شري ماڌو آچاريه پوءِ اُن تلاب ۾ ئي اشنان ڪيو. چون ٿا ته هر ٻارهين سال اُن تلاءُ ۾ گنگا ايندي آهي.

ڪجهه سالن کان پوءِ شري ماڌو آچاريه رڇن ڪيو ۽ جدا جدا ودوانن سان شاستراٿ پڻ ڪيو. سندس شاستراٿ جو مول مراد هئي ڀڳتي ساڌنا جو پرچار پرسار ڪرڻ. هن لوڪ سڌيون ۽ پراپت ڪيون جن جي ڏيکاري ڪڏهن ڪڏهن ڏيندو هو.

هڪ دفعي ڪنهن واپاريءَ جي ٻڏندڙ جهاز کي هن بچايو، جنهن ڪري اهو واپاري هن تان پرڀاوت ٿي پنهنجي اڌ ملڪيت هن کي ڏيڻ لڳو. مگر هنجي رڳ رڳ ۾ پريما ڀڳتي ڀري هئي سو هو دنيوي مال ملڪيت ڇا ڪري. شري ماڌو آچاريه اُن واپاريءَ جي راءِ به سويڪار ڪين ڪئي. تياڳ ئي ڀڳتيءَ جي نشاني آهي.

ڪن وروڌين شري ماڌو آچاريه جي وڌندڙ يش کي ڏسي ڪيس نقصان پهچائڻ چاهيو. سندس لکيل ڪي گرنٿ چوري ڪيا. اُنهن کي سگهه سوڌو پڪڙيو به ويو مگر شري ماڌو آچاريه اُنهن کي ڪميا ڪندي ڪين پيار ڏنو.

هو سچو وقت ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهڻ لڳو. هن اُڊوپي ۾ ڪيترا ئي مندر استاپن ڪيا. هن ڪيترا ئي گرنٿ لکيا جي اڄ هزارن جي راهه روشن ڪري رهيا آهن.

شري ماڌو آچاريه

مدراس پرديش جي منگلور ضلع ۾ ويلي ڳوٺ ۾ وڪرم
سنبت ۱۲۹۵ ماگهه شڪلا سپتميءَ تي شري نارايڻ ڀٽ جي
گهر ۾ شري ماڌو آچاريه جو جنم ٿيو. سندس ماتا جو نالو ويدوتي
هو. شري نارايڻ ڀٽ کـــي پتر سنتان ڪانه هئي. شري نارايڻ
ڀٽ ۽ سندس پتنيءَ ويدوتيءَ پتر پراپتيءَ لاءِ ڪافـــي تپسيا
ڪئي ۽ پرڀوءَ جي ڪرپا سان سندن تپسيا ڦلي ڀوت ٿي، ٻالڪ
ماڌو ڄائو. جنهن اڳتي هلي ڀڳتي سدانت جي
پشٽي ڪئي.

ننڍپڻ ۾ ٻالڪ ماڌو جو من لکڻ پڙهڻ ۾ ڪين لڳندو هو
جتين پاڻڻ کان پوءِ به هو نچڻ ٽپڻ راند روند ۾ اڳو پيو هوند
هو. ڪشتيءَ ۾ به هوشيار هو. هاڻي ويدن شاسترن جي اڀياس
۾ سندس چاهه پيدا ٿيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن ويدن شاسترن ج
چڱو اڀياس ڪيو. سندس من ۾ سنياس ڌارڻ جـــي اڇا پيد
ٿي، مگر سندس ماتا پتا ســوهه وس ٿـــي سندس ان راهه ۾
رڪاوٽ پيدا ڪئي. تڏهن ماڌوءَ ڪي اهڙا ته چمتڪار ڏيکاري
جو سندس ماتا پتا کي هنجو موهه ڪٽڻو پيو.

ٻارهن ورهين جي عمر ۾ ماڌو اچيت پڪشچاريه کان سنيا
جي ديڪشا ورتي ۽ سندس نـــالو "پـــورڻ پرگيه" رکيو ويو
سنياس اختيار ڪرڻ پوءِ ورتي هن ويدانت جو گهـــرو اڀياس
ڪيو. هن ويدانت ۾ اهڙي ته قابليت حاصل ڪئي جو ڪڏهن

۽ ايڪانت آستان تي ويهي ڀڳوت ڀڄن ۾ لڳن رهان. مگر ٻئي
طرف معصوم ٻالڪ جي پالنا جو خيال کيس روڪيندو هو.

هڪ ڏينهن سندس گهر جي ڇت مان هڪ بيدو ڪري
پيو جنهن مان هڪ پکيءَ جو ٻچڙو نڪتو. اهو پکيءَ جو ٻچڙو
ڇهنب هلائڻ لڳو جڻ کيس بک لڳي هجي. ان وقت هڪ
ننڍڙو ڪيڙو ان قتل بيدي جي رس تي اچي ويٺو ۽ ان رس
چڪي پيو ۽ پکيءَ جي ٻچڙي ان ڪيڙي کي کاڌو.

شريدر سوامي اهو درشيه ڏسي ڀڳوان جي مهما جو خيال
ڪرڻ لڳو ته ڀڳوان ڪيئن نه تازي جاول پکيءَ جي ٻچڙي
جي سار لڌي. ڀڳوان سڀني جيون جي پيو سار لهي.

ماهيو ڙي ماهيو!
مٺن اڪ مودي لڌيا جو سڀ دي سار لهنديا
شيل پٿر وچ جيو اپائي تنا ۽ روزي رسيندا،
اگلا ليکا ڪجهه ۽ پو چٺن نت نئي اڌار ڪريندا
جگ جگ جيوي ميرا مودي گوالا جو مهڻا ڪجهه نه ڏيندا.

شري شريڌر سواميءَ کي پڪ ٿي ته جنهن ٻر پيو پکيءَ
ٻچي جي سار لڌي آهي تنهن سندس ننڍڙي پٽ جي ۽
پو پاڻ سار لهندو.

اهو خيال ڪري هو ڪاشيءَ ۾ ويو جتي هو ايڪانت
ستان تي ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لڳو.

هن شريمد ڀڳوت گيتا، شري وشنو پراڻ تي ٽيڪائون
ون آهن. سندس انهن ٽيڪائن ۾ ڀڳتي ۽ پريم جو سمر ٿن
يل آهي.

شريڌر سوامي

ڏکڻ ڀارت طرف هڪ برهمڻ ڪٽنب ۾ شريڌر سواميءَ جو جنم ٿيو. هو اڃا ننڍڙو ٻالڪ هو جو سندس ماتا پرلوڪ پڌاري. هڪ ڏينهن اتان جو راجا وزيرن سان گڏ گهمي رهيو هو ۽ هنجي نظر هن ٻالڪ تي پيئي. هي ٻالڪ ڏاڍو اياڻو ۽ ابهم ٿي لڳو.

راجا اُن ٻالڪ کي پاڻ سان محل ۾ وٺي آيو. راجا اُن ٻالڪ کي نرسنهه منتر جي ديڪشا وٺي ڏني. پرڀوءَ جي ڪرپا سان اُن ٻالڪ جو من ڀڳوت ڀڄن ۾ لڳي ويو. نرسنهه منتر جپيندو جپيندو اهو ٻالڪ اهڙو تنميه ٿي ويو جو ڀڳوان نرسنهه روپ ۾ هن کي درشن ڏنو ۽ کيس وردان ڏيندي چيو، ”تو کي ويدن شاسترن، درشنن جو سمپورڻ گيان ٿيندو ۽ تنهنجي من ۾ اڃا وڌيڪ ڀڳتيءَ جو وڪاس ٿيندو.“

ڀڳوان جي وردان سبب شري شريڌر سواميءَ جي ودوتا ۽ ڀڳتيءَ جو پرڪاش چوڌاري ڦهلجي ويو. راجا به هن کي ڪافي عزت ڏيندو هو. سندس وواهه به ٿيو مگر جنهن جي چت جي ورتي پرڀوءَ طرف اُن جو من وشين ۾ ڪيئن اٽڪندو. هو اناسڪت ڀاو سان رهڻ لڳو. کيس پتر سنتان ٿي ۽ جلدي ئي سندس ڌرمپتني پرلوڪ پڌاري. هن کي پتنيءَ جي پرلوڪ پڌارڻ جو ڏک ڪين ٿيو. اُن ۾ به هن ڀلائي سمجهي ٻالڪ جو نرواهه کيس ئي ڪرڻو پيو. سندس من ۾ ور ور اهو وچار پئي پيدا ٿيو

اُن وقت داما جي پنت ڀڳوان شري پانڊورنگ جي ڀڳتيءَ ۾ لين هو. سپهه سالار پنهنجي اچڻ جي خبر داماجيءَ کي اندر موڪلي پر هو ته پنهنجي ڀڳتيءَ جي آنند ۾ مگن هئا. آخر سپهه سالار وڏي آواز سان داماجيءَ کي پڪارڻ لڳو، تڏهن داماجيءَ جي پتني ٻاهر نڪري آئي ۽ هن نبر ناريءَ کيس جواب ڏنو ته اجائي تڪڙ نه ڪريو جيسين منهنجي پتيءَ پنهنجو نت نيم پورو نه ڪيو آهي تيسين مان کيس ڀڳوت ڀڄن مان ڪين اٿاريندس. جڏهن داما جي نت نيم پورو ڪري اٿيو تڏهن سندس ڌرمپتنيءَ کيس بادشاه وٽان آيل سپهه سالار ۽ فوج جي اچڻ جي خبر ٻڌائي. ڀڳت داماجي سمجهي ويو ته سرڪار اناج جي ڀنڊاري کولڻ سبب ئي بادشاه ڏمريو آهي. هن ڌيرج ڌري پتنيءَ کي چيو ته مان بکايلن جو پيٽ ڀري پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي. ڪو ڏوهه جو ڪم ڪين ڪيو آهي. منهنجي پانڊورنگ جا روپ پيا بک ۾ ڦاهه ٿين ۽ مان اناج جا ڀنڊارا بند رکان! پاڻهي پانڊورنگ ڀڳوان ڀلي ڪندو.

ائين چئي هو گهر کان ٻاهر نڪتو جتي سپهه سالار هن جو انتظار ڪري رهيو هو. سپهه سالار هن کي بادشاهه جو حڪم نامو ڏنو.

داماجي حڪم نامو پڙهي بادشاه وٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. سپهه سالار داماجيءَ کي هٿ ڪڙيون هڻي گولڪنڊا طرف داماجيءَ ۽ فوج سان گڏ روانو ٿيو. داماجي اهڙي حالت ۾ پڻ ڀڳوان شري پانڊورنگ جي ڌني لڳائيندو رهيو. رستي تي پنڍرپور جو ڳوٺ هو. داماجيءَ جي اڇا ٿي ته مندر ۾ وڃي ڀڳوان پانڊورنگ جو درشن ڪري ڪرتارٿ ٿيان. هي سپهه سالار کان موڪل وٺي ڀڳوان شري پانڊورنگ جي مندر ۾ آيو.

ڀڳوان جو درشن ڪندي سندس اکڙين مان پريم جا آنسون

داماجي پنت

ڀڳت داماجيءَ جو جنم مهاراشٽر ۾ پندرهين صديءَ ڌاري ٿيو. هي ٻهارو نمت نيم ڀڳوان جو ڀڄن ڪندو هو. سندس ڌرمپتنيءَ پڻ ايشور آراڌڪا هئي. ڀڳت داماجي گولڪنڊا جي بادشاھ جي زيردست منگل ويڙيا پرڳڻو سنڀاليندو هو. مهاراشٽر ۾ ڪجهه سال برسات نه پوڻ ڪري منگل ويڙيا ۾ سخت ڏڪار پيو. ڪيترا ئي بک جو شڪار ٿيڻ لڳا. عام ماڻهن جي ڏکي حالت ڏسي داماجي پنت جي دل ڀرجي آئي. هن سرڪاري اناج جا ڀنڊار بکايلن لاءِ کولي ڇڏيا. هزارين بک جي ستايلن اُن اناج جي ڀنڊاري مان فائدو ورتو ۽ داماجي پنت کي آسيسون اسي ڪيون.

داماجي پنت جي ڪن حاسد بادشاھ کي وڃي چغلي هنئي ته داماجيءَ سارو سرڪاري اناج جو ڀنڊارو پنهنجي ناموس ڪيڻ لاءِ لٽي ڇڏيو آهي.

بادشاھ اهو ٻڌي بنا سوچ ويچار جي فوج جي سپهه سالار کي حڪم ڪيو ته داماجيءَ کي هڪدم گرفتار ڪري منهنجي سامهون پيش ڪيو وڃي.

مسلمان سپهه سالار بادشاھ جي حڪم جي پوئواري ڪئي هو ٽئين ڏينهن صبوح جو ئي منگل ويڙيا ۾ پهتو ۽ هڪدم داماجيءَ جي گهر کي گهيرو ڪيو.

روپين جي رسيد ۽ ٻنوءَ کي ڏني پر ڪيس وڃڻ جي موڪل
ڪين ڏي ڏنائين ڇاڪاڻ ته ٻنوءَ کي ڏسڻ سان بادشاهه ء عجيب
فرحت پئي حاصل ٿئي.

ٻنو آخر انتر ڌيان ٿي ويو. هيڏانهن بادشاهه حڪم ڪيو
۽ داماجيءَ کي باعزت مون وٽ وٺي اچو.

سپهه سالار داماجيءَ کي وٺي پئي آيو، پراڻهه ڪال جو
مو هو. داماجيءَ اشنان ڪري ڪجهه وقت ترسي شري
پانڊورنگ جي ڌيان ۾ ويٺو هو، فوج ۽ سپهه سالار ٻاهر هئا.

شري داماجيءَ پاٺ ڪرڻ لاءِ شري ڀڳوت گيتا کولي.
جنهن هن ڀڳوت گيتا جا ورق پئي اٿلايا ته هڪ سنڌر ڪاغذ
وچ مان نڪري آيو. جنهن تي بادشاهه جي صحي سان هئي ۽
ن ۾ لکيل هو: تو جيڪو اناج دڪان ۾ ورهايو، ان جا پئسا چڪتو
بادشاهه کي ڏنا ويا آهن.

اهو پڙهي داماجي دنگ رهجي ويو. هيڏانهن بادشاهه جو
حڪم نامو کڻي ايندڙ به اتي اچي پهتا ۽ اهو حڪم نامو
سپهه سالار کي ڏنائون. سپهه سالار اهو حڪم نامو پڙهي هڪدم
داماجيءَ جون هٿڪڙيون لاٿيون ۽ باعزت کيس بادشاهه وٽ
وٺي آيو.

اهو ڪوتڪ ڏسي داماجي عجب ۾ پئجي ويو. بادشاهه
ن ٻنو گوناٽي جي درشن لاءِ وياڪل هو. هن داماجيءَ کي
ايندو ڏسي پڇيو، ”داماجي تنهنجو داس ٻنو جو اناج جو ملهه
ڏني ويو اهو مون کي ڪٿي ملندو؟ مان ان جي درشن لاءِ
ڦڙڦي رهيو آهيان.“

داماجي ورائيو، ”سائين ڪهڙو ٻنو. مون ته ڪنهن ٻنوءَ

ٽپڪڻ لڳا، هو ٻرپوءِ کي چوڻ لڳو، "ڀڳوان تون ڪهڙو نه ديالو آهين جو مون کي هن سرڪاري بندن مان آزاد ڪرائڻ لاءِ هيءَ گهڙي آڻي. مون نه پنهنجي پياري خلق کي کارايو ٻيو ڪو اپراڌ ڪين ڪيو آهي." سپهه سالار، داماجيءَ کي سڏي بادشاهه طرف روانو ٿيو.

هيڏانهن ڀڳوان پنهنجي پياري داماجي پنت جي پت رکڻ لاءِ هڪ ساڌارڻ ڳوناٺي جو روپ ڌاري بادشاهه جي دربار ۾ پڌاريو ۽ بادشاهه کي وينتي ڪيائين ته مان منگل ويڙها مان آيو آهيان ۽ داماجي پنت جو داس آهيان. شري داماجيءَ بک جي ستايلن کي سرڪاري اناج ڏئي جا وقتائتي سيوا ڪئي آهي. اُن لاءِ پرجا اوهان جي ٿورائتي آهي. اُن سرڪاري اناج جو جيڪي مُلهه ٿئي اهو مان اوهان کي اڄ ڏيڻ آيو آهيان.

بادشاهه اهو ٻڌي اُن ڳوناٺي کان پڇيو ته تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ڳوناٺي ورائي ڏني، "منهنجو نالو بٺو آهي ۽ مان داماجيءَ جي اَن مان پليل چمار آهيان. اوهان ڪرپا ڪري شري داماجيءَ جي ورهايل اناج جو مون کان مُلهه وٺي رسيد ڏيو."

بادشاهه اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو ۽ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيڻ لڳو ته مان ناحق داماجي پنت کي گرفتار ڪرايو آهي. اُن بٺو ڳوناٺي ناڻي جي ٿيلهي بادشاهه کي ڏيندي چيو ته مون کي دير ٿي رهي آهي هڪدم رسيد ڏياريو ته مان وڃان. بادشاهه هن بٺو ڳوناٺي جي اکين ۾ نهاريندي هڪ عجيب لطف حاصل ڪيو.

بٺو اها روپين جي ٿيلهي خزانچيءَ کي ڏني ۽ جيئن خزانچيءَ ٿيلهي خالي ڪئي ته اها ٿيلهي وري روپين سان ڀرجي ويئي. خزانچي حيرت ۾ پئجي ويو ته ڇا هيءَ جادوءَ جي ٿيلهي ته ڪين آهي. اها خبر بادشاهه کي پڻ پيئي. بادشاهه

سنت نامديو

سنت نامديو جو جنم وڪرم سنبت ١٣٢٧ جي ڪارتڪ مهني جي شڪل پڪش ايڪادشي ڏينهن مهاراشٽر جي پنڍرپور شهر ۾ شري داماشيٽ جي گهر ٿيو. شري داماشيٽ ۽ سندس ڌرمپتني گوڻا ٻائي پرمپرا کان ڀڳوان شري وٺل جا اننيه اپاسڪ هئا. هو نت نيم ڀڳوان شري وٺل جي پوڄا اپاسنا ڪندا هئا. ۽ ڀڳوان کي ڀوڳ لڳائي پوءِ ڀوڄن ورتائيندا هئا. روز ڪيرتن پڻ ڪندا هئا. گهر جي ڀڳتيمه واتاورڻ جو وڏو اثر ٻالڪ شري نامديو تي پيو. روزگار جي لحاظ کان نامديو جو پتا داماشيٽ درزڪو ۽ ڪپڙن کي رنگ ڏيڻ جو ڪم ڪندو هو. هو وهنوار ۾ به پورو هوندو هو ته پرمارٿ ۾ به پورو هوندو هو.

ٻالڪ نامديو ماتا پتا کي ڀڳوان وٺل جي پوڄا ڪندي ۽ ڪيرتن ڪندي پاڻ به انهن سان گڏ ويهي رهندو هو، ڪڏهن ڪرتال ته ڪڏهن جهانجهه وڄائيندو ڳائيندو هو ۽ وار وار "وٺل وٺل" پڪاريندو هو.

هڪ ڏينهن پتاس ڀڳوان کي ڀوڳ ٿي لڳايو ته نامديو جي چاهنا ٿي ته هو ڀڳوان کي ڀوڳ لڳائي. تنهن تي پتاس چيو پيارا جڏهن مان ڪنهن سانگي ٻاهر ويس ته منهنجي پرپٺ تون ڀوڳ لڳائجانءِ.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ نامديو جو پتا داماشيٽ ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويو ۽ نامديو کي چئي ويو ته ڀڳوان کي ڀوڳ

کي هٿ ڪين موڪليو آهي ۽ نه مان ڪنهن سڃاڻان.

بادشاهه وري ورائيو اهو ٻنهي جو تنهنجي وراهيل اناج
جا روپيا ڏني ويو، ڪيڏو نه مون موهيندڙ هو. مان انجي
ديدار جو چاهڪ آهيان.

داماجي ڀڳوان جي راز کي سمجهي ويو ته ڪٿن نه ڀڳوان
هن پياري جي پت اچي رکي آهي. پوءِ ڀڳوءَ جي پيار
داماجي گد گد ٿي لڙڪ لاڙڻ لڳو ته منهنجي پانڊورنگ
منهنجي صدقي چمار جو روپ ڌاري اچي منهنجي پت رکي
هوءَ نه ڀڳت پاڻون آهي. بادشاهه به ان ٻنهي ڀڳوان جي درشن لا
ڌايو وياڪل ٿيو.

ڀڳوان پانڊورنگ ڀڳت داماجي پنت ۽ بادشاهه کي درشن
ڏني سندن پياس پوري ڪئي.

ڀڳوان پنهنجي ڀڳتن جي ڪيٿن نه سار لهي ٿو، سندن
ڪم پاڻ ئي اچي پورا ڪري ٿو.

ٻار ٻيو ڪندو ڪم تنهنجا راس،
تنهن ۾ سدائين رک وشواس.

بگڙيل ڪم تو مالڪ ٺاهي،
سڀ ڪجهه هن جي هٿ ۾ آهي.

صدق رکي ڪر اون اداس،
ٻيڙا ڪندو ڪم تنهنجا راس.

پٽي ٻڌھن کين ان ڳالھہ تي وساھہ نہ اچي تہ ڀڳوان ڪٿن
ساڪياءَ روپ ۾ پرگھٽ ٿي کير انگيڪار ڪيو. چاڪاڻ تہ ھو
ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان کير يا ٻي پرسادي رکي پاٺ ڪري
پاڻ ئي اھو پرساد ورتائيندا ھئا. ناماديو جا پورو جنم جا اھڙا
ڪي شڀ ڪرم ڪيل ھئا جو ننڍي عمر ۾ ئي کيس ڀڳوان جو
ساڪياءَ درشن نصيب ٿيو.

پيارو ناماديو گھر گھرھست ۾ رھيو. کيس چار پٽ ۽ ھڪ
ڌياڻي ڄائي، گھر ۾ ڪل نوَ ڀاتي ھئا. ناماديو جي پتا داماشيٽ
گھر جي پالنا جي چنتا رھندي ھئي مگر ناماديو سدائين ڀڳوان
نل جي ڀڳتيءَ ۾ مگن رھندو ھو، سندس من ۾ پريما ڀڳتيءَ جو
ساگر ڇوليون ماريندو ھو جنھن ڪري سندس مک مان ڀڳتي ڪاوا،
ڀنگن جي روپ ۾ پرواھت ٿيندو ھو. ناماديو گھر گرھست ڏانھن
ر ڪو ڌيان ڏيندو ھو.

ھڪ ڏينھن پٺھس کيس چيو- ”ناما تون ننڍڙو ڪين
ھين ٻچن ٻارن جو پيءُ آھين ڪا گھر گرھست جي جوابداري
محسوس ڪري ڪو ڌنڌو ڌاڙي ڪر، مان ۽ ڪم ڪري ڪري
ڪاٺ ھڃي پيو آھيان. جي تون نہ ڪمائيندين تہ سڀ ڀاتي بکہ
پاھہ ٿيندا.“

پتا جا اھي وچن ٻڌي ناماديو وراڻيو، ”بابا مھنجو من
سنسار جي ڌنڌي ڌاڙي ۾ نٿو لڳي پر اوھان آڳيا ڪئي آھي
پيٽ گذران لاءِ ڪانہ ڪا ڪرت ڪندس.

ناماديو جي ماتا کيس ڌنڌي ڪرڻ لاءِ ڪجھ ڪان اڌارا
پيسا وٺي ڏنا. ناماديو جنھن ئي اھي پيسا ڪٺي ڌنڌي ڌاڙيءَ جي
خيال کان شھر ڏي ويو تہ رستي ۾ ھن کي ھڪ سنتن جي ٽولي
ي. ناماديو سنتن کي ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو. ھن انھن ھٿن

لڳائي پوءِ ڀوڄن ورتائيندس. نامديو ڏاڍو پرسن ٿيو. ٻئي صبوح جو سويل سنان ڪري ڀڳوان جي مورتي اڳيان ڀوڳ لاءِ لوٽي ۾ کير رکي ڀڳوان ولل جي اپاسنا ڪيائين. پوڄا پاٺ پورو ڪري جڏهن نامديو کير جي لوٽي ڏانهن نظر ڪئي ته کير اوتري جو اوترو. نامديو سمجهيو ته ڪانه ڪا غلطي ٿي وئي آهي جنهن ڪري ڀڳوان کير ڪين ورتايو آهي. هو ڏاڍي اُرهام ۽ شرڌا سان اکين ۾ پاڻي آڻي پرڀوءَ کي وينتي ڪرڻ لڳو، "پرڀو تون دياوان آهين مونکان جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي وئي آهي ته معاف ڪجانءِ. ڪرپا ڪري کير کي ڀوڳ لڳايو."

ڪجهه وقت کان پوءِ نامديو وري کير جي لوٽي ڏانهن نهاريو. ڏٺائين ته کير اوترو ئي اوترو پيو آهي. ڀڳوان ڀوڳ ڪين لڳايو آهي. نامديو هاڻ ڏاڍو وياڪل ٿي پريم پورڪ ڀڳوان ولل کي ڀوڳ لڳائڻ لاءِ پڪارڻ لڳو.

بالڪ نامديو جي پياس ۽ وشواس ڏسي ڀڳوان چترڀڄ روپ ۾ اچي پرگهٽ ٿيو. نامديو هڪدم ڀڳوان جا چرڻ چميا ۽ چرڻن کي جهڪي وينتي ڪرڻ لڳو، "پرڀو ٻهراڻ کير کي ڀوڳ لڳايو. اوهان منهنجي لاءِ کير جي ٿوري ذري پرساد طور ڇڏائجو، باقي سمورو کير پيئجو."

ڀڳوان پنهنجي پياري ڀڳت جي وينتي مڃي کير پيتو. نامديو وري ڀڳوان کي وينتي ڪئي "هي پرڀو جيسين منهنجو پتا ٻاهران اچي تيسين اوهان ڪرپانڌان روز هت اچي کير کي ڀوڳ لڳائيندا ڪريو نه ته مان ڀوڄن ڪين ورتائيندس."

ڀڳوان بالڪ نامديو جي وينتيءَ انوسار روز اچي ڀوڳ لڳائيندو هو. ڀڳوان جي درشن کان پوءِ نامديو اٺئي پهر شري ولل ڀڳوان جو چنتن ڪندو هو. سندس سهاني ڀڪتي ڀرئي، دل ٺري پئي. جڏهن نامديو جي ماتا پتا کي اُن گهٽنا جي خبر

پرڀوءَ تي ديا ڪري ساهيڙيءَ کي پارس ڏنو. هن اها حقيقت پنهنجي گهوٽ سان ڪئي. گهوٽس متس ڏاڍو ڏمريو ۽ جوش مان هڪدم نامديو وٽ آيو ۽ کانئس پارس جي گهر ڪيائين ۽ کيس چنبو ڪيائين. تنهن تي نامديو پاسي ۾ وهندڙ نديءَ ۾ هٿ وجهي کيس هڪ پارسن جو ڍير ڏيکاريو.

اهو ڪوتڪ ڏسي ڪمالسا جو پتي برهمڻ دنگ رهجي ويو. تنهن تي نامديو کيس صلاح ڏيندي چيو، "پيارا تون ڪوڙي پارس کي حاصل ڪري ڪيڏو نه خوش ٿيو آهين جو توکان سچو پارس نام جو نالو به وسري ويو آهي. اهو پارس هٿ ڪر." ڪوڙا پارس ته ڪيترا ئي پيا آهن. اُن وقت اُن برهمڻ جون اکيون کليون ۽ نامديو جي چرنن تي ڪري پيو ۽ سندس جيون ۾ تبديلي اچي وئي.

هڪ دفعي طوفان لڳڻ سبب نامديو جي جهوپڙي ڊهي اچي پٽ پيئي. سندس ماتا کيس پئسا ڏنا ته ڪاٺ، گاهه ۽ جهوپڙي ٺاهڻ لاءِ ضروري شيون وٺي اچ ۽ ڊکڻ کي پڻ وٺي اچ.

نامديو پئسا کڻي جئن پنڌ پيو ته رستي تي ڪي بکايل ساڌو کيس گڏيا. نامديو انهن پئسن جو سيڌو سامان وٺي ساڌن سنتن کي رسوئي ڪارائي پرسن ڪيو.

هيڏانهن ڀڳوان پنهنجي پياري ڀڳت نامديو جي پت رکڻ لاءِ ڊکڻ جو روپ ڌاري نامديو جي جهوپڙي اهڙي ته سندر نموني ٺاهي جو سندس پاڙي وارا ريسون ڪرڻ لڳا. جڏهن نامديو گهر واپس وريو تڏهن پنهنجي ٽٽل جهوپڙيءَ جي جڳهه تي هڪ نئين سندر جهوپڙي ٺهيل ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ ماتا کان پڇيائين ته هيءَ جهوپڙي ڪنهن اچي ٺاهي آهي؟

جو ڪاڏو وٺي اُنهن سنتن کي کارايو ۽ ٻيا ڏنڊي ڪرڻ جي
پنهنجي گهر واپس وريو.

سندس مالا ڪانئس ڏنڊي ڏاڙهيءَ لاءِ ڏنل پئسن بابت
پڇيو. تڏهن نامديو اُنهن پئسن جو ڪاڏو سنتن کي کارائڻ واري
ڳالهه مالا کي ٻڌائي. اهو ٻڌي سندس ماتا پتا ڏاڍو ناراض ٿيا
۽ کيس چيائون ته اسين پيا بک ۾ پاهه ٿيون ۽ تون وٺين پيو
سادن کي کارائيندو. نامديو مالا کي سنتوش ڏيندي چيو ته اهان
پريو پنهنجي سار لهندو ۽ هو جڳت پالڪ آهي.

ڀڳوان وٺل نامديو ۽ سندس مالا جي اڻپٽ سندن گهر ۾
گهڻوئي سيڌي جو سامان پهچائي ويو.

جڏهن نامديو جي مالا گهر آئي ۽ کيس اُن ڳالهه جي خبر
پئي ته ڪو اڻڄاتي شخص ڪاڏي پيتي جو سامان سندس گهر ۾
پهچائي ويو آهي تڏهن هوءَ ڏاڍي پرسن ٿي. پريو پنهنجي پيارن
جي ڪيڏي نه سنڀال لهي ٿو.

نامديو جي گهر جي مسڪين حالت ڏسي نامديو جي پاڙيءَ
جي ساهيڙي ڪمالسا نامديو جي پتنيءَ راجا ٻائيءَ کي هڪ
ڏينهن لاءِ پارس ڏنو ته جئين هوءَ اُن پارس جو استعمال ڪري
مالا مال ٿئي. راجا ٻائي پارس پراپت ڪري ڏاڍي پرسن ٿي ۽
هن اُهو پارس جڏهن پنهنجي پتي نامديو کي ڏيکاريو ته تڏهن
هو ڏاڍو ناراض ٿيو ۽ پارس کڻي کوهه ۾ ڦٽو ڪيائين. سندس
ڌرمپتنيءَ جون ٻه ٻه ويون نه ٽيهه نه ويون.

ٻئي ڏينهن سندس ساهيڙي اُهو پارس واپس وٺڻ آئي.
راجا ٻائي کيس ساري حقيقت ٻڌائي ته ڪيئن سندس گهر وارن
اهو پارس کوهه ۾ اُڇلائي ڇڏيو. ڪمالسا اهو ٻڌي ڏاڍو دکي
ٿي گهر واپس وري ۽ پڇتائڻ لڳي ته ناحق ساهيڙيءَ جي

هڪ ڀيري سنت نامديو رستي تان لنگهي رهيو هو ته ٻڍل گاڏيءَ واري اچي کيس نمسڪار ڪندي وينتي ڪئي "ڀڳوان جا ڀڳت گاڏي هلندي منهنجو ٻيل ٿرڪي ويو آهي. هي منهنجو مددگار آهي ۽ هن کان سواءِ مان گذارو ڪين ڪري سگهندس، مهرباني ڪري منهنجي هن ٻيل کي جياري ڏيو."

سنت نامديو مشڪي کيس چوڻ لڳو: "پيارا اها ڏوري ته ڏاتار جي هٿ ۾ آهي تنهن ڪري پرماتما کي پرارٿنا ڪر ته سڀ سٺائي ٿي پوندي."

گاڏيو ورائيو، "سائين، مان پرارٿنا ڪري ڪين ڄاڻان." تڏهن نامديو ورائيو ته پيارا جيئن مان ڀڄن ڳايان تيئن تون به سڪ ۽ شرڌا رکي ڀڳوان جي پرارٿنا جو ڀڄن ڳاءِ ڀڳوان ڀلي ڪندو.

سنت نامديو ڀڄن ڳائڻ شروع ڪيو ۽ اُن جي پٺيان اهو گاڏيو پڻ ڀڄن ڳائيندو رهيو. سنت نامديو ڳائيندي مگن ٿي ويو. جڏهن اکيون کوليائين تڏهن گاڏيو کي چيائين ته ڀڳوان جو نالو وٺندي وٺندي پريان نديءَ تان جل ڀري اچ ۽ جئه پانڊورنگ جئه پانڊورنگ چوندي اهو جل اُن ٻيل تي ته ڇٽڪاءِ ۽ پوءِ ٻيل کي ته اٿار.

جيئن ئي گاڏيو پاڻي کڻي ڀڳوان جو نالو ڳنهندي ٻيل مٿان ڇٽڪاءُ ته ٻيل هڪدم اٿي کڙو ٿيو ۽ ويتر جيئن ڪيس باقي رهيل جل پيار ڀائين ته ٻيل وڌيڪ چست ٿي پيو. گاڏيو ڀڳوان جي لالي جي اهڙي شڪتي ڏسي نامديو جي نالي تان ٻلهار ٿيڻ لڳو.

سنت نامديو جي جيون ۾ اهڙيون انيڪ گهٽنائون ملن ٿيون.

سندس ماتا وراڻيو " تو جيڪو ٽڪڻ موڪليو سو ٻاهڻ سان سڀ سامان کڻي آيو هو ۽ جلدي جو ونڃي ٿاهي ٻئا مزوري وٺڻ جي هلڻو ويو."

اها ڳالهه ٻڌي نامديو راز کي سمجهي ويو ته ڀريو ڀيو پاڻ اچي ڪم راس ڪيو آهي. نامديو جي اکين ۾ پريم جا لڙڪ لڙي آيا ۽ ماتا کي ٻڌايائين ته اهان جيڪي تو موڪلي جهوپڙي ٺهرائڻ لاءِ پئسا ڏنا هئا انهن پئسن جو ڪاٺ ۽ سو سامان وٺي ڪاٺ و تيار ڪري ٻکايل سنتن کي کارايو. پر ڀيو پاڻ ٽڪڻ جو روپ اختيار ڪري هڙڻي سندر جهوپڙي ٺاهي ويو اٿئي. اِن ڪانسواءِ ٻيو ڪير ٻيا اهڙي ايترو جلدي اهڙي سندر جهوپڙي ٺاهي سگهي ٿو؟

ڀڳتان کي ڪارج آپ ڪلو يا هري ڪم ڪروان آيا رام

سنت نامديو ڀڳتي ساڌنا ڪندي ڪندي سمدرشتا تي پهتو. هو سڀني جيون ۾ ڀڳوان وٺل پانڊورنگ جو درشن ڪرڻ لڳو.

هڪ ڏينهن رٽي ڪندي هڪ وڻ هيٺان ويهي ڪاڏو ڪڍار اي کيائين. روٽي اتي رکي ضروري حاجت لاهڻ لاءِ ويو ته سندس پٺيان هڪ ڪتو اهـي سڀ روٽيون وات ۾ وجهي کائڻ لڳو. جڏهن نامديو سندس ويجهو آيو ته اهو ڪتو ڀڄڻ لڳو. تنهن تي نامديو ڪتي جي پويان ٻوڙ پائي ڊوڙڻ لڳو ۽ ڪتي کي چوڻ لڳو، "هي منهنجا پريو ٻرس نه سهڻ، انهن روٽين کي گهه لڳل ڪين آهي، گيهه لڳائي ڏيان ٿو پوءِ ويهي کاءُ ۽ روٽيون رکيون نه کاءُ سبزي نه ڏيان تو اُن سان کاءُ."

پريو پنهنجي پياري ڀڳت جو اهڙو پريم ڏسي ڪتي مان پرگهٽ ٿيو ۽ پريم سان پوءِ گيهه لڳل روٽي سبزي سان کائي پرسن ٿيو ۽ ڀڳت نامديو ٻڻ اهنت پرسن ٿيو.

ٻيارو نامديو جيل ۾ بند ڀڳوان وٽ ڪري وينتي ڪرڻ لڳو، ”پرڀو تون اچي گانءِ کي جيئار پنهنجي نالي جي لڄ رک. مون ۾ ڪک ڀڃي ٻٽي ڪرڻ جي نه طاقت ڪين آهي.“

ڀڳوان پنهنجي پياري جي پڪا ٻڌي کيس درشن ڏيندي چيو ته ”تٿا استو“ ائين ٿيندو. پرڀوءَ جي ڪرپا سان بادشاه جي گانءِ جيئري ٿي پوي اُٿي.

بادشاه اهو ڪوتڪ ڏسي دنگ رهجي ويو ۽ کيس اُن وقت ڏاڍي شاريرڪ پيڙا ٿي. حڪيم حاضر ٿيا مگر ڦڪين فرق ڪين ڪيو. بادشاه پنهنجو موت ويجهو سمجهيو ۽ هن محسوس ڪيو ته هن هڪ سچي ڀڳت نامديو کي ملن مولوين جي چوڻ تي ناحق جيل ۾ بند رکيو آهي. تنهنڪري هن مولوين ۽ قاضين کي ڇيڀيو ۽ ڀڳت نامديو کي پاڻ وٽ گهرائي ان کان معافي ورتي ۽ کيس عرض ڪيو ته ڪرپا ڪري مرض مان شفا ڏيو.

سنت نامديو ڀڳوان کي پرارٿنا ڪئي ”هي پرڀو! هن پليل بادشاه جو دک دور ڪر.“

پرڀوءَ پنهنجي پياري جو عرض اُگهايو ۽ بادشاه کي شفا حاصل ٿي، بادشاه انجام ڪيو ته اڳتي هو انصاف ۽ سچ جي راه تي هلندو ۽ ڪنهن به نردوش کي ڪين ستائيندو.

نامديو نيم جو ڏاڍو پابند هو. هو هميشه ايڪادشيءَ جو ورت رکندو هو. هڪ دفعي ڪن حاسدن سندس اهو ورت ڀنگ ڪرڻ لاءِ هڪ ٻڍڙي برهمڻ کي ڪانئنس ڀکيا وٺڻ لاءِ موڪليو.

اُن ٻڍي برهمڻ اچي کيس وينتي ڪئي ته ”مان ڏاڍو

جن مان سندس ڀڳتيءَ جو ارلساب ظاهر آهي. ڀڳتيءَ مان شڪتي ملي ٿي. سنت ناميو سچو ڀڳت هو. اُن کي ڀڳوان وٺل جي رنگ ۾ رنگيو پيو هوندو هو. سندس پاڻ ڏايا جو سنت وشوبا جهڙو ودوان گياني ڀڳت گرو روپ ۾ پراپت ٿيو جنهن جي به مٿس انيڪ ڪرپا ٿي.

سنت ناميو ياترا ڪندو دهليءَ ۾ اچي پهتو. اُتي به سندس ستسنگ جي پرچار ڪري ڪيڏي وڏي ويئي ڪيترا پريمي وٽس اچڻ لڳا.

حاسدن حسد وچان دهليءَ جي بادشاه محمد تغلق کي وڃي چيو ته ”بادشاه سلامت! ناميو هت دهليءَ ۾ اچي اوهان جي خلاف پرچار ڪري رهيو آهي اهڙي شخص کي سزا ملڻ کپي. چون ٿا ته هو هڪ ڪرامت جو صاحب آهي. اوهان جي گانءِ جا ڪالهه مري ويئي آهي، اُن کي جيئاري ڏيڻ لاءِ ناميو کي ڪوٺائي چئو ته پتو پوي ڪيتري قدر هن کي ڪرامت جي شڪتي آهي.“

بادشاه سلامت هڪدم ناميو کي پنهنجي درٻار ۾ گهرائي حڪم ڪيو ته ”تون ماڻهن کي ڪرامت ڏيکاري ڀولڪا پائي رهيو آهين، هاڻ اسان جي مئل گانءِ کي جيئاري ڏي نه ته توکي مسلمان ڪيو ويندو.“

ناميو وراڻيو، ”بادشاه مون ۾ نه ڪا شڪتي ڪين آهي جو گانءِ کي جيئاري سگهان.“

بادشاه هڪدم حڪم ڪيو ته ناميو جيسين گانءِ نه جيئاري تيسين کيس جيل ۾ بند رکيو وڃي. بادشاه جي حڪم جي پوري ڪئي ويئي.

ڄاڳرتو ڪري پريوڙ جا ڳڻ ڳائيندو هو.

هڪ دفعي سنت نامديو ڳهاٽي جهنگل مان پنڌ ٿي ويو ته ڪي ڌاڙيل ڪيس ڦرڻ مارڻ لاءِ هٿيار کڻي هن جي سامهون آيا ته هن مشڪي انهن ڏي نهاريو. سنت نامديو جي نهارڻ سان اُن ڌاڙيل جا هٿ پير ٻيهجي ويا ۽ هٿن مان هٿيار ڪري پيا. هنن محسوس ڪيو ته هي شخص ڪو وڏي شڪتيءَ جو مالڪ آهي. وڏو سنت آهي جو اسان اڄ هن کي ڦرڻ مارڻ جو ويچار ڪيو آهي تـه اسان جي درگتي ٿي آهي هٿ پير ٻيهجي ويا آهن. اُهي سڀ ڌاڙيل سنت نامديو جي ڪمل قدمن ۾ ڪري ڪائونس معافي وٺڻ لڳا. سنت نامديو انهن ڌاڙيلن کي اُپديش ڏيندي چيو:

”پرتن پردارا پرهري، لاڪيءَ نڪت ٻسي نه هري.“

سنت نامديو جو اُپديش ٻڌي انهن ڌاڙيلن جي جيون ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو. هو ٻه سنت نامديو جا شش ٿي نام سمرڻ ۾ لڳي ويا.

سنت نامديو سڄو ڪندي ڪجهه وقت پنجاب جي گهماڻ شهر ۾ رهيو. سندس رهڻي ڪهڻيءَ ۾ ايڏي ته ڪشش هئي جو ڪيترا ئي سندس شردالو ٿي پيا ۽ ڇوڌاري سندس نامچار نڪتو.

هڪ دفعي سنت گيانيشور سنت نامديو کي پاڻ سان گڏ تيرٿ ياترا تي وٺي ويو. ياترا تان موٽندي بيڪانير شهر پرسان هڪ ڳوٺ جي ٻاهران ٻنهي ڀڳتن کي ڏاڍي پياس لڳي مگر پاڻي ملڻ محال هو. پاسي وارو کوهه صفا سڪل هو.

سنت گيانيشور پنهنجي يوگ سڌيءَ سان پرٿويءَ ۾ اندر

ٻڌايل آهيان اڄ ايڪادشي ڏينهن مونکي پوڄا ڪراءِ"

نامديو وراڻيو "سوامي اڄ ايڪادشيءَ ڏينهن مان نه پوڄا پاڻ کائيندو آهيان ۽ نه وري ٻئي ڪنهن کي کارائيندو آهيان. اُن نيم جو ڀنگ ڪين ڪندس."

اهو ٻڌي برهمڻ ڪيس ڌڙڪو ڏيندي چيو، "جيڪڏهن مان بک وگهي مري ويس ته منهنجي هتيا جو پاپ توکي لڳندو."

اهو ٻڌي نامديو وراڻيو، "مان نردوش آهيان مان اوهان سان تورو ٿي تو اهڙو ڪو وهنوار ڪريان، سو اوهان کي مجبوري ٻڌائي."

اُهو ٻڍڙو برهمڻ ڇل ڪري زوريءَ هٺ ڪري پيو ۽ پراڻ ڪڍي ڏسوين دوار چاڙهيائين. اُهي ڳوناٿا جن نامديو جي ورت ڀنگ ڪرڻ جي ست سٽي هئي سي اُن برهمڻ کي شمشان ڀوميءَ ۾ جلائڻ لاءِ کڻي ويا ۽ سنت نامديو به ساڻن گڏ ويو. نامديو ڪين چيو ته هو ٻه اُن برهمڻ سان گڏ چکيا تي چڙهندو.

اُهو ٻڌي اُنهن ڳوناٿن حاسدن سنت نامديو کان معافي ورتي. اهو ٻڍڙو برهمڻ جنهن مرڻ جو ڇل ڪيو هو سو به اُٿي ويٺو. اُنهن ڳوناٿن نامديو کي چيو، "اسان تنهنجو ورت ڀنگ ڪرڻ لاءِ اها رٿ رٿي هئي مگر تون سچو ڀڳت آهين، تون پنهنجي جان ڏيڻ لاءِ به تيار آهين. پر نيم تي قائم رهين. اُن ۾ تنهنجي مهانتا آهي. اسان کي ڪميا ڪر جو تو جهڙي سنت پرش سان هڙي گستاخي ڪئي سين. "اڄ کان اسين اوهان جا شش آهيون. اسان تي دَيا درشٽي ڪري نام دان ڏيو."

سنت نامديو جي ايڪادشي ورت رکڻ جي پرڀاو ڪري هزارين اهو ورت ڌارڻ ڪرڻ لڳا. نامديو ايڪادشيءَ جي رات

راڳ ڌنا سري

گهري ڪري ڪي نيو کدائي، اوپر منڊپ ڇائي
مار ڪنڊي تي ڪو اڌ ڪائي، جن ترڻ مونڊ ٻلائي
همرو ڪرتا رام سنهي، ڪاهي ري نر گربه
ڪرت هه بنس جاء جهوٽي ديهي

ميري ميري ڪئرءُ ڪرتي در جوڌن سي ڀائي
ٻارهن جو جن چتر چلي تا ديهي گرجهن کائي
سرب سوٽن ڪي لنڪا هوئي، راون سي اڌڪائي
ڪها ڀئيو در ٻانڌي هاٿي، کن مهه ڀئي پرائي
در باسا هس ڪرت سکوري، جادو اي ڦل پائي

ڪرپا ڪري جن اپني اوپر،
نامديو هر گن گائي

راڳ ٽلنگ

مين انڌلي ڪي ٽيڪ، تيرا نام خند ڪارا
مين غريب مين مسڪين، تيرا نام هي آڌارا
ڪريما رحيما الله تون غني،
حاضران حضور دپيش تون مني

در ياءُ تون دهند تون، بسيئار تون ڌني،
ديهه ليهه ايڪ تون دگر ڪو نهي

تون دانا تون بينا مين بچار ڪيا ڪري،
نامي چي اخسمه تون هري

پيهي ويو ۽ پنهنجي پياس پوري ڪري آيو ۽ سنت نامديو لاءِ پڻ پاڻي ڪڍي آيو.

سنت نامديو اهو پاڻي پيئڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين ته ڇا مهنجي پرڀوءَ کي مهنجي چنتا نه آهي جو مان هن نموني سان نڪتل پاڻي پيئان!

چون ٿا ته اُن وقت ٿي اوچتو اُهو سڄو کوهه پاڻيءَ سان ڀرجي ويو.

سنت نامديو ٨٠ ورهين جي عمر ۾ ١٣ اَسو وڪرم سنبت ١٤٠٧ ۾ پنڍرپور ۾ برهملين ٿيو. سندس سماڌي ڀڳوان وٺل جي مندر جي مهڙ طرف ٺاهي وئي.

سنت نامديو مرهٽي ۽ هنديءَ ۾ ڪيترا ئي ڀڳتي ڀاونا سان ڀرپور پد لکيا آهن. سندس ڪجهه هندي وارا شري گرو گرنٿ صاحب ۾ درج ڪيل آهن. سندس ڪاويه ۾ شانت رس پرڌان آهي.

سنت نامديو جا ڪي پد پيش آهن:

— راڳ گوڙي —

ديوا پاهن تاريئلي- رام ڪهت جن ڪس نه تري
تاريئلي گنڪا بن روپ ڪبجا، بياڌ اجامل تاريئلي
چرن بڌڪ جن تيئو مڪت ڀئي، هؤ بل ٻا جن رام ڪهي
داسي جن بدر سداما، اگر سين ڪئه راج ڏيئي
جپ هين تپ هين، ڪل هين، ڪرم هين،
نامي ڪي سوامي تيئو تري

اهو نظارو ڏسي اها استري ڀڳت هريداس کان معافي طلبي ٿي ته هو سنت مان ڪپڙا رکي اوهان وٽ آيس، اوهان منهنجي اشڌ من کي نام جي جاپ دواران شڌ ڪيو آهي ۽ وڪارن ۾ ٻڏل آدمي بڻائي آهي. مون تي به ديا ڪري نام جو دان ڏيو. سنت پرم ديالو ڀڳت هريداس ان استريءَ جي پرارٿنا ٻڌي کيس نام جو دان ڏنو.

اها استري ان کانپوءِ رهي ٿي، پنهنجو مال ملڪيت پئسو پدارٿ دکين درويشن ۾ ورهائي ٿي. نام جو سمرڻ ڪندي پورڻ ڀڳتياڻي ٿي پوي ٿي.

پيارو هريداس رٽڻ ڪندي ڪندي شانتي پور جي قلعي، ڳوٺ پرسان اچي ديرو دمائي ٿو. سندس ڀڳتيءَ جو پرتاب لڪي نٿو. هو هندن جي ڌارمڪ نيمن موجب جيون گذاريندو هو. ان ڏينهن ۾ مسلمانن جي حڪومت هئي. مسلمان حاڪم هن تي زور آندو ته هو مذهبي روايتن موجب هلت هلي يا موت قبول ڪري. سنت هريداس مذهبي روايتن جو تسڪار ڪندي چيو:-

کنڊ کنڊ ڪري ديهه ڀڃي جاءِ پران
تب آهي بدني نا ڇاڙت هري نام

(ڀل منهنجو شرير ٽڪر ٽڪر ٿي وڃي، پران هليا وڃن تڏهن به مان هريءَ جو نالو جپڻ ڪين ڇڏيندس).

سنت هريداس ان مسلمان حاڪم کي سمجهائيندي چيو ته ساريءَ دنيا جو مالڪ هڪ ئي آهي. هندو مسلمان ان کي الڳ الڳ نالن سان پڪارن ٿا. مونکي جيڪو نالو پيارو آهي ان جو مان ڪداچت تياڳ نه ڪندس.

سنت هريداس جي انڪاري جواب ملڻ تي کيس عدالت

ڀڳت هريداس

ڀڳت هريداس جو جنم يشوهر ضلع جي بوڙن ڳوٺ ۾ هڪ مسڪين مسلمان جي گهر ٿيو. پورو جنم جي سنسڪارن سبب ننڍپڻ ۾ ئي هريداس جي هردي ۾ هري ڀڳتيءَ جو ٻج ڦٽي نڪتو. جيئن أي وڏو ٿيو تيئن سندس چت جي ورتي پرڀوءَ طرف وڌڻ لڳي. گهر جو تياڳ ڪري بينا پور جي هڪ جهنگل ۾ ڪٽيا ٺاهي اتي اڪيلائيءَ ۾ ڀڳوت ڀڄن ۾ سمو سڦلو ڪندو هو. هو روز ٽي لک دفعا نام اچارڻ ڪندو هو. ڳوٺ مان ڀکيا وٺي گذران ڪندو هو جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن سندس قوت کان وڌيڪ ملندو هو ته هو اهو ڪاڌو غريب ٻارڙن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو.

اُن جهنگل جي هڪ زميندار رامچندر خان هريداس جي ڀڳتي ساڌنا ۾ ڀنگ وجهڻ جي لحاظ کان هڪ سندر استريءَ کي ڌن جي لالچ ڏئي هريداس جي ڪٽيا ڏانهن موڪليو.

ڀڳت هريداس نام جي سمرڻ ۾ تلين رهيو. هن سندر استريءَ ڀڳت هريداس کي هرڪائڻ جون ڪافي ڪوششون ڪيون پر سندس سڀ ڪوششون نشڦل ويون.

هريداس ساري رات جاپ جپڻ ۾ مگن رهندو هو. اهڙين ٽي راتيون گذري ويون. نام جو نالو ٻڌندي ٻڌندي اُن استريءَ جي من ۾ پڻ ڦيرو اچي ويو. چوٿينءَ رات اها استري ڏسي ٿي ته ڪئن نه اُن ڪٽيا ۾ ڀڳت هريداس پرڀوءَ جو نام اچاريندي پريم جا آنسون وهائي ٿو.

سنت گيانيشور

سنت گيانيشور مرهٽي سنت ڪوين ۾ جو سريشٽ ڪوي هو، هن کي گيان جو اوتار سمجهيو وڃي ٿو. هن هزارن اگيانين کي گيان جي راهه ٻڌائي. شريمد ڀڳوت گيتا تي سندس ٽيڪا ”گيانيشوري“ مهان ڏين آهي.

سندس جنم وڪرم سنبت ١٣٣٢ ۾ پونا جي نزد هڪ آلندي ڳوٺ ۾ شري وٺل پنت جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو رکمڻي ديوي هو. شري وٺل پنت سنياس ڌارڻ ڪيو هو مگر گروءَ جي آگيا انوسار هن گهرسٿ ۾ پرويش ڪيو. کيس ٽي پٽ، نورتي ناٿ، گيانيشور ۽ سوپان ديو ۽ هڪ ڌيءُ مڪتا ٻائي ڄائي. سنياس مان وري گرهسٿ ۾ اچڻ جي ڪري پنڊتن برهمڻن شري وٺل پنت جو ڪافي ورود ڪيو ۽ کيس نيات مان ئي لاهي ڇڏيو. مگر سندس سنتان نورتي ناٿ، سنت گيانيشور، سوپان ديو ۽ مڪتا ٻائيءَ کيس مهان ٻڻائي ڇڏيو، امر ڪري ڇڏيو.

گيانيشور پنهنجي وڏي ڀاءُ نورتي ناٿ کان ٿي گرمنتر ورتو. گيانيشور اڃا ننڍڙو ٻالڪ هو جو سندس ماتا پتا پرلوڪ پڌاريا. گيانيشور جي من ۾ ويراڳ ورتي وڌندي وئي. پورو جنم جي سنسڪارن سبب گيانيشور جي اندر گيان جو پرڪاش ٿيو.

هڪ دفعي ڪن حاسدن حسد وچان گيانيشور جي پرسان

۾ پيش ڪيو ويو ۽ هن جي خلاف حڪم جاري ڪيو ويو ۽
اُن حڪم جي تعميل ڪئي وئي. هن بيچاري ڀڳت کي ٻانهون
ٻڌي بزارين ۾ گهمائي مٿس خوب نيت جي ڇهبوڪن جا وسڪارا
ڪيا ويا. هي بيچارو وري ٻر پوءِ کي پرارٿنا پيو ڪري،
"ٻاپو هي ويچارا ٻي سمجهه آهن انهن کي معاف ڪج."

سپاهين سندس هريداس کي ڇهبوڪن سان ايترو ته ڪٽيو جو هو ويچارو بيهوش ٿي ويو. سپاهين ان کي مئل سمجهي ڪيس لديءَ ۾ ڦٽو ڪيو. ڪجهه وقت کان پوءِ هريداس هوش ۾ آيو ۽ ترندو اچي ڪناري تي پهتو.

جاڪو راکي سائيان مار نه سڪي ڪوءِ
بال نه ٻانڪا هو سڪي جگ گر بيري هوءِ

اها خبر جڏهن حاڪم ۽ قاضيءَ جي ڪن تي پهتي تڏهن هو ڏاڍين آڱرين ڏنڻ لڳا ۽ محسوس ڪيائون ته هريداس پورو پورو الله لوڪ آهي. هن وقت اچي ڪمال ڪرم جي معافي ورتي هو به ڀڳت هريداس جي وچنن ۾ وشواس رکي زندگي بسر ڪرڻ لڳا. سندن جيون ۾ ڦيرو اچي ويو.

نشڪام ٿي رهڻ هڪ سچو ورت آهي.

ڪروڌ جو تياڳ ڪرڻ تيرٿ اسنان جي ٻانڊرا برابر آهي.

سنتوش ٿي سچو ڌن آهي.

ديا ڪرڻ تپسيا جي برابر آهي.

لکي پوري ڪئي.

سنت گيانيشور پنهنجي ڀاڻن ڀيڻ ۽ ٻن سنتن سان گڏ تيرٿ ياترا ڪئي ۽ آخر پنڍرپور ۾ ياترا پوري ڪري آيو ۽ اتان وري آلنديءَ ۾ آيو. سنت ناميديو سان به، سندس سنبنڌ ٿيو. تيرٿ ياترا ۾ سنت ناميديو به ساڻس گڏ هو.

سنت گيانيشور نه صرف مهان سنت ۽ سرشٽ ڪوي هو مگر الوڪڪ يوگي هو.

هڪ دفعي خانديش جو چانگديو نالي پرسڌ يوگي شينهن تي سوار ٿي سنت گيانيشور سان ملڻ آيو. اُن وقت گيانيشور ڀت تي ويٺي ڀاءُ ۽ ڀيڻ سان ڳالهه ٻولهه ٿي ڪئي.

گيانيشور يوگي چانگديو جي اچڻ جي خبر ٻڌي اُن سان ملڻ لاءِ گهر جي ڀت تي ئي ويٺي چانگديو سان ملڻ آيو.

چانگديو هلندڙ ڀت تي گيانيشور کي ڏسي عجب کاڌو. ڪيس پنهنجي يوگ ٻل جو خمار هو؛ سنت گيانيشور جي يوگ شڪتي ڏسي سندس خمار لهي ويو.

سنت گيانيشور جي جيون ۾ ڀڳتي گيان ۽ ڪرم جو سندر سمنويه هو.

وڪرم سمبت ١٣٥٣ ۾ هن مهان وڀوتيءَ جيوت سماڌي ورتي. سندس سنگ ۽ سمپرڪ ۾ هزارين ڀڳتي ڀڳوان جي راهه ۾ ڇڪجي آيا ۽ اڄ به سندس گيانيشوري هزارن جي راهه روشن ڪري رهي آهي، سندس وچن ابنگ ۽ ٻيو ڪاويه ڀڳتي رس سان ڀرپور آهي.

ٻين ماڻهن کي ڏسي گيانيشور کي چيو ته هن ماڻهن جو نالو پڻ گيانيشور آهي. تڏهن گيانيشور وراڻيو ته برابر هن ۽ مون ۾ ڪجهه به فرق ڪين آهي. جيڪا آتما مون ۾ آهي ساڳي هن ۾ آهي.

گيانيشور جي انهن چوڻ تي انهن دشمن ٻروڙي وارن شخصن مان هڪ شخص ان ماڻهن جي پٺيءَ تي ٽي چار زوردار ڌڪ هنيا. تڏهن انهن حاسدن مان ڪنهن چيو ته اهي ڌڪ ضرور گيانيشور کي پڻ لڳا هوندا. گيانيشور ڪين پنهنجي پٺي کولي ڏيکاري ته برابر سندس پٺيءَ تي ڌڪن جا نشان هئا. اهو ڏسي حاسد عجب ۾ پئجي ويا.

هڪ دفعي پيٺڻ جي هڪ برهمڻ شراڌ جي موقعي تي سنت گيانيشور کي نمنڊ ڏئي گهرايو. سنت گيانيشور ان برهمڻ جي پترن کي آهوان ڪري ساڪار روپ ۾ آڻي گهرايو ۽ انهن ڀوڄن گرهڻ ڪرايو.

اهو ڪوتڪ ڏسي اهو برهمڻ دنگ رهجي ويو. پيٺڻ شهر ۾ اها خبر ڦهلجي وئي. سنت گيانيشور جي زبان ۾ سڌي هئي.

هڪ دفعي نيواسي شهر ۾ هڪ استريءَ جو گهوٽ گذاري ويو هو. هوءَ پنهنجي گهوٽ جو مرتڪ شرير گود ۾ رکي ورلاپ ڪري رهي هئي. اتان اوچتو سنت گيانيشور لنگهيو. سنت گيانيشور ان مرتڪ ماڻهوءَ جو نالو پڇيو. کيس ٻڌايو ويو ته ان مرتڪ ماڻهوءَ جو نالو سچدانند آهي.

سنت گيانيشور انهن کي چيو ”ست چت آنند ته موت کان پري آهي.“ سنت گيانيشور سچدانند جي مرتڪ شرير تي هٿ گهمايو ته هو جيوت ٿي پيو. سنت گيانيشور جي اها ليلا ڏسي سڀئي سندس جئه جئڪار ڪيو.

سنت گيانيشور پندرهن ورهين جي عمر ۾ گيانيشوري

اهو ڪوتڪ ڏسي اهو برهمڻ نرنجن سنت جئديو جي چرڻن ۾ ڪري پيو ۽ قرض وارو پنو ڦاڙي ڇڏيائين. هن محسوس ڪيو ته شري جئديو ادڀت شڪتيءَ جو مالڪ آهي.

شري جئديو جگنناٿ پوريءَ ۾ ڀڳوان شري جگنناٿ جي درشن لاءِ روانو ٿيو. رستي ۾ هو ڪيرتن ڪندو، ڀڳوان جي پريم جا گيت ڳائيندو رمندو رهيو. واٽ تي هن کي ڌاڙي اچي لڳي. ڀڳوان پنهنجي هٿن سان هن پياري کي ڀاڪي ڀاريو.

جڏهن هو ڀڳوان شري جگناٿ جي مندر ۾ پهتو ته هن ڀڳوان جو درشن ڪري ڏاڍو گد گد ٿيو ۽ ڀڳوان جي مهما ڳائيندي ڳائيندي تلين ٿي ويو، ڀڳوان شري جگنناٿ جي آديش انوسار هن سديو برهمڻ جي ڪنيا پدماوتيءَ سان وواهه ڪيو. ڪجهه عرصي بعد هو پنهنجي پتني پدماوتي سميت پنهنجي جنم ڀوميءَ ڪينڊو بلو ۾ اچي رهيو. اتي هو گهر گرهست ۾ رهندي ڀڳوت ڀڄن ۾ ليِن رهندو هو.

هڪ دفعي سندس هڪ ششيه کيس سندس ڳوٺ ۾ اچڻ لاءِ وينتي ڪئي. شردالو ششيه جي وينتي سويڪار ڪري شري جئديو سندس ڳوٺ ۾ آيو. سندس ششيه هن جو ڪافي سواگت ڪيو. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن شري جئديو واپس ورڻ لاءِ تيار ٿيو ته هن سندس ششيه کيس ججهو ناڻو ۽ ڪجهه وستر ڏنا. شري جئديو وٺڻ کان انڪار ڪيو مگر ششيه جي منٿ منظور ڪري پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو

رات جو جهنگل ۾ ڌاڙيلن کانئس سمورو ناڻو ۽ ڪپڙا لٽي ڦري کيس زخمي ڪري پاسي واري کوهه ۾ اڇلي ڇڏيو شري جئديو اُن ۾ به پرڀوءَ جو راز سمجهي کوهه ۾ به شري ڪرشن جو نام جپيندو رهيو.

سنت جئديو

بنگال ۾ ڀڳوان شري ڪرشنچندر آنند ڪند جي رسمئي
ڀڳتي ڌارا جو پرواهه ڪندڙ ڪوي جئديو هو. جنهن
"گيت گووند" لکي نه صرف مهان ڀڳتي ڪاوي جو سرجن
ڪيو مگر "گيت گووند" جو رس سوادن ڪري هزارن پراڻين
جي دلين ۾ ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ انيه ڀڳتي ڀاونا پيدا ڪئي.

سنت جئديو جي پتا جو نالو ڀوجديو ۽ ماتا جو نالو رادا
ديوي هو. جئديو اڃا بالڪ هو جو سندس ماتا پتا پرلوڪ پڌاريا.
پورو جنم جي اتم سنسڪارن سبب سندس من دنيا مان کٽو ئي
پيو هو ۽ ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ پريم وڌندو رهيو.

جئديو جو پتا ڀوجديو شري نرنجن برهمڻ کان قرض ورتو
هو ۽ اهو قرض هو موٽائي ڪين سگهيو هو. شري ڀوجديو جي
برهملين ٿيڻ تي اُن برهمڻ جئديو کان قرض گهريو.

جئديو برهمڻ جي چوڻ موجب قرض جي لکيل پڌي تي
صحي ڏئي ۽ چيو "مان نه صرف ادا ڪرڻ شرط ڪري ٿو سگهان،
هيءُ ئي منهنجو سڀ ڪجهه آهي باقي منهن ڏيندو." اڃا اهو
برهمڻ نرنجن جئديو سان ڳالهائي رهيو هو ته سندس ڌيءُ
ڊڪندي آئي ۽ کيس چيائين ته گهر کي باهه لڳي آهي. اهو ٻڌي
شري نرنجن پنهنجي گهر ڏانهن ڊڪندو راهي ٿيو ۽ شري
جئديو پڻ ساڻس گڏ هليو. شري جئديو جڏهن ئي سندس گهر ۾
پير پاتو ته باهه هڪدم وسامي ويئي.

ٿورو ساڻن جو ٻه ڀيڪ ڀڪو مگر اُنهن مور ڪن، احسان فراموش شري چنڊيو تي ڪوڙو ڪلنڪ لڳايو، قدرت ڏاڍين حساب چڪتو ورتو. ڪنهن تي ٻه اجايو الزام مڙهڻ يا ڪنهن کي ستائڻ جي سزا اوس ڀوڳڻي پوي ٿي.

راجا لڪشمڻسين جي زور ڀرڻ تي شري چنڊيو پنهنجي پتني پدماوتيءَ کي ٻڻ راڄڌانيءَ ۾ گهرايو. هو ٻئي گرهست ۾ رهندي به سنت هئا.

شري چنڊيو نت نيم سان گنگا نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ ويندو هو. گنگا ندي ڇگو پري هئي.

هڪ ڏينهن هو گنگا نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ نه وڃي سگهيو پر دل ئي دل ۾ ڏاڍو وياڪل ٿي پاڻ کي چوڻ لڳو ته مان ڪهڙو نه بدنصيب آهيان جو اڄ ماتا گنگا ۾ اشنان ڪين ڪيو اٿم. ٿوري ئي وقت ۾ ماتا گنگا پنهنجو طرف بدلائي شري چنڊيو جي ڪُٽ ڪيندو ٻلؤ مان وهڻ لڳي. ڀڳوان پنهنجن پيارن جي ڪيڏي نه سار لهي ٿو. ماتا گنگا شري چنڊيو جي سرڌا ڏسي پرواهه بدلائي ڇڏيو.

سنت چنڊيو ڪئين نه مرلي منوهر بانڪي بهاري شري راڌي ڪرشڻ جي مستيءَ ۾ لين ٿي گيت گوند ڳائيندو هو. هنجي جيون جا آخرين ڏينهن برج ڀوميءَ ۾ گذريا.

مها يوگي گورکناٿ

شري گورکناٿ مهان يوگي هو. يوگ شڪتيءَ جا هن ڪيترائي چمتڪار ڏيکاريا. شري متسيندرناٿ جي ڪرپا سان ئي هنجو جنم ٿيو. شري گورکناٿ شري متسيندرناٿ کان ئي يوگ سکيا گرهڻ ڪري يوگ سادنا ڪئي. هن يوگ ڏوارا سڌيون ٻڻ حاصل ڪيون. هڪ دفعي سدس گرو متسيندرناٿ سنهل ديش جي مهاراڻي منگلا ۽ ڪملا جي روپ آڪرشڻ ۾ اٽڪي پيو. گائونس گيان ڀلجي ويو. شري گورکناٿ ڪيس اُن ماياجار مان

ٻئي ڏينهن اوچتو اُتان گوڙ پئو مهاراج لڪشمڻسين لنگهيو، جنهن شري ڪرشڻ، شري ڪرشڻ جو آواز ٻڌي کوهه طرف نهاريو. کوهه ۾ زخمي شخص کي ڏسي اُن کي ٻاهر ڪڍائي ڪاڻونس سندس پرچيه پڇي ۽ سندس زخمي ٿيڻ جو ڪارڻ پڇيو. شري جئديو سارو سماچار اُن کي ٻڌايو.

راجا شري جئديو کي پاڻ سان وٺي راڄڌاني ۾ آيو ۽ سندس علاج ڪرايو. راجا شري جئديو جي ڀڳتي ڀاو ڏسي کيس پنهنجو گرو ڪيو.

هڪ ڏينهن راجا سنتن جو ڀنڊارو ڪيو. ڪيترائي سنت اُن ۾ شريڪ ٿيا انهن شريڪ ٿيل سنتن ۾ اُهي ڏاڪو ٺڳ جن شري جئديو کي لٽي ڦري زخمي ڪري ڦٽو ڪيو هو. سي ساڌن جو لباس پهري پوڄن ڪاڻ ويٺا هئا. شري جئديو انهن کي سڃاڻيندي به ڪيما ڪيو ۽ کين راجا کان خاص سوکڙيون ڏياريون.

سنت ڏوهه ۽ ور کان مٿي هوندا آهن. شري جئديو کين انهن ڏاڪو ساڌن کي ٻاهر ڇڏي اچڻ لاءِ راجا جا ٻه ماڻهو پڻ ساڻ ڏنا. راجا جي انهن ٻن ڪرمچارين انهن ساڌن کان پڇيو ته شري جئديو اوهان جو خاص خيال ڇو ڪيو اُن جو ڪهڙو ڪارڻ آهي. ٺڳن انهن مڪار ساڌن وراڻيو ته جئديو هڪ وقت هڪ راجا جو وزير هو. هڪ وڏي اپراڌ سبب هن کي راجا موت جي سزا ڏني پر اسان هن کي اها آري سزا نه ڏني سندس هٿ پير زخمي ڪيا.

مڪار ساڌن جو اهو چوڻ ۽ زمين جي جهڙن ٽڪر ٿي اهي بيٺا هئا سا زمين ڦاٽي پئي ۽ اهي ڏاڪو ساڌو زمين ۾ غرق ٿي ويا.

اهو ڪوتڪ ڏسي راجا جا ڪرمچاري راجا ۽ جئديو وٽ آيا ۽ سموري حقيقت کين ٻڌائي. شري جئديو انهن ڏاڪو

سوامي رامانند

سوامي رامانند جو جنم پرياگ جي ترويڻي ڪناري تي ماگهه مهيني جي ڪرشڻ سپتمي وِرهسپت وار وڪرم سنبت ١٣٥٦ وڪرم ۾ براهمڻ پريوار ۾ ٿيو. سندس پتا جو نالو پڻيه سدن ۽ ماتا جو نالو سشيلا ديوي هو. اٺن ورهين جي عمر ۾ هن پڙهائي شروع ڪئي ۽ ٻارهن ورهين جي عمر ۾ ويديڪ وديا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاشيءَ ۾ ويو. سندس جنم جو نالو رام دت هو.

هڪ ڏينهن هو سوامي راگهوانند وٽ ويو ۽ کيس پرڻام ڪري ويٺو. سوامي راگهوانند رامانند کي ڏسندي ئي چيو:

”پيارا تنهنجي عمر ته پوري ٿي چڪي آهي.“ اهو ٻڌي رامانند سوامي راگهوانند کي نمرتا ڀري نوع ۾ وينتي ڪندي چيو:

ڪريو مهر ستگر مهروان آهيو،
سڄڻ مون مجهيل کي سنئين دڳ لڳايو.

ترڻ ڪين ڄاڻان مهنجي دل جا راڻا،
ٻڏل ٻيڙي مهنجي ڪناري لڳايو.

ڪيئي جنم گذريا نه ٿي پياس پوري،
ڏيئي نام امرت مهنجي اُڄ اُجهايو.

نِڪت ڪندي ڪيس آتمڪ گيان جي يادگيري ڏياري.

نيپال ۾ شري گورکناٿ کي ڀڳوان شوشنڪر جو اوتار ڪري مڃيو وڃي ٿو. هڪ دفعي نيپال جي راجا شري متسيندر جي ٻوٽلگين کي ستايو. تڏهن شري گورکناٿ اُتي ڏڪار پيدا ڪيو. راجا جي ڪميا ياچنا تي وري گرو گورکناٿ ديا درشٽي ڪري ڏڪار دور ڪيو.

هڪ دفعي شري گورکناٿ سنڌل پرديش جي جهنگل ۾ رُڻ ڪري رهيو هو. هوُ اُتي راجا ڀرٿري ۽ پنهنجي راڻي پنگلا سان گڏ شڪار ڪري رهيو هو. راجا ڀرٿري جڏهن ئي هڪ هرڻ کي ماريو ته اُن جي مادا هرڻي ڏاڍا ورلاپ ڪرڻ لڳي هرڻي ۽ جا ورلاپ ٻڌي راجا ڀرٿري ۽ جي دل ديا سان ڀرجي آئي پر هرڻ ته مري چڪو هئو. راجا ڇا ڪري؟ اهو ڏسي شري گورکناٿ پنهنجي يوگ ٻل سان هرڻ کي جيوت ڪيو.

راجا ڀرٿري شري گورکناٿ جو يوگ ٻل ڏسي سندس شش ٿيو. سيال ڪوٽ جو راجا پورڻ شري گورکناٿ جو شش هو. سندس هڪ ماتيلي ماءُ جوان هئي. هن پورڻ ۾ ٻري نظر رکي. مگر راجا پورڻ مريادا انوسار ماتا کي سمجهايو. راڻي ۽ غصي ۾ اچي سندس هٿ پير ڪٽائي کيس کوهه ۾ ڦٽو ڪرايو.

شري گورکناٿ پنهنجي يوگ ٻل سان راجا پورڻ کي ٺيڪ ڪيو ۽ هن راجا پورڻ کي يوگ جي سکيا ڏني. اهو راجا پورڻ اڳتي هلي چورنگي ناٿ جي نالي سان مشهور ٿيو. گرو گورکناٿ جي يوگ ٻل جي چمتڪارن جا ڪيترائي مثال ملن ٿا.

گرو گورکناٿ نه صرف مها يوگي ۽ ستپرش هو پر ساڻ ساڻ مهان يوگي ۽ وِدوان هو. هن ڪيترائي پستڪ لکيا آهن. سندس ڪاويه جون ڪي مثالون پيش آهن.

تن جوبن ڪي ڪرءِ نه آس، چيت نه راکئه ڪامڻي پاس
ناد بند جا ڪي گهٽ جرءِ تاکي سيوا پاروتي ڪرءِ
ٿمان سرڪا گرو نه مليا، جمه سرڪا چيلا،
من سرڪا ميلو نه مليا، تاتي گورک ڦري اڪيلا.

پيدا هئا. هو انهن جي شڪاين جو سماڌان ڪندو هو. ٽن ڏينهن مسلمان هندن کي ستائيندا هئا.

سوامي رامانند انهن هندن جي رکشا ڪندو هو. مسلمان جن هندن جو ڌرم ڀرشٽ ڪندا هئا سوامي رامانند انهن جي شڌي ڪري ڪين وري هندو ڌرم ۾ آڻيندو هو. سوامي رامانند ڀارت جي جدا جدا تيرٿن جي ياترا ڪئي، هو سڀني کي پنهنجو پيار ڏيندو هو ۽ ان کان وڌيڪ سڀني کي رام جو منتر ڏيندو هو.

سنت اننتانند، سنت ڪبير، سنت سکانند، سنت سُرسُرانند، سنت رو داس، ڀڳت ڌنو، ڀڳت سئنو، ڀڳتماڻي پدماوتي، راجا پيپو، سنت نرهري داس، ڀڳت ڀاوانند، سنت سرسري ۽ ٻيا ڪيترا ئي سوامي رامانند جا شش هئا جن سوامي رامانند جي سکيائن جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏني.

انهن ڀارت ۾ نام سمرڻ ڪيو ۽ هزارن کي نام جو منتر ڏيئي ڀؤ ساگر مان پار لنگهايو.

شري نتيانند

شري نتيانند جهنجو شروع ۾ ناءُ نتائي هو. ڀڳوان شري ڪرشن جو انيه اُپاسڪ هو. سندس جنم وڪرم سمبت ١٣٩٥ ۾ بنگال جي چاڪا ڳوٺ ۾ پنڊت هاڙائي جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو پدماوتي هو. ٻئي ڄڻا ڀڳوان شري وشنو جا اُپاسڪ هئا.

هڪ ڏينهن پدماوتي کي مهاتما چيو 'ڌرمي هاڻي هڪ ڀڳت جن پُٽ پيدا ٿيندو جو هزارن دکين، ڀڳتن جي

اوهان پيار ڪرڻ جا پنڌار آهيو،
ڏيو بوند هڪڙي جنم تي سڄايو.

مان وهن و سوڙهل آهيان منهنجا مرشد،
اوهان منهنجي من جا مونجهارا مٽايو.

نڪي يوگ جاڻان سماڌي لڳائي،
ڏٺي گيان سڳر مون ساڪي پسايو.

رکان ڪهڙي پيتا نه منهنجو ڪي آهي،
ٻه ٽي لڙڪ منهنجا اوهين شل اُگهايو.

نالائق مان آهيان ڪيئن مون ٻه ڪيئي
پنهنجي در جي لائق مونکي شل بڻايو.

اوهان وٽ نه آئي ڪرپا جي ڪمي ڪا،
سنگت جي سوامي "آشا" اچ پڄايو.

سنت ڪرپالو ٿيندا آهن. سوامي راگهوانند اهڙي ويتي ٻڌي رامداس کي نام جو منتر ڏئي سندس نالو رامانند رکيو.

سوامي راگهوانند رامانند کي سماڌي لڳائڻ جي سکيا ڏني، مٿس مهر ڪري اهڙو ته هٿ گهمايو جو موت به ٽري ويو. رامانند انهيءَ پاڻ سان پنهنجي ستگرو سوامي راگهوانند جي سيوا ڪندو هو، ستسنگ ۽ سمرڻ ڪندو هو. سوامي رامانند ڪاشيءَ جي پنچ گنگا گهاٽ تي تپسيا ڪندو هو. ونس هڪ سنک هو جو کيس سندس پتا پٺيداس ڏنو هو. سوامي رامانند جو ڏهن اهو شنک وڄائيندو هو ته ڏهن جيڪي ماڻهو ان شنک جو آواز ٻڌندا هئا انهن جي من جي اڇا پوري ٿيندي هئي.

سوامي رامانند شاسترن جو اڀياس ۽ پوڄا ڪندي هڪ مهان وڌوان ۽ پڱت ٿي پيو. ڪيترا ئي ونس شڪانون ڪٽي

شري چيتنيه مها پرڀو

شري چيتنيه مها پرڀو جنهن کي بنگال ۾ اوتار ڪري پوڄيو وڃي ٿو تنهن جو جنم ڦڳڻ مهني جي شڪل پکش جي ۱۵ تاريخ وڪرم سنبت ۱۴۰۷ ۾ بنگال جي نوديپ ڳوٺ ۾ شري ڄڳناٿ مشر جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو شچي ديوي هو. شري چيتنيه مها پرڀو ڀڳوان شري ڪرشنچندر آنند ڪند جو اننيه ڀڳت هو. جڏهن هو ڀڳوان شري ڪرشن جي برهه ۾ مست ٿي لڙڪ لاڙيندو هو ۽ ڀڳوان جي درشن لاءِ پريم سان پڪاريندو هو ته ساڌارڻ منش جون دليون پگهرجي وينديون هيون. سندس سنگ ۽ سمپرڪ ۾ ڪيترائي ادوئتوادي به ڀڳوان شري ڪرشڻ جا پريمي بڻجي پيا. سندس ورودي به سندس صحبت ۾ سنت ٿي پيا.

جڳائي- مڌائي جهڙا ڪيترا ئي دراچاري ڀلمانس ۽ ڀڳت بڻجي پيا. لوهه جي پارس جو سپرش ڪندو ته سون ٿي پوندو. شري چيتنيه جي مها پرڀوءَ جي ڀڳتي سڌانت ۾ دوئيت ۽ ادوئيت جو سندر سمنوئه ٿيو آهي. سندس ويچار موجب اُڌار لاءِ ڪلجڳ ۾ نام سمرڻ ۽ ڪيرتن سرل سادن آهن.

چيتنيه مهاپرڀوءَ جو شروعاتي نالو "نمائي" هو. چوويهن سالن تائين هو گرهست ۾ رهيو. هن نياءَ شاستر تي هڪ اصولي گرنٿ لکيو ان ڪري سندس متر کي ڏاڍي ايرکا ٿي ته متان

جوت جڳائيندو."

اُن مها پرش جي پوشيده واڻي سورهن آنا سچي ٿي. پدماوتيءَ کي نتائي (نتيانند) ڄائو جنهن نه صرف بنگال ۾ مگر ساري ڀارت ۾ ڪرشڻ ڀڳتيءَ جو پرچار ڪيو.

بالڪ نتيانند ننڍپڻ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي بال ليلائن جو نقل ڪندو هو. اهي ليلائون ڪندي سڌ بڌ ڀلجي ويندي هيس.

هڪ دفعي سندن گهر هڪ سنياسي آيو. سنياسي هنجي پيشانيءَ کي ڏسي اُن کي ٻار ساڻ وٺي ويو ۽ نتيانند وري گهر واپس ڪين وريو. هو تيرٿ ياترا ڪندو آخر برج ڀوميءَ ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ جي کوج ۾ لڳو رهيو. ڪانئونس ڪاٿو پيئو ڀلجي ويو. ڪڏهن ڪنهن کجهه کارايو ته واه نه ته بکيو ئي. پرهن وارا بکه اُڃ جو خيال ڪين ڪندا آهن.

برندا بن ۾ مهاتما ايشور پوريءَ نتيانند کي چيو ته تنهنجو ڪرشڻ ته نودويپ ۾ سچيءَ ديويءَ جي گهر پيدا ٿيو آهي.

اهو ٻڌي نتيانند نودويپ ڏانهن روانو ٿيو ۽ ماتا سچيءَ وٽ ٺاهي ارتامت شري چيتنيه مها پرڀوءَ جو درشن ڪيو. ٻئي ڀڳت هڪ ٻئي ساڻ ملي پريم ساڻ ڀاڪر ٻائون.

شري چيتنيه مها پرڀوءَ جي سنگ ۾ شري نتيانند ڀڳوان شري ڪرشن جي رنگ ۾ رنگجي پيو.

ماتا سچيءَ پڻ نتيانند کي پنهنجو وڏو پٽ ڪري ليکيو. نتيانند ڪيترن ئي برهمڻن کي شري ڪرشن جي پرما ڀڳتيءَ جو امرت پياري ڪرتارت ڪيو.

ٿي روڪيو ۽ تون پنهنجي ماتا ۽ پتنيءَ جو خيال ڪر. هن وقت تنهنجي سنياس ڌارڻ جو ڪين آهي. مگر چيتنيه ٽريو رهيو. هن شري ڪيشو ڀارتيءَ کي ور ور سنياس ديڪشا لاءِ وينتي ڪئي. شري ڀارتيءَ هن جو دڙهه ارادو ڏسي هن کي سنياس جي ديکشا ڏني.

آچاريه ڀارتي شري چيتنيه کي ڪيڏو نه پائيندو هو. ڪيس سنياس جي سکيا ڏيڻ کان پوءِ هو به ساڻس نڪري ٿو.

شري چيتنيه نٿو چاهي ته سندس گرو سندس لاءِ ايڏو ڪشٽ وٺي. تنهن ڪري رات جو جڏهن سندس گرو آرام ڪري ٿو تڏهن شري چيتنيه اٿي راهه ڏانهن روانو رهي ٿو. هو ڀڳوان شري ڪرشڻ جي ورهه ۾ وياڪل هري ڪرشڻ هري ڪرشڻ جي ڌني نڪتائي ٿو. تنهن ٿي ڀريوءَ جي درشن لاءِ پڪاري ٿو.

هو رتن ڪندو شانتيپور ۾ شري ادوئيت آچاريه جي گهر اچي ٿو. هيڏانهن سندس ماتا سندس منهن ڏسڻ لاءِ اتي اچي ٿي. شري چيتنيه ماتا جي ڏسندي ئي ساشٽانگ پرنام ڪري ٿو. ماتا ممتا وچان هن کي چيتنيه کي گلي لڳائيندي چيو "پٽ تون سنياسي ٿي مون کي وساري ڇڏيو." ماتا ڳالهائيندي ڳالهائيندي بي سرت ٿي وئي.

هيڏانهن شري چيتنيه پنهنجي دل سان ڇوڙ لڳو. امان مان پاڻ سنياسي ٿيو آهيان پر تنهنجو ٿي رهندس. مان تنهنجو قرض ڪڏهن به لاهي ڪين سگهندس. تون جتي چوندينءَ مان اتي رهندس."

پوءِ شري چيتنيه جا اهي ساٿي وارا وچن ٻڌي ماتا پنهنجي پلاند سان شري چيتنيه جا پرپوءِ جا ڳوڙها اگهيا.

شري چيتنيه جي لکيل گرنٿ ڪري سندس لکيل گرنٿن جي اهميت گھٽجي نه وڃي.

شري چيتنيه پنهنجي متر جو ايڪاپاڻ محسوس ڪري پنهنجو لکيل اوليه گرنٿ نديءَ ۾ پرواهه ڪري ڇڏيو. هڪ متر کي پرسن ڪرڻ لاءِ چيتنيه ڪيڏو نه تياڳ ڪيو.

شري چيتنيه وديارٿين کي پاڙهيندو هو. جڏهن ڪيس شري ڪرشڻ جي پريما ڀڳتيءَ جو رنگ چڙهيو تڏهن پاڙهڻ وقت به وديارٿين کي ور ور ڪرشڻ جي وياکيا ٻڌائيندو هو. پاڙهيندي پاڙهيندي ڪڏهن شري ڪرشڻ جي ورهه ۾ اچي روئڻ ۽ اچي روئڻ ۾ ڇٽڪندو هو ته ڪڏهن آويش ۾ اچي نرتيه ڪندو هو. وديارٿي ڪائونس جيڪي سوال پڇندا هئا سو انهن کي شري ڪرشڻ سمبنڌي جواب ٻڌائيندو هو.

مثال طور ڪنهن وديارٿي ڪائونس پڇيو ته فلاڻي لفظ جو ڌاتو ڪهڙو آهي ته جواب ڏيندو هو ته سڀني ڌاتن جو مول آهي شري ڪرشڻ. ڪو ٻيو وديارٿي پڇندو هو ته هن ڪونه جو سارانش ڇا آهي؟

تڏهن شري چيتنيه اهو جواب ڏيندو هو ته سڀني جو سار آهي شري ڪرشڻ، مطلب ته پاڙهڻ وقت به شري چيتنيه کي شري ڪرشڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ياد ڪين هو. سندس آچاريه شري گنگا ڌر پڻ ڪيس سمجهايو ته تون وديارٿين کي شاستر گيان ڏي. مگر شري چيتنيه پنهنجي پرڪرتي جي پٺيان پٽ لاڻ پونئي نه هئو. آهستي سندس وديارٿي به ٻيگران جي سنڪرتن ۾ شرڪ ٿيا.

شري چيتنيه سنياس جي دڪشا وٺڻ [illegible] ڪري مها مها [illegible] ڪيترو پار [illegible] ويو.

شري [illegible] سندس سنڌر ڪان [illegible]

اهڙي چيز شري چيتنيه کي کارائي آهي، تڏهن ڪري هو اُنهن برهمڻن کي وڻ سان ٻڌي، ڊوڙندا پير وٽ ويا ۽ کيس ٻڌائين ٿا ته هڪ ساڌو ٻڌي شري چيتنيه کي شايد ڪن شخص ڪا اهڙي چيز لالچ جي وس کارائي آهي جو هو بيهوش پيو آهي. حڪم ڪريو ته اُنهن شخص کي ختم ڪرايون. پير پڻ اُنهن پٺاڻن سان اُٿي اچي ڏٺو جتي شري چيتنيه بي سرت ٿيو پيو آهي. ٿوري وقت ۾ شري چيتنيه سجاڳ ٿئي ٿو.

اُنهن پٺاڻن کي ڏسي کين پيار ڪري ٿو ۽ پنهنجي برهمڻن کي وڻ سان ٻڌل ڏسي پٺاڻن کي آگيا ڪري ٿو ته انهن کي آزاد ڪريو. اهي منهنجا پيارا آهن. پوءِ شري چيتنيه اُنهن سان گڏجي هري ڪيرتن جي ڌوم مچائي ٿو. شري چيتنيه جي اکڙين ۾ نوراني نور ڏسي اهي پٺاڻ پڻ شري چيتنيه جي ڪمل قدمن ۾ ڪري پون ٿا ۽ کيس وينتي ڪن ٿا ”قبول ڪريو! قبول ڪريو.“

شري چيتنيه کين پاڻ سان ڇوي ٿو ته جي اوهين ڀڳتيءَ جي راهه ۾ اچڻ چاهيو ٿا ته ماس آهار جو تياڳ ڪريو.

اهي پٺاڻ ماس آهار جو تياڳ ڪن ٿا ۽ شري چيتنيه جي سنگ ڀڳوان شري ڪرشن جا ڀڳت ٿي پون ٿا، جي وشنو پٺاڻ جي نالي مشهور ٿين ٿا.

شري چيتنيه جي سنگ ۾ ڪيترا ئي ٻيا وڏا وڏا عهدا ڇڏي ڀڳوت ڀڳتيءَ جي رنگ ۾ رڱجن ٿا. شري سناتن بنگال جو وڏو وزير، وزارتيءَ جو تياڳ ڪري شري چيتنيه جي سنگ ۾ فقيري اختيار ڪري ٿو. سندس دل ۾ ٻيو لاءِ هاس پيدا ٿئي ٿي. جڏهن هو ڪاشيءَ ۾ چندر شيکر جي گهر شري چيتنيه سان ملڻ اچي ٿو تڏهن شري چيتنيه کيس ڏسندي ئي ڀاڪر پائي کيس پيار ڏئي ٿو. ٻنهي گرو ۽ شش جي اکڙين

شري چيتنيه جي اِڇا هئي ته هو برندابن ۾ وڃي رهي
مگر سندس ماتا آگيا ڏني ته شري جڳناٿ پوريءَ ۾ رهجي
آهي اُتي اُهي شري چيتنيه حال ڏاڍو ڏماڻي. شري چيتنيه ماتا
جي آگيا انوسار جڳناٿ پوريءَ ۾ رهڻ جو ويچار ڪيو.

هن ماتا کي پرڻام ڪندي ونتي ڪئي، "ماتا موکي
آشيرواد ڪر جئن سنياس ڌرم جو پوريءَ ريت پالن ڪريان."
سنياس ۾ رهندي شري چيتنيه ڀڳوان شري ڪرشن جي رنگ ۾
تلين رهي ٿو.

هو پيدل ياترا ڪندو شري جڳناٿ پوريءَ ۾ اچي ٿو.
ٿو. هو ڀڳوان جي درشن لاءِ شري جڳناٿ جي مندر ۾ مستيءَ
۾ ڳائيندو ۽ نچندو اچي ٿو، مندر ۾ سامهون ڀڳوان جي مورتي
ڏسي آنند ۾ ڀڳوان کي سپرش ڪرڻ لاءِ ڊوڙي ٿو ته مندر جا
پوڄاري کيس هڪدم روڪين ٿا ۽ کيس مارڻ جي ڪوشش
ڪن ٿا.

مگر وديانت جو پرڪاند پنڊت شري سارو ڀَوم ڀٽاچاريه
کين روڪي ٿو. هو شري چيتنيه جي ڀاوناءَ ۾ پرڀوءَ جي پريم
جي جهلڪ ڏسي ڳلي لڳائي ٿو. شري چيتنيه جي اکين مان
پريم جا آنسو نڪرن ٿا، اهو درشيه ڏسي پوڄاري شري چيتنيه
کان ڪميا وٺن ٿا.

هڪ دفعي برندابن جي بن ۾ شري چيتنيه پنهنجي
ششين سان گڏ ويٺو ڪيرتن ڪري. اُتي هڪ گوال مرلي وڄائي
ٿو. مرلي ٻڌندي ٻڌندي شري چيتنيه بي سرت ٿي وڃي ٿو.

اُتان ڪي پٺاڻ پنهنجي سردار سان گڏ لنگهن ٿا. هو
شري چيتنيه کي بي سرت ڏسي اِئين محسوس ڪن ٿا ته اُتي
ويٺل شري چيتنيه جي پراڻيءَ لالچ جي وس ٿي ماريو ڪجهه.

کير ۽ کير مان ٺهيل پدارٿن جو سيون ڪري ٿو ته ان ۾ ڪو به حرج ڪين آهي. هو ته نيوي ڪاڌن کان ٽرانش آهي."

ڪجهه عرصي کان پوءِ شري چيتنيه مها پرڀو جڏهن ڪاشيءَ ۾ پڌاريو تڏهن هزارين ماڻهو سندس درشن ڪرڻ آيا. جنهن پنڊت شري چيتنيه کي چٺي لکي هئي سو پڻ شري چيتنيه سان ملڻ آيو. جڏهن ئي شري چيتنيه اُن پنڊت کي اسپرش ڪيو ته اُن پنڊت جي من ۾ ڀڳتيءَ جي ڌارا ٻجليءَ جي ڌارا وانگر پيدا ٿي. اهو ورودي پنڊت پڻ شري چيتنيه جي ڪمل قدمن ۾ چنبڙي پيو. شري چيتنيه کيس پنهنجي گلي لڳايو. شري چيتنيه جي سنگ ۽ شرڻ ۾ اهو پنڊت ڀڳوان شري ڪرشڻ جو ڀڳت بڻجي پيو. لوهه کي پارس اسپرش ڪيو لوهه سونو ٿي پيو.

شري چيتنيه ڪوي جئديو جو "گيت گوند" ٻڌي ڏاڍو آنند ٿيندو هو. نيلاچل ۾ شري چيتنيه گهٽيءَ ۾:

هري رام هري رام رام هري هري
هري ڪرشڻ هري ڪرشڻ ڪرشڻ هري هري

جي ڌُن مچائي.

زندگيءَ جا آخري ڏينهن شري چيتنيه شري جڳناٿ پوري ۾ گذاريا. هو نت نيم شري جڳناٿ جي مندر ۾ ويندو هو. ڀڳوان شري جڳناٿ هن کي بانڪي بهاري مرلي منوهر جي روپ ۾ درشن ڏنو.

هڪ ڏينهن هو شري جڳناٿ جي مندر ۾ ڀڳوان جو درشن ڪري رهيو هو ته اوچتو مندر جا دروازا بند ٿي ويا ۽ هو شري جڳناٿ جي جهوليءَ ۾ لين ٿي ويو.

شري چيتنيه ڀڳتي رس جو مهان آچاريه سمجهيو وڃي ٿو.

۽ پيار جا آنسون.

ڀڳوان شري ڪرشن چئتنيه آنند ڪند جي پريما ڀڳتيءَ جي مستيءَ ۾ هي پيارو برج ڀوميءَ ۾ اچي ٿو. سنڪيرتن ڪري ٿو سندس مستي عجيب.

ڪاشيءَ جو هڪ پنڊت شري چئتنيه مها پرڀوءَ جي وڌندڙ ڪيرتي ڏسي حسد وچان هڪ چٺي شري چئتنيه کي لکي موڪلي ٿو.

اُن چٺيءَ ۾ هي ڪيس لکي ٿو: شري چئتنيه تون کير ۽ کير مان ٺهيل شيون کائين ٿو. کير ۽ کير مان ٺهيل شيون نه وڌيڪ ڪامي بڻائينديون آهن. اهي کاڌيه پدارٿ نه ڀڳتيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون آهن. جيڪڏهن تون ڀڳتيءَ جي راهه ۾ وڌڻ چاهين ٿو ته انهن کاڌيه پدارٿن جو تياڳ ڪر.

شري چئتنيه کي جڏهن اها چٺي ملي ته هو اها چٺي پڙهي مشڪي ٿو ۽ اُن پنڊت کي اُن پتر جو ڪو به جواب ڪين ٿو ڏئي.

شري چئتنيه جي ڀڳتن کي اها چٺي ڏسي غصو لڳي ٿو ۽ هو شري چئتنيه کي وينتي ڪن ٿا ته اُن پنڊت کي جواب ڏيو پر شري چئتنيه رڳو مشڪي ٿي مشڪي! ڀڳت سڀ ڪجهه صبر ۾ ٿي پڙندا آهن سهندا آهن، سهندي به پيا مشڪندا آهن.

شري چئتنيه جا ڪي پريمي شش اُن پنڊت کي چٺيءَ جو جواب لکن ٿا:

” پنڊتجي شڪڻ اينرو ماڻس کائيندي به ڪامي ڪين ٿيندو آهي جيترو هاٿي ۽ ڪتي ڪبوتران ۽ پکڙيون کائينديون. ڪافي ڪامي ٿيندو آهي، ڪامي ٿيڻ جو سنٻنڌ خيال سان آهي نه ڪ کاڌي سان. کير کو ابولو کاڌو ڪين آهي. شري چئتنيه جو خيال اڄڪي پڻ شري ڪرشن جي ڪمل چرڻن ۾ آهي، هو جيڪڏهن

لاءِ ٻرهمڻ ترلوچن هڪ ڪارو ٻڪر کڻي هن کي ڏنو ۽ چيو ته هي منهنجي ٺاڪرن جو گرو ٺاڪر آهي. ترلوچن ڪاري ٻڪر جي عيوض ٿني کان هڪ ڳاءِ ورتي ۽ دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ته ڪيئن نه هڪ نڪمو ٻڪر ڏئي ٿني کان ڳاءِ ورتي آهي.

ٿنو اهو ڪارو ٻڪر (ٺاڪر) کڻي گهر آيو. هو بيحد پرسن هو. رات جو کيس ننڊ ڪين آئي. صبوح جو سوير اٿي پهرين پاڻ سنان ڪيائين ۽ پوءِ ٺاڪر کي سنان ڪرائي اُن جي آرادنا ڪرڻ لڳو. نيرڻ جو وقت ٿيو. سندس ماتا نيرڻ پائي ڏني. ٿني نيرڻ جون ٻئي روٽيون شري ٺاڪر جي اڳيان ڀوڳ لڳائڻ لاءِ رکي اکيون بند ڪري پرڀوءَ کي ڀوڳ لڳائڻ لاءِ ونتي ڪئي. ڪجهه وقت کانپوءِ هن اکيون پٽي ڏٺو ته سڄيون ٻه روٽيون پيون آهن ڀڳوان ڀوڳ ڪين لڳايو آهي.

وري پرڀوءَ کي ڀوڳ لڳائڻ لاءِ آرادنا ڪرڻ لڳو. ائين منجهند جي ڀوڄن جو به وقت ٿيو. ٿنيءَ جي ماتا ٿني کي منجهند جو ڀوڄن پڻ پائي ڏنو. ٿني اهو منجهند وارو ڀوڄن پڻ ٺاڪر جي اڳيان رکي پرڀو سان ونتي ڪئي ته ڀلي ڀوڳ لڳايو. مان برابر جات آهيان، مسڪين آهيان. اوهان ته ديناناٿ آهيو، منهنجون اٽيون روٽيون اگهايو. ائين ڪاريندي سنجها اچي ٿي. پر شري ٺاڪر ڀوڳ ڪين لڳايو.

ڀڳت ٿني اکين ۾ آنسون آڻيندي نمرتا پورڪ ورور ڪار ڪئي پرڀو جي تون ڀوڳ نه لڳائيندين ته مان پاڻ کي ختم ڪندس.

ڀڳت ٿني جي پيار ڀري پڪار ٻڌي ڀڳوان ساکيات هن
ي درشن ڏنو ۽ سندس ڀوڄن ورتايو ۽ پنهنجي هٿ سان
يس روٽي کارائي. کيس ور گهرڻ لاءِ پڻ چيو. ٿنو پرڀوءَ جو
رشن ڪري ڏاڍو ڀاڳ ڀهار ٿيو ۽ پرڀوءَ کي ونتي ڪيائين،

هن ڀڳوان شري ڪرشڻ جي ڀڳتيءَ ۾ ٿلين ٿي ڪيترا ئي شلوڪ ۽ پد لکيا آهن. مثال طور سندس هڪ شلوڪ ارٿ سان هيٺ ڏجي ٿو.

نه ڌنم نه جنم نه سندري ڪوتام وا جڳديش ڪاميي
مم جنمن جنميشوري ڀوتاد ڀڳتي اهيتڪي تويءِ.

(هي جڳديش! مونکي نـه ڌن دولت پرِوار، سندر ڪوتا جي اِڇا آهي مان جنم جنم ۾ تنهنجي پريما ڀڳتي چاهيان ٿو.)

ڀـڳت ڌنـو

ڀڳت ڌني جو جنم وڪرم ١٤١٥ ۾ راجپوتانا جـي هڪ ڳوٺ ۾ ٿيو. هو اڃا اٺن - نوَن سالن جو هو جو جهنگل ۾ ڳائيون چاريندو هو. هو نديءَ جي ڪناري تي براهمڻ ترلوچن کي ٺاڪرن جي پوڄا ڪندو ڏسي دل ۾ چاهيندو هو ته پاڻ به ٺاڪرن جي پوڄا ڪري. ڏينهن گذرندا رهيا هن جـي دل ۾ ٺاڪرن جي پوڄا جي پياس وڌندي وئي.

هڪ ڏينهن هن براهمڻ ترلوچن کي وينتـي ڪندي چيو. "سوامي مونکي به ٺاڪر ڏيو ته مان به اُن کـي سنان ڪرائي پوڄا ڪريان." ترلوچن وراڻيو، "ٻالڪ تـون جاٽ ذات جو آهين تون ڪيئن ٺاڪر جي پوڄا ڪندين، ڀوڳ لڳائيندين؟"

ڌنو ورِي وينتي ڪرڻ لڳو، "سوامي مان چڱيءَ ريت ٺاڪر جي پوڄا ڪندس، اُن کي ڀـوڳ لڳائي پوءِ ڀـوڄن ورتائيندس."

ڪيترن ڏينهن کان زور ڀرڻ تي آخر ڌني کي خوش ڪرڻ

سنت پيپا

سنت پيپا جو جنم چيٽ مهيني جي ۱۵ تاريخ وڪرم
سنبت ۱۴۴۲ ۾ راجپوتانا جي اراولي ٻهاڙن جي وچ ۾ گاگرون
نالي رياست جي راجا جي گهر ٿيو.

راڄائي ڪٽنب ۾ جنم وٺڻ سبب ڏاڍي لاڏ ڪوڏ مان
هنجي پالنا ٿي. پورو جنم جي سريشٽ سنسڪارن سبب هنجي
ورتي سٽڪرمن ۽ پرڀوءَ طرف ٿي. جڏهن عمر ۾ وڏو ٿيو تڏهن گهر
گهرهست ۾ پرويش ڪيائين. کيس ٻارهن راڻيون هيون ۽ ڪلهن
تي راڄڪاروبار جي جوابداري.

راجا پيپا ديوي ماتا جو پرم اپاسڪ هو. هو سادن سنتن
ڀڳتن جي پريم سان سيوا ڪندو هو. هڪ دفعي ديوي ماتا
سندس اپاسنا تي پرسن ٿي کيس ساڪشات درشن ڏنو ۽ کيس ور
گهرڻ لاءِ چيائين.

راجا پيپا ديوي ماتا کي وينتي ڪندي چيو، "ماتاجي
مون کي مڪتيءَ جو دان ڏيو."

ديوي ماتا کيس چيو، "مڪتيءَ لاءِ گيان جي ضرورت
آهي. تون ڪاشيءَ ۾ وڃي سوامي رامانند کان گيان پراپت ڪري
ڀڳتيءَ جي مارگ ۾ وڃ توکي اوس مڪتي پراپت ٿيندي."

راجا پيپا ڀڳوتي ديويءَ جي آگيا انوسار ڪاشيءَ ۾
سوامي رامانند جي آستان تي آيو. هو جڏهن سوامي رامانند

”ڀڳو مون کي ٻيو ڪجهه نه گهرجي اسين اُن تون ڏيرجين ۽ تون روز اچي پوڄا لڳائي وٺندو ڪج.“

ڀڳت ڌني کي آنسو ڏيندي ڀڳوان چيو، ”پيارا انهن ڏيندو. ماهه روز تو وٽ اچي پوڄا لڳائيندس ۽ تنهنجي ڳائين ۽ کيت جي پڻ سنڀال ڪندس. تون ڪنهن به قسم جي چنتا نه ڪج.“ ڀڳوان ڀڳت ڌني کي ور ڏئي انترڌيان ٿي ويو. ڌنو گڏ گڏ ٿي ڀڳوان جا شڪرانا مڃڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن ٿي ڌني جڏهن ڀڳوان جي اڳيان پرساد رکي ته ڀڳو پاڻ اچي پوڄا لڳايو. ڀڳو روز اچي پنهنجي وچن جي پالنا ڪندو هو. نه صرف ايترو پر ڀڳو ڌني ڀڳت جون ڳائيون ۽ کيت به سنڀاليندو هو ۽ ڌنو وري ڀڳوءَ جي ڀڄن ۾ مگن هوندو هو. هن سال ڌني جي کيت جو فصل هونءَ کان ڏهوڻو ٿيو.

اها سڀ ڪرتار جي ڪرپا. جي اسين هڪ وک ڀڳوءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌون ٿا ته ڀڳو ڏهه قدم اڳتي وڌي اچي ٿو. ڀڳت ڌني ساڌارڻ ڄٽ ڪسي ناڪر سمجهي اُن جي شرڌا ۽ وشواس سان اُپاسنا ڪئي ته ڀڳو پاڻ اُن کي درشن ڏنو. اِنهيءَ ۾ شرڌا ۽ وشواس تمام ضروري آهي.

ڀڳت ڌني ۽ براهمڻ ترلوچن جي جڏهن پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي ته ڌني ترلوچن کي وشواس ٿي نه پئي آيو ته ڀڳو ڀوڳ ڪئن لڳائيندو.

ڀڳت ڌني ڀڳوءَ کي ور ور وينتي ڪئي ته ڀڳو تهت ٿي ترلوچن کي درشن ڏئي منهنجي پت رک.

ڀڳت ڌني جي صدقي ڀڳوان ترلوچن کي پڻ درشن ڏنو ۽ انهن ترلوچن جي زندگيءَ ۾ پڻ ڦيرو اچي ويو.

ڀڳت ڌني باڻي پڻ اُچاري آهي. سندس ڪجهه باڻي شري گرو گرنٿ صاحب ۾ سنگرهيت آهي.

سندس ڪيرائي ڇوڏاري ڦهلجي ويئي . سوامي رامانند پڻ
پنهنجي پياري شش ڀيپا جي ڪيرائي ٻڌي.

راجا ڀيپا جي وينتيءَ تي ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ سوامي
رامانند پنهنجي شش منڊليءَ سان راجا ڀيپا جي راجڌانيءَ ۾
پڌاريو. راجا ڀيپا سوامي رامانند جو شاندار سواگت ڪيو ۽
سندن خوب سيوا ڪئي . سوامي رامانند ڪجهه ڏينهن لاءِ اتي
رهيو . راجا جي اهڙي ڀڳتي ڀاونا ۽ سيوا ڀاونا ڏسي ڪيس
ڄاڻايائين ته جيڪڏهن تون اهڙي تياڳ ڀاونا سان نشڪام ٿي
جيڪڏهن سڀني مهاتمائن جي سيوا ڪرين ٿو، دکين جي سار
لهين ٿو ته اتي راجڌانيءَ ۾ تنهنجو رهڻ به تياڳ برابر آهي. پرجا
جي پرگهور لهندو رهه . پراپڪار جا ڪارج ڪندي نام سان نينهن
لڳاءِ ان ۾ ئي جيون جي سارٿڪتا آهي.

سوامي رامانند جا اهي وچن ٻڌي راجا ڀيپا سوامي جن
کي چيو ته مان اوهان جي ڪمل چرڻن ۾ رهڻ چاهيان ٿو راجائيءَ
جو تياڳ مون لاءِ ڪلياڻڪاري ٿيندو.

سوامي رامانند آکيو ”ڀلايو سنو.“ اها خبر جڏهن راڻين
کي پئي ته راجا راجائيءَ جو تياڳ ڪري ورت ٿي سوامي
رامانند سان گڏ ويندو. تڏهن اهي راڻيون به راجا سان گڏ وڃڻ
لاءِ تيار ٿيون.

راجا راڻين کي سمجهايو ته هن ڀڳتيءَ جي راهه ۾ جيڪي
اچڻ چاهين ٿيون کي پهرين راجائي ناٽ باٽ آڀوشڻ جو تياڳ ڪرڻو
پوندو، تمام سادي جيون گذارڻي پوندي.

تڏهن ٻارهن راڻين مان ٻارهن راڻين ته راجا سان گڏ وڃڻ
جو ويچار لاهي ڇڏيو باقي ننڍي راڻي سيتا پنهنجا آڀوشڻ لاهي
تمام سادي پوشاڪ پائي راجا سان گڏ وڃڻ لاءِ تيار ٿي . سيتا

جي ڪٽيا اندر گھڙڻ لڳو تڏهن سوامي رامانند جي ششين کيس ڪٽيا ۾ اندر وڃڻ کان روڪيو ۽ هنن اندر وڃي سوامي رامانند کي ٻڌايو ته راجا پيپا اوهان سان ملڻ ٿو چاهي. سوامي رامانند وراڻيو ته راجائن سان اسانجو ڪهڙو ٻڌيو جن آهي!

ششين سوامي رامانند جا ساڳيا لفظ اچي راجا پيپا اڳيان دهرايا. تڏهن راجا پيپا پنهنجو راجائي ويس بدلائي، آيو شڻ برهمڻن ۽ غريبن ۾ ورهائي هڪ ساڌارڻ منش جي روپ ۾ سوامي رامانند جي آستان تي آيو.

سوامي رامانند جي ششين سوامي رامانند کي وڃي ٻڌايو ته هاڻي راجا پيپا راجائي ٺاٺ باٺ جو تياڳ ڪري هڪ ساڌارڻ منش جي روپ ۾ آيو آهي.

تڏهن سوامي رامانند وراڻيو "راجا پيپا راجائي ٺاٺ باٺ جو تياڳ ڪيو آهي ته ڀوءِ ڇا! وڃي کوهه ۾ ٽپوي.

سوامي رامانند جا اهي وچن ٻڌي راجا پيپا هڪدم کوهه ۾ ٽپو ڏيڻ لاءِ ڊوڙيو.

سوامي جن جي ششين اهو ڏسي هڪدم هن کي کوهه ۾ ٽپو ڏيڻ کان روڪيو ۽ کيس سوامي رامانند وٽ وٺي آيا.

سوامي رامانند راجا پيپا جي پياس ڏسي ڏاڍو ٻرسن ٿي کيس گرو منتر ڏنو. راجا پيپا ڪيترا ڏينهن پنهنجي ستگرو سوامي رامانند جي سيوا ڪندو رهيو.

هڪ ڏينهن سوامي رامانند کيس آگيا ڪئي ته تون پنهنجي راجڌانيءَ ڏانهن واپس وڃ ۽ اُتي وڃي سنتن مهاتمائن ۽ دکين دريدرن جي سيوا ڪر. گروءَ جي آگيا انوسار راجا پيپا پنهنجي راجڌانيءَ ۾ آيو ۽ هن اُتي راجائي ڪندي نام کي نه وساريو. دکين دريدرن ۽ سادن مهاتمائن جي سيوا ۾ اڳرو رهيو.

ڪيترا ئي ٻرس ۾ پڄي ويا. ڪيترائي ٻرهمڻ ڀيما جو درشن ڪرڻ لاءِ ونس اچڻ لڳا. هن ڏٺو ته هاڻي هت رهڻ سان ماڻهن جي ڀيڙ وڌندي ويندي ۽ سو ايڪانت جي لحاظ کان هوءَ دوارڪا کان ڇهه ميل ڪن پري اچي جهنگل ۾ رهيو. سچو ساڌڪ پنهنجي وڏڙن ڪيرتيءَ کي روحاني راهه ۾ رنڊڪ سمجهي ٿو. هوءَ پتنيءَ سميت جهنگل ۾ ڀڳوت ڀڄن ڪندو رهيو.

هڪ ڏينهن اچانڪ هڪ ٻاڻ سندس پتنيءَ کي ڀيچائي کٽي ويو. ڀيما جي پتني سيتا ڀڳوان کي آرادنا ڪئي، ”پريو! هن دشت کان بچاءِ پنهنجي چرنن لڳاءِ سهارو نه آهي ٻيو تو سواءِ.“

پريو پنهنجي پياري ڀڳتياڻيءَ جي رکشا لاءِ هڪ بهادر جو روپ ڌاري اچي ٻاڻ کي ختم ڪيو ۽ راڻي سيتا کي دشت جي چنبي مان مڪت ڪري کيس ڀيما وٽ پهچائي انتر ڌيان ٿي ويو. ڀڳوان ڪئين نه پنهنجن پيارن جي هر وقت رکشا پيو ڪري.

سيتا ساري گهٽنا ڀيما کي ٻڌائي ته ڪئين نه ڀڳوان دشت جو دمن ڪري سندس سيل ست جي رکشا ڪري کيس هت پهچايو آهي.

جهنگل ۾ ڀيما جي سامهون هڪ شينهن آيو. ڀيما ڏڪيو ڏريو ڪين. هن ڀڳوان جو نالو جپيندي اُن شينهن کي به اُپديش ڏنو ته نردوشن کي مارڻ ڇڏي تون به ڀڄن ڪر.

سنت ڀيما جو اُن شينهن تي به پرڀاءُ پيو ۽ شينهن جي سڀاءَ ۾ به پريورتن اچي ويو. هن اُن ڏينهن کان پوءِ پسن کي مارڻ بند ڪيو. بک ۾ گذارڻ لڳو پر ڪنهن کي ستايائين ڪين ۽ ائين سندس پراڻ پکيئڙو پرواز ڪري ويو. چون ٿا شينهن جي

ٻاڻ سان هڪ ڪنبل ڪنيو هو.

سوامي رامانند سندس اُهو ڪنبل ڏسي ورتو ۽ هن راجا ڀيپا کي چيو ته سنتن کي ته ڪڏهن ڪنبل نه ملندو آهي. تڏهن سيتا اشارو سمجهي اُهو ڪنبل به ڦٽو ڪيو.

سوامي رامانند راڻي سيتا جو اهو تياڳ ڏسي چيو، ”راجا تنهنجي هيءَ راڻي تنهنجي ڀڳتي مارگ ۾ سهائڪ ٿيندي.

ڀڳت ڀيپا پنهنجي سيتا سميت سوامي رامانند سان گڏ دوارڪا ۾ آيو. دوارڪا ۾ هن سوامي رامانند جي ستسنگ جو لاڀ پراپت ڪيو. جڏهن سوامي رامانند اُتان ڪاشيءَ لاءِ روانو ٿيو تڏهن ڀيپا دوارڪا ۾ ڪجهه وقت رهڻ لاءِ سوامي رامانند کان موڪل ورتي.

ڀڳت ڀيپا دوارڪا ۾ رهندي ٻڌو ته سچي دوارڪا جتي شري ڪرشن رهي ٿو سا سمندر جي اندر آهي. سندس من ۾ ڀڳوان جي درشن جي تيبر اڇا پيدا ٿي سو هڪ ڏينهن پنهنجيءَ سميت هن سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو.

ڀڳوان ته سرو وياپڪ آهي. جتي ڪو پريمي سندس درشن ڪرڻ چاهي اُتي درشن ڪري سگهي ٿو. ڀڳوان شري ڪرشن ڀيپا جو پريم ڏسي سمندر جي اندر کيس درشن ڏنو.

ڀيپا سمندر اندر سوني محل ۾ ست ڏينهن رهيو. هو ڀڳوان جو جو درشن پائي ڪرتارٿ ٿيو. ڀڳوان کيس آگيا ڪئي ته هاڻي هو ٻاهر وڃي ڇاڪاڻ متان ماڻهو ائين نه چون ته ڀڳوان جو ڀڳت ٻڏي ويو. ڀيپا ڀڳوان جي ڪمل چرنن کي ڇڏڻ نٿي چاهيو. مگر ڀڳوان جي آگيا کي اکين تي رکي پنهنجيءَ سميت ڪناري تي ٻاهر آيو.

ڀيپا کي ست ڏينهن کان پوءِ سمنڊ مان ٻاهر نڪتل ڏسي

اوچتو اُن ڏهيءَ جي رات ڪٿي آئي ۽ ڀڳت ڀيپا سنتن جي اڇا انوسار ڪرڻ ڏهي ڪارائي. ڏهي آڻيندڙ مائي ڏهيءَ جا پئسا ڀيپا کان گهريا. سنت ڀيپا کيس چيو ته هن وقت ته پئسا ڪين آهن. پر اڄ جهڙي پيٽ ايندي سا توکي ڏبي.

پر پوءِ جي ڪرپا سان ٿوري وقت کان پوءِ هڪ پريمي ڀڳت ڀيپا سان ملڻ آيو ۽ هن اٽڪل چئن سَوَن ڪن جو مال ڀيپا اڳيان پيٽ رکيو. ڀڳت ڀيپا وچن موجب اهو سمورو پيٽ رکيل مال اُن ڏهيءَ واريءَ کي ڏنو. ڏهيءَ واريءَ چيو ته ڏهي هئي ڏهي آئي جي ۽ اُن عيوض ايڏو مال اسباب مان ڪئين وٺان! مگر سنت ڀيپا کيس اهو مال زوريءَ ڏنو. اها مائي ڏاڍو خوش ٿي ويندي رهي.

راجا سوريسن ڀڳت ڀيپا کي هڪ مينهن پيٽ ڪئي هئي. اها مينهن پنهنجو پاڻ صبوح جو جهنگل ۾ چرڻ ويندي هئي ۽ وري شام جو موٽي ايندي هئي. ڀڳت ڀيپا اُن مينهن جو کير سڀني سنتن مهاتمائن کي پياريندو هو.

هڪ ڏينهن ڪي چور ان مينهن کي چوري ڪري وٺي پئي ويا. ڀڳت ڀيپا اهو ڏٺو ته هن انهن چورن کي هڪل ته ڪين ڪئي ويتر مينهن جي وڇڙي کي ڀڄ ڇوڙي ڪين سڏي چيو ته اوهان کي مينهن بنا وڇڙي کير ڪين ڏيندي تنهن ڪري پاڻ سان وڇڙو ٻڌ وٺي وڃو. چورن ان کان سندس نالو پڇيو. تڏهن ڀڳت ڀيپا کين پنهنجو نالو ٻڌايو.

چور ڀڳت ڀيپا کي ڏسي عجب کائڻ لڳا ته مينهن جو مالڪ پاڻهي مينهن جو وڇڙو ٻه وٺي وڃڻ لاءِ چوي ٿو. ڀڳت ڀيپا جي وچن انهن چورن تي جادو جو اثر ڪيو. چئني چورن جي من ۾ ڦيرو اچي ويو. انهن چورايل مينهن ڀڳت ڀيپا کي واپس ڪندي ڪانئس مافي ورتي. چارئي چور پوءِ ڀڳت ڀيپا

جوڻ کان پوءِ هن کي مٽش جي ديهه ملي ۽ اهو نرسي مهتا نالي پرسڌ ڀڳت ٿيو.

نرسي مهتا گجرات ۾ مشهور ڀڳت ٿي گذريو آهي جنهن جو پراهه شبد:

”ويشنو جن تو تيڻي ڪهئي جو پيڙ پرائي جاڻي ري“

اهو پد مهاتما گانڌي به ڳائيندو هو. ٻيپا ڀڳوت ڀڳتيءَ دوارا نه صرف پنهنجي جيون سڦل ڪئي مگر ڪيترن کي ئي ڀڳوت ڀڳتيءَ جي راهه ۾ ڇڪيو. ڀڳت پيپا وٽ ڪو به ايندو هو ته هو اُن کي ڀوڄن ڪارائيندو هو. وقت به وقت سنتن مهاتمائن کي نينڊ ڏئي ڀوڄن ڪارائيندو هو.

راجا سوريسين سنڌس سارهه ٻڌي وٽس آيو. راجا سنت پيپا جو درشن ڪري پرسن ٿيو.

راجا سوريسين ڀڳت پيپا کي سکيا ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي. ڀڳت پيپا کيس سکيا ڏيندي چيو ته جڳت ۾ ورڪت ٿي رهه. سڀئي سمپتي ۽ راج ڀاڳ سمرپت ڪر.

راجا سوريسين سنت پيپا جي اڳيان پنهنجو سروسو سمرپڻ ڪيو. اُن وقت سنت پيپا کيس چيو ته هاڻي تون راج ڀاڳ سمپتيءَ کي ڀڳوان جي امانت سمجهي راج ڪاروبار هلائج. اُن ۾ پنهنجي آسڪتي هرگز نه رکج ۽ ڀڳوت ڀڄن سان من لڳاءِ.

راجا سوريسين جي زندگيءَ ۾ وڏو موڙ اچي ويو. هو پراپڪاري ۽ ڀڳت جن ٿي پيو.

هڪ دفعي ڪي سنت ڀڳت پيپا وٽ آيل هئا اُنهن ڏهيءَ جي ڀوڄ جي اڇا ظاهر ڪئي. ٿوري وقت کان پوءِ هڪ مائي

ڀڳت بلوا منگل

ڀڳت بلوا منگل ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيہ اُپاسڪ هو. سندس جنم ڪرشڻ وينا نديءَ جي ڪناري برهمڻ شري دامودرداس جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو نموي ٻائي هو. ماتا پتا جي پرلوڪ پڌارڻ ڪانپوءِ بلوامنگل جوانيءَ جي نشي ۾ پنهنجو ڌن دولت ڪسنگ ۾ وڃائڻ لڳو، ڀوڳ ولاس ۾ جيون برباد ڪرڻ لڳو.

ڪرشڻا وينا نديءَ جي ٻئي پار چنتامڻي سندر وئشيا رهندي هئي. بلوامنگل چنتامڻيءَ جي سونهن جي جار ۾ اٽڪي پيو، اٽڪڻ مان وري آسڪتيءَ ۾ لٽڪي پيو. هو روز ندي پار ڪري اُن چنتامڻي وئشيا وٽ ويندو هو.

هڪ ڏينهن بلوا منگل جي پوڄ پتا جو شراڌ هو. شراڌ جو ڪم پورو ڪري هو رات چنتامڻيءَ جي گهر روانو ٿيو.

سندس متر منع ڪئي ته اڄ پتا جي شراڌ سبب توکي وئشيا وٽ وڃڻ ڪين جڳائي مگر بلوامنگل ڪام جي نشي ۾ ٻڌو اڻٻڌو ڪيو. اوچتو تيز طوفان به شروع ٿيو، چوڌاري اونده انڌوڪار هو. هوَ گهاٽ تي آيو ته ٻيڙي به نظر نه آيس جو ترِي هن پار وڃي. آخر اونده ۾ هڪ لاش کي ڪاٺ جو ٽڪرو سمجهي نديءَ جي هن پار وڃي چنتامڻيءَ جي گهر پهچي ويو.

چنتامڻي عجب ۾ پئجي ڪيس چوڻ لڳي اڄ تنهنجي پتا

جي سنگت ۾ سندس شيوا ۾ رهيا ۽ هو به ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لڳا.

هڪ دفعي ڀڳت ٻابا سنان ڪري رهيو هو. اتي هڪ براهمڻ روئندي ڀڳت ٻابا کي وينتي ڪندي چيو، ”مونکي ڪنيا جي شاديءَ لاءِ هڪ ڳئون گهرجي آهي، مهرباني ڪري مونکي ڳئون وٺي ڏيو. ڳئون کان سواءِ ڪيئن ڪار، نه ٿي سگهندي ۽ منهنجو پريوار بک مرندو.“

اچانڪ اتي هڪ ليليءَ جو پٽ پنهنجي ٻيل کي پاڻي پيارڻ لاءِ آيو. ڀڳت ٻابا ان ڳئون جي واڳ ان براهمڻ کي ڏئي ڇڏي ۽ ٻلي ان کي پنهنجي گهر لاءِ وٺي ويو.

ليلي جو پٽ روئندو روئندو پنهنجي ماءُ وٽ وڃي آيو ۽ ساري حقيقت پيءُ کي ٻڌايائين. ليلي راجا سورسين وٽ ڀڳت ٻابا جي شڪايت ڪئي ۽ ٻڌايو ته ڪيئن هن سندس ڳئون هڪ براهمڻ کي ڏئي ڇڏيو آهي.

راجا سورسين ليليءَ کي چيو ته تون ٻاهر وڃ ۽ ڀڳت ٻابا جي شرڻ وڃ ۽ ڳئون لاءِ وينتي ڪر.

ٻڌي اهو ليلي ڀڳت ٻابا وٽ آيو.

ڀڳت ٻابا سندس شڪل مان سندس اچڻ جو ڪارڻ سمجهي ويو ۽ کيس چيائين ته منهنجو ڳئون ته تنهنجي گهر ۾ ٿي ٻڌو پيو آهي. وڃي ڏس.“

ليلي هڪدم گهر آيو. هو پنهنجي گهر ۾ ڳئون کي ٻڌل ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. اهو سڀ ڀڳت ٻابا جي ڀڳتيءَ جو پرتاب هو.

اوچتو وري بلوا منگل جي من ۾ ڦيرو آيو. پنهنجي من جي چنچلتا تي پشيمان ٿيو. پاڻ ۾ ڪنبڻ جو وڙ هو. ان مان ڪنڊا پٽي پنهنجي ٻنهي اکين ۾ ڪنڊا هنيائين. سندس اکين مان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. هن ائين محسوس ڪيو ته سندس اکيون ڪا سهڻي سهڻي صورت ڏسي موهجي وڃن ٿيون، نه هونديون اهي اکيون نه هو وري پاپ ڀرشٽ ٿي سگهندو. بس هاڻي بلوا منگل جي دل ۾ هڪ ئي پياس ته ڀڳوان شري ڪرشن کي پايان ۽ ان جا ئي گيت ڳايان.

هاڻي بلوا منگل برج ڀومي ڏانهن روانو ٿيو. ويچارو سورداس پنڌ ڪندو رهيو. رستي تي نه کاڌو، نه پيتو. بس هڪ ئي آس ڀڳوان شري ڪرشڻ جي ملڻ جي.

هڪ ڏينهن جهنگل ۾ هڪ ٻال گوپال جو آواز ٻڌو. اهو ٻالڪ بلوا منگل کي هڪ وڻ هيٺان وهاري کيس کاڌو کارائڻ لڳو. اُن ٻالڪ کيس چيو ته تون اُتي رهج مان تو کي هر روز کاڌو کارائي ويندس.

اُن چوڻ موجب اُهو ٻالڪ ڏاڍي چاهه سان بلوا منگل کي وقت تي کاڌو کارائي ويندو هو. بلوا منگل جي دل ۾ اُن ٻالڪ لاءِ پريم پيدا ٿيو.

هڪ ڏينهن بلوا منگل سوچيو ته ديوي ڳالهين ۽ ماڻهن ۾ آسڪتي نه ٿئي اُن لاءِ مون پنهنجون اکيون ڪڍيون وري هن ٻالڪ ۾ مهنجو موهه ٿيندو پيو وڃي، شري ڪرشن مونکي ڪڏهن ملندو، مان ڪڏهن برج ڀومي ۾ پهچندس!

اجا هن من ۾ اهي ويچار پئي ڪيا ته اهو ٻال گوپال وٽس آيو ۽ کيس چيائين ته ڇا اوهان کي برندا بن هلڻو آهي؟

بلوا منگل برج ڀومي جو نالو ٻڌي ٺري پيو ۽ ٻالڪ کي

جو شراپ آهي ۽ تنهن طوفان لڳي رهيو آهي. اڄ هن به اوهان موهن وٽ آيو آهيان. تو منهنجي هٿن جي پوريءَ آسڪتي رکي آهي اگر ايڏو پريم بانڪي بهاري ڪرشن مراريءَ سان رکين ته سو تو ٿي پوڻ.“

چنتامڻيءَ جا اهي لفظ بلوا منگل کي تير جيان لڳي ويا. سندس اکيون کلي ويون. بس هاڻي هو ڀڳوان شري ڪرشڻ جو چنتن ڪرڻ لڳو. انجو نالو ور ور دهرائڻ لڳو.

سندس ڳوٺ جي ڀرسان هڪ مهاتما سومگريءَ نالي رهندو هو. بلوا منگل ان مهاتما کي گرو ڪري ڪانسولس سکيا ورتي. سندس گروءَ سندس نالو ليلاشڪ رکيو. هاڻي بلوا منگل جي دل دنيوي ڳالهين مان ڪٽي ٿي پيئي ۽ پرڀوءَ جي درشن جي پياس پيدا ٿي.

ڪجهه مهنن ڏن پوءِ هو رستي تي ويندڙ هڪ سندر استريءَ کي ڏٺو. سندس دبيل ڪام واسنا جاڳرت ٿي پيئي. وري واسنا واري وات تي ڪري پيو. ان استريءَ جي منهن ڏي ڏسي وري پيو ڏسي، هوءَ هلندي هلي ته هيءَ به ان جي پويان هلندو هليو.

آخر اها استري پنهنجي گهر پهتي ته هي ان جي گهر جي سامهون ويهي رهيو ته ڪڏهن نه ڪڏهن هوءَ گهر کان ٻاهر نڪرندي ته کيس انجو هڪڙي درشن نصيب ٿيندو.

ان استريءَ جي پتيءَ ڪيتري وقت کان بلوامنگل کي گهر سامهون ويٺل ڏسي ڪارڻ پڇيو ۽ کيس معلوم ٿيو ته بلوا منگل سندس استريءَ کي ڏسڻ جو چاهڪ آهي.

پتيءَ هڪدم پتنيءَ کي سڏ ڪيو ته هار سينگار ڪري ٻاهر هلي اچ. جڏهن اها استري ٻاهر آئي ان کي ڏسندي ڏسندي

سنت ڪبير داس

سنت ڪبيرداس جو جنم وڪرم سنبت ۱۴۵۵ ۾ جيٺ مهني جي پورڻماسي ڏينهن ڪاشيءَ ۾ هڪ برهمڻ پرلوار ۾ ٿيو. هو اڃا ماءُ گرڀ ۾ هو جو سندس پتا پرلوڪ پڌاريو. جڏهن بالڪ ڪبير جو جنم ٿيو تڏهن سندس وڌوا ماتا سنڪوچ وچان بالڪ کي ڪپڙي ۾ ويڙهي لهر تلاءَ جي ڪناري تي گاهه ۾ رکي آئي. اتان هڪ نيرو نالي ڪوري لنگهي رهيو هو. جنهن جي نظر ان بالڪ تي پئي. نيروءَ کي پنهنجي پيٽ جائي اولاد ڪين هئي. هو ان بالڪ کي حاصل ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. پاڻ ۽ سندس پتنيءَ لاڏ ڪوڏ سان بالڪ ڪبير جي پالنا ڪئي ۽ هنن ڪبير نالو رکيو.

ننڍپڻ کان ئي ڪبيرداس جو لاڙو ڀڳتي ڪرڻ ۾ هو. هو پاڻ ڀڄن ٺاهي ڳائيندو هو. سندس من ۾ گرو ڪرڻ جي چاهنا پيدا ٿي ۽ ان مراد سان هو سوامي رامانند مهاراج وٽ ويو مگر سوامي رامانند کيس گرو منتر ڪين ڏنو. شايد گهٽ ذات مان هئڻ سبب ڪبير سوامي رامانند وٽ قبول ڪين پيو.

ڪبير داس جي من ۾ سوامي رامانند لاءِ جا شردا هئي ان شردا هٺي هنڌ ڪيو. ڪبيرداس اٽڪل ڪري هڪ ڏينهن پرڀات جو اوندهه ۾ ڪاشيءَ ۾ پنج گنگا جي گهاٽ جي هڪ ڏاڪي تي وڃي ليٽي پيو.

سوامي رامانند جڏهن گنگا اشنان ڪري موٽي رهيو هو تڏهن

ڇپائين ٿا مونکي اوڏانهن وٺي هل. اهو ٻالڪ امت جي سهاري ٻلوامنگل کي ٻڌ ڪرائيندو ورنداٻن ڏانهن هليو، ٻلوامنگل هن ئي من ۾ ڀڳوان جي روپ جو تصور ڪرڻ لڳو.

ٻال گوپال کيس چيو، "ورنداٻن اچي ويو آهي مان هاڻي وڃان ٿو." ٻلوامنگل ٻال گوپال جو هٿ پڪڙيو. هن اُن ٻالڪ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جو درشن ڪيو. حقيقت ۾ اهو ٻالڪ خود ڪرشڻ هو.

شري ڪرشڻ ٻلوامنگل جو پريم ڏسي ٻالڪ جي روپ ۾ ٻلوامنگل جي سارسنڀال لاءِ کيس رستي ۾ وٺي آيو. ٻلوامنگل ٻالڪ ڀڳوان جو هٿ قابو ڪندي چيو، "هاڻي مان اوهان کي ڪين ڇڏيندس." ٻلوامنگل جي اکين ۾ پريم جا آنسو اچي ويا ۽ چوائين ته پرڀو تو سان ئي ملڻ جي پياس هئي سو تو کي ڪين ڇڏيندس.

ٻالڪ ڀڳوان چيو ته هاڻي مونکي وڃڻ ڏي. ائين چوندي ٻال گوپال پنهنجو هٿ ڇڏايو. تنهن تي ٻلوامنگل چيو، "پرڀو تون هٿ ڇڏائي هلو وڃين ٿو مگر تون منهنجي من مان ته وڃي نٿو سگهين. تون منهنجي جيءَ سان جڙيو پيو آهين."

ڀڳوان ڀڳت ٻلوامنگل جا اهي پريم ڀريا وچن ٻڌي جهٽ ئي کيس ڀاڪر پاتو ته ٻلوامنگل جي اکين ۾ روشني اچي وئي ۽ هن ٻالڪ ڀڳوان شري ڪرشن جو ساکيات درشن ڪيو. ڀڳوان جو درشن ڪري ٻلوامنگل ڏاڍو پرسن ٿيو سندس خوشيءَ جو ڪاٿو ڪين هو. ڀڳوان پنهنجي پياري ٻلوامنگل جي پياس پوري ڪري انترڌيان ٿي ويو.

ڀڳت ٻلوامنگل جي من ۾ ڀڳوان جي درشن کان پوءِ انهن پريم جون لهرون لڳيون جي ڪاويه روپ ۾ سندس مک مان پرواهت ٿيون "ڪرشڻا امرت"، "گووند دامودر" ٻلوامنگل جا ٻه سنسڪرت ڪاويه آهن جن ۾ ڀڳوان شري ڪرشن ۽ رادا جو انوپم ورڻن آهي. انهن ڪاوين مان ڀڳت ٻلوامنگل جي پريما ڀڳتيءَ جي جهلڪ ملي ٿي.

ٿي پرڀو پاڻ فرمائي ٿو:

لالي ميري لعل ڪي جت ديکهون تت لال
لالي ديکهن مين گئي تو مين ڀي هو گئي لال

هڪ دفعي سنت ڪبيرداس ڪپڙو اُڻي هڪ ٿانڪيو بازار ۾ وڪڻڻ آيو ويو ته رستي تي هڪ سادوءَ کيس چيو ته، "مونکي ڪپڙا ڪين آهن تون جيڪر مونکي ڪپڙو ڏين ته ڏاڍو سٺو." ڪبيرداس اُن سادوءَ جي چوڻ تي اڌ ٿانڪيو ڪپڙي جو اُن سادوءَ کي ڏنو مگر اُهو سادو اڃا سنتشٽ نه ٿيو ۽ ڪبيرداس کي چيائين ته سڄو ٿانڪو ئي ڏئي ڇڏ. ان تي ڪبيرداس سڄو ئي ٿانڪيو ان سادوءَ کي ڏئي ڇڏيو.

هيڏانهن ڪبيرداس جي ماتا، استري ۽ پٽ گهر ۾ اناج نه هئڻ سبب بک ۾ ٻاهر ٿي رهيا هئا ۽ اُن آسري ويٺا هئا ته ڪبيرداس ڄاڻ ڪپڙو وڪڻي پئسا ڪمائي ڪاڏي جو سيڌو سامان وٺي ايندو مگر ڪبيرداس ته ڪپڙو مفت ۾ ڏر رهائي ٻارو ڪيو هو ۽ سوچيائين ته هاڻي هٿين خالي گهر وڃڻس ته سٺو ڪين لڳندو، سو هو جهنگل ڏانهن هليو ويو. جهنگل ۾ وڃي نام سمرڻ ۾ لڳين ٿيو.

ڀڳوان ڀڳت ڪبير ۽ اُن جي پريوار جي اهڙي حالت ڏسي هڪدم ڪڻڪ، چانور، کنڊ گيهه وغيره کائڻ جو سڄو سامان ڪبيرداس جي گهر پهچايو. ڀڳوان ڪئن نه پنهنجي ٻارن جي سار لهي ٿو.

چئن ڏينهن کانپوءِ جڏهن ڪبيرداس گهر واپس ويو تڏهن سندس ماتا کيس ٻڌايو ته هڪ اڻوقف شخص ڪيئن نه سندس گهر ۾ سڀ سيڌي جو سامان پهچائي ويو. سنت ڪبيرداس اهو ٻڌي سمجهي ويو ته پرڀو پاڻ اچي پر گهور لڌي آهي. پرڀو پنهنجي پيارن جي پيڙا ڄاڻي ٿو.

سندس پير وڃي ڪبير داس کي لڳو. سوامي رامانند رام! رام! چوندي پري ٿي ويا. ڪبير داس هڪدم اٿي سوامي رامانند کي ڏنڊوت پرڻام ڪيو ۽ سوامي رامانند جا شڪرانا ڳائيندي چيائين "سوامي جي! مهنجا اڄ وڏا ڀاڳ آهن جو اوهان مونکي اڄ رام! رام! جو گر منتر ڏئي نهال ڪيو آهي."

سوامي رامانند ڪبير داس کي پنهنجو شش سويڪار ڪيو. سنت ڪبير داس پنهنجي واڻيءَ ۾ لکي ٿو:

ڪاشي ۾ هم پرگهٽ ڀئي هئين، رامانند چيتائي

سوامي رامانند کي ستگرو ڪري ڪانپوءِ سنت ڪبير داس جون ڪيان جون اکيون کليون، کيس سڀ ڪجهه جي پروڙ پيئي. پاڻ پنهنجي واڻيءَ ۾ لکي ٿو:

ستگر ڪي ڪرپا ڀئي سر تي اُتريا بوجهه

ڪبيرداس کي شادي ڪرائي وئي. سندس پتنيءَ جو نالو لوئي هو. هو گرهست ۾ رهندي ڪوريءَ جو ڪم ڪندو رهيو، وهنوار ۽ پرمارٿ ٻئي سڌاريندو رهيو. کيس هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ڄائي جن جا نالا ڪمال ۽ ڪمالي رکيا ويا.

ڪبيرداس جيڪي ڪمائيندو هو سو سنتن ستپرشن جي شيوا ۾ خرچ ڪندو هو. پنهنجي پٽ ڪمال جي من ۾ [illegible] ورتي مايا طرف ڏسي کيس ڇيڙيندي چيائين:

ٻڙا ونش ڪبير ڪا جو اُپجا پوت ڪمال،
هرڪا سمرن ڇاڏڪي، گهر لي آيا مال.

گرهست ۾ رهندي سنت ڪبير داس پنهنجي جيون ۾ سمرڻ، ستسنگ، سيل، سنتوش، ستيه، سنيه، سيوا جهڙي ساکي ڏني. گرو ڪرپا، نام سمرڻ ۽ ستسنگ سبب ڪبيرداس سچو سنت

بادشاه سڪندر لوديءَ سنت ڪبيرداس جا ڪوتڪ ڏسي سندس اڳيان ڪنڌ جهڪايو ۽ کيس ڏنل پيڙا لاءِ معافي ورتي. سنت سدا دَيالو ٿيندا آهن. سنت ڪبيرداس کيس ڪما ڪيو. هيڏانهن حاسد براهمڻن جي من ۾ حسد جي باهه وڌيڪ ڀڙڪو کاڌو.

سنت ڪبيرداس جي بي عزتي ڪرڻ جي لحاظ کان چند براهمڻن ڪي ساڌن جي پوشاڪ پهرائي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ موڪليو ته هو اُتي جي سنتن کي سنت ڪبيرداس پاران نيوتو ڏئي اچن ته فلاڻي ڏينهن سنت ڪبيرداس سنتن لاءِ ڀنڊارو ڪيو آهي. اُن نيوتي تي سوين ساڌو اوچتو ڪبيرداس جي گهر اچي اچي سهڙندا ۽ ڪبيرداس اُنهن سڀني ساڌن کي هڪ ئي وقت ڀوڄن ڪين کارائي سگهندو ۽ ائين سندس اپجس ٿيندو ته ساڌن سنتن کي ڀنڊاري جي نيوتو ڏئي به هن کين ڪين کارايو.

حاسد پنڊتن جي آڳا انوسار اهي ڇاڙتي براهمڻ ساڌن جي روپ ۾ سوين سنتن کي سنت ڪبيرداس جي گهر ڀنڊاري ۾ شريڪ ٿيڻ جي نيوتو ڏئي آيا. مقرر ڏينهن تي سوين ساڌو سنت ڪبيرداس جي گهر ڀنڊاري لاءِ اچي ويا.

اهو ڏسي سنت ڪبيرداس عجب ۾ پئجي ويو ته هن اُن قسم جي نيوتو ڪنهن کي ڪين ڏني آهي. سندس گهر ۾ ايترو ڍيرو سامان ڪين هو ته هو ڪري هو وڃي ڪٿي لڪو.

ڀڳوان پنهنجي پياري ڀڳت ڪبيرداس جي پت رکڻ لاءِ کاڌي پيتي جو سامان سنت ڪبيرداس جي گهر کڻائي آيو ۽ پاڻ ڪبير جي روپ ۾ انهن سڀني آيل ساڌن سنتن کي پريم سان طرحين طرحين جا طعام کارائي خوش ڪيو ۽ پاڻ انتردڌيان ٿي ويو.

سنت ڪبيرداس جو پريم ۽ وشواس وڌيڪ وڌيو ۽ من
۾ سنڪلپ ڪيائين تہ اڳتي گنڍ ڪرڻ جي ڀاونا بہ مهہ ڪين
رکندس، سنت ڪبيرداس ان ڏينهن کان ڪپڙي اُڻڻ ۾ گهٽ
ڌيان ڏئي گهڻو وقت نام سمرڻ ۾ گذاريندو هو.

سنت ڪبيرداس جي ڀڳتي پرتاب سبب ڪيترائي
هندو چاهي مسلمان سندس شش ٿيا. سندس وڌندڙ يش ڏسي
ڪي پنڊت ۽ مولوي کيس ختم ڪرڻ جون رٿائون رٿڻ لڳا.

هن ڪبيرداس خلاف بادشاهہ سڪندر لوڌيءَ کي
شڪايت ڪئي ۽ ڪبيرداس تي ڪوڙيون تهمتون مڙهي کيس
گنگا نديءَ جي تيز وهڪري ۾ قتو ڪرايو. مگر ڪبيرداس کي
لهر نڪي لوڏو آيو. هو گنگا جي وچ سير ۾ مرگ ڇالا تي ويٺل
نظر آيو. اهو ڪوتڪ ڏسي قاضي مولوي ۽ ڪٽر پنڊت ڏندين
آڱريون ڏيڻ لڳا.

جس ڪو راکي سائيان مار نہ سڪي ڪوءِ

حاسد جڏهن سنت ڪبيرداس کي گنگا نديءَ ۾ ٻوڙڻ ۾
ناڪامياب ويا تڏهن وري کيس باهہ جي کوري ۾ قتو ڪرايائون
مگر باهہ جي ييمت ۾ هوندي بہ سنت ڪبيرداس کي لهس
ڪين آئي.

وري انهن بي حياءَ حاسدن ڪبيرداس کي چيپائي مارڻ لاءِ
هڪ مست هاٿيءَ ڇڏيو، مگر هاٿي جڏهن سنت ڪبيرداس
جي ويجهو آيو تڏهن هاٿي گوڏا کوڙي ڪبيرداس کي نمسڪار
ڪري پري شانت ٿي ويهي رهيو. حاسدن جون سنت ڪبير
کي مارڻ جون سڀ رٿائون ناڪامياب ويون سنت ڪبيرداس
جو وار بہ ونگو ڪين ٿيو. شاهہ لطيف سچ چيو آهي:

سر ٿي پکي هيڪڙو پاريهڙي لک
جڏهن تي سائينءَ جي رک سو سر ۾ گهمي سرهو.

ڪجھ وقت کان پوءِ جو سنت ڪبيرداس جي شرير تان چادر هٽائي ڪئي ته سنت ڪبيرداس جي شرير جي بدران اتي گلن جو ڍير پيو آهي ۽ شرير غائب آهي. آخر هندو ششين ڪجھ گل کڻي سنت ڪبيرداس جي سمادي ٺاهي ۽ مسلمان ششين گل کڻي قبر ٺاهي.

سنت ڪبيرداس هنديءَ ۾ ڪيتري ئي ٻاڻي لکي آهي جنهن مان ڪجھ پد ۽ دوها شري گرو گرنٿ صاحب ۾ سنگرهيت آهن.

سنت ڪبير هندي ڀڳتي ساهتيه جي نرگڻ ڌارا جو مکيه ڪوي مڃيو وڃي ٿو. سندس ڪاويه ۾ شانت رس پڌان آهي.

سنت ڪبيرداس هڪ بي باڪ ۽ بي پرواهه نڊر ڪوي هو. هن پاکنڊين تي طنز ڪئي آهي ته هو عوام کي گمراهه ڪري وٺي وڃي رهيا آهن. سنت ڪبير سچ چوڻ کان هرگز ڪين هٽڪيو. سندس ڪويتا ۾ داسيه ڀاونا به آهي. هو پاڻ کي ڀڳوان جي در جو ڪتو سڏيندي چوي ٿو:

ڪبير ڪوتا رام ڪا، موتيا ميرا نانءُ
رام نام ڪي جيوڙي جت کينچي تت جانءُ

سندس ڪاويه گيان ۽ ڀڳتيءَ جو ڀنڊار آهي. سندس ڪاويه پڙهڻ سان نه صرف آڌياتمڪ پرڪاش ملي ٿو مگر وهنوارڪ جيون لاءِ به راهه روشن ٿئي ٿي. مثال طور پيش آهن سندس ڪي دوها:

ڪبيرا کڙا بزار ۾ سب ڪي مانگي خير
نا ڪاهو سي دوستي نا ڪاهو سي وير.

سيٺي آهل مهاتمائون سنت ڪبيرداس جي آدرشن ۽ شبدن جو جس ڳائيندا رهندا رهيا.

اهو ٻڌي ڪبيرداس پنهنجي گهر ۾ آيو ۽ پرماتما جا لک شڪرانا مڃيندي پريم جا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. حاسد پنڊتن جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. هنن سنت ڪبيرداس جو اپجس ڪرڻ ٿي چاهيو مگر ٻيگان ٻاڻ پنهنجي جي ڪيرائي ڌوڙي ڪئي.

هڪ ڏينهن حاسدن سنت ڪبيرداس جي پت پرشٽ ڪرڻ لاءِ هڪ سندر استري هار سينگار ڪرائي موڪلي جنهن هوءَ پنهنجي چنچل نگاهن سان ڪام جو تير ڇوڙي سنت ڪبيرداس کي پنهنجي ٻول پت تان ڪيرائي.

ان سندر استريءَ جيئن سنت ڪبير کي ڪيرائڻ جون سڀ ڪوششون نشفل ويون. سنت ڪبير اڏول رهيو. هن ان وڪار آسڪت استريءَ کي پڻ رام جو منتر ڏئي ڪمس شري رام جي ڪمل چرڻن ڏانهن ڇڪيو.

انهن ڏينهن ۾ عام ماڻهن جو اهو عقيدو هوندو هو ته جيڪو شخص ڪاشيءَ ۾ مرندو ان کي مڪتي ملندي، سرڳ ۾ ويندو مگر جيڪو مگهر شهر ۾ مرندو سو نرڳ ۾ ويندو.

سنت ڪبيرداس ماڻهن جي ان ڀرم کي دور ڪرڻ لاءِ پنهنجي جيون جا ڪجهه سال مگهر ۾ وڃي گذاريا ۽ هو ١٠١ ورهين جي عمر ۾ مگهر شهر ۾ برهلين ٿيو.

سندس هندو ۽ مسلمان شش اچي گڏ ٿيا. هندو شش چون ته سنت ڪبيرداس جو اگني سنسڪار ڪبو ۽ مسلمان شش چون ته اسين ڪبيرداس جو الڳ قبر ۾ پوريندا سين.

ٻنهي ڌرن جي پاڻ ۾ ان ڳالهه لئي اڻبڻت لڳي.

ڀڳت نرسي مهتا

گجرات پرديش جو مهان سنت ڪوي ڀڳت نرسي مهتا گجراتي ٻوليءَ جو آدي ڪوي ليکيو وڃي ٿو. هن چوڏهين صديءَ ۾ گجرات ۾ ڀڳتيءَ جي ڌارا پرواهت ڪري سڪل ٿوٽ ٻنين کي آباد ڪيو.

شري نرسي مهتا جو جنم وڪرم سنبت ۱۴۷۰ ۾ سوراشٽر جي جوناڳڙهه شهر جي ويجهو تلاجا ڳوٺ ۾ شري ڪرشڻ دامودر جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو لڪشمي گوري هو. شري نرسي مهتا جو پتا ۽ ماتا ٻئي ايشور ڀڳت هئا. نرسي مهتا اڃا پنجن سالن جو هو جو سندس ماتا پتا پرلوڪ پڌاريا. تنهن ڪري سندس پالنا سندس ڏاڏي جنڪور ڪئي.

ٻالڪ نرسي جنم کان گونگو هو. هو پنهنجي ڏاڏيءَ سان گڏ مندر ۾ ڀڳوان شوشنڪر جو درشن ڪرڻ ويندو هو. هڪ دفعي هو ڏاڏيءَ سان گڏ مندر ۾ وڃي رهيو هو ته رستي ۾ هڪ سنت جي ڪرپا سان سندس زبان کلي پئي.

ڀڳوان شري ڪرشن ساڌوءَ جي ڀيش ۾ ٻالڪ نرسيءَ تي ديا درشٽي ڪئي. ايشور ڪرپا سان گونگو به ڳالهائي سگهي ٿو ۽ لنگڙو به پربت تي چڙهي سگهي ٿو.

موڪم ڪروتي واچالم پنگم گريتي لنگيم

اُن سمئه شري نرسي مهتا کي ”راڌا ڪرشڻ“ جو منتر

چلتی چکی دیکھ کے دیا کبیرا روئے
دو پاٹن کے بیچ میں ثابت رہیا نہ کوئے ۔

ماٹی کہے کمہار سے کیا تو روندے موہے،
اک دن ایسا آئیگا میں روندونگی توہے ۔

مالی آوت دیکھ کے کلیں کریں پکار ۔
کلی کلی چن لیجئی کل ہماری بار ۔

جگ سارا دردی پیا، ڈھونڈتا نہ کوئے،
ڈھونڈا سوئی جانئی، رام پیارے ہوئے ۔

جہاں دیا وہاں دھرم ہے جہاں لوبھ تہاں پاپ،
جہاں کرودھ وہاں کال ہے جہاں کشما وہاں آپ

سانچ برابر تپ نہیں، جھوٹ برابر پاپ،
جاکے ہردے سانچ ہے تاکے ہردے آپ۔

کاجل تجے نہ شیامتا، مکتا تجے نہ سویت،
درجن تجے نہ کٹلتا، سجن تجے نہ ہیت،

بڑا ہوا تو کیا ہوا، جیسے پیڑ کھجور،
پنتھی کو چھایا نہیں، پھل لاگے اتی دور ۔

ورکش کبھہ نہیں پھل بھکھیں ندی نہ سنچے نیر،
پراپکار کے کارنے سانتن دھرا شریر ۔

ٻاري مهتا ۽ سندس پريوار جي سار لهندو هو. ڪنهن وقت سر ڪاٿو ملندو رهيو.

هڪ دفعي سندس ڌيءُ ڪنور ٻائيءَ کي ساهرن ۾ وڃڻو هو. پياري نرسيءَ کي پئسو ٽڪو نه هو جو هوءَ ڪجهه ڌيءَ کي وٺي ڏئي سگهي. هوءَ نه ڀڳوت ڀڄن ۾ لين ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن ڀڳوان جي پرماتما اڳيان ڪجهه پئسا ۽ آيو شڪ ڏسي نرسي دنگ رهجي ويو. هن اهي آيوشڪ ۽ پئسا ڌيءَ کي ڏئي ساهري روانو ڪيو. نرسي مهتا کي ڀڳوان ۾ پورو پورو ڀروسو هوندو هو.

شري سارنگڌر مهتا سمت نرسي مهتا جو وروڌي هو. شري نرسي مهتا جي ڪيرتي ٻڌي سندس دل ۾ حسد جي باهه ڀڙڪندي هئي.

هڪ دفعي هن نرسي مهتا کي ڀڳتيءَ جي منزل تان ڪيرائڻ لاءِ چنچلا نالي ونشيا کي نرسي مهتا وٽ موڪليو. چنچلا ونشيا هار سينگار ڪري شري نرسي مهتا جي جهوپڙيءَ ۾ آئي جتي شري نرسي مهتا ڀڳوت ڀڄن ۾ لين هو. جڏهن نرسي مهتا ڌيان مان اکيون کوليون ته هن کي ڏسي پڇيائين ته توهان ڪيئن آئي آهين؟

ونشيا وراڻيو ته مان دوارڪا ڌاڻهن شري ڪرشن جي درشن لاءِ وڃي رهي آهيان، اڄوڪي رات مونکي هت رهڻ ڏيو. شري نرسي مهتا اُن ونشيا جي رهڻ جو بندوبست ڪيو. جڏهن اڌ رات ٿي تڏهن اُن ونشيا ڀڳت نرسي مهتا کي پنهنجو نشانو بڻائڻ چاهيو. ڀڳت نرسي مهتا کيس سمجهائيندي چيو، "ماتا هي ستول شرير ناسونت آهي. اُن سان پريم ڪرڻ مان ڪهڙو لاڀ! ڀڳوان شري ڪرشن جي ڪمل چرنن سان پريم ڪر، جنهن مان لوڪي آنند جي پراپتي ٿيندي." سنت نرسي مهتا جي اهڙن

جيئڻ جي آڳيا ڪئي. نوَن سالن جي ننڍڙي عمر ۾ نرسي مهتا جو واهه ماڻڪ گوريءَ سان ٿيو. گرهست ۾ رهندي به انهيءَ پهر نرسي مهتا ”راڌا ڪرشڻ“ جو جاپ پيو جپيندو هو. هو شام جو گهوڙي لاءِ گاهه ڪري ايندو هو. کيس هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ڄائي. سندس ڀاءُ ونشيڌر جي مٿس وشمش ڪرپا هئي مگر سندس ڀاڄائي درمت گوري اجايو ڀاهه ۾ پئي جلندي هئي.

هڪ ڏينهن نرسي مهتا کي گهٽ وڌ ڳالهائي گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. پيارو نرسي ڪوٽ کان ٻارهن ڪوهن جي مفاصلي تي ڀڳوان شنڪر جي مندر ۾ آيو، اُتي هن ست ڏينهن ڪين لنگهيا ڪئي. ڀڳوان شنڪر پرسن ٿي هن کي درشن ڏنو.

چون ٿا ته ڀڳوان شنڪر کيس ڀڳوان ڪرشڻ جي دوارڪا درشن ڪرائڻ لاءِ دوارڪاپوريءَ ۾ وٺي آيو. شري نرسيءَ کي ڪيترن ورهين کان ڀڳوان شري ڪرشن جي درشن جي پياس هئي. هو دوارڪاپوريءَ ۾ ڀڳوان جي مورتيءَ جو درشن ڪري ڀاڳ ڀاڳ ٿيو. هو سڪي پيو ۽ ڀڳوان شري ڪرشن جي اُها ڳائيندي ڳائيندي لنمه ٿي ويندو هو. ڀڳوان شري ڪرشن کيس ساڪيات درشن ڏنو ۽ پنهنجي مورتي پڻ ڏني.

شري نرسي مهتا مهني ڪن کان پوءِ هڪ ڀڳت جي روپ ۾ گهر واپس وريو. شري نرسي مهتا کي ڀڳت روپ ۾ ڏسي ڪي مٿس عجب کائڻ لڳا ته ڪي کلڻ لڳا. سندس ڀاڄائي درمت گوري پنهنجي گهوٽ ونشيڌر جا ڪن ڀري نرسي مهتا کي ٻارن سميت گهر مان ڪڍائي ڇڏيو.

شري نرسي مهتا اُن ۾ به ڀلو ڀانئي جو راز سمجهي ٻار ٻچا سميت اچي هڪ ڌرمشالا ۾ رهيو. ڏکي اوسٿا ۾ دل نه لاهائين ۽ سدا شري ڪرشن جي ڀڳتيءَ ۾ لين رهيو.

ڀڳوان شري ڪرشن ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ پنهنجي

نرسي مهتا جي ڀڳتي جڏهن ٻه لوڪ پڌاري ڇڏهن ٻرهمڻن شري نرسي مهتا کي سندس ڀڳتيءَ جي. نمت ڀنڊاري ڪرڻ جي صلاح ڏني.

نرسي مهتا وٽ اُن وقت هٿ ۾ هڪ پئسو به ڪين هو: اڃا هو ان خيال ۾ هو ته هڪڙا چار سادو هن وٽ آيا ۽ اچي ڪيس چيائون اسان تنهنجي ساک ٻڌي آيا آهيون اسين دوارڪا وڃي رهيا آهيون. اسان توکي ست سؤ رپيا ڏيون ٿا. تون اسان کي ستن سؤن جي هنڊي لکي ڏي ته اهي پئسا اسين دواڪا ۾ وٺنداسين.

انهن سادن اهي ست سؤ رپيا نرسي مهتا کي ڏنا ۽ نرسي مهتا موٽ ۾ کين دوارڪا ديش ۾ ڀڳوان شري ڪرشن نالي هنڊي لکي ڏني.

شري نرسي مهتا پنهنجي ڀڳتيءَ جي نمت انهن پئسن مان ٻرهمڻ سادن سنتن کي خوب کارايو.

شري نرسي مهتا سمجهي ويو ته ڪٿن شري ڪرشن ڀڳوان سادن جي ويس ۾ اچي سندس سار لڌي آهي. پئسا به اُن سانول شاهه جا هنڊي به انجي ۽ ڀنڊو به پاڻ ٻڌو ٻڌو پنهنجي پيارن جو ڪيڏو نه خيال ڪري ٿو.

ڀڳت وٽسل ڀڳوان جي ديا جو خيال ڪندي ڪندي نرسي مهتا جي اکڙين ۾ پريم جا آنسون ڀرجي اچن ٿا.

ور ور شري ڪرشڻ جي مهما ڳائي ٿو. هزارن کي شري ڪرشڻ جي راهه ۾ ڇڪي ٿو، هو دکين دردن اپاهجن جي سيوا ۾ شري ڪرشن جو درشن ڪري ٿو. سندس من جي مهراڻ ۾ شري ڪرشڻ جي پريم جون ڇولهون اٿن ٿيون اهي ڇولهون ڪوتا جي روپ ۾ سندس مکه مان ظاهر ٿين ٿيون.

وچن اُن وٺشيا ٿي اهڙو ته اُن ڪيو جو هنجي ڪام واسنا ختم ٿي ويا ۽ سندس من ڀڳوت ڀڳتيءَ جي ڀاونا پيدا ٿي. هوءَ صبوح جو شري ڪرشن جو نام اُچاريندي پنهنجي گهر واپس آئي. ٿوري وقت کانپوءِ شرارتي سارنگڌر جنهن چنچلا کي سخت نرسي مهتا کي پٽ ڪان ڪيرائڻ لاءِ موڪليو هو سو چنچلا جي گهر، کانئونس حال احوال وٺڻ آيو.

سارنگڌر ڏٺو ته چنچلا اها چنچل استري نه رهي آهي. هوءَ شري ڪرشن جي رنگ ۾ رنگجي وئي آهي. هو من ئي من ۾ خار کائيندو گهر واپس ويو ۽ سوچيائين ته شري نرسي مهتا کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ۾ هو ڪامياب ڪين ٿيو. انهن اچا رسمي ٿي پٽ پئي خيالين ته هڪ نانگ کيس ڏنگي وڌو. سارنگڌر رڙيون ڪندي رستي ۾ ئي مري پيو. هڪ سچي ڀڳت کي ستائڻ جي سزا پرڀوءَ کيس ڏني.

جڏهن شري نرسي مهتا کي ان گهٽنا جي ڄاڻ پيئي تڏهن هن سارنگڌر کي ڀڳوان جو چرڻامرت پياري سرجيت ڪيو. سارنگڌر سڄي عمر نرسي مهتا کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي مگر نرسي مهتا هن سان ڀلائيءَ جا پير ڀريا. سنت سدا سدا دياالو ٿيندا آهن.

پرڀوءَ جا ڀڳت هر ڳالهه ۾ پرڀوءَ جو راز سمجهن ٿا. جيڪي ٿئي ٿو انهن ۾ پرسن چت رهن ٿا. جڏهن پياري نرسي مهتا جو پٽ شاملداس پرلوڪ پڌارجي ويو تڏهن هو پنهنجي پتنيءَ کي سمجهائيندي چوي ٿو:

ڀلو ٿيو ڀانگي جنجال، سکي ڀڄشون گوپال

(چڱو ٿيو جو جنجال کان ڇٽاسين هاڻي آنند سان پرڀوءَ جو ڀڄن ڪبو.)

ڀڳت سيڻو

ڀڳت سيڻو ڀڳت شروميڻي سوامي رامانند جي مکيه شِشين مان هڪ هو. جيتوڻيڪ هن پياري جو جنم گهٽ ذات واري گهر ۾ ٿيو پر هو پنهنجي ڀڳتي ساڌنا سان اوچ پد کي پراپت ڪري ٿو.

ذات نه آهي ذات تي جو وهي سو لهي

ڀڳت سيڻي جي جنم جي پوري تاريخ نٿي ملي. مگر هن پنهنجي واڻيءَ ۾ ڀڳت رامانند ۽ ڀڳت گيانيشور جي گڻن جون سرکهون ڀريون آهن، انهن مهاتمائن جو هن جي جيون تي ڀرپاءُ پيل ڏسجي ٿو ته انهن مان اندازو لڳائجي سگهجي ٿو ته هن ڀڳت جو جنم ١٥ صديءَ ۾ ٿيو هوندو. هو باندوگڙ جي راجا جي سيوا ۾ مقرر ٿيل هو. راجا جي سيوا ڪندي من ۾ اٺئي پهر پرڀوءَ کي ياد ڪندو هو. هو ڀڳتن ۽ سنتن جي سيوا ۾ سچو سک محسوس ڪندو هو ۽ انهن بعد ئي راجا جي سيوا ڪندو هو.

هڪ ڏينهن هو راجا جا وار لاهڻ لاءِ وارن ڪٽڻ جي سامان جي پيٽي ساڻ ڪٺي راج محل ۾ وڃي رهيو هو ته رستي تي ڪيس سنتن جي منڊلي گڏي. سيڻو سنتن جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ هو سنتن کي پنهنجي گهر وٺي آيو. سنتن آدر ڀاءُ ڪري ڪين پريم سان ڀوڄن ڪارايو. سندس گهر ۾ سنتن ستسنگ ڪيو. هنجي چت جي ورتي ستسنگ ۾ لڳي وئي هن کان راجا جا

هن پياري شري ڪرشن ڀڳتيءَ جا ڪيترا نه سندر ڀڄن ڏنا آهن ۽ ٻه رچيا جن کي اڄ به وڏي سڪ ۽ شرڌا سان ڳايا وڃن ٿا.

راشٽرپتا مهاتما گانڌي ٻن ڀڳت نرسي مهتا جي وائي پريم ۽ شرڌا سان پڙهندو هو. شري نرسي مهتا جو هيٺيون رچيل پد جو مهاتما گانڌيءَ کي ڏاڍو ڀانءِ هو ۽ روز پراٿنا ۾ ڳايو ويندو هو.

ويشنو جن تو تيني ڪهيي، جو پيڙ پرائي ڄاڻي ري،
پر دکي اُپڪار ڪري تو ٻي من ابيمان نه آڻي ري.

سڪل لوڪ مان سڀني وندي، نندا نه ڪري ڪيني ري،
واچ ڪاڇ من نشچل راکي، ڌن ڌن جنني تيني ري.

سمدرشٽي ني ترشنا تياڳي، پر استري جيني
ماتا ري،

جهوا ٿڪي اسٽيه نه بولي، پردن نه جهالي
هاٿ ري.

موهه مايا وياپي ناهين جيني، درڍ ويراڳيه جيني
من مان ري،
رام نام شون تالي لاڳي، سڪل تيرٿ تيني
تن مان ري.

ونا لوڀي ني ڪپٽ رهت ڇي، ڪام ڪروڌ
نواريان ري،

ڀڻي "نرسيو" تينو درشن ڪرتان، ڪل ايڪو تير
تاريان ري.

ٻرجي ڳلن تان ڳوڙها بس نه ڪن.

راجا وِيرسين جڏهن اِها سيتا کي ڏسي ٿو ته هُن هڪدم ڊوڙي ڪيس ڀاڪر پائيندي چوي ٿو ته اڄ صبح جو تو مون کي جهڙي مالش ڪئي اهڙي وري مالش ڪر.

سينو تڏهن حقيقت ظاهر ڪندي راجا کي چوي ٿو، "راجن! تون ڀاڳ شالي آهين جو ڀڳوان جڳناٿ پاڻ اچي منهنجي روپ ۾ تنهنجي شيوا ڪئي آهي. مان ته گهر ۾ ئي سنتن جي ستسنگ ۾ ويٺو هوس. ڀڳوان منهنجي پت رکي آهي."

اهو ٻڌي راجا ڏاڍو گد گد ٿي سنت سينا جي چرڻن تي ڪري پيو. سندس چرڻن جي رج پنهنجي مستڪ تي لڳائڻ لڳو ۽ کيس چيائين "اڄ کان وٺي اوهان منهنجا گرو آهيو.

سنت سينو ڪيترو وقت پنڍرپور ۾ پڻ نام ڪيرتن ڪندو رهيو. ڀڳتي ساڌنا ڪندي هن مرهٽي ۽ هندي ڀاشا ۾ پد لکيا آهن، شري گرو گرنٿ صاحب ۾ پڻ سندس ڪي هندي پد درج ٿيل آهن.

ڀڳت چنڊيداس

ڀڳوان شري راڌا ڪرشڻ جو اننيه اُپاسڪ ڀڳت چنڊيداس بنگال جي ڇتنا ڳوٺ ۾ هڪ برهمڻ پريوار ۾ وڪرم سنبت ۱۴۷۴ ۾ پيدا ٿيو. سندس پتا جي آرٿڪ حالت سٺي ڪونه هئي پر تنهن هوندي به هن بالڪ چنڊيداس جي پالنا چڱيءَ ريت ڪئي. هو وشالاڪشي ديويءَ مندر جو پوڄاري مقرر ڪيو ويو. سندس سرڳواس ٿيڻ کانپوءِ سندس پٽ ڀڳت چنڊيداس اُن مندر جي پوڄا ڪندو هو.

وار لاهڻ جو ڪم وسري ويو.

هيڏانهن ڏينهن چڙهي ويو راجا سيني جو انتظار ڪري رهيو هو. ڀڳوان پنهنجي پيارن جا ڪم پاڻ اچي راس ڪري ٿو.

ڀڳوان ڀڳت جي عزت رکڻ لاءِ پاڻ سيني جو روپ اختيار ڪري راجا وٽ اچي ٿو ۽ اچي سندس وار لاهي کيس خوب مالش ڪري ٿو. راجا ويو سمهه کي اڄ سيني جي شيوا مان عجيب آنند پئي آيو. سندس شرير فرحت پئي محسوس ڪئي.

راجا پرسن چت ٿي سيني کي چيو، "اڄ کان تون الي ئي رهج." راجا کي ڪهڙي ڪل ته پريو پاڻ سيني جو روپ ۾ سندس شيوا ڪرڻ آيو آهي. هيڏانهن سينو سنتن جي سنگ ڪري، ڏاڍو پرسن هو. پر جڏهن کيس راجا جي شيوا جي يادگيري آئي تڏهن چنتت ٿيو. سنتن جي شيوا ڪرڻ کان پوءِ سينو پنهنجي ساڻ ڪري راج محل ڏانهن روانو ٿيو.

هو جيئن راج محل جي پرسان پهتو ته ڪي ماڻهو هن جي ساراهه ڪرڻ لڳا ته راجا اڄ تنهنجي شيوا مان ڏاڍو خوش آهي. سينو اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو ته مان هيئنر ته ايا اچان پيو مون اڄ راجا جي شيوا ڪڏهن ڪئي آهي؟

جڏهن سينو راج محل جي دروازي تي پهتو تڏهن دوارپال پڇيس ته ڇا تون اندر ڪجهه وساري آيو آهين ڇا؟ سيني چيو ته مان ايا هاڻي ته اندر راجا وٽ وڃان ٿو. دوارپال چيو ته راجا اڄ تون صبوح جو همت آئين راجا جي مالش ڪيئي، وار لاٿئي، تو راجا جي اڄ اهڙي ته مالش ڪئي جو راجا جو انگ انگ بهار آهي،

اهو ٻڌي سينو راز کي سمجهي ويو ته پرماتما پاڻ اچي ندگ نڀايو آهي. مون ناچيز جي بدران پاڻ پريو اچي راجا جي شيوا ڪئي آهي. سندس دل پريوءَ جي پيار سبب

سنت روداس

سنت روداس جو جنم ڪاشيءَ جي پٽڻ ڀوميءَ ۾ وڪرم سنبت ١٤٧١ ۾ آرتوار ڏينهن رگهو چمار جي گهر ٿيو. براهمڻ ٻالڪ جي پيشانيءَ ڏسي چيو ته هن ٻالڪ رويوار (آرتوار) ڏينهن جنم ورتو آهي ۽ هي روي يعني سورج جهڙو پرڪاشوان ٿيندو تنهنڪري هنجو نالو روداس رکيو ٿو وڃي.

ڀڳت روداس جي پورو جنم جي ڪٿا آهي ته هو سنت سوامي رامانند جو پرم پيارو برهمچاري شش هو. هي پيارو ستگرو سوامي رامانند جي آگيا انوسار روز اٽو ڀڪيا ۾ وٺي ايندو هو. ڀڪيا ۾ الڳ گهرن مان نه ڪنهن هڪ گهر مان. هڪ وئش اُن برهمچاريءَ کي چوندو هو ته تون مون وٽان ئي سيڌو اٽو کڻي ويندو ڪر. مگر اهو برهمچاري گروءَ جي آگيا انوسار جدا جدا هنڌن تان ڀڪيا وٺي گروءَ وٽ ايندو هو.

هڪ ڏينهن زبردست برسات پئي، جنهن ڪري هو جدا جدا هنڌن تان ڀڪيا وٺڻ ۾ دقت محسوس ڪيائين ۽ اُن وئش وٽان اٽو وٺي سڌو پنهنجي گروءَ وٽ آيو. اهو وئش هڪ چمار سان گڏ ڌنڌو ڪندو هو.

سوامي رامانند جڏهن نيم انوسار ڀڳوان کي ڀوڳ ٿي لڳايو تڏهن سوامي رامانند کي ڌيان ۾ هميشه جيان ڀڳوان جو درشن

ڀڳت چنڊيداس ديوي ماتا جي پوڄا ڪندي ڪندي ماتا
جو اُپاسڪ ٿي پيو. ڪيترو وقت ماتا جي مورتيءَ جي سامهون
ويهي ماتا جو ڌيان ڪندو هو ۽ پوڄا ڀڳتيءَ جا گيت
ڳائيندو هو.

هڪ دفعي هڪ ڌوٻيءَ جي سندر نوجوان ڇوڪريءَ
راميءَ کي ڪپڙا ڌوئيندو ڏسي چنڊيداس جي من ۾ پريم ڀاونا
پيدا ٿي ڇڪ هن شرنگار جي ديويءَ جو درشن ڪيو. ٻنهي
هڪ ٻئي کي ڏٺو ۽ سندن من ۾ سالوڪ پريم پيدا ٿيو. سندري
راميءَ ۾ ڏينهون ڏينهن پريم وڌندو رهيو ۽ وشالاڪشي ديويءَ ۾
سندس پريم گهٽجندو ويو.

چنڊيداس اُن راميءَ مان پريم جي پريرڻا پراپت ڪري
شري راڌا ڪرشڻ پريم سمبنڌي گيت رچيندو رهيو. هاڻي هو
ور ور شري راڌا ڪرشڻ جو تصور ڪرڻ لڳو. راميءَ به اُن
چنڊيداس جي صدقي وشالاڪشي ديويءَ جي مندر ۾ نت نيم
پوڄا ڪرڻ ايندي هئي.

جڏهن مندر جي ڪارڪنن کي چنڊيداس ۽ راميءَ
جي پريم جي سمبنڌ جو پتو پيو ته هنن چنڊيداس ۽ راميءَ
ٻنهي کي مندر مان ڪڍي ڇڏيو. سماج به سندن ترسڪار ڪيو.

چنڊيداس جي من ۾ ڪابه واسنا ڪين هئي. سندس من ۾
ته راميءَ جي روپ ۾ پورڻ پريم جي جيوتي پئي جولت ٿي. هن
راميءَ ۾ راڌا جو داويه درشن ڪيو مگر دنيوي لوڪن سندس
وهنوار ۽ ويچار کي اُن وقت ڪين سمجهيو. هن راڌا ڪرشڻ پريم
سمبنڌي سوين گيت رچيا. راميءَ سندس شرڌا ۽ پريم جو پرتيڪ
هئي. وڪرم سمت ١٥٣٤ ۾ ڀڳت چنڊيداس برهملين ٿيو.

سنتوکداس سمجهو ته روداس شاديءَ جي لائق ٿيو آهي تنهن ڪري کيس ڀاڳمرادي ساڻ وواهه ڪرايائين.

روداس گرهست ۾ رهندي به پنهنجو سمرڻ ڪندو هو. جيڪا کيس خرچي ملندي هئي سا غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. سنتن ساڌن کي ڀوڄن مفت ۾ ڏاهي ڏيندو هو. اهو ڏسي سندس پتا مٿس ڪاوڙ ڪندو هو. مگر روداس مشڪندي مشڪندي رام ڌني لڳائي پتا کي پرسن ڪندو هو.

روداس جي من ۾ پريو پراپتيءَ جي پرٻل اڇا پيدا ٿي. اُن لاءِ هن ستگروءَ جي ضرورت محسوس ڪئي. هن شرڌا سان سوامي رامانند وٽ آيو ۽ اچي وينتي ڪيائين "سوامي جي گرمنتر ڏيو، داس کي قبول ڪريو ڪمل قدمن ۾. مان برابر نيچ ذات جو آهيان ۽ ڪرم به نيچ آهن پر اوهان هن داس تي ديا درشٽي ڪريو."

سوامي رامانند روداس جي پريم ڀرين ارداس تي پرسن ٿي کيس پنهنجو ششيه بڻايو ۽ کين نام جو منتر ڏئي ڀڳتيءَ جي راهه ۾ وڌڪ ڇڪيو.

روداس گروءَ جي آگيا انوسار ٿورو وقت ڪرت ڪار ڪري باقي سمو نام سمرڻ ۾ سڦلو ڪندو هو. اها ڳالهه سندس پتا کي ڪين وڻندي هئي.

جڏهن روداس عمر ۾ وڌي ٿو تڏهن سندس من ۾ سنتن ستسنگن جي شيوا ڀاونا پيدا ٿئي ٿي. هو ڪجهه وقت سنتن ۾ صحبت ۾ گذاري ٿو. ماتا پتا هن جو اهو وهنوار ڏسي کيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو.

پيارو روداس صبر ۾ سڀ ڪجهه سهي ٿو. جتهون سمرڻ جو ڪم ڪندي نام کي نٿو وساري. ننڍي جهوپڙيءَ ۾ ڀڳوان

ڪين ٿيو. هن هڪدم اُن شخص کان پڇيو، ”ڇا تو اڄ اٽو بکيا ڪري ڪين آندو آهي؟“

برهمچاريءَ وراڻيو، ”گرو جي اڄ تمام ڏاڍي برسات پئي وسي تنهنڪري هڪ ٻئي واپاريءَ وٽان وٺي آيو آهيان.“ سوامي رامانند کي پڇا ڪرڻ مان پتو پيو ته اهو واپاري هڪ چمار جو پائيوار هو. سوامي رامانند انڪري غصي ۾ اچي شش کي چيو، ”تو منهنجي آگيا جو اُلنگهن ڪري چمار جي واپاريءَ کان اٽو وٺي آيو آهين. انڪري تون وڃي چمار جي جنم وٺج.“

چون ٿا اُن بعد اُن برهمچاريءَ جو پراڻ پکيئڙو هڪدم پرواز ڪري ويو ۽ اُن برهمچاريءَ رگهو چمار جي گهر وڃي جنم ورتو ۽ ٻوءِ پکيئڙ روداس جي نالي سان پرسد ٿيو.

بالڪ روُداس کي پورو جنم جي گهڻا ياد هئي تنهن ڪري هن ماتا جو کير نه پئي ورتايو.

هيڏانهن سوامي رامانند کي آڪاشواڻي ٿــي ته تنهنجي سراپ سبب تنهنجي برهمچاري شش، رگهوءَ چمار جي گهر جنم ورتو آهي، هن تي ديا درشٽي ڪج. هو اڳين جنم جي سنسڪارن سبب ماتا جو کير نه ٿو پئي.“

سوامي رامانند هڪدم رگهو چمار جي گهر آيـــو. سوامي رامانند بالڪ روداس جي مٿي تي آسيس جو هٿ گهمائيندي رام نام جو منتر اُچاريو. بالڪ هڪدم ماتا جي ٿڃ پيئڻ لڳو.

روداس جڏهن پنجن سالن جو ٿيو تـــڏهن کيس پاٺشالا ۾ داخل ڪيو ويو. پر هن جو چِت پڙهڻ ۾ ڪين لڳو. جيئن عمر ۾ وڌيو تيئن سندس پتا کيس جتين ڳنڍڻ ۽ جتين ٺاهڻ جو ڪم سيکاريو.

روداس جتيون ٺاهيندي رسنا سان رام جو نالو جپيندو هو.

اهو سنڌس سنت روداس جي ڀڳتي ڀاونا ۽ تياڳ ڏسي اچي پرسن ٿيو.

سنت روداس سنت سوامي رامانند کان گرومنتر ورتو. هي پيارو ٿورو وقت ڌنڌي وهنوار ۾ گذاريندو هو باقي سمرڻ ۾ سڦل ڪندو هو. گراهڪن سان گهڻو ڳالهائيندو ڪين هو. جتين جي جيڪا رقم ملندي هئس سا وٺي رکندو هو.

هڪ دفعي سندس دڪان وٽان هڪ سنتن جي ٽولي لنگهي رهي هئي. اهي سنت پيرين اگهاڙي ياترا تي وڃي رهيا هئا. ڀڳت روداس انهن سڀني سنتن کي پنهنجي دڪان تي رکيل جتيون پهرايون. سنت کيس آسيس ڪندا رهيا.

جڏهن روداس جي پتا کي ان ڳالهه جي خبر پيئي تڏهن مٿس ڏاڍي ڪاوڙ ڪيائين. مگر روداس مشڪندي مشڪندي پتا جي ڪاوڙ سٺي ۽ کيس نمرتا پوروڪ چيائين ته، بابا سنتن جي سيوا مان نفعا ئي نفعا ٿيندا.

روداس جي ڀڳتي ڀاونا ۽ اُدارتا سبب ڪيترائي ڇڪجي ايندا هئا تنهن ڪري سندس شهر جي برهمڻن ۽ مولوين کي اها ڳالهه نه وڻندي هئي ته روداس جو جس نڪري. هو روداس جي ڪيرتي ٻڌي پيا حسد جي باهه ۾ جلندا هئا. مگر ڀڳت روداس انهن کي پيار ڏيندو هو، کيس جيڪو به پئسو ملندو هو سو سنتن جي سيوا ۽ غريبن جي خدمت ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو هو.

هڪ دفعي هڪ ياترين جي ٽولي جنهن ۾ سنت مهاتمائون ۽ گرهستي پڻ هئا. ڪنڀ جي ميلي تي هردوار وڃي رهيا هئا. اها ٽولي جڏهن سنت روداس جي ڳوٺ مان پئي لنگهي ته هڪ برهمڻ جي جتي ڇڄي پئي. اهو برهمڻ پنهنجي ڇڄل

سالگرام جي مورتيءَ جي ستاپنا ڪري ان جي اُپاسنا ڪري ٿو. ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾ مگن رهي ٿو.

ڀڳوان روداس جي مسڪيني حالت دور ڪرڻ لاءِ هڪ سنت جي روپ ۾ وٽس اچي ٿو. روداس اُن سنت جي ڪافي شيوا ڪري ٿو، کيس آرام سان ڀوڄن ڪرائي ٿو.

اهو سنت روداس تي راضي ٿي کيس هڪ پارس پٿر ڏيندي چوي ٿو ته تون به ڪو لوهه جو ٽڪر هن پارس سان لڳائيندين ته اهو سون ٿي پوندو. توکي پئسي جي ڪمي ڪڏهن ڪين ٿيندي. تون وڌيڪ سنتن سادن جي، پيو شيوا ڪج ۽ پنهنجي جيون سکي گذارج.

ڀڳت روداس پريم سان اُن سنت کي ونتي ڪئي ته، مونکي اهو پٿر جو ٽڪر (پارس) ڪين گهرجي مونکي ته هڪ رام ئي گهرجي.

ان تي ان سنت روداس کي وري سمجهائيندي لوهه جي رنبي پارس سان لڳائي سوني ڪري ڏيکاري ۽ کيس چيائين ته اهو پارس ۽ هيءَ سوني رنبي پاڻ وٽ رکج. مگر روداس وٺڻ کان آنا ڪاني ڪئي. آخر اُن سنت کيس چيو ته مان تيرٿن تي وڃي رهيو آهيان تيستائين اهي تون پاڻ وٽ امانت رکج.

ڀڳت روداس اُن سنت کي چيو ته اوهان کي جتي اهي رکڻا هجن اُتي رکي وڃو ۽ واپسيءَ وقت اُتان کڻي وڃجو.

اهو سنت سالگرام ڀرسان پارس رکي رمندو رهيو ۽ وري تيرهن مهينن ڪانپوءِ واپس وريو. ڏسي ته سندس امانت جتي رکي هئي اُتي رکيل آهي ۽ سنت روداس اهو ٻيهر استعمال ڪين ڪيو آهي. سنت روداس جي اهڙي نماڻ ورتي ڏسي

اهو ٻڌي ان برهمڻ جي منهن جو رنگ ئي لهي ويو ۽ سچي حقيقت ظاهر ڪئي ته ڪئين نه گنگا ماتا اهو ڪنگڻ ڀڳت روداس لاءِ سوکڙيءَ طور ڏنو ۽ هن جي من ۾ اهو ڪنگڻ هڙپ ڪرڻ جي ڀاونا پيدا ٿي.

راجا اها ڳالهه ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. پوءِ اهو برهمڻ راجا ۽ راڻي ٻئي ڀڳت روداس وٽ آيا. پهرين برهمڻ پنهنجي ڪيل غلطيءَ لاءِ ڀڳت روداس کان معافي ورتي ۽ راجا ڀڳت روداس کي وينتي ڪئي ته اهڙو هڪ ٻيو ڪنگڻ راڻيءَ لاءِ گهرائي آهي ڪرپا ڪري انجو بندوبست ڪريو.

ڀڳت روداس وراڻيو، ”مان هڪ موچي مسڪين ڪٿان ڪنگڻ آڻيان.“

راجا چيو، ”اوهان ڀڳوان وٽ ڪا ڪمي ڪين آهي منهنجي پتنيءَ جي دل پوري ڪريو.“ ڀڳت روداس ان وقت اکيون بند ڪري پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪئي. هيڏانهن انهن جي ڀرسان پيل پاڻيءَ جي ڪونڊيءَ ۾ گڙ ٻڙ جو آواز ٿيو. راجا، راڻي ۽ اهو برهمڻ جان ڪٺي ڪونڊيءَ ۾ نهارن ته ڪونڊيءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪنگڻ مٿان ڪنگڻ پيا ترن. اهو اچرج ڏسي اهي دنگ رهجي ويا. سندن من ۾ ڦيرو اچي ويو. آسڪتيءَ بدران سندن من ۾ پرڀوءَ لاءِ پريم پيدا ٿيو ۽ ڀڳت روداس کي نام دان ڏيڻ لاءِ وينتي ڪيائون.

جي مهاجو تياڳ ڪن ٿا مايا انهن جي پويان پئي ڦري.

جڏهن راجا ۽ راڻي ڀڳت روداس جا شش ٿيا ته ڏهن سوين ماڻهو ڀڳت روداس وٽ اچڻ لڳا. سندس شردالو ۽ شش ٿيا ڀڳت روداس جي وڌندڙ ڪيرتي ڏسي ڪاشيءَ جي پنڊتن، برهمڻن ۾ حسد جي آگ پيدا ٿي. مگر ڀڳتيءَ جي شڪتيءَ ڪري ڪيترا ئي راجائون، راڻيون پڻ ڀڳت روداس جا شش ٿياه ڀڳت روداس هزارن کي پرڀوءَ جي راهه ۾ ڇڪي سندن جيون سڦل ڪئي.

جتي نهرائڻ لاءِ سنت روداس وٽ آيو ۽ کيس چيائين ته جتيءَ کي جلدي چتي هڻي ڏي ڇاڪاڻ ته کيس ٽوليءَ سان گڏجي هردوار وڃڻو آهي.

سنت روداس هن اڌوري ونڻ جي جتيءَ کي چتي هڻي برهمڻ کي ڏني ۽ ساڻ ساڻ هڪ پائي ڏيندي چيو ته اها پائي منهنجي طرفان هردوار ۾ وڃي گنگا ماتا کي ڀيٽ ڪج.

برهمڻ پائي ته ورتي پر دل ۾ چوڻ لڳو ته گنگا ماتا ڪڏهن ساڪار روپ ۾ ظاهر ٿيندي جو آءٌ کيس ڀڳت روداس جي ڀيٽا ڏيندس. برهمڻ پنهنجي سائين سان هردوار ۾ پهچي ويو. گنگا ۾ سنان ڪري هن گنگا مئيا کي ونتي ڪئي ته ڀڳت روداس جي ڏنل ڀيٽا سويڪار ڪر.

گنگا ماتا روداس جي ڀيٽ هڪ پائي سويڪار ڪندي ان برهمڻ کي سونو ڪنگڻ ڀڳت روداس لاءِ سوکڙي طور ڏيندي چيو ته کيس چئج ته موکي پنهنجو درشن ڏئي.

برهمڻ سونو ڪنگڻ ونئي عجب کائڻ لڳو ته هي مان سپنو ته ڪونه ڏسي رهيو آهيان. ڪنڀ ميلي تان موٽندي مهلس من ۾ ڪبڌيا پيدا ٿي. هو سڌو پنهنجي گهر آيو ۽ گهر واريءَ کي اهو ڪنگڻ ڏيکاريو. سندس پتني اهو ڪنگڻ ڏسي وائڙي ٿي وئي ته ههڙو جواهرن جڙيل ڪٿان هٿ آيو اٿس.

برهمڻ اهو ڪنگڻ وڪڻڻ لاءِ راجا وٽ کڻي ويو. راجا وري اهو ڪنگڻ پنهنجي پتنيءَ کي ڏنو. رانيءَ کي اهو ڪنگڻ ڏاڍو پسند پيو ۽ هن راجا کي چيو ته اهڙو ڪنگڻ ٻيو به وٺي ڏيو.

تڏهن راجا اُن برهمڻ کان پڇيو ته اسانکي ٻيو اهڙو ڪنگڻ ٺهرائڻو آهي. سچ ٻڌاءِ ته تو اهو ڪنگڻ ڪٿان آندو آهي؟

سنت ايڪناٿ

سنت ايڪناٿ گوسوامي تلسيداس جو همعصر هو. سندس جنم مهاراشٽر جي پيٺڻ ڳوٺ ۾ وڪرمي سنبت ١٥٩٠ ۾ شري سوريه نارائڻ ۽ رڪمڻي ديويءَ جي گهر ٿيو. ايڪناٿ اڃا ننڍڙو ٻالڪ هو جو سندس ماتا پتا سنسار جو سفر سماپت ڪري سرڳڌام سڌاريا. انڪري ايڪناٿ جي پالنا سندس ڏاڏي چڪرپاڻي ۽ ڏاڏيءَ ڪئي. سندس ڏاڏو ڏاڏي ڀڳوان شري وٺل جا اُپاسڪ هئا. هو ڪارتڪ گيارس تي پنڍرپور ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جو درشن ڪرڻ ويندا هئا. ڇهن ورهين جي عمر ۾ ايڪناٿ کي جنيا پاتا ويا. روز سندس گهر ۾ راماڻ ۽ شري ڀاڳوت جي ڪٿا ٿيندي هئي، ڪيرتن ٿيندو هو.

ٻالڪ ايڪناٿ جي من تي گهر جي پوتر واتاورڻ جو ڪافي اثر پيو. ايڪناٿ پڙهڻ ۾ به هوشيار هو. ٻارهن ورهين جي عمر ۾ هن راماڻ ۽ شريمد ڀاڳوت پڙهيو.

هڪ رات مندر ۾ جڏهن هو اُپاسنا ڪري رهيو هو ته هن آڪاشواڻي ٻڌي "تون ديوگڏهه جي جناردن سواميءَ جي چرڻن وٽ وڃ ۽ اُن کان ٿي گرو منتر وٺج."

ٻئي ڏينهن صبوح جو ٻنا ڪنهن کي ٻڌائڻ جي ايڪناٿ پنڌ ڪندو ديوگڏهه طرف هليو. هو ٽين ڏينهن اچي ديوگڏهه پهتو. اتي هو جناردن سواميءَ جي محل ۾ آيو ۽ سنهاهن کي

روداس گهٽ ذات ۾ جنم ورتائين پر ڀڳتي ساڌنا ڪري هو مهان ٿيو.

ذات نہ آهي ذات تي جو وهي سو لهي

هي ٻيارو ١٢٠ ورهين جي عمر ۾ برهملين ٿيو.

ڀڳت روداس پرڀوءَ جي پريم جي پٽ ۾ ڀڄن ڪندي ڪيترائي ڀڳتي ڀاونا ڀريون ٻاڻيون لکيون آهن سندس ڪجهه ٻاڻيون شري گرو گرنٿ صاحب ۾ سنگرهيت آهن. پرم پتا پرماتما جي استتي ڪندي ڀڳت روداس چوي ٿو:

ائسي لعل تجهه بن ڪؤن ڪري،
غريب نواز گسائينا ميري ماٿي ڇتر ڌري.
جاڪي ڇوت جڳت ڪؤ لاڳي، تا پر تونهي ڍري
نيچ ني اوچ ڪري ميرا گوبند، ڪاهو تي نہ ڊري
نامديو ڪبير ترلوچن، سڌنا سين ترئي
ڪهہ روداس سنهہ ري سنتهہ هرجي تي سڀوئي سري.

ڀڳت روداس جو ڀڳتي ڀاونا سان ڀرپور پد پيش آهي.

پرڀو جي تم چندن هم پاني،
جاڪي انگ انگ ٻاس سماني.

پرڀو جي تم ديپڪ هم ٻاتي،
جاڪي جيوت ٻري دن راتي.

پرڀو جي تم گهن بن هم مورا
جئسي چتوت چندر چڪورا.

پرڀو جي تم موتي هم ڌاڳا،
جئسي سونهہ ملت سهاڳا.

پرڀو جي تم سوامي هم داسا،
ائسي ڀڳتي ڪري روداسا.

انهن زماني ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون حڪومتون هونديون هيون. راجائون ٿوري ڳالهه تي پيا هڪ ٻئي جي راڄ تي چڙهائي ڪندا هئا. هڪ ڏينهن اوچتو ديوگڍ جي قلعي تي ڪنهن راجا ڪاهه ڪئي. ان وقت جنارڌن سوامي پرڀوءَ جي ڀڳتيءَ ۾ مگن هو. ايڪناٿ پنهنجي سواميءَ کي ڌيان ۾ مگن ڏسي ان جي پوشاڪ پهري هٿيار ٻڌي فوج کي وٺي ڪاهه ڪندڙ راجا سان منهن مقابلو ڪري کيس فوج سوڌو ڀڄائي ڪڍيو.

اها خبر جڏهن جنارڌن سواميءَ کي پئي تڏهن هو ڏاڍو خوش ٿيو. هن هڪدم ايڪناٿ کي راڄ جو خزانچي مقرر ڪيو. ايڪناٿ اهو عهدو ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان سنڀاليندي جنارڌن سواميءَ جي سيوا ۾ لڳو رهيو.

هڪ ڏينهن حساب ڪتاب ڏسندي هڪ پئسي جو ڦيرو اچي پيو. ايڪناٿ سڄي رات حساب ڪتاب جاچيندو رهيو ته اهو هڪ پئسي جو ڦيرو ڇو ٿيو آهي. آخر پرڀات جي وقت هن اهو هڪ پئسي جو ڦيرو ڳولهي ڪڍيو. ڏاڍي ٻرس ڀاو ۾ چيائين ”ملي ويو، ملي ويو؟“

اهي لفظ جو هن وڏي آواز ۾ چيا ته جنارڌن سواميءَ جي اک کلي پئي ۽ هن کان پڇيائين ڇا ملي ويو.

ايڪناٿ هڪ پئسي جي ڦولي واري سڄي ڳالهه هڪ ڪري ٻڌائي. تڏهن جنارڌن مشڪندي ايڪناٿ کي چيو پيارا تو سڄي رات هڪ پئسي جي ڳولها ۾ برباد ڪئي آهي. اها رات ايڏي لگن سان جيڪر پرڀوءَ جي ڳولها ۾ گذارين ها ته توکي ڀڳوان جو درشن ملي پوي ها.

اهو ٻڌي ايڪناٿ جون اکيون کليون ۽ جنارڌن سواميءَ جي قدمن تي ڪري کيس وينتي ڪيائين ته:

چوائين ته مونکي جنارڌن سواميءَ سان ملڻو آهي. سپاهين ايڪنات کي چيو، ”ٻالڪ جنارڌن سوامي ته پرڀوءَ جي پوڄا ۾ مگن آهي. ان سان هن وقت ملڻ واجب ڪين آهي.“

ٻالڪ وراڻيو، ”اوهان مونکي جنارڌن سواميءَ وٽ وٺي هلو. مان هن جي پوڄا ۾ رنڊڪ ڪين وجهندس.

سپاهي ٻالڪ جي ٻولي ٻڌي هن کي جنارڌن سواميءَ وٽ وٺي آيا. جتي جنارڌن سواميءَ پرڀوءَ جي پوڄا ۾ لڳل هو. سپاهي واپس وريا مگر ايڪنات جنارڌن سواميءَ کي پوڄا ۾ مگن ڏسندي بيٺو رهيو. جڏهن جنارڌن سوامي اکيون کوليون ته ايڪنات کي ڏسي پڇيائين ”تون ڪير آهين، ڪٿان آيو آهين؟

ٻالڪ ايڪنات هڪدم جنارڌن سواميءَ جي قدمن تي ڪري پيو ۽ شرڌا ڀاو سان چيائين ”سوامي مان ايڪنات آهيان پيٺڻ مان آيو آهيان.“

جنارڌن سوامي ڪانئس پڇيو، ”پيارا ٻالڪ تون ايڏو پري ڇو آيو آهين؟

ٻالڪ ايڪنات وراڻيو، سوامي! مان اوهان جي چرن ڪمل جي سيوا ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. جنارڌن سوامي پڇيس ”ٻالڪ، منهنجي سيوا ڪري تون ڇا ڪندين؟

ايڪنات وراڻيو، ”سوامي! اوهانجي سيوا ڪري ڀڳوان جو درشن ڪندس.“

جنارڌن سوامي ايڪنات جي ٻولي ٻڌي کيس ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ کيس پاڻ وٽ رهايائين. ايڪنات ڏاڍي شرڌا سان جنارڌن سواميءَ جي سيوا ڪندو رهيو. هو هاڻي جوان ٿيو جنارڌن سوامي ايڪنات جو آچار، وچار ۽ وهنوار ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيندو هو.

ايڪناٿ گروءَ کان شري ڪرشڻ جو منتر ورتو ۽ اپاسنا جي سکيا وٺي شور پهاڙ تي رشي مارڪنڊيہ جي تپوبن پرسان اپاسنا ڪرڻ لڳو. هو روز نيم سان شري ڪرشڻ جو ڌيان ڪندو هو.

هڪ دفعي هو اپاسنا ۾ ليِن هو ته هڪ نانگ سندس شرير کي وڪوڙي ويو. نانگ جڏهن ته ايڪناٿ جي شرير کي سپرش ڪيو ته سندس ڏنگ هڻڻ جي شڪتي غائب ٿي وئي. اهو نانگ ايڪناٿ جي مستڪ تي ڦڻ ڪڍي جهومڻ لڳو. ڏهن ڏ ايڪناٿ ڀڳوان جي ڀڄن ۾ لين رهيو. هڪ گوال ايڪناٿ لاءِ کير کڻي ايندو هو، ان اهو نظارو اکين سان ڏٺو ۽ اهو ذڪر ايڪناٿ سان ڪيو.

ڀڳوان شري ڪرشن جي اپاسنا جو انشٺان پورو ڪري هو گروءَ جي آگيا سان تيرٿ ياترا لاءِ روانو ٿيو. ٽيهن سال جدا جدا تيرٿ آستانن جي ياترا ڪري پيٺڻ واپس وريو. سندس ڏاڏو ۽ ڏاڏي ڪيترن ڏينهن کان سندس ڳولها ۾ هئا. اهي ايڪناٿ کي ڏسي ڏاڍو باغ بهار ٿيا. هن ڪيس گرو جناردن جي چٺي ڏني. ان چٺيءَ ۾ سندس گروءَ لکيو هو ”پيارا تون گرهست آشرم ۾ پرويش ڪري گرهست جو ڌرم پالن ڪج.“

ايڪناٿ گروءَ جي آگيا اکين تي رکي بيجاپور جي برهمڻ ڪنيا گرجا سان وواهه ڪيو. گرجا ڪيس آدياتمڪ ۽ ڀڳتي مارگ ۾ پورو پورو سهيوگ ڏيندي هئي. ايڪناٿ رات جو صرف چار ڪلاڪ آرام ڪندو هو، باقي وقت ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريندو هو. گرهست ڌرم پاليندي هن کي هڪ پٽ ۽ ٻه نياڻيون ڄايون. سندس پٽ جو نالو هري هر ۽ ڪڪن جا نالا گنگا ۽ گوداوري هئا.

سنت ايڪناٿ نت نيم پرڀات جو گوداوري نديءَ ۾ سنان

گرو رام ٻڌوءَ جي مورتي ڀڃائي،
انھن پياس ٻڌوءَ جي ٻريو پسايو.
اوھان جي شرڻ ۾ آيس، آءٌ آھيان،
اوھان مون کي ٻڌوءَ جو درشن ڪرايو.

پوءِ ڏينھن ڪان پوءِ جنارڌن سوامي ايڪنات کي ھڪ
ايڪانت واري آستان تي وٺي ويو ۽ کيس چيائين ته مون ھت
ويھي ڀڳتي سان ڌيان ڪج، ھيءُ آستان ڀڳوان دتاتريه جي پوڄا
جو آھي. ھو جدا جدا روپن ۾ ھت ايندو آھي. تون ڏسڻ لـ
ءِ ھجانءِ.

پوءِ ٿي وقت ۾ اتي ھڪ شخص آيو جنھن جي اکين تي
چھري جي ڪل پيل ھئي ۽ ساڻ ھڪ ڪتي ھئي. جنارڌن سوامي
ھن جي چرڻن تي ڪري پيو. ان ازغيبي شخص جنارڌن کي
ڏنو ڏيندي چيو ته کير وٺي آءُ. جنارڌن سوامي کير وٺي آيو،
پوءِ ان شخص ڪتي سان گڏ واسي رو ٿيو ان کير ۾ وجھي
پاڻ به کاڌيون ۽ جنارڌن کي به کارايون ۽ ايڪنات کي چيو ته
ھي جو ٿو ڀرڻ نديءَ مان ڀرڻي اچ.

ايڪنات جيئن ئي اھو ٿانءُ نديءَ ۾ ٻوڙيو ته روٽيءَ
جون ڪي ٽڪڙيون ٽڪڙيون ٿي پاڻيءَ ۾ ترڻ لڳيون انھن
کي ڏسي اوچتو ھن جي من ۾ خيال پيدا ٿيو ته اھو شخص شايد
ڀڳوان دتاتريه آھي جنھن جو ذڪر گرو جنارڌن سواميءَ ڪيو ھو
نه ته جيڪر منھنجو گرو اھا سڪل روٽي ڪيئن کائي ھا؟
چونه مان ھن روٽين کي پاڻيءَ مان ڪڍي مان ڀڳوان جو پرساد
سمجھي کاوان.

انھن سوچي اھو ساڳيو ڀرڻ پاڻيءَ ۾ وجھي ۽ اھي روٽيءَ
جون ٽڪڙيون ٽڪڙيون ڪڍي جيئن ئي پنھنجي مکَ ۾
وڌائين تيئن سندس ڏيان جون اکيون کلي پيون ۽ سامھون ڀڳوان
دتاتريه جو درشن ڪري مست مگن ٿي ويو.

تون رهڻ جي سخت ضرورت هئي. ايڪناٿ جي مخالفن دشٽ پرورتيءَ وارن ڪن شخص هن برهمڻ کي چرچ لاءِ ته جيڪڏهن تون ڪنهن نموني ايڪناٿ کي ڪروڌ ۾ ناخوش ڪرائين ته توکي اسان ٻه سؤ رپيا ڏينداسين.

اهو برهمڻ ايڪناٿ جي گهر آيو. اُن وقت ايڪناٿ ڀڳوت پڙهي رهيو هو. اهو برهمڻ ايڪناٿ جي سر تي وڃي ويٺو. ايڪناٿ جي پڙهڻ مان اک کلي هن اُن برهمڻ ۾ ڀڳوت جو درشن ڪيو. هن کي ذري ماتر به ڪروڌ ڪين آيو. ايڪناٿ اُن برهمڻ جو پرمپوروڪ سواگت ڪيو.

برهمڻ ايڪناٿ جو اهو وهنوار ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. اهو برهمڻ وري ايڪناٿ جي پٺي ڪرڻ جي ڪلهن تي چڙهي ويٺو. تنهن تي ايڪناٿ ڳرجا چيو، "مان پنهنجي ٽنگڙي ڪري ڪرڻ ڪين ڏينديس پلي ڪلهي تي ويٺو هجي. برهمڻ اهو وهنوار ڏسي لڄي ٿيو. هن ايڪناٿ کي پنهنجي من جي ڳالهه ٻڌائي ته ڪيئن هن ڪن ماڻهن جي چرچ تي اهو وهنوار ڪيو ۽ هن اُن وهنوار لاءِ شري ايڪناٿ ۾ سندس پيرنءَ کان معافي ورتي.

سنت ايڪناٿ کيس چيو، "پيارا اها ڳالهه جي تون اڳ ٻڌائين ها ته مان غصو ڪري ڪروڌ ظاهر ڪريان ها ۽ توکي ٻه سؤ رپيا ملي پون ها. پنهنجي ڪروڌ اُٽڻ ڪري جيڪڏهن تنهنجو ڪم اٽڪي ها ته مان خوشيءَ سان ڪاوڙ ڪريان ها." سنت پڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ جا جا نه ٿا ڪن.

سنت ايڪناٿ جا اهي وچن ٻڌي اُن مسڪين برهمڻ جي دل پرجي آئي ۽ هو سنت ايڪناٿ جي چرڻن ۾ پي ڪري پيو ۽ جن ملين مرادوارن شخص سنت کي ڪاوڙائڻ جي رٿ رٿي هئي اهي به پشيمان ٿيا.

پيٿڻ ۾ هڪ برهمڻ رهندو هو. هن وٽ هڪ پارس هو.

ڪرڻ ويندو هو. هڪ ڀاسن پنڊت هن جو يش ڏسي حسد کان سندس ستائڻ جي رٿ رٿي ٿو.

سنت ايڪناٿ گوداوري نديءَ ۾ اشنان ڪري موٽي ٿو ته اهو پنڊت ڪُرڙي ڪري اهو جو ٿو پاڻي ايڪناٿ جي مٿان اُڇلائي ٿو. ايڪناٿ ماٺ ميٺ ۾ وري وڃي گوداوري نديءَ ۾ ٽٻي ڏئي واپس وري ٿو. اهو پنڊت وري ڪُرڙي ڪري جو ٿو پاڻي هن جي مٿان اُڇلائي ٿو. شري ايڪناٿ وري گوداوري نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ وڃي ٿو.

انهيءَ سؤ دفعا سنت ايڪناٿ گوداوريءَ ۾ اشنان ڪري آيو ۽ اُن نيچ پنڊت هڪ سؤ دفعا ڪُرڙيون ڪري اهو جو ٿو پاڻي سنت ايڪناٿ کي ڪپاڙ لاءِ مٿس اُڇليو. جڏهن هڪ سؤ هڪ دفعو ايڪناٿ اشنان ڪري واپس وريو تڏهن اهو پنڊت پشيمان ٿي سنت ايڪناٿ جي قدمن تي ڪري پيو. هن سنت جي سر اڳيان سيس جهڪايو ۽ پنهنجي ڪرم لاءِ ڪانئس معافي ورتي.

تڏهن سنت ايڪناٿ اُن پنڊت کي چيو، ”مهاراج مان اوهان جو وار وار شڪر گذار آهيان جو توهان مون کي گوداوري نديءَ ۾ هڪ سؤ هڪ دفعا اشنان ڪرڻ جو وجهه ڏنو. سادي طرح مان روز هڪ دفعو اشنان ڪندو آهيان. اوهان جي ڪرپا ڪري اڄ مان گوداوريءَ ۾ هڪ سو هڪ دفعا اشنان ڪيو آهي.“

سنت ايڪناٿ جا نمرتا ڀريا اهي لفظ ٻڌي اهو پنڊت ڏاڍو شرمندو ٿيو، سنت ڪڏهن به ڏکيا نه ٿا ٿين. صبر ۽ ماٺ ۾ پرڀوءَ جا شڪرانا مڃين ٿا. جهڙي ڪين ستائين ٿا اُنهن جا به احسان مڃين ٿا. سنت ايڪناٿ موٽ ۾ اُن ايذائي پنڊت کي به ڪڏهن نه پيار ڏنو.

هڪ ڏينهن پنڌ ۾ هڪ مسڪين برهمڻ آيو. هن کي پن

شري ڪنڊيا پاڻ پرماتما جو روپ هو. اهو ٻڌي سنت ايڪناٿ جي اکين ۾ پريم جا آنسو ڇلڪندا رهيا. سنت ايڪناٿ سوچڻ لڳو ته مهنجي مرلي منوهر سون لاءِ ڪيڏو نه ڪشٽ ڪري سيوا ڪئي.

سنت سمدرشٽي ٿيندا آهن. سنت ايڪناٿ سڀني ۾ پرماتما جي جوت ڏسندو هو. هڪ دفعي هو ڪاشي ۽ پرياگ جي ياترا ڪري پرياگ مان گنگا جل کڻي راميشور وڃي رهيو هو. رستي تي هڪ ريتي ۾ هڪ گڏه پياس سبب ڦٿڪي رهيو هو. هن گڏه کي پاڻيءَ لاءِ اُڙندو ڏسي پاڻ سان کنيل گنگا جل پياسي گڏه کي پيئاريو. سندس سائين کيس چيو هي تو ڇا ڪيو تڏهن هن وراڻيو ته سڀني پراڻين ۾ پرماتما وياپڪ آهي.

سنت ايڪناٿ گڏه کي هڪ دفعو گنگا جل پيئاريو پر کيس راميشور تي هزارين دفعا جل چاڙهڻ جو ڦل مليو. سنت ايڪناٿ پروپڪار جي مورت هو. ايڪناٿ روز رات جو ڪٿا ڪيرتن ڪندو هو هڪ رات جو چار چور سندس ڪٿا ڪيرتن ۾ شريڪ ٿيا. ڪٿا سماپت ٿيڻ وقت ايڪناٿ ڌيان ۾ مگن ٿي ويو. اڌ رات جو چئني چورن اتان سامان کڻي ڀڄڻ ٿي چاهيو ته اوچتو انهن چئني چورن جي اکين جي روشني غائب ٿي وئي. هو اندا ٿي پيا ۽ هو سنت جي گهر کان ٻاهر نڪري ڪين سگهيا. هنن سنت ايڪناٿ جي چرڻن تي ڪري معافي ورتي.

سنت ايڪناٿ انهن چورن تي ديا درشٽي ڪئي ۽ چئني چورن جي اکين ۾ وري روشني موٽي آئي. سنت انهن کي ڀوڄن ڪارايو. سنت ايڪناٿ جي ڪرپا سان چئني چورن جي جيون ۾ ڦيرو اچي ويو. هنن چوري ڪرڻ ڇڏي ڏني.

سنت ايڪناٿ ڪوي به هو. سندس ڪاويه پستڪ

تو اُپرت پاترا ڪرڻ ٿي ويو. هن سوچيو ته اهو پارس سنت ايڪناٿ وٽ امانت رکي وڃان ۽ پوءِ واپس وري وٺندو سانس. هن ائين ڪيو. شري ايڪناٿ اهو پارس ڀڳوان وٺل جي سنگهاسن هيٺان رکي ڇڏيو ته ڀاڳهي ڀڳوان ان جي سنڀال ڪندو.

برهمڻ تيرٿ ياترا ڪري پڳو، ايڪناٿ وٽ آيو ۽ ڪاٿو تنهن پارس گهريو. ايڪناٿ ڀڳوان جي مورتيءَ هيٺان پارس ڳولهيو پر پارس غائب هو. شايد اهو پارس ڪو پرپوءَ جو پدازو چوري ڪري ويو هو. ايڪناٿ ان برهمڻ کي ساڻ ڪري کيس گوداوري نديءَ جي ڪناري تي وٺي آيو. پاڻ گوداوري نديءَ ۾ پرويش ڪري هيٺ جل ۾ هٿ وجهي ٻور پٿر ڪڍي ان برهمڻ کي چيائين ته هنن ۾ اهڙو جهڙو پارس هجي سو کڻج. برهمڻ ڏٺو ته سڀئي پارس آهن سو هڪڙو پارس کنيائين باقي پارس سنت ايڪناٿ گوداوري نديءَ ۾ پرواهه ڪري ڇڏيا. اهو ڪوتڪ ڏسي برهمڻ دنگ رهجي ويو.

ڀڳوان ڀڪتن جي ڀاو ۾ بڌل رهي ٿو. ڀڳوان شري ڪرشن شري کنڊيا جي روپ ۾ اچي ايڪناٿ جي سيوا ڪري ٿو. هو پوڄا اپاسنا لاءِ گل ڪٽي اچي ٿو، چندن گهي ٿو. ايڪناٿ جو پاڻي ڀري ٿو. ايڪناٿ کي اها گل ڪين آهي ته اهو کنڊيا جي شري ڪرشن آهي.

دوارڪا ۾ هڪ برهمڻ ڀڳوت درشن لاءِ تپسيا ڪري رهيو هو. کيس سپني ۾ ڀڳوان چيو، ”تون پيٺڻ وڃ مان اتي شري ايڪناٿ جي گهر ۾ شري کنڊيا جي روپ ۾ توکي درشن ڏيندس.“

اهو سپني ۾ مليل ڀڳوان جو آڳيا انوسار پيٺڻ ۾ آيو. اتي شري کنڊيا کي پاڻي ڀريندو ڏٺو پر هو سمجهي نه سگهيو ته اهو شري ڪرشن آهي. انهن شري کنڊيا انترڌيان ٿي ويو. ان برهمڻ سارو ورتانت سنت ايڪناٿ سان ڪيو.

سنڌس شڪشا گروءَ مهيندر ڪنڊليءَ ڏني. هڪ ناڳ ڦڻ ڪڍي پنهنجي ڇايا سان اُن ٻالڪ جو اُس کان بچاءُ ڪري رهيو آهي. گرو سمجهي ويو ته ٻالڪ رواجي ٻالڪ ڪين آهي، اڳتي هلي هي ٻالڪ مهان ڪاريه ڪندو. گروءَ جي ڪرپا سان شنڪرديو جي من ۾ وئراڳ ورتي ۽ ڀڳتي ڀاو نا پيدا ٿي. جڏهن جڏهن هي عمر ۾ وڌيو تڏهن گيان ۽ ودوتا ۾ وڌيو. هن وئشنو ڌرم جي سدانتن جو پرچار شروع ڪيو. ڀڳوان شري ڪرشنچندر آنند ڪند جي منوهر ليلائن جو ورڻن ڪندي سندس اکين مان آنسون ٽپڪندا هئا. هن کي وواھه بندڻ ۾ وڌو ويو مگر هن جو من دنيوي ڳالهين ۾ ڪين لڳندو هو. آسام جي ڳوٺ ڳوٺ شهر شهر ۾ هن ڀڳوان جي پياري شري ڪرشن جي نام جي گونج ڪئي. هي پيارو ٽيرٿن تي پڻ ويو جدا جدا مهاتمائن ۽ سنتن جي سنگ ۾ ڪافي ڪجهه پرايائين.

ڏهنتي ۾ هڪ جگديش پرهڻ رهندو هو، جو سڀاءُ جو ساتوڪ ۽ ڌرمشت هو. هو جڳن ناٿ پوريءَ ۾ ڀڳوان جڳنناٿ جي مورتيءَ اڳيان شريمد ڀاڳوت جو پاٺ پڙهڻ جي ارادي سان ويو. رات جو ڪيس ننڊ ۾ ڀڳوان جڳناٿ آگيا ڪئي "تون وڃي مهاتما شنڪرديو جو پاٺ ٻڌ." اهو آديش سپني ۾ ٻڌي اهو برهمڻ مهاتما شنڪرديو وٽ آيو انجو درشن ڪري سندس چمڪ پرسن ٿيو ۽ هن جي مکاروند مان شريمد ڀاڳوت جو پاٺ ٻڌي هو ڪرتارٿ ٿيو.

هن گهٽنا مان ظاهر آهي ته ڀڳوان پنهنجي پياري ڀڳت شنڪرديو کي ڪيڏي اهميت ٿي ڏني.

مهاتما شنڪرديو گگدامن کي ٻليون چاڙهيندو ڏسي اُن ڪريا جو کنڊن ڪيو ۽ عام ماڻهن کي اُن گندي رسم کان آگاهه ڪيو. جيو ديا ۽ پريم جي جوت جڳائي.

هن سنڌ سنسڪرت ۽ برج ڀاشا ۾ ڪاويه رچنا پڻ ڪئي. سندس ڪاويه ۾ داسيه ڀاو نا پربل آهي. ڀڳوان شري ڪرشن جي نام جي اُستتي ڳايل آهي.

هڪ سو ٻاوهه ورهين جي عمر ۾ شنڪرديو برهملين ٿيو.

”آنند لهري“ چرنجيو پد، رو ڪمٽي سوئمبر، ڀاوارٿ رامائڻ پرسد آهن.

سنت ايڪناٿ پنهنجي برهمڻ اُٺڻ جي ٻڌ رائي اڇوت ني ڪئي، تنهنڪري ڪيترائي سنت مهاتمائون آيا جن هري ڪيرتن شروع ڪيو. اهڙي پور واتاورڻ ۾ وڪرم سنبت ١٦٥٦ع ۾ سنت ايڪناٿ گوداوري ۾ جل سماڌي ورتي.

مهاتما شنڪر

مهاتما شنڪرديو جو جنم سنبت ١٥٠٦ع ۾ آسام جي بردوا ڳوٺ ۾ ڪارتڪ اماس رات جو شري ڪسوبر جي گهر ٿيو. شنڪرديو جو پتا ڪسوبر ڀڳوان شنڪر جو اپاسڪ هو ۽ کيس اها پڪ هئي ته ڀڳوان شنڪر جي ڪرپا سان ئي کيس پتر سنتان ٿي آهي تنهن ڪري پٽ جو نالو ئي شنڪرديو رکيائين. شنڪرديو جي جنم جي ٽئين ڏينهن سندس ماتا پرلوڪ پڌاري ۽ هن ٻالڪ جو نبپاج سندس ڏاڏيءَ ڪيو. ٻالڪ شنڪرديو جو من راند روند ۾ لڳو پيو هوندو هو. هڪ ڏينهن هو راند روند ڪرڻ سبب گهر ۾ دير سان آيو تڏهن سندس ڏاڏيءَ ورجايو ”شنڪر اسان جي ڪل ۾ وڏا وڏا ودوان گياني ٿيا آهن پر تون سڄو ڏينهن راند روند ۾ رڌو آهين. مونکي شڪ آهي ته ڪو تون وڏو ٿي ڪل جو نالو روشن ڪندين.“

ڏاڏيءَ جا اهي لفظ هن کي چڀي ويا. هن اُن ڏينهن کان پوءِ لکڻ پڙهڻ ۾ پورو پورو ڌيان ڏنو. سنسڪرت ڀاشا جو اڀياس ڪيو. هو ايترو ته پرواڻ ٿي ويو جو ٻارهن تيرهن سالن جي عمر ۾ ڪوتائون لکڻ لڳو.

هڪ ڏينهن پاٺشالا جي پڙهه ۾ هڪ وڻ جي هيٺان هي ٻالڪ آرام ڪرڻ لڳو ۽ کيس ننڊ اچي وئي ۽ مٿائنس اس پئي.

شري گرو نانڪ ديو

ڪلجڳ جو اوتار شري گرو نانڪ ديو، مورت نماڻي، جنهنجي امرت جهڙي واڻي، سڀ ڪا سان جيڪو ياد ڪري ٿنهن سان سدائين ساڻي ڪارڻ هو ڏماڻيءَ وڪرم سنبت ١٥٢٦ع ۾ پنجاب پرديش جي تلونڊي (نانڪاڻا صاحب) ۾ شري ڪالوراءِ جي گهر جنم ورتي آيو. سڀاڳي ماتا ترپتا جنهن شري گرو نانڪ جهڙي مهان هستيءَ کي جنم ڏنو. پنڊت هرديال بالڪ جو وقت ۽ ويلا ڏسي چيو ته هي بالڪ اساڌارڻ بالڪ آهي، اڳتي هلي هو هزارن جي راهه روشن ڪندو. هي اوتاري پرش آهي.

بالڪ نانڪ گلاب جي گل جيان پيو ٽڙندو هو، جڏهن ستن سالن جو ٿيو تڏهن سندس پتا پتاشن جو ٿالهه کڻي شري نانڪ کي پاٺشالا ۾ داخل ڪرائڻ ويو، جتي بالڪ لکڻ پڙهڻ سکي پوي. گرو ۽ بالڪ نانڪ کي پاٺ ڏنو ۽ ٻئي ڏينهن وري ڪاڻنس پاٺ پڇيائين. گروءَ محسوس ڪيو ته هي بالڪ ٻين بالڪن کان نرالو آهي، ڪيس خاص چاڻ آهي. گرو ۽ ديارٿي شري نانڪ جا سارگڀت جواب ٻڌي پرڀاوت ٿي ويندو هو.

بالڪ نانڪ گهڻا دفعا جهنگل ۾ ايڪانت ۾ وڻن هيٺان وڃي ويهندو هو. سندس پتا ڪيس آکيا ڪئي ته ڳائين ۽ مينهن کي وڃي چاري ايندو ڪر. پتا جي آکيا انوسار هو ڳائين ۽

سنت ڌرمداس

سنت ڌرمداس جو جنم وڪرم سنبت ۱۴۷۵ ۾ باندوڳڙ ۾ هڪ ڌنوان واپاريءَ جي گهر ۾ ٿيو. ننڍپڻ کان ئي هو ساتوڪ پرورتيءَ وارو هو جئن عمر ۾ وڌي اُتئن سندس لاڙو پرڀوءَ جي طرف ٿئي ٿو. هو وڏو ئي ڌنڌو واپار ڪري ٿو پر لڳن هوندي به ڪجهه وقت بچائي ستسنگ ڪري ٿو، سنتن مهاپرشن جي سيوا ڪري ٿو، دان پنج ڪري ٿو.

هڪ دفعي هو ياترا تي نڪري ٿو، ياترا ڪندي کيس سنت ڪبيرداس جو درشن نصيب ٿئي ٿو. سنت ڪبيرداس جو درشن ڪري سندس واڻي ٻڌي هو ڏاڍو پرڀاوت ٿئي ٿو. سنت ڪبيرداس کي پنهنجو گرو ڪري ڪانئس گرمنتر وٺي ان جو جاپ ڪري ٿو. سندس من مايا مان لهي مالڪ جي طرف ٿئي ٿو. هنسي پدارٿ هوندي هو اناسڪت ڀاو سان رهي ٿو. دنيوي ڌنڌي وهنوار جو تياڳ ڪري سچو ڌنڌو نام جو ڪري ٿو. سندس جيون نئين ڍلجي پئي ٿي، گروءَ جي ڪرپا دواران رام رنگ ۾ رڱجي وڃي ٿو.

سنت ڪبيرداس جيان سنت ڌرمداس به نراڪار نرگڻ برهم جو چنتن ڪري ٿو. هي پيارو پڪني ڀاونا سان پرڀو ڪيترين ئي باڻي لکي ٿو، جنهن ۾ پرڀو سان شانت رس جي پراپتي ٿئي ٿي. مثال طور سندس هڪ پد پيش آهي:

ڪهو ڪيتي دن جيبو هو، ڪا ڪرت گمان،
ڪچي ٻانس ڪا پنجرا هو، جامي پون سمان.
پنڇي ڪا ڪون ڀروسا هو، ڇن ۾ اُڏجاءِ،
ڪچي ماٽي ڪي گهڙوا هو، ٻس ٻولدن سان
پاني بيچ پتاسا هو، ڇن ۾ گل جان
ڪاگد ڪي نئيا بني هو، ٻوري صاحب هات،
جوني ساج نڇهن ساچب وڌهي ساج
ڌرمداس اڪ بنيا هو ڪري جهوٺ نرار،
صاحب ڪبيرا پنجارا هو ڪرءِ سچ ٻيوپار.

شري نانڪ سودو خريد ڪرڻ جي خيال کان روانو ٿيو. رستي ۾ کيس هڪ سادن جي ٽولي گڏي جنهن جو ٻک سخت رڃ هو. اهي سادو ڪيترن ڏينهن کان بکايل هئا. شري نانڪ انهن پئسن جو سيڌو سامان وٺي انهن سادن سنتن کي پوڄي ڪارايو ۽ انهن جي آسيس وٺي گهر واپس وريو. سندس پتا کانئس پڇيو "بالڪ کهڙو سودو ڪري آيو آهين؟" شري نانڪ ساري حقيقت پوڄ پتا کي ٻـڌائيندي چيو ته اهو سچو سودو ڪري آيو آهيان. شري ڪالو راءِ مٿس ڪاوڙ ڪندي چيو ته تو کي جيڪو به ڪم ڏجي ٿو ان ۾ واڌ جي بدران گهاٽو ٿـي گهاٽو، اڃان ڪڏهن تون منهنجون اميدون بر لواب ڪندين؟

شري راءِ بلار جي صلاح سان شري ڪالو راءِ شري نانڪ کي سلطان پور ۾ سندس ڀڻويئي جيرامداس وٽ ڪرت ڪار لاءِ موڪليو. شري جيرامداس شري نانڪ کي مودي خاني ۾ لڳايو. شري نانڪ مودي خانو هلائيندو هو. مودي خانو هلائيندي جيڪي غريب فقير فقرا ورس ايندا هئا تن جون جهوليون ڀريندو هو. جيڪو جن جون جهوليون ڀري ٿو سائين تنهن جون جهوليون ڀري ٿو. پرماتما جي ڪرپا سان مودي خاني ۾ برڪت پوندي هئي. ڏينهن جو مودي خاني جو ڪم ۽ رات جو وري ڀڄن ۾ لين رهندو هو.

وڪرم سنبت ١٥٤٥ ۾ شري نانڪ جو وواهه ٻاٽي مولي جي نياڻيءَ سلکڻيءَ سان ٿيو. وواهه کان پوءِ به شري نانڪديو گهڻو وقت سانت ۾ گذاريندو هو. کيس سنبت ١٥٥١ ۾ پهريون پٽ سريچند ڄائو جو اڳتي اداسي سمپرداءِ جو سنسٿاپڪ ٿيو. وڪرم سنبت ١٩٦٠ ۾ وري کيس ٻيو پٽ ڄائو جنهن جو نالو لکميچند رکيو ويو.

شري گرو نانڪديو هاڻي سنساري وهنوار جو تياڳ ڪري فقيري لباس پاتو، جهنگل ۾ وڃي ڌڻيءَ جي بندگي ڪئي. هڪ ڏينهن سلطان پور جي نواب شري نانڪديو کي مودي خاني

مينهن کي جهنگل ۾ چارڻ ويو. ڳائيون مينهون چرڻ ئي لڳي ويون ۽ شري نانڪ نام سمرڻ ۾ لڳي ويو.

هيڏانهن ڳائن مينهن پرائي ٻنيءَ واري ٻوڪ کائي چٽ ڪري ڇڏي. ٻوڪ جو مالڪ راءِ ٻلار وٽ شڪايت کڻي ويو ته ڪلهه ته پائي ڪالوءَ جي پٽ نانڪ جي ڍورن اچي ڪري سندس ٻوڪ چٽ ڪئي وڌي آهي. راءِ ٻلار شري نانڪ کي گهرايو ۽ کانئس پڇيائين ته تنهنجون ڳائون مينهون پرائي ٻوڪ چٽ ڪري آيون آهن اهو ٺيڪ نه آهي. شري نانڪ ڏنو ورائي "منهنجي ڳائن مينهن پرائي ٻوڪ کي ڪو به نقصان ڪين رسايو آهي.

راءِ ٻلار زميندار کي چيو ته وڃ وڃي چڱيءَ ريت پنهنجي ٻوڪ ڏسي اچ. ته تنهنجو ڪهڙو نقصان ٿيو آهي. زميندار جڏهن پنهنجي زمين تي پهتو ته پنهنجي ٻوڪ اڳي کان اڳري سرسبز ڏسي دنگ رهجي ويو ۽ ڦڪو ٿي واپس وريو.

هڪ دفعي ڪالو راءِ شري نانڪ کي آگيا ڪئي ته فصل تيار آهي کيت ۾ وڃي جهار هڪل. شري گرو نانڪ کيت ۾ آيو، ته پکين کي هڪلڻ جي بدران آکڻ لڳو:

رام دي چڙيان، رام دا کيت،
کالو چڙيان ڀر ڀر پيٽ.

شري گرو نانڪ جي دل دنيوي ڪم ڪار ۾ ڪين لڳندي هئي. هر وقت سچڻ کي ساريندو هو، پل پل پرماتما کي پڪاريندو هو.

هڪ دفعي ڪالو راءِ کيس ڪجهه پيسا ڏنا ته سودو خريد ڪري اهڙو ڌنڌو ڪج جنهن مان چڱو فائدو حاصل ٿئي.

سڀ کي رزق رسائي ٿو. تون اُن لاءِ ڳڻتا نہ ڪج.

شري گرو نانڪ ديو جي آگيا انوسار مردانو ٻہ ساٺ ڳنڍ وٺي لڳو ۽ هڪ رباب پڻ خريد ڪري آيو. شري گرو نانڪ کي جڏهن خيال ايندو هو تڏهن مرداني کي چوندا هئا تہ مردانا ڪول رباب، پوءِ شري گرو نانڪ ديو باڻي اُچاريندا ويندا هئا. اُن مالڪ جي محبت جي مستيءَ ۾ ڪيڏي نہ آنند دائڪ باڻي اُچاريندا ويندا هئا.

هڪ دفعي شري گرو نانڪ ديو جن ڀائي لالوءَ سان ڳڏجڻ آيا. ڀائي لالو ذات نہ ترکاڻو ڪمدو هو پر هيو ستپرش، گروجن کي ڏسي هو باغ بهار ٿيو. ڀائي لالوءَ گروجن لاءِ ڀوڄن تيار ڪرايو.

هيڏانهن اُن شهر جي وزير ملڪ ڀاڳوءَ بہ برهم ڀوڄ ڪرايو جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ شري گرو نانڪ ديو کي بہ نمنترڻ ڏنائون. شري گرو نانڪ ديو ڀائي لالوءَ جو ٻاجهريءَ جو ڍوڍو ۽ ساڳ سڪ سان کاڌو ۽ ملڪ ڀاڳوءَ وٽ ڀوڄن کان ورتايو.

هڪ برهمڻ ملڪ ڀاڳوءَ جا ڪن ڀريا تہ شري نانڪ اوهان جي برهم ڀوڄ ۾ شريڪ نہ ٿي اوهان جي بي عزتي ڪئي آهي. تنهن تي ملڪ ڀاڳوءَ گروجن کي گهر ۾ گهرائي پڇيو تہ اوهان ڪهڙي ڪارڻ اسانجو ڀوڄن نہ ورتايو آهي؟ هاڻي ڀوڄن انگيڪار ڪيو.

شري گرو نانڪ ديو ڪين چيو تہ چڱو ڀلا تون ڀوڄن گهراءِ. هيڏانهن گروجن ڀائي لالوءَ جي گهران پڻ ٻاجهريءَ جو ڍوڍو گهرايو. ملڪ ڀاڳو مالپڙا ۽ ٻيا طعام کائڻ لاءِ گروجن جي اڳيان رکيا. شري گرو نانڪ ديو هڪ هٿ ۾ سوادي مالپڙو ۽ ٻي هٿ ۾ لالوءَ جو ڍوڍو کڻي اُنهن کي زور ڏنو تہ مالپڙي مان رت وهڻ لڳو ۽ ڍوڍي مان کير وهڻ لڳو. اهو ڪوتڪ ڏسي ملڪ ڀاڳو

جو حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻ لاءِ گهرايو ۽ چيو ته اڄ اسان سان گڏجي ڌڻيءَ جي عبادت ڪريو. شري گرو نانڪ ديو ان سان گڏ مسجد ۾ ويا. ٻاهر شهر ۾ چوٻولو مچي ويو ته شري گرو نانڪ مسجد ۾ وڃي مسلمان ٿو ٿئي.

مسجد ۾ جڏهن نماز پڙهڻ جو وقت ٿيو تڏهن مسجد ۾ آيل سڀ اچي بيهي نماز پڙهڻ لڳا مگر شري گرو نانڪ ديو جدا ٻاسيرو ٿي بيٺو. جڏهن سلطان نماز پڙهي پوري ڪئي تڏهن شري گرو نانڪ کي ڏورابو ڏنائين ته توهان اسان سان نماز ۾ شريڪ نه ٿيا؟"

شري گرو نانڪ ديو وراڻيو، "نواب صاحب نماز پڙهڻ وقت اوهانجو من قنڌار جا گهوڙا خريد ڪرڻ ۾ لڳل هو پوءِ مان ڪنهن سان گڏجي نماز پڙهان؟" اهو ٻڌي نواب دنگ رهجي ويو ۽ محسوس ڪيائين ته نماز پڙهڻ وقت برابر سندس من قنڌار جي گهوڙن خريد ڪرڻ ڏانهن ڊوڙيو. هو گرو نانڪ ديو جي قدمن تي ڪري پيو. تڏهن قاضيءَ چيو ته مون سان ته گڏجي نماز پڙهو ها! تڏهن شري گرو نانڪ ديو چيو، "قاضي صاحب، نماز پڙهڻ وقت تنهنجي دل نئين ڄاول وڇڙي ڏانهن هئي ته متان وڇڙو ڪنهن کڏ ۾ ڪري نه پوي. اهو ٻڌي قاضي به لڄي ٿيو.

شري گرو نانڪ جي فقير ٿيڻ جي ڳالهه ٻڌي سندس ماتا پتا ڏاڍو چنتت ٿيا ۽ هنن ڀائي مرداني کي شري گرو نانڪ ديو جو سڌ سماءُ لهڻ لاءِ شري نانڪ ديو وٽ موڪليو.

مردانو جڏهن ئي شري گرو نانڪ ديو وٽ پهتو تڏهن شري گرو نانڪ ديو کيس گيان ۽ وئراڳ جون ڳالهيون ٻڌائي چيو ته تون به اچي ٿي ڌڻيءَ جي بندگي ڪر. مرداني کي ان ٻچن جو خيال ٿي پيو. تنهن تي گرو کيس آٿت ڏيندي چيو ته رازق

لڳو. انهن تي گروءَ جن جيس ابا ٽو ڪي اڳوات ٿي ڇهوسين نه
هيبت نه ڪئي. هيبت واري جو اهڙو ئي حال ٿيندو آهي. گروءَ
اڪ مان ٻن پتي مرداني کي کارايا جن جي کائڻ کان پوءِ
مرداني کي فرحت ٿي. اڪ برابر ڪوڙو ۽ زهريلو ٿيندو آهي،
پر شري گرو نانڪ جهڙي مهان هستيءَ سبب اڪ به مٺو
ٿي پيو.

بادشاهه سڪندر لوڌيءَ اهنڪار ۾ انڌو ٿي ڪئين نه شري
گرو نانڪ ديو کي ٻالي مرداني سميت جيل ۾ بند ڪرائي کين
جنڊ هلائڻ جو حڪم ڪري ٿو.

شري گرو نانڪ ديو جن پيارا مرداني ۽ پيارا ٻالي چون ٿا،
”پيارا ساز وڄايو“ مردانو ۽ ٻالو وراڻيو ته سائين چڪي هلائڻي
آهي، ڪاٺ پيهڻي آهي، ساز وري ڪيئن هلايون؟

گروءَ جن چون ٿا پيارا ”ڪول رباب“ مردانو رباب وڄائي ٿو
شري گرو نانڪ ديو نام جي سمرڻ ۾ لڳي وڃن ٿا، ڪيڏي
نه پريم سان قيد ۾ به ڪيرتن ڪن ٿا. جنڊ پنهنجو پاڻ هلڻ شروع
ڪن ٿا. ڪاٺ پوندي وڃي اٽو پيسندو وڃي. جلد اهو ڪواڪ
ٻڌي بادشاهه سڪندر لوڌيءَ ڏانهن ڊوڙيو.

بادشاهه سڪندر لوڌيءَ پنهنجي اکين سان گروءَ جن جو اهو
اسرار ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ محسوس ڪيائين ته شري
گرو نانڪ ديو شڪتيءَ جا اوتار آهن. اها شڪتي هئي نام جي
ڀڳتيءَ جي شڪتي.

گرو نانڪ ديو رٽن ڪندي هڪ ڳوٺ ۾ آيا جنهن جو نالو
هن وقت ڪرتارپور آهي. گروءَ جن اتي هڪ ڀرپور جي پياري کي
غريبن ۾ کير ورهائيندو ڏسي ان تي ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ ان شخص
کي چيائون ”جيڪو گهرڻو هجئي سو گهر“ ان شخص وينتي

ڏنگ رتي ويو. شري گرو نانڪ ديو کين سمجهايو ته لالوءَ جو پورهيو ايمانداري ۽ محنت جي ڪمائيءَ جو آهي ۽ تنهنجو مالپڙو بي ايمانيءَ ظلم سان ڪمايل ڪمائيءَ مان آهي. تنهن ڪري لالوءَ جو پورهيو کير جهڙو مٺو آهي ۽ تنهنجو سوادي طعام مالپڙو رت جهڙو آهي. انڪري اسان پياري لالو ڏکڙ جو ڀوڄن سويڪار ڪيو. ملڪ ڀاڳوءَ جا ڏاڪ لڳي ويا ۽ هو گروجن جي چرنن تي ڪري پيو. گروجن کين سکيا ڏيندي چيو ته پيارا جي ظلم زوري ڪري ٻين جو رت پيئن ٿا انهن جو تن ڌن من اپوتر آهي.

جي رت لڳي ڪپڙي جاما هوءِ پليت،
سو رت پيوي مانس، تن ڪيئن نرمل چيت.

شري گرو نانڪ ديو ڀائي بالي ۽ ڀائي مرداني سان گڏ رٽن ڪندي هزارن سنتن کي سڄاڳ ڪري کين نام جو امرت پياريو. هو سدائي نام جي خمار ۾ مست هوندا هئا.

پوست ڀنگ، آفيم مد اتر جات پرڀات
نام خماري نانڪا چڙهي رهي دن رات

هڪ دفعي جهنگل ۾ شري گرو نانڪ ديو سان رٽن ڪندي ڀائي مرداني کي ڏاڍي بک لڳي. ڀائي مرداني گرو جن کي وينتي ڪندي چيو ته بک بي حال ڪيو آهي.

تڏهن گرو نانڪ کيس آگيا ڪئي ته سامهون واري اڪ واري ٻوٽي مان ڦليون ٽٽي کاءُ پر هيڄ نه ڪج.

ڀائي مرداني کي اڪ جي ٻوٽي جون ڦليون سوادي لڳيون سو لالچ وس ٿي پيٽ ڀري کاڌيون ۽ سياڻپ لاءِ به ڪجهه ڦليون ٽٽي پاڻ سان کڻيائين ۽ سياڻپ ٿي جيئن اهي ڦليون کاڌائين تئين سندس پيٽ ۾ اچي ولوڙا پيا، دانهون ڪرڻ

مردانو نراس ٿي واپس ويو ۽ ساري حقيقت گروءَ جن سان ڪيائين. انهن ٿي گروءَ جن مشڪندي لٺ ڪڍي زمين ۾ هنئين ته اتان ترت مٺو جل نڪري آيو. مردانو اتان جل پي آسودو ٿيو. جڏهن ٿي گروءَ جن جي زمين ۾ لٺ هڻڻ سان پاڻي نڪتو ته بابا وليءَ جو چشمو هڪدم سڪي ويو، ٽڪريءَ تان اهو لقاءُ ڏسندي بابا ولي حسد ۽ بدلي جي باهه، وچان هڪ وڏي ڇپ گروءَ جن ڏانهن هيٺ اڇلائي. گروءَ جن هٿ ڪڍي ڇپ طرف ڪيو ته ڇپ رستي تي اتي روڪجي وئي. بابا وليءَ محسوس ڪيو ته گرو نانڪ ديو هڪ اولياءُ آهي، سو پشيمان ٿي گروءَ جن کان معافي وٺڻ آيو.

جتي اها گهٽنا گهٽي ٿي اُن آستان کي پنجو صاحب سڏيندا آهن ۽ اڄ اُها نرمل نيرڌارا اُتي پئي وهندي آهي.

شري گرو نانڪ ديو جن لکن پاپل پتڪيل منشن کي نام جو منتر ڏئي ڀؤساگر مان پار اڪاريو. گروءَ جن جي جيون آهي هڪ چترشالا. هڪ هڪ چتر جي دائمي اهميت آهي. هڪ هڪ چتر پريرڻا ۽ سکيا جو سرچشمو آهي.

هڪ دفعي گروءَ جن جهنگل ۾ ڏيرو لڳايو هو. اُتي مرداني کين وينتي ڪئي ته سائين ڪيترن ڏينهن کان ٻارن جو منهن ڪونه ڏٺو اٿم، موڪل ڏيو ته گهر وڃي ٻارڙن جو منهن ڏسي اچان ۽ ٻارڙن لاءِ ڪجهه ٽول به ڏيو. گروءَ جن مرداني کي گهر وڃڻ جي موڪل ڏيندي هڪ ڳوڻ ۾ ننڍڙا پٿر ڀري کيس اها ڳوڻ ڏيندي چيو، "پيارا اُن ڳوڻ ۾ اٿئي ٽول. تون بلاشڪ پنهنجي ٻارن ۽ گهرواريءَ لاءِ سوکڙي طور کڻي وڃ."

مرداني پٿرن جي ڳوڻ ته کڻئين پر من ۾ ويچار ڪيو ته گروءَ جن ٽول طور ڏني به پٿرن جي ڳوڻ آهي. هڪ پنڌل سفر پيو هن ڳوڻ جو بار! هي پٿر گهر کڻي وڃي ڇا ڪندس؟ ڇو نه

کندي چيو ته پتر سڀني جي ضرورت آهي. گروجن ڪيس چيو جلدي تنهنجي جهول ساڻي ٿيندي. گروجن جي سمرڻ سان ان کي پتر سنتان ٿي.

ڏوٽ جي ڄاڳيدار شري گرو نانڪ جي ورندڙ ڪيرٽي ٿي گرو نانڪ کي جيل ۾ بند ڪرڻ جي لحاظ کان جڏهن گهوڙي تي سوار ٿي نڪتو تڏهن اوچتو گهوڙي تان ڪري پيو. بد نيت جو اتي ئي حساب مليس. پوءِ ڪيرٽي ٿي گروجن کان معافي وٺي ورتي ۽ سندس شردالو شش ٿي اتي نئون شهر اڏايائين جنهن جو نالو ڪرتارپور رکيائين.

گروجن نه صرف ڀارت جو رٽن ڪيو مگر ٻاهرين ملڪن قنڌار مڪي مديني بغداد ۾ به وڃي نام جي سمرڻ ۽ ڌرم جو سنديش ڏنو. بنا ذات پات جي ڀيد ڀاءُ جي، هڪ هڪ کي پنهنجو پيار پيتاريو.

هڪ دفعي رٽن ڪندي مرداني کي ڏاڍي پياس لڳي، چوڌاري پاڻيءَ لاءِ نهاريائين مگر پاڻي نظر نه آيس تنهن ڪري گروجن کي پاڻيءَ لاءِ وينتي ڪيائين. گروجن ڪيس چيو ته هن ٽڪريءَ جي مٿان ٻاباولي فقير رهندو آهي، اتي پاڻيءَ چشمو پڻ آهي تنهن ڪري تون ٻابا وليءَ کان وڃي پاڻي وٺي اچ.

مردانو ٽڪريءَ تي مٿي چڙهي ويو فقير ٻابا وليءَ کي پاڻيءَ لاءِ عرض ڪيائين. فقير ٻابا ولي هن کان حال احوال وٺندي پڇيو ته تون ڪير آهين، هت ڪٿان پهتو آهين؟ تڏهن مرداني کيس ٻڌايو ته شري گرو نانڪ سان رٽن ڪندي هتي پهتو آهي. شري گرو نانڪ جو نالو ٻڌي ٻاباولي حسد وچان لڙي ساهه ٿي ويو ۽ مرداني کي پڻ تنبيهه ڪيائين ته تون مسلمان ٿي ڪري هڪ هندوءَ سان گڏ ورتن تو رٽن ڪندو ۽ ٻاباولي پاڻي ڏيڻ کان صفا انڪار ڪيو.

(١) اسين به مرداڻي وانگر سواسن روپئي هيرا جواهر وڃائي پوءِ پڇتاءُ ڪريون ٿا. پوءِ پڇتائڻ مان ڪهڙو لاڀ!

(٢) اب پڇتائي ڪيا هوت هئ،
جب چڙيا چگ گئي کيت.

(٣) اِنام سورٺ ۾ سواس سڦلو ڪريون.

شري گرو نانڪ ديو جن ڪرتارپور ۾ رهيا تڏهن الهي ڪيترا ئي پريمي سندن درشن لاءِ ايندا هئا. ڀائي لهڻو به گروجن جي درشن لاءِ اتي آيو. گرو جن جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿي پيو. رات ڏينهن گرو جن جي سيوا ۾ لڳو رهيو. گرو نانڪ ديو جن ڀائي لهڻي جي سيوا ڀاو، شرڌا ۽ پريم ڏسي کيس ڏاڍو ڀانئيندا هئا.

گروجن جي ڌرمپتني سلکڻيءَ کي خيال ٿي پيو ته متان ڀائي لهڻي کي ڏاڍو پيار ٿا ڪن متان پنهنجي گدي به اُن کي نه ڏئي ڇڏين. سو گروءَ کي وينتي ڪيائين ته پنهنجي ٻن پٽن سريچند ۽ لکميچند جو به خيال ڪريو. گروجن فرمايو:

"جيڪو پوکيندو سو پائيندو."
"جن سيويا تن پايا مان."

جيڪو لائق هوندو تنهن ئي کي ڇٽ ملندو. لهڻي ۾ ڪهڙي نه سيوا ڀاونا آهي. هڪ ڏينهن ٿڌ سياري ۾ سويل صبوح جو گروجن پٽ سريچند کي اُٿاري چيو، "ابا ڪوهه تي وڃي ڪپڙا ته ڌوئي اچ." سريچند ورائيو، هن وقت زبردست ٿڌ آهي پوءِ اهو ڪم ڪبو.

گروجن وري پٽ لکميچند کي چيائون اُن به ساڳيو سبب ڏنو. تڏهن گروجن ڀائي لهڻي کي چيو ابا هن وقت ڪوهه تان ڪپڙا ته ڌوئي اچ. لهڻو گروجن جي آگيا اکين تي

پنهنجو بوجهو هلڪو ڪريان. مرداني اُن ڳوڻ کي ننگ ڪيا
جن پنهنجو پاڻ پٿر اُن مان ڪرندا وڃن.

جنهن پنڌ ڪندو اڳتي وڌيو ته ڳوڻ مان پٿر ڪرندا ويا. اڳتي ڏسهن مردانو جنهن گهر پهتو ته سندس پيار ۽ ترمينتائي ڏاڍو خوش ٿيا. سندس هڪ ٻالڪ اُن خالي ڳوڻ ۾ جنهن ۾ هٿ وڌو ته پئي لعل (هيرا) اُن ڳوڻ مان نڪري آيا. اهو ڏسي مردانو عجب ۾ پئجي ويو. سندس منهن جو رنگ لهي ويو. سندس ترمينتائي ڪارڻس پڇيو ته اوهين اوچتو ائين ماٺ ڇو ٿي ويا آهيو؟ مرداني ورائيو، گروجن مونکي هيءَ سڀ ڳوڻ پٿرن سان ڀري ڏني ته پاڻ ۽ ترمينتائي لاءِ سوکڙي ڪري کڻي وڃان. مان لاچار اها ڳوڻ کڻي دل ۾ غيرت آڻيندي اڌ پٿر ڳوڻ مان رستي ۾ ڪيرائيندو آيو آهيان. شايد هڪ ٻه پٿر اڃا بچيو آهي جو بدلجي لعل (هيرو) ٿي پيو آهي. مون ڪيڏو نه مورک ڇڪيس جو گروجن جي ڏنل پٿرن کي پٿر سمجهي زوريءَ رستي ۾ ڪيرائيندو آيو آهيان.

مرداني نه روٽي کاڌي نه آرام ڪيو. بس خالي ڳوڻ کڻي ساڳيو رستو ورتو ۽ آيو پر ڪٿي هڪ به هيرو نصيب نه ٿيو. پنڌ ڪندو ڪندو وري شري گرو نانڪ ديو جن وٽ موٽي آيو ۽ اُنهي پنهنجي غلطي محسوس ڪندي وينتي ڪيائين ته سائين اوهان جي ڏنل پٿرن جي ڳوڻ کي رستي ۾ خالي ڪندو ويس. جيڪي ٻه ٽي اچيا سي هيرا جواهر ٿي پيا. مهرباني ڪري مونکي وري اها ڳوڻ پٿرن سان ڀري ڏيو ته مان گهر کڻي وڃان.

شري گرو نانڪ ديو مرداني جي اها ڳالهه ٻڌي مشڪڻ لڳا ۽ مرداني کي چيائون، ”مردانا اهو وقت گذري ويو.“ مرداني جي اکين ۾ پڇتاءَ جا آنسون هئا.

شري ولڀ آچاريه

ڏکڻ ڀارت جو هڪ تيلنگ برهمڻ لڇمڻ ڀٽ پنهنجي پتنيءَ الماگارو سميت ٽيرٿ ياترا لاءِ اتر ڀارت ۾ آيو. هوُ ٻئي ڪاشيءَ وڃي رهيا هئا ته رستي تي کين خبر پئي ته ڪاشيءَ تي يونن ڪاهه ڪئي آهي انهن ڪري هو واپس وريا. رستي تي چمپارنيه بن ۾ وڪرم سنبت ١٥٣٥ جي ويساک مهيني جي ايڪادشي ڏينهن کين پٽ ڄائو جنهن جو نالو ولڀ آچاريه رکيائون. پوءِ هو پٽ سوڌو وري ڪاشيءَ ۾ آيا ۽ اتي هو هنومان گهاٽ تي رهڻ لڳا. ٢٨ سالن جي عمر ۾ سندس وواهه مها لڪشميءَ سان ٿيو. هو ڪجهه وقت پرياگ ۾ رهيو ۽ گهڻو وقت وري برندابن ۾ گذاريائين.

ولڀ آچاريه جي من کي ڀڳوان جي ساڪار روپ ڏانهن ڪشش ڪئي. هو ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان وڏي پريم سان ڀڄن ڳائيندو هو ۽ طرحين طرحين پرساد رکي ڀوڳ لڳائيندو هو. هوُ چاهيندو هو ته گهر گهر ۾ ڀڳوان جي مورتي هجي. هن ڀڳوان شري ڪرشن جي ايتري ته ڀڳتي ڪئي جو سندس ڪيرتي چوڌاري ڦهلجي وئي. ڪيترائي پريمي سندس درشن واسطي ايندا هئا.

هڪ دفعي هڪ سرل چت سنت برندابن جي ٻاهران بڙ جي وڻ ۾ ڀڳوان جي مورتي ٻڌي ولڀ آچاريه جو درشن ڪرڻ آيو. هوُ ولڀ آچاريه جو درشن ڪري پرسن ٿيو. هو جڏهن واپس

رکي هڪدم ڪپڙا ڪڍي ٻه وقت کوهه طرف روانو ٿيو. گروءَ جن جي ورتل امتحان ۾ ٻئي پٽ ناڪامياب ويا.

هڪ دفعي وري گروءَ جن پاڻيءَ جي گندي ڪسيءَ ۾ ڦري ڪري ڪٽي ڪٽورو اڇلايو ۽ پٽ سريچند کي چيو ته هن ڪسيءَ مان ڪٽورو ڪڍي اچ. مگر شري سريچند ڪپڙن خراب ٿيڻ جو سبب ڏئي ڪسيءَ ۾ گهڙڻ کان انڪار ڪيو. پاڻي لهڻو هڪدم ڪسيءَ ۾ گهڙي ڪٽورو ڪڍي آيو. گروءَ جن جاٽي جاٿهار ڪيس وٺي ڀاڪر پاتائون ۽ مشڪندي ڪيس چيائون "تنهنجو نالو لهڻو، تون شايد اسان کي ڪجهه لهڻون ۽ وٺڻ آيو آهين. تون اسانجي انگ انگ سان گڏيل آهين انهن ڪري تنهنجو نالو "انگديو" رکون ٿا. شري گرو نانڪ پاڻ لهڻي کان ڪيترائون ئي آزمائشون ورتيون ۽ هو انهن ۾ سڦل ٿيو.

ڪجهه وقت کان پوءِ شري گرو نانڪ ديو جن سڀ سنگت اڳيان اها پڌرائي ڪئي ته "شري انگد" اسانجو روپ آهي. اڄ کان وٺي هي اسانجي گاديءَ جو وارث آهي، سندس آگيا ۾ رهجو.

شري گرو نانڪ ديو جن وڪرم سمت ١٥٩٦ ۾ اسرڌامن ٿيا. گروءَ جن هزارن اگيانين کي نام جي روشني ڏئي سندن جيون ۾ ٻراو ڙاڻ آندو.

گروءَ جن ڪيتري نه امرت ٻاڻي لکي آهي جنهن جي پڙهڻ ۽ جپ ڪرڻ سان آتمڪ آنند جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ وهنوارڪ جيون ۾ به راهه روشن ٿئي ٿي. سندن سموري ٻاڻي شري گرو گرنٿ صاحب ۾ سنگرهيت آهي.

ڀڳت سورداس

ڀڳت سورداس ڀڳوان شري ڪرشن جو انڌو اُپاسڪ هو. هُو ڪرشن ڀڳتيءَ ڪاويه ڌارا جو سريشٽ ڪوي هو. ٻاهريون اکين جي روشني نه هئڻ جي باوجود به هن جيڪو ڀڳوان شري ڪرشن جي روپ شوڀا سرستا ۽ ماڌريه جو ورڻن منووگيانڪ نموني ڪيو آهي، اهڙو ورڻن ڪنهن اکين واري ڪوي به ڪين ڪيو آهي. سندس اندر جي اکين ۾ پريم جو پرڪاش ۽ گيان جي روشني هئي. سندس رڳ رڳ ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلا جو آلاپ آلاپيندي هئي.

هن مهان ڀڳت ڪويءَ جو جنم وڪرم سنبت ١٥٣٥ جي ويساک مهيني ۾ مٿرا جي سهائي ڳوٺ ۾ هڪ برهمڻ ڪٽنب ۾ ٿيو. هو جنم کان ئي سورداس هو تنهنڪري سندس ماءُ پيءُ اداس رهندا هئا. ٻالڪ سورداس جڏهن وڏو ٿيو تڏهن پريوار جي پوري پيار نه ملڻ سبب هُو ڳوٺ کان ٻاهر هڪ پپل جي وڻ هيٺان وڃي ويهندو هو. ڪيترا ماڻهو هن کان سڳڻ پڇڻ ايندا هئا. ماڻهن جي ڀيڙ سبب هن جي دل اُتان به اداس ٿي پئي.

سورداس هاڻي مٿرا ۽ آگري جي وچ ۾ جمنا جي ڪناري ڳئوگهاٽ تي سنياسيءَ جي ويس ۾ رهڻ لڳو. سندس ڳلي ۾ ڏاڍو مٺاج هو. هُو ڀڳوت پريم جا ڀڄن ڳائي پرڀوءَ کي پرسن ڪندو هو.

ان وقت جي پوڄاري آيو ته هنکي ڀڳوان جي مورتي نظر ڪانه آئي. هو وري واپس شري ولڀ آچاريه وٽ آيو ۽ کيس احوال ٻڌايو ته ڪٿي هن اڄڻ وقت مورتي وٽ جي تاڙيءَ ۾ ٻڌي ۽ واپس وريو ته اها مورتي کيس نظر نه آئي.

شري ولڀ آچاريه کيس چيو "اوهان وري وڃي چڱيءَ ريت ڏسو ته ڪي ڀڳوان جي مورتي اتي نظر ايندي." اهو ٻڌي ويساهه رکي واپس ويو جڏهن ان وقت جي وڃهو آيو ته ساري وقت ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي سهڻي مورتي للاٽ ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ هن محسوس ڪيو ته شري ولڀ آچاريه جي ڀڳتيءَ جو هي سارو پرتاپ آهي.

شري ولڀ آچاريه ڀڳوان جي ساڪار ڀڳتيءَ جو ساري ديش ۾ پرچار پرسار ڪيو. هن شريمد ڀاڳوت جي ڏهين سڪنڌ ۽ ٻين سڪنڌن تي ٽيڪا لکي ۽ برهم سوترن تي انو ڀاشيه پڻ لکيو.

هو وڪرم سنبت ١٥٨٧ جي آکاڙ مهيني ۾ ٥٢ ورهين جي عمر ۾ ڪاشيءَ ۾ شري هنومان گهاٽ تي گنگا سنان ڪندي برهملين ٿيو.

شري ولڀ آچاريه جي سڳڻ ڀڳتي هلچل ڪيترن ئي مهان سڳڻ ڀڳت ڪوين کي جنم ڏنو، جن پنهنجي ڪاويه ۾ ڀڳوان جي سڳڻ روپ جو سندر ورڻن ڪري لکين پريمين کي پريم جي راهه ۾ ڇڪيو ۽ سندن لوڪ سکل زندگيءَ ۾ پريما ڀڳتيءَ جو امرت ڇٽي شاد آباد ڪيو. ڀڳت سورداس کي ڀڳوان شري ڪرشن جي ڀڳتيءَ جي راهه ۾ به شري ولڀ آچاريه ئي ڇڪيو. شري ولڀ آچاريه ئي پشٽي مارگ جو بنياد وڌو.

. تانسين ڪيس سنت سورداس وٽ وٺي آيو. ان وقت سنت سورداس ڳائڻ شروع ڪيو:

هي من! مادو سي پريت ڪرو...

اڪبر بادشاهه سنت سورداس کي چيو ته هو سندس ساراهه جا ڪي پد رچي. سنت سورداس وراڻيو "مان شري ڪرشن کان سواءِ ٻي ڪنهن جي اُستتي ڪين ڪندس."

سنت سورداس ۽ سنت گوسوامي تلسيداس جو پڻ پاڻ ۾ سمپرڪ ٿيو. سنت سورداس شري راڌاڪرشن جو ڌيان ڪندي وڪرم سنبت ١٦٢٠ ڌاري پرمليِن ٿيو مگر سندس ڪاويه ڪيس سديو امر رکندو.

"سور ساگر، سور سارولي، ساهتيه لهري، گووردن لهري، سور پچيسي" سنت سورداس جا مکيه ڪاويه پستڪ آهن. سنت سورداس جا ڪي پد هيٺ ڏجن ٿا:

مڌو ڪر شيام هماري چور،

من هر ليئو مادوري مورت چِتَه نين ڪي ڪور
پڪريو تيهه هردئه اَر انتر پريم پريت ڪي جور
گئي ڇڙاءِ چوڙ سب بڌن دئي گئه. هنسن انڪور
سووت تي هم اُچڪ پري هئن، دوت مليو موهه پور
سور شيام مسڪان مهرو سروس لئه گئي نند ڪشور.

... ...

مئيا! مئن نهين ماکن کايو،

خيال پري ئي سکا سبئي مل ميري مکه لپٽايو
ديکه، تهي سينڪي پر ڀاجن اونچي گهر لٽڪايو
تهي نرکهه ناتهي ڪر اپني مئن ڪئسي ڪر پايو،

گئوگهاٽ تي رهندي شري سورداس داسيه ڀاونا سان ڀرپور
پد رچيا. سنت سورداس ڀڳوان کي ونيه ڪندي چوي ٿو:

ڀڳو ميري اوگن چت نه ڌرو
سمدرسي هي نام تمهارو اپني پڻ ڪرو.
اڪ لوها پوجا ۾ راکت، اڪ گهر ٻڌڪ پرو
سو ٻڌا پارس نهين جانت ڪنچن ڪرت کرو
اڪ ندیا اڪ نار ڪهاوت ميلو نير ڀرو
جب مل گئي تب ايڪ ٻرن هوئي گنگا نام پرو
تن مايا جيو برهم ڪهاوت سور سو مل جگرو
کي انکو نرڌار ڪيجيي، کي پڻ جات ٽرو.

هڪ دفعي شري ولڀ آچاريه ڪندي گئوگهاٽ تي آيو. شري ولڀ آچاريه سنت سورداس جا پد ٻڌي ڏاڍو پرسن ۽ پرڀاوت ٿيو. هن کيس صلاح ڏني ته تون پنهنجن پدن ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلا جو ورڻن ڪر. شري ولڀ آچاريه کيس پنهنجو شش بڻايو ۽ کيس پاڻ سان وٺي ويو. شري ولڀ آچاريه شري گووردن ۾ جوڙايل شري ناٿ جي مندر جي ڪيرتن جي سيوا سورداس کي سونپي.

شري سورداس ڏاڍي سِڪ ۽ شرڌا سان ڀڳوان جو ڪيرتن ڪندو هو. گرو ڪرپا دوارا سورداس جي من ۾ ڀڳوان شري ڪرشن آنند ڪند جي درشن جي تيبر اڇا پيدا ٿي. هو رات ڏينهن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلا جا پد ٺاهيندو هو ۽ پريم سان ڳائيندو هو. سندس ڀاس هٿي هنڌ ڪيو. هڪ سياڻي ڏينهن ٻالڪي ٻهاري گووردن ڌاري ڀڳوان شري ڪرشن کيس پنهنجو ڪمل مکڙو ڏيکاريو. تنهن سورداس جو جنم سڦلايو.

پرسڌ ڳائڪ تانسين هڪ دفعي اڪبر بادشاهه جي حاضري ۾ سنت سورداس جو پد ڳائي رهيو هو. اڪبر بادشاهه اهو پد ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ هن سنت سورداس جو ديدار ڪرڻ چاهيو.

جڏهن عمر ۾ وڏو ٿيو تڏهن سندس من گهر گرهست ۾ ڪين لڳندو هو. هو ڪڏهن باغ ۾ ته ڪڏهن نديءَ ڪناري ايڪانت آستان ۾ وڃي ويهندو هو.

٢٥ ورهين جي عمر ۾ هو هڪ ورڪت سنت وانگر گهر جو تياڳ ڪري بندرابن ۾ آيو. هتي اچي باڪي بهاريءَ جو درشن ڪري باغ بهار ٿيندو هو. هن اتي آشوڌرج کان سکيا ورتي. سندس ڪنٺ ۾ به سر سوتيءَ جو واسو هو. هو ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جا مٺا ڀڄن ڳائيندو هو. ڪيترائي ٻريمي سندس ڀڳتي سنگيت ٻڌڻ لاءِ وٽس ايندا هئا. ڀڳت هريداس مبارڪ سمپرداءِ جو پوئلڳ هو ۽ سندس اپاسنا سکي ڀاونا واري هئي. سندس ڀڳتي تياڳ سبب ڪيترائي راجائون مهاراجائون درشن لاءِ ايندا هئا. ڀڳوان شري ڪرشن جي ٻريم ۾ سدائين سرشار هوندو هو.

هڪ دفعي بهار جي مند ۾ هريداس ٻرج ڀوميءَ ۾ نديءَ ڪناري واريءَ تي ويٺو آهي. هڪ ٻريمي ڪيس عطر جي شيشي ڀيٽ ڪئي. ان وقت هريداس شري رادا ڪرشن جو تصور ڪري ٿو. ڏسي ٿو شري رادا ۽ شري ڪرشن راس ڪري رهيا آهن. ٻيون گوپيون ٻڻ ڀڳوان سان راس ۾ شامل آهن. هڪ ٻئي کي رنگ ڀريون پچڪاريون هڻن ٿا. ڀڳت هريداس ٻڻ ٻريم جي آويش ۾ اها عطر جي شيشي ڀڳوان شري ڪرشن جي مٿان ڇٽڪائي ٿو. هو ڀڳوان ۽ شري رادا جي منورم ڇٻي ڏسي مگن ٿي وڃي ٿو.

جنهن ٻريميءَ عطر جي شيشي آندي هئي اهو ڀڳت هريداس کي عطر جي شيشي کوٽ ۾ ڇٽڪائيندو ڏسي ڏورو ٺ کي ٿئي ٿو.

هيڏانهن جڏهن ڀڳت ساڌارڻ اوستا ۾ آيو ۽ هن ان ٻريميءَ جي منهن ۾ سندس اداسي ڏٺي تڏهن کيس سانتونا ڏيندي چيو "پيارا عطر جي جهڪو لائق هو تنهن کي عطر پهچي ويو. تون چنتا نه ڪر." سوامي هريداس ان ٻريميءَ کي پنهنجن ڪن ششين سان گڏ ڀڳوان شري ڪرشن جي مندر ۾ موڪليو. اتي

مک ڏٺي ٻونڊ ڪيهت انند نندن ڏولا ڀمت وراٿو
ٻار سانت مسڪاءِ ٽيهه ڏهه ست کو ڪنٺ لڳايو
ٻال ولود مود من موهيو ڀڳت پرتاپ ڏکايو
سوداس پرڀو جسمت ڪي سک شو ورنچي ٻورايو

...   .

مرو من اننت ڪهان سک پاوي،
جيسي اڙ جهاز ڪو پڇي، ڦر جهاز پر آوي
ڪمل نين ڪو ڇاڙ مهاتم اؤر ديو ڪو ڌياوي
پرم گنگا ڪون ڇاڙ پياسو درمت ڪوپ کناوي
جنهن مڌوڪر انبج-رس چاکيو، ڪيون ڪرمل ڦل ڀاوي
سورداس پرڀو ڪامڌين ٽج، ڇيري ڪرن دهاوي

...   .

موسم ڪون ڪٽل کل ڪامي
ٽم سنمکهون ڪها ڇپي ڪرونامي، سب ڪي انترجامي
جو ٽن ديو ٽاهه بسرايو، اينسو نمڪ حرامي
ڀر ڀر دروهه وشيه ڪون ڌاوت، جيسي سوڪر گرامي
شري هرچرن ڇاڙ ومکن ڪي نس دن ڪرت گلامي
پاپي پرم اڌم اپرادي، سب پتتن م نامي
سورداس پرڀو اڌم اڌارن سنيي شري پت سوامي.

سوامي هريداس

سوامي هريداس جو جنم وڪرم سنبت ١٥٣٧ ۾ ٻندرابن کان اٽڪل ڪوهه کن ٻري راجپور ڳوٺ ۾ براهمڻ شري گنگاڌر جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو چترا ديوي هو. ننڍپڻ ۾ ئي هن جي روچي ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلا ۾ لڳندي هئي. هريداس

گوسوامي سنت تلسيداس

گوسوامي سنت تلسيداس ڀڳوان شري رام جو اننيه اپاسڪ هو. هو نه صرف هندي ۽ جي رام ڀڳتي ڪاويه ڌارا جو سرو سريشٽ ڪوي هو، پر مهان ڀڳت هو. هن ساري جڳت ۾ سيارام جو درشن ڪيو. شري رامچرت مانس ۾ سنت تلسيداس چوي ٿو:

سيارام ميه سب جگ جاني
ڪرئون پرڻام جوڙ جگ پاني

شري رامچرت مانس سنت تلسيداس جي امولهه امر ڪرتي آهي، جنهن جي پڙهڻ شروع ۽ منن ڪرڻ سان منش پنهنجو وهنوار ۽ پرمارٿ ٻئي سڌاري سگهي ٿو، هو آڌياتمڪ آنند جي پراپتي ڪري سگهي ٿو.

سنت تلسيداس ڀارت جي مهان وڀوتي هو. جنهن جو جنم وڪرم سنبت ١٥٥٤ ۾ ساوڻ مهني جي شڪل پکش جي سپتمي ۽ ڏينهن باندا ضلع جي راجپور ڳوٺ ۾ هڪ براهمڻ پريوار ۾ ٿيو. سندس پتا جو نالو آتمارام ۽ ماتا جو نالو هلسي هو. جنهن وقت ٻالڪ تلسيداس جا ٻتيهه ئي ڏند ڄاول هئا. ڪيس نڪرڻ ۾ رام بولا ڪري سڏيندا هئا. تلسيداس اڃا ٻالڪ هو جو سندس ماتا پرلوڪ پڌاري، پوءِ پتا جو به هن کي پورو پيار نه مليو. ستن

سچو مندر هن ڀرميءَ واري آنندل عطر جي سڳنڌ سان سڳنڌت هو. اهو اچرج ڏسي اهو ڀرمي دنگ رهجي ويو. سوامي هريداس اهو عطر ڪيمت ۾ ڇٽڪاريو ۽ اهو سارو مندر ۾ ڇٽڪائجي ويو ۽ ڀڳوان جي مورتيءَ کي نه ساڳيو عطر لڳل هو. اهو ڀرمي هڪدم ٻڪندو ٻڪندو سوامي هريداس وٽ آيو ۽ سندس چرنن ۾ ڪري پيو.

هڪ دفعي هڪ گهراڻي گهر جو ڪو ڀرمي سوامي هريداس وٽ سکيا وٺڻ جي لحاظ کان آيو. هن سواميءَ کي پارس ڀيٽ ڪيو. سوامي جن اُن پارس کي پٿر ڄاڻي جمنا نديءَ ۾ ڦٽو ڪيو. سچا ڀڳت دنيوي وستن جو لالچ ڪن ٿا نه مٿان وري من اٽڪي نه پوي.

هڪ دفعي اڪبر بادشاهه پنهنجي دربار جي رتن تانسين کان پڇيو ته توکان به ڪو وڌيڪ سٺو ڳائيندڙ آهي ڇا؟

تانسين جواب ڏنو، "ها قبلا، سوامي هريداس بهترين ڳائيندڙ آهي." اڪبر بادشاهه پنهنجي راج دربار ۾ سوامي هريداس جي ڳائڻ جي اڇا ظاهر ڪئي. تانسين وراڻيو، "بادشاهه سلامت سوامي هريداس ڪنهن ڏانهن ڳائڻ ڪين ويندو آهي، هو نڌي بن ۾ ئي ڪٽيا ۾ ويٺو هوندو آهي."

اڪبر بادشاهه کي جو سنگيت ٻڌڻ جو چاهه هو سو سادارڻ ماڻهوءَ جي پوشاڪ پهري تانسين سان گڏ سوامي هريداس وٽ آيو. سوامي هريداس تانسين جو گرو هو، هن ئي کيس سنگيت جي سکيا ڏني هئي. اڪبر بادشاهه سوامي هريداس جو سنگيت ٻڌي هن تانسين کان پڇيو، سوامي جن جي سنگيت ۾ عجب آنند ڇو آهي؟ تانسين وراڻيو، "اسين دنيوي ماڻهن جا گائڪ آهيون ۽ سوامي هريداس نه راجائن جي راجا شري ڪرشن جو گائڪ آهي." هو نه ئي جڳت جي مالڪ کي پرسن ڪري ٿو.

ڀڳوان شري ڪرشن جو انيه اپاسڪ سوامي هريداس وڪرم سمت ١٦٣٢ ۾ برهم لين ٿيو.

جي شهر ۾ جيتري پريت رکي آهي. جڏهن ايڏي پريت ڀڳوان شري رام ۾ رکو ته اوهان هن ڀؤ ساگر مان تري پار پئو، اوهان کي ڪو ڏک نه ستائي."

پتنيءَ جا اهي لفظ شري تلسيداس کي تير جيان چڀي ويا. سندس دل ۾ دنيوي پدارٿن ۽ رتناوليءَ لاءِ ڪٽائي اچي وئي ۽ من ۾ ڀڳوان شري رام جي ڀڳتي ڀاونا پيدا ٿي. رتناولي جي اُپديش هن جي جيون ۾ موڙ آندو.

هو پوءِ پرياگ هليو ويو اتان ورج، جڳناٿ، دوارڪا، بدري ناراڻ ۽ ٻين تيرٿن تي ويو. چوڏهن سال تيرٿ ياترا ڪندي ڪافي گيان حاصل ڪيو. آخر هو ڪاشيءَ ۾ اچي رهيو. اتي هو ڀڳوان شري رام جي پاون ڪٿا ڪندو هو، شري رام جو سمرڻ ڪندو هو. سندس جيون راممه ٿي پيو. هو پوءِ چترڪوٽ ۾ اچي رهيو. سندس من ۾ ڀڳوان شري رام جي درشن جي پياس ايتري ته وڌي وئي جو پرڀوءَ پاڻ ان کي اتي درشن ڏنو.

ڀڳوان شري رام ۽ لڪشمڻ جو درشن ڪري سنت تلسيداس ڌنيه ڌنيه ٿيو. ڪاشيءَ ۾ شري هنومان گهاٽ تي گوپال مندر ۾ ڀڳوان شري رام جي ڪٿا ڪاويه ۾ لکڻ شروع ڪيائين. سندس ساڌنا سڦل ٿي. اُن ڪاويه گرنٿ جو نالو رکيائين "رامچرت مانس". اهو ڪاويه گرنٿ هندي ساهتيه جو املهه خزانو آهي، گيان ۽ ڀڳتيءَ جو ڀرپور ڀنڊار آهي

هڪ دفعي سنت تلسيداس برج ڀوميءَ ۾ پنهنجي ساٿي، شري نندداس سان ملڻ ويو. شري نندداس ڀڳوان شري ڪرشن جو اُپاسڪ هو ۽ هو شري ناٿ جي سيوا ۾ سمرپت هو. شري ناٿ جي مندر ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي سندر مورتي ڏسي

سالن جي عمر ۾ کيس شري نرهريداس گرو روپ ۾ مليو هو. جنهن مٿس ڪرپا درشٽي ڪري سريو ۽ گهاگهرا نديءَ جي سنگم "سوڪر کيت" تيرٿ آستان تي هن کي ڀڳوان شري رام جي ڪٿا ٻڌائي.

ڀڳوان شري رام جي ڪٿا ٻڌندي هن جي من ۾ ڀڳوان شري رام جي ڀڳتيءَ جي ڌارا پرواهت ٿي. هن گروءَ جي آشيرواد سان ٻين ڪيترن شاسترن جو ابياس پڻ ڪيو. هو ڪجهه ڏينهن چترڪوٽ ۾ پڻ رهيو ۽ اتان وري راجپور پنهنجي ڳوٺ ۾ ويو.

سنت تلسيداس ارڙهن ورهين جي عمر ۾ رتناوليءَ سان وواهه ڪيو. رتناوليءَ ۾ تلسيداس آسڪتي وڌندي وئي. ايتري قدر جو تلسيداس ڀڳتي سادنا ۾ وگهن پيو. هونءَ نيم سان ڀڳوان شري رام جو سمرڻ ڪندو هو مگر شاديءَ کانپوءِ رتناوليءَ جي آڪرشڻ جار ۾ جڪڙجي ويو.

هڪ دفعي تلسيداس [illegible] رتناولي پنهنجي پيڪن ۾ وئي. رتناوليءَ جي جدائي هن کان سٺي نہ وئي. اڌ رات جو تيز برسات وسي رهي هئي، طوفان لڳو رهيو هو. رتناوليءَ جا پيڪا نديءَ جي هن پار هئا. شري تلسيداس آسڪتيءَ جي اند ۾ هڪ مردي کي ڪاٺ جو ٽڪرو سمجهي اوڙڪ برسات ۾ ندي پار ڪري اڌ رات جو اچي پنهنجي سهرن پهتو. رتناولي کيس ڏسي عجب کاڌو تہ هيڏي اوهي وقت اوڙڪ برسات ۾ ندي پار ڪري شري تلسيداس واسنا وس ٿي هت پهتو آهي. هن نمرتا سان شري تلسيداس کي چيو:

استي چرم ميه ديهه مم تامين جيسي پريت
تيسي جو شري رام مهه، هوت نہ تو ڀوڀيت

"منهنجا پيارا پتي ديو! اوهان منهنجي هن هڏن ۽ چمڙي

ويو. سندس اکين مان پريم جا آنسون ٽمڪيا ۽ ڀڳوان شري رام پاڻ اڳيو ڪشٽ ڪري اچي ڪٿا ڪئي پهرو ٿو ڏني. سنت تلسيداس اُن وقت ان ڪٿا ۾ رکيل سڀ شيون گهرجائن ۾ ورهائي ڇڏيون.

ڀڳتياڻيءَ ميران کي جڏهن راڻي ڏاڍو ستايو تڏهن ميران سنت تلسيداس کي پنهنجي ڏکڙا جو ذڪر ڪندي چٺي لکي ته هو اُن ڏس ۾ سندس سونهپ ڪري.

سنت تلسيداس کيس چٺيءَ جو جواب ڏيندي لکيو ته: جنهن منش کي ڀڳوان پيارو نه آهي اُن منش جو تياڳ ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي چت ورتي پرڀوءَ جي ڪمل قدمن ۾ لڳائڻ گهرجي. چٺي ملڻ سان ميران چتور جي راڄائي محل جو تياڳ ڪري برج ڀوميءَ ۾ هلي آئي ۽ پنهنجي اشٽ ڀڳوان شري ڪرشن جي رنگ ۾ رچي راس ٿي.

سنت تلسيداس، ميران ٻائي، سنت سورداس، ڪوي رحيم خانخانان، سنت نابداس سمڪالين سنت ۽ ڪوي هئا. هو هڪ ٻئي جي وچار ڌارا کان پرڀاوت ٿيا.

هڪ دفعي هڪ استري جا ستي ٿيڻ لاءِ وڃي رهي هئي تڏهن سنت تلسيداس کي پرڻام ڪيو. سنت تلسيداس کيس آشيرواد ڪندي چيو شل سوڀاڳوتي ٿئين. اُن استريءَ کيس ٻڌايو ته سندس گهوٽ گذر ڪري ويو آهي. اُن سان ستي ٿيڻ لاءِ هوءَ وڃي رهي آهي.

سنت تلسيداس اهو ٻڌي اُن استريءَ جي گهوٽ جي لاش اڳيان اچي ڀڳوان جو ڪيرتن ڪيو ۽ ڀڳوان شري رام کي پرارٿنا ڪئي. ٿوري وقت ۾ اهو مرل منش جيوت ٿي ويو. سنت تلسيداس جي مکاروند مان جو سوڀاڳوتي لفظ نڪتو هو، سو

سنت تلسيداس چيو:

ڪا ٻرنڻون ڇبي آچ ڪي پلي ٻيسي هي ناٿ،
تلسي مستڪ تب نمي، ڌنش بان ليئو هاٿ.

جڏهن ته ڀڳوان شري ڪرشن اڳي سنت تلسيداس کي ڀڳوان شري رام جي روپ ۾ درشن ڏنو. سنت تلسيداس جو اڳي طرح پوءِ ۾ سنت سورداس، سنت نابهاداس سان ملڻ ويو ته سنت نابهاداس وٽ سنتن جو ڀنڊارو پئي هليو. ان وقت سنت نابهاداس سنت تلسيداس جي پرکيا ۽ ترڻ جي لحاظ کان هن کي پوري عزت ڪين ڏني ۽ سنگت ۾ ڪاٺڻ لاءِ ويٺو ته ڪنهن هڪ سنت جي جتيءَ ۾ کير ڏنو. جڏهن ته سنت تلسيداس چيو، ان جتيءَ کان وڌيڪ پوتر ٻيو ڪهڙو ٿانءُ ٿي سگهي ٿو. سنت جي جتي هڪ پوتر ٿانءُ آهي.

سنت تلسيداس جي اهڙي نمرتا ڏسي سنت نابهاداس ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ڀڳت مالها جو مکيه مٺو سنت تلسيداس کي چونڊيو.

هڪ دفعي اڌ رات جو ڪي چور سنت تلسيداس جي ڪٽيا مان چوري ڪرڻ آيا. اتي هنن ڏٺو ته هڪ سندر نوجوان ڌنش بان کڻي ڪٽيا جي ٻاهران پهرو ڏئي رهيو آهي. اهو ڏسي چور واپس هليا ويا ۽ وري ٻيءَ رات جو چوري ڪرڻ آيا مگر ٻيءَ رات جو به ساڳئي جوان کي پهرو ڏيندو ڏسي اهي چور واپس وريا.

صبح جو ساري حقيقت سنت تلسيداس کي ٻڌايائون ته ڪئين هو چوري ڪرڻ جي مراد سان آيا مگر پهريدار هجڻ سبب نراس ٿي واپس وريا.

سنت تلسيداس ان گهٽنا جو احوال ٻڌي عجب ۾ پئجي

ڏون ٽا نہ ڇهن مهنن جي ننڍڙي عمر ۾ هي بالڪ "شري ڀاڳا سڌانڌي" مان پد ڳائيندو هو. اهو سندر امولہ گرنٿ سندس چاچي شري نرسنها شرمجي لکيو هو.

هڪ دفعي راند روند ڪندي هرونش ٻاغ واري سڪل کوهہ ۾ ٽپو ڏنو. سندس ماتا پتا ۽ ڪٽنب جا ڀاتي ڏاڍو وياڪل ٿيا. ٿوري وقت کان پوءِ جان ڪٽي کوهہ ۾ نهاريائون تہ کين کوهہ اندر دويہ پرڪاش نظر آيو ۽ ڏٺائون تہ هرونش کوهہ مان ٻاهر نڪري رهيو آهي.

ٿوري ئي وقت ۾ هرونش کوهہ مان ٻاهر نڪتو سندس ماتا پتا ۽ ڪٽنبين کيس ڳلي لڳايو. هرونش جڏهن ئي کوهہ مان ٻاهر نڪتو تہ سڪل کوهہ پاڻيءَ سان ڀرپور نظر آيو. اهو ڪوتڪ ڏسي سندس ڪٽنبي ۽ ڳوٺ واسي دنگ رهجي ويا ۽ انهن محسوس ڪيائون تہ هرونش هڪ الوڪڪ بالڪ آهي مڌجهس دويہ شڪتي آهي، کوهہ ۾ ٽپو ڏنائين تہ کيس ڪاٻہ ضرب ڪانہ آئي ۽ پنهنجو پاڻ بنا ڪنهن جي سهاري وري کوهہ کان ٻاهر پڻ نڪتو ۽ کوهہ مان ٻاهر نڪرڻ بعد سڪل کوهہ امرت تليہ جل سان ڀرپور ٿي ويو هرونش شري راڌا ڪرشن جي ڌيان ۾ گهڻو وقت گذاريندو هو. سندس پريم ۽ شرڌا ڏسي راڌڪا کيس ساکشات درشن ڏنو. شري راڌڪا جو درشن ڪندي هرونش مگن ٿي ويو.

سورهن سالن جي عمر ۾ هرونش کي شادي ڪرائي وئي. مگر هن تہ پنهنجي دل شري راڌڪا ۽ شري ڪرشن کي ارپڻ ڪري ڇڏي هئي. هن جي ورتي انهي ڀير شري راڌڪا جي ڪمل چرڻن ۾ هوندي هئي. ماتا پتا جي برهملين ٿيڻ کان پوءِ هرونش سروسو تياڳي اچي برج ڀوميءَ ۾ سيوا ڪنج جي ويجهو ڪٽيا ٺاهي اچي رهيو. اتي ڪيترن ئي شري ڪرشن پريمي ڀڳتن سان هنجو سمپرڪ ٿيو. سندس ڀڳتيءَ جي ڪشش ڪيترن کي

ساڪار ٿيو.

سنت تلسيداس رام ڀڳتيءَ دوارا نہ صرف پاڻ ڀڳوان شري رام جو درشن ڪيو پر لکين دلين ۾ رامچرت مانس دوارا رام ڀڳتيءَ جو سنچار ڪيو. اڄ بہ شري رامچرت مانس جو نہ صرف ڀارت ۾ مگر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڏيهي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي. هزارين ڀڳت رامي سڪ ۽ شرڌا سان رامچرت مانس جو ابياس ڪن ٿا.

سنت تلسيداس رامچرت مانس کان سواءِ شري هنومان چاليسا، گيتاولي، ونئہ پترڪا، دوها ولي، ويراگيہ سنديپني، جانڪي منگل، پاروتي منگل، برويءِ رامائڻ، شري هنومان باهڪ ۽ ٻيا ڪاويہ پستڪ لکيا جن جي پڙهڻ ۽ شروڻ سان شانت رس جي پراپتي ٿئي ٿي.

سنت تلسيداس ڪاشيءَ جي اسي گهاٽ تي ساوڻ جي مهني ۾ وڪرم سنمت ١٦٨٠ ۾ اسٿول شرير جو تياڳ ڪيو. سنت تلسيداس جيوت آهي ڇاڪاڻ تہ سندس باڻي اڄ بہ هزارن جي راهہ روشن ڪري رهي آهي.

شري هت هريونشچندر

رسڪ ڀڳت شرومڻي شري هت هريونشچندر جو جنم وڪرم سنبت ١٥٥٩ ويساک جي شڪلا ايڪادشيءَ تي مٿرا جي ڀرسان باد ڳوٺ ۾ شري وياس مشر جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو تاراديوي هو. هت هريونشچندر سڪيلڌو ٻالڪ هو تنهنڪري ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان سندس پالنا ٿي. هو ننڍپڻ ۾ ئي "رادا" جو نا ٻڌي خوش ٿيندو هو.

ميران ٻائي

ڀڳوان شري ڪرشن جي اننيه ڀڳتياڻي ميران ٻائيءَ جو جنم وڪرم سنبت ١٥٦٠ ڌاري راجستان جي ميڙتا پرڳڻي جي ڪڙڪي ڳوٺ ۾ شري رتنسنهه راٺوڙ جي گهر ٿيو. اڃا هوءَ ننڍڙي هئي جو سندس ماتا گذر ڪري وئي. ٻالڪ اوستا ۾ ئي سندس من ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي ڀڳتيءَ جو ٻج ڦٽي نڪتو.

اڃا هوءَ ڏهن سالن جي هئي ته هڪ سنت کيس ڀڳوان شري ڪرشن جي مورتي ڏني. اُن مورتيءَ کي هوءَ نت نيم سان اشنان ڪرائيندي هئي، چندن لڳائي، واس ڌوپ ڪري اُن جو ويهي ڌيان ڪندي هئي، جئن عمر ۾ وڌندي وئي تئن سندس من ۾ ڀڳتيءَ جو سلو وڪست ٿيندو رهيو.

١٨ ورهين جي عمر ۾ سندس وواهه راڻا سنگا جي وڏي پٽ يوجراج سان ٿيو. يوجراج ميواڙ جو يوراج هو. ميران وواهه منڊپ ۾ پڻ پاڻ سان ڀڳوان شري ڪرشن جي مورتي کڻي آئي. هوءَ راج محل ۾ رهندي به اڳي جيان شري ڪرشن جي مورتيءَ کي نت نيم اشنان ڪرائي، واس ڌوپ ڪري ڪيترو وقت ڀڳوان جي ڌيان ۾ گذاريندي هئي.

ننڍي نُنهنءَ کي پوڄا ۾ ايڏو لينه ڏسي سندس سس ڪڏهن ڪڏهن مٿس ڪاوڙ ڪندي هئي. مگر ميران مرلي منوهر جي محبت ۾ مگن هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اڌ رات جو

ڇڪيو ۽ آهي هنجا شش ٽي ٻڌا.

هڪ ڏينهن شري هرونش مانسور ٻرسان سڪل ڪانيون توڙي رهيو هو. ان وقت سندس هڪ پيارو شش شري ناهرمل هنجي درشن لاءِ آيو ۽ پنهنجي گرو ڀڳت هتهرونش کي ڪانون توڙيندو ڏسي وينتي ڪيائين "پڙيو اوهان پنهنجي ڪومل هٿن سان اهو ڪم ڇو ٿا ڪريو. ڪنهن ڪانير کي چئو اهو ٻاٽيهي ڪانون توڙي پهچائيندو پيندو يا اهو ڪم اسان کي ڏيو ته پورو ڪنداسين."

شري هترونش ان پياري شش ناهرمل کي شيوا جي اهميت سمجهائڻ جي خيال کان چوڻ لڳو، "ناهرمل اوهان جڏهن راڄسي ماڻهن کي ناٿي جو لشو آهي جو ناڪرن جي شيوا ۽ ٻين کي پئسا ڏئي ٿا ڪرايو. شيوا ڪجي ته پنهنجي هٿن سان. حڪم هلائي يا پئسا خرچي شيوا ڪرائڻ جو ايترو ملهه ڪين آهي."

شري ناهرمل کي گروءَ جا وچن ٻڌي ويا ۽ هن پڇتاءُ ظاهر ڪيو. مگر شري هتهرونش کيس پاڻ وٽ اچڻ کان روڪيو. پوءِ ته شري ناهرمل ڏاڍو وياڪل ٿيو. هن ٣ ڏينهن ساندهه ان جل ڪين ورتايو.

سندس اها حالت ڏسي شري هتهرونش پاڻ پنهنجي هٿن سان اچي پياري شش ناهرمل کي ڀوڄن ڪرايو ۽ کيس سکيا ڏني ته پنهنجي هٿن سان ڪيل شيوا جي اهميت آهي.

شري هتهرونش شري راڌڪا جي پريم ۾ وڌي ور ٿي "شري راڌا سڌا ندي" اٺ پر اولهه گرنٿ جي رچنا پڻ ڪئي. هن برج ڀاشا ۾ شري راڌا ڪرشن سمبندي ڀڳتي پرڪ ڪاوا رچنا ڪئي. سندس اهي رچنا "هت چوراسي" ۽ "اسفوٽ واڻي" ۾ سنگرهيت آهن.

امرت سمجهي پي وئي، زهر جو مٿس ڪجهه به اثر ڪين ٿيو.

ٻي دفعي وري راڻا هڪ زهريلو نانگ پٽاريءَ ۾ وجهي ڪنهن چواڻي موڪليو ته پشپ مالا آهي. ميران جڏهن ٿي پٽاري کولي ته نه نانگ نه پشپ مالا پر ڀڳوان جي سندر مورتي سالگرام. ميران ڀڳوان جي مورتي ڏسي سيني سان سانڍي ۽ پريما ڀڳتيءَ ۾ ليِن ٿي ڳائڻ لڳي:

ميران مگن ڀئي هري ڪي گڻ گاءِ

سانپ پٽارا راڻا ڀيجيا، ميران هاٿ ديئا جاءِ،
نهاءِ ڌوءِ جب ديکن لاگي، سالگرام گئي پاءِ.

زهر ڪا پيالا راڻا ڀيجيا امرت دينا بناءِ،
نهاءِ ڌوءِ جب پيون لاگي، هو گئي امر اجاءِ.

سوُلي سيج راڻا لي ڀيجي، ديجيو ميران سواءِ،
سانجهه ڀئي ميران سوڻ لاگي مانو ڦول بڇاءِ.

ميران ڪي پرڀو سدا سهائي، راکي وگهن هٽاءِ،
ڀڄن ڀاو ۾ مست ڊولتي گرڌر پر بل جاءِ.

راڻا رتنسنگهه نردوش ميران کي ڪيڏا نه ڪشٽ ڏنا، قدرت ڪانئس گڏيل وياج سوڌو حساب ورتو. رتنسنگهه قتل ٿي ويو. رتن سنگهه کانپوءِ ميواڙ جي راجا وڪرماجيت پڻ ڀڳتياڻي ميران کي ڏاڍو ستايو.

ڀڳتياڻي ميران جي هاڪ ٻڌي اڪبر بادشاهه لباس بدلائي تانسين سان گڏ ميواڙ ۾ ميران جي درشن لاءِ آيو. ميران اُن وقت رڻڇوڙ جي مندر ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جا گيت ڳائي رهي هئي سندس ڳائڻ ۾ ڪيڏو نه تاثير هو، سوز هو، درد هو. هن لوڪن لاءِ ڪين ٿي ڳايو، هن ته بانڪي بهاري مرلي منوهر کي

آئي شري ڪرشن کي پڪاريندي هئي.

هڪ دفعي اڌ رات جو هوءَ محل جي مندر ۾ شري ڪرشن جا گيت ڳائيندي جڏهن شري ڪرشن سان وارتالاپ ڪري رهي هئي. سندس گهوٽ ڀوڄراج کي جاڳ ٿي. هن سمجهيو ته ميران ٻئي ڪنهن شخص سان وارتالاپ ڪري رهي آهي، سو ڪروڌ ۾ تلوار کڻي ميران کي مارڻ لاءِ مندر جو پڙدو پري ڪيائين، مندر ۾ چوڌاري نهاريائين ته اتي ڪمس ٻيو ڪو به شخص نظر نه آيو، ميران پريم جا لڙڪ لاڙي رهي هئي. هن ميران کان پڇيو، "تون ڪنهن سان وارتالاپ ڪري رهي هئينءَ؟"

ميران ورائيو، "مرلي منوهر بانڪي بهاريءَ سان." اهو ٻڌي ڀوڄراج جو غصو پرو ٿيو ۽ واپس ڪمري ۾ آيو. سندس گهوٽ محل کان ٻاهر ڪمس ڀڳوان جو مندر ٺهرائي ڏنو. جتي هوءَ اڪيلي ڀڳوان شري ڪرشن جي پوڄا ڪندي هئي، ڪرشن ڀڳتيءَ جا منڙا گيت ڳائيندي هئي. پريما ڀڳتيءَ جي پٺ ۾ هلندي هوءَ سادن سنتن کي ڀوڄن ڪارائيندي هئي.

وواهه کان پنج ڇهه سال پوءِ سندس گهوٽ ڀوڄراج جنگ ۾ زخمي ٿيڻ سبب پرلوڪ پڌاريو.

پتيءَ جي پرلوڪ پڌارڻ ڪري سندس من ۾ وڌيڪ ويراڳ ورتي پيدا ٿي. هاڻي هوءَ اٺئي پهر شري ڪرشن جي ڪمل چرنن جو ڌيان ڪندي هئي. سندس ڏير راڻو رتنسنگهه جو اُن وقت ميواڙ جو راجا ٿيو، ميران جي مخالفت ڪندو هو. هو ڀڳتياڻي ميران کي پنهنجي ڪل جو ڪلنڪ سمجهندو هو. تنهن ڪري هن ميران کي ختم ڪرڻ جون سازشون سٽيون مگر سندس رٿيل رٿون مٽيءَ ۾ ملي ويون.

هن هڪ دفعي زهر جو پيالو ميران کي پيئڻ لاءِ موڪليو. ميران موهن جي محبت ۾ متوالي، زهر جو پيالو شري ڪرشن جو

آهن جي اڄ به پريمي ڀڳتي چاهه سان ڳائن ٿا ۽ شرڌا سان ٻڌن ٿا. سندس گيتن ۾ سندس مڌر ڀاونائن جو ڀنڊار ڀريو پيو آهي. سرل سهڄ هندي ۾ ميران مٺا گيت لکيا جن ۾ ورهه ويدنا آهي. ڀڳوان شري ڪرشن جي روپ ماڌوريءَ جو ورڻن آهي. سندس گيت شروتائن جي انتر ڪي ٻيهه تار ڇهي مڌر درد پيدا ڪن ٿا. هيٺ آهن ڀڳتياڻي ميران جا ٻه ٽي پد:

(١)

ميري تو گرڌر گوپال دوسرو نه ڪوئي
جاڪي سر مور مڪٽ ميرو پتي سوئي
تات مات ڀرات ٻنڌو آپنو نه ڪوئي

ڇاڙ دئي ڪل ڪي ڪان ڪها ڪرهي ڪوئي
سنتن ڍگ بيٺ بيٺ لوڪ لاج کوئي

چونري ڪي ڪيئي ٽوڪ اوڍ ليني لوئي.
موتي مونگي اتار ون مالا پوئي.
انسون جل سينچ سينچ پريم بيل بوئي
اب تو بيل ڦيل گئي آنند ڦل هوئي

دوڌ ڪي مٿنيا ٻڙي پريم سي بلوئي
ماکن جب ڪاڍ ليو ڇاڇ پيي ڪوئي
ڀڳت ديک راجي هئي، جڳت ديک روئي
داسي ميران لال گرڌر تارو اب موئي

پرسن ڪرڻ لاءِ نڪري ويو. اڪبر بادشاھ، هن جي پريما ڀڳتيءَ نسي متاثر ٿي واپس وڃي ٿو.

جڏهن اها خبر راڻا وڪرماجيت کي پئي ته تڏهن هو ميران کي ڏاڍي ڏکري سزا ڏني ٿو. ميران صبر سان سڀ سهي ٿي شري ڪرشن جي پريم جي صدقي. پريتم جي پيارن ڪيترو نه سٺو آهي. ميران جو من ڏاڍو وياڪل ۽ اداس ٿي پيو. هوءَ ان ڪري ميواڙ جا محل ڇڏي ميڙتا ۾ ڪجهه وقت رهي، پوءِ ڀڳوان شري ڪرشن جي برج ڀومي ۾ ٻين ڀيرن ڏانهن راهي ٿي. ياترا ڪندي ڪهڙا نه مٺا پد ڳائي ٿي.

چلو من گنگا يمنا تير.

گنگا يمنا نرمل پاني شيتل هوت شرير،
بنسي بجاوت، گاوت ڪالهو، سنگ ليئي بلبير.

مور مڪٽ پيتامبر سو هئي، ڪنڊل جهلڪت هير،
ميران ڪي پربهو گرڌر ناگر چرڻ ڪمل پهه سير.

ميران برج ڀوميءَ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي پريما ڀڳتيءَ ۾ مگن رهي. برج مان وري دوارڪا ۾ وڃي ٿي.

وڪرم سمبت ١٦٣٠ هڪ ڏينهن ميران ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ڳائيندي ڳائيندي نرتيه ڪري رهي هئي ته ڀڳوان جي مورتيءَ مان پرڪاش نڪتو ۽ ميران پريتم جي پريم جي پرڪاش ۾ لئه ٿي ويئي.

ڀڳتياڻي ميران ڪرشن ڀڳتي ڪاويه جي ڌارا پرواهت ڪئي جنهن هزارن ڀڳوت ڀڳتن جي آس پوري ڪئي.

شري ڪرشن جي پريم ۽ ورهه ۾ ميران سوان بند لکيا

شري گرو انگد ديو صاحب

شري گرو انگد ديو صاحب جو جنم وڪرم سمبت ١٥٦١ ۾ پنجاب جي متي سراءِ ڳوٺ ۾ ڀائي ڦيرومل جي گهر ٿيو. سندس جنم جو نالو لهڻو هو. شري لهڻي جي ماتا جو نالو دياڪور هو. بالڪ لهڻو ڏاڍو پيارو ۽ سهڻو، نماڻو بالڪ هو. جڏهن هو عمر ۾ وڌيو ته ٿوري وديا حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪرت ڪار ۾ لڳو، کيس شادي ڪرائي ويئي. سندس گهر جي ويجهو ڀائي جوڌي جو گهر هو. ڀائي جوڌو نت نيم پرڀات جو اٿي شري گرو نانڪ جي امرت باڻي ڏاڍي شردا ۽ پريم سان مٺي آواز ۾ اچاريندو هو.

هڪ دفعي ڀائي لهڻي سندس باڻي ٻڌي. باڻي ٻڌندي ڀائي لهڻو منتر مگد ٿي ويو. هن ڀائي جوڌي جي اڳيان سيس جهڪائي عرض ڪيو ته اها باڻي وري ٻڌايو. باڻي ٻڌي ڀائي لهڻي پڇيو ته اها باڻي ڪنهنجي رچيل آهي؟

ڀائي جوڌي کيس ٻڌايو ته اها باڻي شري گرو نانڪ ديو جن جي رچيل آهي ۽ هو هن وقت ڪرتارپور ۾ رهن ٿا. ڀائي لهڻي جي من ۾ شري گرو نانڪ ديو صاحب جي درشن جي پياس پيدا ٿي. اڻ ڏٺي عشق پيدا ٿيو، درشن جي پياس وڌندي رهي.

هڪ دفعي ڀائي لهڻو ٻين مائٽن ۽ ساٿين سان گڏ تيرٿ ياترا تي نڪتو. رستي تي جڏهن ڪرتارپور جي ڀرپاسي شروع

(٢)

پگ گهنگهرو باند ميران ناچي ري
لوگ کهين ميران پئي باوري،
ساس کهي کل ناسي ري
وش کو پيالو راڻا جي پٺيو،
پيوت ميران هانسي ري
مئن تو اپني نارائڻ کي،
آپهي هو گئي داسي ري
ميران کي پربهو گرڌر ناگر،
سهج مليا اوناسي ري

(٣)

هي ري مئن تو پريم ديواني،
ميرو درد نه جاڻي کوئي.
گهايل کي گت گهايل جاڻي،
اور نه جاڻي کوئي.
جوهري کي گت جوهري جاڻي،
کہ جڻ جوهر هوئي
سولي اوپر سيج هماري،
سو وڻ کس وڌ هوئي
گگن منڊل پہ سيج پيا کي،
کس بڌ ملڻا هوئي
درد کي ماري بن بن ڈولڻ،
ويد مليا نهين کوئي
ميران کي پربهو پيڙ مٽئگي،
جب ويد سانوليا هوئي.

جن سيويا تن پايا مان، نانڪ گاويئي گڻي نڌان

شري گرو نانڪ ديو جي آڳيا سان ڀائي لهڻو رات ڏينهن نام سمرڻ ۽ شيوا ۾ شغل ڪندو هو. آهستي آهستي ڀائي لهڻو رنگجي لعل ٿي ويو.

هڪ دفعي گروجن کيت ۾ هئا اُتي ڍڳين لاءِ گاهه جون ڀريون ٻڌايون هيون. گروجن پٽ سريچند کي گاهه جي ڀري کڻڻ لاءِ چيو. سريچند ورائيو، ڪپڙا نوان آهن گاهه کڻبو ته ڪپڙا خراب ٿي پوندا. سندن ٻي پٽ لکميچند چيو ته ڪو مزور اچي ته گاهه کڻائي ٿو اچان. مطلب ته ٻنهي پٽن بهانو ڏئي گاهه ڪين کنيو.

ائين ڪندي اُتي ڀائي لهڻو آيو ۽ اچي گروجن جي ڪومل قدمن ۾ سيس نمايائين ۽ اُهي گاهه جون ڀريون مٿي تي رکي ڏيري تي آيو. گروجن ڏٺو ته مٿس پرسن ٿيا. پٽن کي چوڻ سان ڪم ڪونه ڪيو پر ڀائي لهڻي بنا چوڻ جي شيوا جو ڪم ڪيو. ڀائي لهڻو گهڻو وقت گروجن جي چرڻن ۾ گذاريندو هو.

شري گرو نانڪ ديوجن جي برهملين ٿيڻ کان پوءِ شري گرو انگد ديو صاحب وِرهه ۾ ڏاڍو وياڪل ٿيا ۽ ايڪانت ۾ ساندهه ڇهه مهينا رات ڏينهن شري گرو نانڪ ديو جي ڌيان ۾ گذاريائون ۽ هيڏانهن گروجن جا شيوڪ پڻ شري گرو انگد ديو صاحب جي درشن جا پياسي هئا. سڀني شيوڪن بابا ٻڍي کان پڇيو ته گرو انگد ديو صاحب ڪٿي؟

بابا ٻڍا ڌيان لڳائي شري گرو انگد ديو جو پتو لڳائن ٿا ۽ سنگت سميت اُتي اچن ٿا. گروجن کي کڏور ۾ هلڻ جي وينتي ڪن ٿا. گروجن کڏور ۾ وڃي رهن ٿا. برهم مهورت جو اٿي نام سمرڻ ڪندا هئا. نام ڪيرتن ٿيندو هو. گروجن جي حاضري ۾

ٿي ته هن کين چيو ته اوهان اڳتي هلو مان اچان ٿو. ڀائي لهڻو گهوڙي تي سوار ٿي ڪرتار پور واري جهنگل واري واٽ وٺي هليو. جهنگل ۾ هن کي هڪ بزرگ شخص گڏيو. ڀائي لهڻي اُن کان پڇيو ته شري گرو نانڪ ديو جن جو استان ڪٿي آهي؟

اُن شخص ورائيو، ”پيارا توهين گهوڙي تي سوار ٿي منهنجي پٺيان هلندو هل توکي استان پهچايان ٿو. اهو شخص پيدل ۽ ڀائي لهڻو گهوڙي تي. ٿوري وقت کان پوءِ اُن شخص کيس ٻڌايو ته جتي توکي وڃڻو آهي اهو هي آستان آهي. ائين چئي اهو شخص هليو ويو.

ڀائي لهڻو ٻاهر وڻ سان گهوڙو ٻڌي اندر ويو. اندر گردواري ۾ سنگت ويٺي هئي ۽ سامهون شري گرو نانڪ ديو جن براجمان هئا. هن محسوس ڪيو ته اهو شخص جو هن کي جهنگل مان وٺي آيو سو ئي سچو پادشاهه شري گرو نانڪ شاهه هو. ڀائي لهڻو، گرو جن جي چرنن تي ڪري پيو. گرو جن کيس اٿاري ڀاڪر پاتو ۽ کانئس نالو پڇيو. ڀائي لهڻي گرو جن کي نالو ٻڌايو. سندس دل ڀريل هئي. گرو جن کيس سيني سان لڳائيندي چيو، ”پيارا تون لهڻو ته اسان ڏيڻا. گرو جن جا وچن سچا ثابت ٿيا. گرو جن ڀائي لهڻي جي سڪ ۽ شردا ڏسي پرسن ٿيندا هئا. ڀائي لهڻو ڪيڏي نه صدق سان گرو جن جي شيوا ٽهل ڪندو هو.

شري گرو نانڪ ديو جي آگيا سان ڀائي لهڻو رات ڏينهن نام سمرڻ ۽ شيوا ۾ مشغول ڪندو هو. آهستي آهستي ڀائي لهڻو رڱجي لعل ٿي پيو. سندس جيون گرو جن جي ڪومل چرنن ۾ سمرپت هو. گرو جن پرسن ٿي کيس چيو، ”پيارا تون اسان جي انگن سان گڏيو پيو آهين. منهنڪري اڄ کان وٺي تنهنجو نالو انگد ٿا رکون.“ گرو جن پنهنجي گدي پنهنجي پٽن کي نه ڏني پر پياري انگد ديو کي سونپي.

رو انگديو صاحب وٽ وٺي وڃ. ملوڪ چوڌري ته گروجن خلاف
هات گھڙيندو هو. گروجن جي ڪمري ۾ پڙي پيو جلندو پچندو
و، سو آخر پٽ جي ڀلائيءَ جي صدقي پشيمان ٿي پٽ کي
ئي گرو انگديو صاحب وٽ وٺي آيو. گروجن سدا ديالو
وڌري ملوڪ جي پٽ تي ديا درشٽي ڪيائون ۽ کيس چيائون
آڻيندهه ڪنهن کان پاسو ڪج شراب کان واپرج. نه ته
ري اوڙاهه ۾ ڪري پوندين.

گروجن جي ديا سان ملوڪ چوڌريءَ جو پٽ چاڪ چڱو ڀلو
ي پيو. ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ وري هن شراب ورتايو ۽ ان جو
ڻجو کيس ڀوڳڻو پيو.

شري گرو انگديو صاحب شري گرو نانڪ ديو صاحب
ي سموري باڻي گڏ ڪري گرمکي لپيءَ ۾ تيار ڪري اُن ۾ لکي
ن پاڻ به ڪيتري باڻي لکي جا شري گرو گرنٿ صاحب ۾
سنگرهيل آهي. هن پنهنجي باڻيءَ ۾ پنهنجو نالو ڪين استعمال
ڪيو پر شرڌا وچان شري گرو نانڪ ديو جو نالو ڀوڳ ۾ استعمال
ڪيو ۽ اڳتي هلي سڀني گرون اها روايت قائم رکي.

هڪ دفعي هڪ پريمي گووند شري گرو انگديو صاحب
وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين، ”ستگرو مان پاسي هٽي ته
ڪڏهن مقدمو کٽو ته اوهان جي نالي نئون ڳوٺ اڏيندس.

مون مقدمو کٽو آهي ۽ ڳوٺ جي اڏاوت جو ڪم شروع
ڪيو آهي مگر جڏهن ڏينهن جو پڻيون ٺاهيون ٿا ته رات کان پوءِ
ري هيٺ لهي ٿيون پون. سو اوهان اُتي پير گھمائي پوءِ
ولر ڪريو جئن ڳوٺ اڏجي پوي.

گروجن فرمايو ”اسان جو نالو ڳوٺ تي نه رکج باقي
ون اسانجي بدران امرداس کي وٺي وڃ.“

آنند لڳو پئي ھوندو ھو.

بادشاھ ھمايون شيرشاھ کان ھار کائي لاھور ۾ آيو. اُتي ھن ڪنھن درويش جي ڳولھا ڪئي جنھن کان دعا وٺي ھو حڪومت جو والي بڻجي. ڪنھن کيس ٻڌايو تہ کڏور ۾ شري گرو انگد ديو ھڪ ڪامل درويش رھي ٿو.

ھمايون کڏور ۾ شري گرو انگد ديو صاحب وٽ آيو. اُن وقت گرو جن ٻارن جي راند ڏسي رھيا ھئا. ھمايون اُتي بيٺو رھيو. ھمايون پنھنجي بي عزتي سمجھي گرو جن کي مارڻ لاءِ مياڻ مان تلوار ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي مگر مياڻ مان تلوار نڪري ئي ڪين. ھو لڄي ٿيو.

تڏھن گرو انگد ديو جن کيس چيو، "بادشاھ شيرشاھ سان پڄي نہ سگھين ھاڻي اھا تلوار اسان تي ٿو آزمائين. واھ جو تنھنجي بھادري دليري." اھو ٻڌي ھمايون محسوس ڪيو تہ شري گرو انگد ديو جن نہ ڄاڻيجاڻھار آھن.

ھمايون گرو جن جي ڪمل چرڻن ۾ سيس جھڪائي وينتي ڪئي تہ سائين اھڙي ڪا دعا ڪريو جو ھارايل حڪومت واپس ملي. گرو جن کيس چيو، "ڪجھہ سالن کانپوءِ بادشاھي توکي ملندي."

گرو جن جا وچن سچا نڪتا، نہ صرف ھمايون ھندستان تي حڪومت ڪئي مگر سندس ڪيترن پيڙھين حڪومت ڪئي مگر حڪومت جي نشي ۾ انھن پڻ گرون سان ۽ ھندو جاتيءَ سان ويل وھايا.

ھڪ دفعي ملوڪ چوڌريءَ جو پٽ مرگھيءَ جي مرض ۾ مبتلا ٿي پيو. ملڪ چوڌري ڪيترائي حڪيم طبيب پيٽيا مگر ڪجھہ فرق نہ ٿيو. ڪن ماڻھن ملوڪ کي صلاح ڏني تہ پٽ کي

گرو امرداس صاحب

شري گرو امرداس صاحب جو جنم امرتسر جي ويجهو باسرڪي ڳوٺ ۾ وڪرم سنبت ١٥٣٦ ۾ ڀائي تيجڀانداس کتريءَ جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو بخت ڪنور هو. جڏهن عمر ۾ وڏا ٿيا ته وڻج جي ڪرت ۾ لڳا. ٢٣ ورهين جي عمر ۾ سندن وواهه منسا ديويءَ سان ٿيو. گرهست ۾ رهندي کين پٽ ۽ ٻه نياڻيون ڄايون.

شري گرو انگد ديو جن جي نياڻي امرو سندن آڳهه ۾ پرڻيل هئي. هڪ دفعي ٻر پاٺ جو اُن جي مکارونِد مان ٻاڻي پڙهندو ٻڌي شري امرداس جي من ۾ وئراڳ ورتي پيدا ٿي. هنن امروءَ کان پڇيو ته اها ٻاڻي ڪنهنجي رچيل آهي؟

امروءَ کين ٻڌايو ته اها ٻاڻي شري گرو نانڪ جي رچيل آهي ۽ هن وقت شري گرو نانڪ ديو جي گاديءَ تي سندس پتا شري انگد ديو صاحب براجمان آهن. بس هاڻي شري امرداس جي من ۾ شري گرو انگد ديو صاحب جي درشن جي تيبر ابلاکا پيدا ٿي.

ماتا امرو کين شري گرو انگد ديو صاحب وٽ وٺي آئي. شري گرو انگد ديو صاحب جو درشن ڪري شري امرداس جي رڳ رڳ ٺري پيئي. ستگرن جي نيڻن ڀري نگاهه امرداس کي ويڙهڪ نماڻو بڻائي ڇڏيو. ٦٧ سالن جو شري امرداس رات ڏينهن شرڌا ۽ پيار وچان ستگرن جي سيوا ۾ هڪيو حاضر هوندو هو.

گرو جن امر داس کي وچ جي آگيا ڪئي ۽ ڪيس هڪ
لٺ به ڏنائون.

شري امر داس جن لٺ کڻي ڀائي گووند سان گڏ ان
ايراضيءَ ۾ پهچي ويا. شري امرداس جن گرو جن جي لٺ ان
زمين تي گهمائي، اڏاوت شروع ٿي. سندر ڳوٺ تيار ٿي پيو.
شري امرداس اُن ڳوٺ جو نالو گوئندوال رکيو. شري گرو انگد ديو
صاحب برهملين ٿيڻ کان اڳ شري امرداس کي آگيا ڪئي هئي
”تون گوئندوال وسائج:“

گاديءَ تي براجمان ٿيڻ کانپوءِ گرو امرداس گوئندوال اچي رهيا.
شري امرداس گرو انگد ديو صاحب جي ڪيڏي نه سيوا ڪندا هئا.
اڌ رات جو اُٿي بياس نديءَ مان پاڻيءَ جي گهاگهر ڀري ايندا
هئا ۽ اُن جل سان شري گرو انگد ديو صاحب کي اشنان ڪرائيندا
هئا. ڀنڊاري جي صفائي ڪندا هئا، ڀنڊاري لاءِ پاڻي ڀريندا
هئا. سڄو وقت سمرڻ ۽ سيوا ۾ ويتيت ڪندا هئا، رات جو
ڪلاڪن جا ڪلاڪ شري گرو انگد ديو صاحب جن کي پيرون
ڏيندا هئا. گروجن جي پير جي آڱوٺي ۾ ڪوڙهه جو داغ هو
جنهن مان رت ۽ پُو وهندو هو انڪري گروجن کي ننڊ تمام ٿوري
ايندي هئي. شري امرداس رات جو گهڻو وقت سندن اُن آڱوٺي
کي چوسيندو رهندو هو ۽ اُن گروجن کي آرام اچي
ويندو هو.

شري امرداس جو وات رت سان ڀرجي ويندو هو، اهو
رت ٻاهر ٿُڪي ڪري وري اچي آڱوٺو چوسيندا هئا.

٧٠ ورهين جي عمر ۾ به ايڏي سيوا ڪندا هئا. گروجن
شري امرداس جن جي سيوا ڀاونا مان ايڏو ته پرسن ٿيا جو برهملين
ٿيڻ کان اڳ ٿي هنن شري امرداس کي گاديءَ تي ويهاريو ۽ ڪيس
آگيا ڪئي ته گوئندوال وڃي وسائجو. گرو انگد ديو صاحب
وڪرم سمبت ١٦٠٩ ۾ برهملين ٿيا.

ڪتو ڪيو.

الله ڏنو آ مٿان ڪا سيتو ساهي

شري گرو امرداس جن ڪيترو وقت ايڪانت ۾ باسرڪي گوٺ ۾ نام سمرڻ ڪندي گذاريو.

گوئندوال ۾ ستسنگ لاءِ ڪشادي جاءِ ٺهرائڻ لاءِ عمارتي ڪاٺ جي ضرورت هئي. گرو امرداس جن ڀائي ساوڻ کي آگيا ڪئي ته هريپور جي راجا کان عمارتي ڪاٺ وٺي درياهه جي معرفت هت موڪلي. گرو جن کيس هڪ رومال ڏيندي چيو ته پرديس ۾ هي رومال تو کي سهائتا ڪندو.

ڀائي ساوڻ گرو جن جي آگيا سان هريپور جي راجيه ۾ اچي پهتو. اُتي ٻڌائين ته راجا جو سڪيلڌو پٽ گذر ڪري ويو آهي. راجا ۽ راڻي روئڻ ۾ آهن. ڀائي ساوڻ وٽن آيو ۽ هن ستگرن وٽان مليل رومال جي هڪ ڪنڊ جل ۾ ڌوئي اهو جل ٺن مرتڪ ٻالڪ مٿان وڌو ته ٻالڪ جيوت ٿي پيو. اهو ڏسي راجا، راڻي، وزير ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ڀائي ساوڻ کان پڇار وڃڻ لڳا. ڀائي ساوڻ کين ٻڌايو ته هو شري گرو رامداس جن جي آگيا سان عمارتي ڪاٺ جي خريديءَ لاءِ آيو آهي.

راجا خوشيءَ وچان گهڻو عمارتي ڪاٺ گرو امرداس جن ڏانهن گوئندوال موڪليو. گرو جن جي پرتاپ ڪري ڀائي ساول شاهه جي به ڪيرتي ٿي وئي. ڪيترا ئي سوالي وٽس اچڻ لڳا ۽ هي ستگرن جي ڏنل رومال ذريعي سڀني جون مدو ڪامنائون پوريون ڪرڻ لڳو.

هريپور جو راجا راڻي ۽ ٻيا ڪيترا پرڃي گرو امرداس جن جو درشن ڪرڻ گوئندوال آيا ۽ سڀئي سک ٿيا. ستگرن جي رومال ۾ به ڪيڏي نه شڪتي، اها شڪتي هئي نام جي شڪتي.

هن کان گهر ٻار ڇڏي ويو. گروجن کان نام جو منتر وٺي. اهو منتر اُچاريندا هئا.

شري گرو انگد ديو صاحب سندن سمرپت جيون ڏسي وڪرم سنبت ١٦٠٩ ۾ کين پنهنجي گاديءَ تي ويهاريو ۽ کين آگيا ڪيائون ته گوئندوال وساءِ.

شري گرو امرداس گاديءَ تي براجمان ٿيا پوءِ شري گرو انگد ديو صاحب جو پٽ داتو حسد وچان پاڻ کي گرو سڏائڻ لڳو. هوءَ گرو امرداس جن جي وڌندڙ ڪيرتي ڏسي هڪ ڏينهن گوئندوال ۾ شري گرو امرداس وٽ آيو ۽ اچڻ سان هن گرو امرداس کيءِ لت ٺڪاءُ ڪندي کين چيو تـه گاديءَ جو حقدار مان ۽ تون پاڻ کي گرو ٿو سڏائين!

شري گرو امرداس جن ٻرڌ اوستا جا هئڻ سبب لت لڳڻ ڪري آسڻ تان ڪري پيا. هنن نمرتا سان داتوءَ کي چيو ته ”پيارا اوهان ستگرن جا سپتر آهيو بلاشڪ گاديءَ تي براجمان ٿيو، اوهان ڪومل بدن آهيو، مون کي لت هڻڻ سبب اوهان جي پير کي ضرور ايذاءُ آيو هوندو. ان ڪري مون کي ڪما ڪندا.“

گرو امرداس سدا نمرتا لت لڳڻ سبب ڪاوڙ نه ڪين ڪيائون ويتر لت هڻڻ واري کان معافي به ورتائون ۽ کيس پنهنجي گاديءَ جي آڇ به ڪيائون.

سنگت ستگرن جو اهو نمرتا ۽ لياقت وارو وهنوار ڏسي ڏاڍو پرڀاوت ٿي. شري داتوءَ هڪدم گروجن جي گاديءَ تي براجمان ٿيو. مگر هڪڙو به سک شيوڪ وٽس ڪين آيو آخر پشيمان ٿي الان جو پنهنجو پدارٿ پاڻ سان کڻائي کڏور لاءِ روانو ٿيو. رستي ۾ کيس ڌاڙيلن ڦري خوب ڏک ڏنا. قدرت کانئس حساب

پئي. جڏهن ٻرهما ڏڏ جي چاڙهي آندي تڏهن گروجن ڏڏ
ڪٽي ڀوڄن ورتايو ۽ ٻرهما کان ڏير سان اچڻ جو ڪارڻ پڇيائون.

ٻرهما ساري حقيقت گروجن کي ٻڌائي ته ڪئن ڳوٺ جي
چوڌري ۽ کيس اچڻ کان روڪيو ۽ ٽنوالي ڪئي ته گروجن تو ٽي
...ر ڪري لنگر به سڌي نٿا ڪن. گروجن اهو ٻڌي ٻرهما کي
آگيا ڪئي ته بياس نديءَ جي ڪناري تي شاهه حسين فقير
رهي ٿو، تون اُن وٽ وڃ ۽ اماڻجي لاءِ کيس چئجانس ته اُنهن
...دوستير آهي مهر ڪري مهنجي لنگر سڌي ڪريو.

ٻرهما آگيا انوسار اُن فقير وٽ آيو ۽ حقيقت ٻڌايائين.
فقير شاهه حسين لٺ کڻي اچا ٻرهما کي ٿي هڻئي ته ٻرهما ٻپ
وچان پنهنجي گهوڙي جنهن جي اڌار تي بند ڪندو هو سا
ڦٽي ڪري وٺي ڀڳو. سندس لنگر سڌي ٿي پئي. هو وري
فقير صاحب وٽ احسان مڃڻ لاءِ موٽي آيو. فقير ٻڌو ماڻهو، ابا
اها عنايت گرو امرداس صاحب جي آهي. اسان جا کين دعا
سلام ڏجانءِ.

جدا جدا شهرن مان پريمي شري گرو امرداس جن جي درشن
۽ نامدان لاءِ ايندا هئا. هڪ دفعي شري جيٺو ڪن ستسنگين
سان گڏ گروجن جو درشن ڪرڻ ايو. درشن ڪندي پرارٿنا
ڪيائون، "گرو مهاراج ڪرپا درشٽي ڪريو." ستگرن مهر جا
...دت گهمايو. پاڻي جيٺو جهنگل مان ڪاٺيون ڪري ايندو هوو
...ن وقت گوئندوال ۾ باؤلي صاحب جي کوٽائي شروع هئي
...هي پارو ڪلاڪن جا ڪوٽائي ڪندو هو. سادو سودو
...ماڻهو، نام ۾ پيو جپيندو هو ۽ شيوا ٽهل به ڪندو هو.
گرو امرداس کيس پنهنجي نياڻي ڀاني سان وواهه ڪرايو ۽
سندس نالو جيٺي مان ڦيرائي رامداس رکيو.

شري رامداس جي شيوا پاڙنا ڏسي گرو امرداس جن شري
رامداس کي پنهنجي باقي عمر به بخشي ۽ پنهنجي گادي به سونپي
...و ۽ گرو امرداس صاحب بدي جي پورڻماسي وڪرم سنبت ١٦٣١
...ر جوتي جوت سمايا.

شري گوند کتري جنهن گوئندوال جو ڳوٺ ٻڌايو هو، تنهن
جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس پٽن شري امرداس سان پائي
ڪئي نه ڀل ڀري ڏيو. گروجن کين گهڻو ئي سمجهايو مگر انهن
ڪرت گهڻن کين سمجهيو. ايتري قدر جو اڪبر بادشاه تائين
دانهون ويا مگر ونيائون ڪجهه نه کين. گروجن سان وير پائي
ڪري سندن سڀ گهر برباد ٿي ويو باقي صرف هڪڙو ٻالڪ
بچيو جنهن کي شري گوند کتريءَ جي ڌرمپتني ڪٺي گرو مهاراجن
وٽ ڪميا ياچنا لاءِ آئي ۽ کين وينتي ڪيائين ”اوهان دها جـ
ڀنڊار آهيو، منهنجي پٽن جي بدنيت سبب سڀ ڪٽنب پريوار
ختم ٿي ويو آهي باقي هي ٻالڪ بچيو آهي هاڻي د ياالو
دَيا ڪريو.“

ستگرن ماتا جو عرض اگهائي مٿس ۽ ٻالڪ تي ڪرپا درشٽي
ڪئي. ستگر پرم دياالو ٿيندا آهن، ڪنهن سان وير ڪين رکن

ملوڪيءَ جو هڪ پريما نالي پرمي نت نيم ڏڌ جي چاڏي
ڪٽي ايندو هو. هو ويچارو لنگڙو گهوڙو ان جي آڌار تي مشڪائيندو
پنڌ ڪري نيم نباهيندو هو. گروجن سندس ڏڌ ڀڪ پيئي
باقي سنگت ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا.

هڪ ڏينهن ز ٻردست برسات پوڻ سبب سڀ رستو ڪيچڙ
ڪيچڙ لڳو پيو هو. هو جيئن ڏڌ جي چاڏي ڪٺي ڳوٺ مان
نڪتو ته ڳوٺ جي چوڌريءَ هن ٿي ٺٺولي ڪندي چيو ته گرو
امرداس ڪهڙن ٿي نهور ڪئي آهي ڀر ٿون نيم جو پالينڊ
روز وڃين ٿو ته تنهنجي ٽنگ نه سڌي ڪين ڪئي السائون
چاڪاڻ ٿو اوڏانهن وڃين؟ پريما ان چوڌريءَ کـي ٺٺو الٽو
ڪري گوئندوال گروجن وٽ آيو دار سان ٻڌايو.

گروجن جي اڳيان پوجن رکيو ويو مگر پوجن ور تائو نـ

رامداس وڏي خوشيءَ سان وري ٽلهي ٺاهڻ ۾ جنبي ويو. رامداس چوٿون دفعو ٽلهو ٺاهيو مگر گروجن کي قبول نه پيو.

اٿين ست دفعا رامداس ٽلها ٺاهيندو رهيو پر چاهه ۽ شرڌا سان ڪم ڪيائين ۽ گروجن کي چيائين ته مان اڻڄاڻ آهيان، اهڙي ڄاڻ ڏيو جو اوهانجي پسنديءَ جو ٽلهو ٺاهي سگهان.

تڏهن گرو امرداس ٽيس پاڪر پائي گلي لڳائيندي چيو ته پيارا تو اسانجي ست پورا آگيا مڃي آهي تنهنجون ست پيڙهيون گروءَ جي گاديءَ تي ويهنديون. شري گرو امرداس جا وچن سڌ ٿيا. گرو امرداس جن پنهنجي گادي به شري رامداس کي سونپي.

شري گرو امرداس جي جوتي جوت سمائڻ کان پوءِ گرو رامداس صاحب ڪيترو وقت ايڪانت ۾ گذارڻ لڳا. سڀ سمو سمرڻ ۽ ستگرن جي سمرڻيءَ ۾ گذاريندا هئا.

گرو امرداس صاحب جي هوادي سندن آگيا سان گرو رامداس گوئندوال کان ٢٥ ميلن جي مفاصلي تي تلاءُ کوٽايو ۽ ڳوٺ ٻڌو. ان تلاءَ جو نالو گرن جي آگيا سان "سنتوکسر" رکيائون. گرو مهاراجن جي آگيا سان ان تلاءَ کان دور وري هڪ ٻيو تلاءُ ٺهرايائون ۽ ڪجهه جايون ٺهي جوڙايائون ان آستان جو نالو امرتسر رکيائون.

گرو امرداس جن اهي ٻئي تلاءُ ۽ رمڻيڪ آستان ڏسي پرسن ٿيا ۽ شري رامداس کي چيائون ته تون امرتسر وسائج. گرو امرداس جن جي پرلوڪ ٿيڻ کان پوءِ گرو رامداس امرتسر وسائي. اڄ اهو آستان تيرٿ آستان آهي. وچ تلاءُ ۾ سونو دربار آهي جتي ڪيرتن جي امرت ورکا پئي ٿئي. ان تلاءَ ۾ اشنان ڪرڻ سان دک ٿي دور ٿيو وڃن.

شري گرو رامداس صاحب

شري گرو رامداس صاحب جو جنم وڪرم سنبت ١٥٩١ جي
ڪارتڪ مهني جي ١٧ تاريخ لاهور ۾ ڀائي هرداس سوڍي
کتريءَ جي گهر ٿيو. شروع ۾ نالو جيٺو هو. جڏهن هو شري گرو
امرداس جي سنگت ۾ آيو تڏهن گرو امرداس سندس سيوا ڀاو تا
ڏسي کيس پنهنجي نياڻي ڀاني سان وواهه به ڪرايو ۽ سندس
نالو رامداس رکيو. شري رامداس گرو امرداس صاحب کي سانيات
پرماتما جو روپ ڪري مڃيندو هو. ٻاوليءَ جي کوٽائيءَ وقت
ڪين نه شري رامداس سدا سنگ وچ جي زمين جي کوٽائي
ڪندو هو ۽ مٽي ڍوئيندو هو.

هڪ دفعي گرو امرداس پنهنجي ٻنهي ناٺين راما ۽
شري رامداس جي پريکيا وٺڻ جي لحاظ کان کين چيو اوهان مان
هرڪو جدا جدا هڪ ٿلهو ٺاهي. هڪ ٿلهي تي اسين صبح
جو وهنداسين ۽ ٻئي تي شام جو.

گروجن جي آڳيا انوسار ٻنهي ٿلها ٺاهيا. گروجن پوءِ ٿلها
ڏسڻ آيا. ٿلها ڏسي چيائون ٿلها وري ٺهرائيو. وري
ٻنهي ٿلها ٺاهيا. وري به گروجن چيو ته ٿلها ٺيڪ نه آهن وري
ٿلها ٺاهيو. ڀائي راما پيڏي دل تي دل ۾ احتراز ٿيو ته گرو
اجايو کين تڪليف ڏئي رهيا آهن.

جڏهن ٽيون دفعو ٿلها ٿلها به گروجن کي ڪين وڻيا تڏهن
راما پيڏي ڪڪ ٿي چيو ته مان ٿلهو وري نه ٺاهيندس مگر

شري گرو ارجن ديو صاحب

پنجين پاتشاهي شري گرو ارجن ديو صاحب ڀڳتيءَ ۽ سهنشيلتا
و ساکيات سروپ هئا. سندن باڻيءَ ۾ عجيب آنند آهي.
نهن جي پڙهڻ سان دک دور ٿين ٿا. سندن شري سکمني
صاحب ته سچ پچ سک جي مڻي آهي.

شري گرو ارجن ديو صاحب شري گرو رامداس صاحب جا
ون نمبر سپاٽر هئا. سندس جنم ٢٢ ويساک وڪرم سمبت ١٦٢٠
گو ئندوال پنجاب ۾ ٿيو. چوٿين ورهين جي عمر ۾ سندن
واهه گنگا ٻائيءَ سان ٿيو. شري ارجن ديو پوج پتا شري گرو
امداس صاحب جي سيوا ۾ سديو حاضر هوندو هو. انهن جي
کمل چرنن ۾ رهي هن ڀڳتي، گيان ۽ سيوا جو خزانو حاصل
ڪيو. شري گرو رامداس صاحب ٽنهي پٽن مان هن کي گاديءَ
ءِ يوگيه سمجهي برهملين ٿيڻ کان اڳ پنهنجي گادي شري گرو
جن ديو صاحب کي سونپي. سندن وڏو ڀاءُ پرٿيچند ساڻن
د ڪند ڪندو هو مگر گرو ارجن ديو صاحب سديو آنند ۾ رهندا
ا. گرو جن نام جي پرچار لاءِ ڪجهه وقت رکن ٿي نڪتا ۽ ڪيترن
ڀاڳن جي پياس پوري ڪيائون.

گرو ارجن ديو صاحب پوري نمرتيءَ جا مالڪ هئا پر ڏيکاري
ڪين ڏيندا هئا. هڪ دفعي سندن ڌرمپتنيءَ کين عرض
ڪيو ته سندس گود ساڀي ڪريو. گرو ارجن ديو کيس چيو ته

شري گرو رامداس جن ۾ سڌ سڌ نماڻا هئا. هڪ دفعي شري گرو نانڪ ديو جا فرزند بابا سريچند گرو رامداس وٽ آيا. گرو رامداس کين پرڻام ڪري ويهڻ جو آسڻ ڏنو. بابا سريچند گرو رامداس کان پڇيو ته اوهان ڏاڙهي ايڏي وڏي ڇو رکائي آهي؟ تنهن تي رامداس پنهنجي ڏاڙهيءَ سان بابا سريچند جي چرنن جي مٽي صاف ڪندي چيو ته اوهان جي چرنن صاف ڪرڻ لاءِ ڏاڙهي رکائي اٿم.

اهو جواب ٻڌي شري سريچند ورائيو ته اهڙي نوڙت جي ڪري ئي ته اوهان گدي پراپت ڪئي آهي.

بابا سريچند جن گرو امرداس صاحب جي سيوا ۽ ڪارڻ کان ڏاڍو پرڀاوت ٿيا ۽ هن امرتسر واري تلاءَ کي ور ڏيندي چيو ته جيڪو ان تلاءَ ۾ اشنان ڪندو تنهن جا ڏک دور ٿيندا.

هڪ دفعي ڪنهن هڪ ڪوڙهيو ان تلاءَ ۾ اشنان ڪري ٿو، ٻاهر نڪرڻ سان سندس ديهه نروئي ۽ تنهن ٿي پيئي. سان جو ڪوڙهه غائب ٿي ويو. گرو رامداس صاحب ڪيتري نه مٺي ٻاڻي لکي آهي جنهن جي پڙهڻ ۽ شروڻ سان آنند پيو اچي.

گرو رامداس صاحب پنهنجي ننڍي پٽ شري ارجن ديو کي گاديءَ جي لائق سمجهي پنهنجي گادي سونپي. هن وڪرم سمبت ١٦٣٨ ٻڌي جي ۴ تاريخ امرت ويلي ٻانوليءَ ۾ اشنان ڪري شبد ڪيرتن ٻڌي سنگت کي چيو ته هاڻي اسين سنسار جو سفر سماپت ڪريون ٿا. پياري ارجن ديو کي اسان جو روپ ڄاڻجو.

گرو امرداس الهن جٽي چادر پائي برهمڻن لٿا.

گروءَ جن ٻالڪ جي روئڻ جو آواز ٻڌي ڪنهن سک کي مٿي ڪوٺي تي موڪليو. سک ٻالڪ هرگوبند کي روئندو ڏسي، اُن کي ۽ برهمڻ کي گروءَ جن وٽ وٺي آيو. برهمڻ چيو ته مان هن کي ڏڌ پيئاري رهيو هوس پر ٻالڪ ڏڌ نه پيتو ۽ روئي رهيو آهي. گروءَ جن راز کي سمجهي ويا ۽ انهي جو اُن گروءَ جن اهو ڏڌ هڪ ڪتي کي پيئاريو ته ڪتي ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويو ۽ راز ظاهر ٿي پيو ته اُن پاپڻ ڪٽڻ نه، اُن ڏڌ ۾ زهر وجهي ٻالڪ هرگوبند کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو.

گروءَ جن اُن برهمڻ کي سراپ ڏنو ته جيئن هن ڪتيءَ ڦٿڪي ڦٿڪي ساهه ڏنو آهي تيئن تون به ائين ڦٿڪي پراڻ ڏيندين. گروءَ جن جو ائين چوڻ ۽ اُن برهمڻ جي پيٽ ۾ وڏو سور پوڻ، ڪن پلڪ ۾ اهو برهمڻ ليٽڻ ڦٿڪڻ لڳو ۽ اُن ئي سمي پراڻ پکيئڙو پرواز ڪري ويو.

شري گرو ارجن ديو صاحب شري گرو گرنٿ صاحب جي ڀيڙ ٻڌڻ لاءِ ڇهن ئي پاتشاهن جي باڻي سنگرهه ڪئي. اُن لاءِ کين ڪافي جاکوڙ ڪرڻي پئي. گروءَ جن پاڻ انوسار پهرين شري گرو نانڪ ديو، پوءِ شري گرو انگد ديو، شري گرو امرداس ۽ شري گرو رامداس جي باڻي چاڙهي ۽ انهن کان پوءِ پنهنجي ۽ ڀڳتن ڀڳتن جي باڻي پڻ شري گرو گرنٿ صاحب ۾ درج ڪئي.

اڪبر بادشاهه جي هڪ هندو وزير چندوءَ شري گرو ارجن ديو صاحب کي سندن پٽ هرگوبند لاءِ پنهنجي ناٺيءَ جي مانگي چوائي. گرو ارجن ديو جن سڱ ڪين قبوليو انهن تي چندوءَ کي باهه لڳي. هن گروءَ جن خلاف گهاٽ گهڙيا ۽ اڪبر بادشاهه جا ڪن ڀريا ته امرتسر ۾ رهندڙ گرو ارجن ديو هڪ گرنٿ تيار ڪيو آهي جنهن ۾ اسلام ۽ هندو ڌرم جي وروڌ واڻي آهي. اڪبر بادشاهه اهو گرنٿ (شري گرو گرنٿ صاحب) گهرايو

اهو سوال بابا ٻڍي کي ڪر، اهي تنهنجي مراد پوري ڪندا.

گنگا بائي گروجن جي آگيا سان بابا ٻڍي وٽ آئي ۽ اچي وينتي ڪيائين ته پتر سنتان جي بخشش ڪريو. بابا ٻڍي کيس آسيس ڪندي چيو ته گرو مهاراجن جي ڪرپا سان توکي پتر سنتان ٿيندي. شري گرو ارجن ديو صاحب کي ٻاراڻ پتر سنتان ٿي جنهن جو نالو شري هرگوبند رکيائون.

گرو ارجن ديو جو ڀاءُ پرٿيچند ۽ سندس پتني شري هرگوبند جي جنم جي خبر ٻڌي حسد جي باهه ۾ سڙڻ لڳا، هنن هڪ دائيءَ کي لالچ ڏئي بالڪ هرگوبند کي ختم ڪرڻ جي رٿ رٿي. دائي گرو ارجن ديو صاحبن جي گهر ۾ پهچي ويئي. بالڪ هرگوبند کي ٿڃ ڏيڻ لڳي. سندس ٿڃ تي زهر لڳل هئي. جنهن دائيءَ زوريءَ بالڪ هرگوبند کي اهو ٿڃ زوريءَ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي مگر بالڪ کيس اهڙو ته چڪ ڏنيو جو هوءَ پاڻ کي ڇڏائي نه سگهي. هن بالڪ هرگوبند کي زهر دوارا ختم ڪرڻ ٿي چاهيو پر پرماتما جي ليلا جو پاڻ ائي ڦٿڪي ساهه ڏنائين. پرٿيچند ۽ سندس پتنيءَ جي بدنيت پر ثواب نه ٿي.

جڏهن گرو ارجن ديو صاحب کي اها خبر پئي تڏهن هو راز کي سمجهي ويا ۽ پرماتما جا لک احسان مڃيائون. هاڻي گرو ارجن ديو صاحب امرتسر ۾ اچي رهيا. بالڪ هرگوبند عمر ۾ وڏو ٿيو. مگر پرٿيچند ۽ سندس زال جي من ۾ جلن پئي رهي. هنن هڪ برهمڻ کي لالچ ڏئي شري هرگوبند کي زهر ڏيڻ لاءِ امرتسر موڪليو. اهو برهمڻ بالڪ هرگوبند کي ڪڇ ۾ کڻي کوٺي تي ويو ۽ هن کي ڏڌ ۾ زهر ملائي زوريءَ پيارڻ جي ڪوشش ڪيائين. بالڪ ڏڌ پيئڻ کان انڪار ڪيو ۽ وڏيون رڙيون ڪيائين.

گرو ارجن ديو صاحب لاهور ڏانهن روانا ٿيا لاهور جا سک گرو مهراجن کي ڏسي ڏاڍو ارسن ٿيا.

لاهور ۾ جهانگير بادشاهه گرو ارجن ديو صاحب سان گفتگو ڪئي . گرو جن جا جواب ٻڌي ڪافي متاثر ٿيو . مگر چنڊال چندوءَ ور ور جهانگير کي سندس پٽ خسروءَ جي ياد ڏياري ته ڪئن نه گرو ارجن ديو هن کي اوهانجي خلاف سهائتا ڪئي.

گرو جن وراڻيو ته اسان خسروءَ کي اوهانجو ويري سمجهي مدد ڪانه ڪئي پر سندس هيٺو حال ڏسي سهائتا ڪئي.

چندوءَ وري بادشاهه کي صلاح ڏني ته گرو جن کان ۲ لک روپيه ڏنڊ ورتو وڃي. بادشاهه گرو جن کي حڪم ڪيو ته هڪدم ۲ لک روپيه ڏنڊ ڀريو.

گرو جن ڏنڊ ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو ته اسان ڪو ڏوهه ڏورو ئي ڪيو آهي جو ڏنڊ ڀري ڏيون . چنڊال چندوءَ پنهنجو سوارٿ سڌ ڪرڻ لاءِ جهانگير بادشاهه جا ڪن ڀريندي ڪيس چيو ته مان گرو جن کي گهر ۾ سختي رکي اوهان کي ۲ لک روپيا وصول ڪري ٿو ڏيان.

اُن ارادي سان ڪمبخت چندوءَ گرو ارجن ديو صاحب ۽ پنجن سکن کي پنهنجي آستان تي وٺي آيو . پنجن سکن کي ٻانڌ ڪري گرو جن کي نظر بند رکيائين . پوءِ چندوءَ ٽهڪندڙ پاڻيءَ جي هڪ وڏي ديگ ۾ گرو جن کي ويهاريو ۽ اُن ديگ هيٺان وري باهه جو مچ ٻاريو . گرو جن صبر ۾ ٽهڪندڙ پاڻيءَ جا عذاب سهندا رهيا.

چندوءَ وري به ڏينهن ريتي گرم ڪرائي گرو ارجن ديو صاحب جن مٿان اُها تتل واري وجهايائين . شري گرو جن جي

اَن گرنٿ ۾ شري گرو ارجن ديو صاحب جو هڪ فارسي شبد پڙهي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ گروجن کي پاڻ سوکڙي موڪليائين. چندوءَ جي منهن جو ٻوٿ ئي لهي ويو.

اڪبر بادشاهه جي گذر ڪرڻ کان پوءِ به چندوءَ جي دل ۾ وير ۽ ساڙ جي باهه ٻرندي رهي. هن صلهه خان کي پٽ ڪري جهانگير بادشاهه جا گروجن خلاف ڪن ڀريا. صلهي خان پنجاب جي ڍل اُڳاڙڻ جي لحاظ کان امرتسر آيو. گروجن جي ڀاءُ پرٿيچند پڻ صلهي خان کي ڀڙڪايو.

صلهي خان گهوڙي تي سوار ٿي اُگهاڙي تلوار کڻي ڇوڙڻ لڳو ته هن تلوار سان گروجن کي ختم ڪندس. گهوڙي جو پير اچانڪ ٿانٻي ۾ لڳو ته هن ڇرڪي جو ٻيو ڏنو ته صلهي خان سوڌو ڀاهه جي ڪوڙي ۾ ، اوچتو ڪوڙي ۾ ڪرڻ سبب صلهي خان جي تلوار سندس ئي سيني ۾ لڳي ۽ باهه جي ڪوڙي ۾ گهوڙي سوڌو جلي ختم ٿي ويو. هُو هليو هو شري گرو ارجن ديو صاحب کي ختم ڪرڻ پر پاڻ ئي ختم ٿي ويو. جڏهن جهانگير بادشاهه جو فرزند خسرو گروجن وٽ سهائتا لاءِ آيو ۽ گروجن مٿس قياس ڪري ڪجهه سهائتا ڪئي. تڏهن وري چندوءَ جهانگير بادشاهه جا گروجن خلاف ڪن ڀريا. بادشاهه جهانگير گروجن کي لاهور ۾ گهرايو.

گروجن جاڻي جاڻهار سمجهي ويا ته هاڻي جهان ڪوچ ڪرڻ جو وقت آيو آهي سو پنهنجي گادي پٽ شري هرگوبند کي بخشي، پتني گنگا ديويءَ کي چيو ته اسين سڀاڻي لاهور وڃي رهيا آهيون، واهگروءَ جي اڇا انوسار شايد هن اسٿول شرير جو تياڳ ڪرڻو پوي. اُن ڪري سون ڪيهن ۾ ڪم جو ڏک نه ڪجِ

جو داسي زمين ۾ سو هوسي فنا

جي پريم ۾ سرشار، مسڪين هوندي سخي، سچيارو، سنتوکي، اُتم پُرش نانءَ نشي ۾ مخمور. پيٽ گذران لاءِ درزڪو ڪم ڪندو هو. سندس درزڪو ڪم نه صرف ساڌارڻ ماڻهن کي پسند هوندو هو، مگر وزير ۽ راجا به هن جو ڪم پسند ڪندا هئا. سلائي ڪندي ڪندي سندس ڌيان پرماتما ۾ وڃي لڳندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سندس اکين مان پريم جي پيار جا آنسون ٽمڪندا هئا.

هڪ دفعي بادشاهه کيس هيرن جواهرن سان جڙيل غاليچو ڏنو ته اُن غاليچي مان ٻه سندر وهاڻا ناهي اچ.

پرمشيتي بادشاهه جي حڪم موجب ٻه وهاڻا ناهيا. سو سندس من ۾ خيال پيدا ٿيو ته اهي وهاڻا ته ڀڳوان جڳناٿ جي ڀيٽ لائق آهن، پر هي وهاڻا مهنجا ته ڪين آهن. سوءِ مان هي وهاڻا ڀڳوان اڳيان ڪيئن ڀيٽ رکان!

ڀڳت پرمشيتي اِن خيال ۾ محو هو ته ڏسي ٿو ڀڳوان شري جڳناٿ جي رٿ ياترا هلي رهي آهي ۽ هُن اُمنگ وچان بادشاهه لاءِ ناهيل وهاڻن مان هڪ وهاڻو ڀڳوان کي ڀيٽ ڪيو. ڀڳوان ڀڳت جي سوکڙي سويڪار ڪئي، ڀڳت گهر ويٺي ڀڳوان جڳناٿ جو درشن ڪيو. جڏهن سندس اک کلي چيتن اوستا ۾ آيو، ڏسي ته ٻن وهاڻن مان صرف هڪ وهاڻو پيو آهي. هو پڇتائڻ لڳو ته هي مون ڇا ڪيو. راجا جو وهاڻو مون ڀڳوان کي ڀيٽ ڪري ڇڏيو. وري کيس پيو خيال آيو ته ڀڳوان شري جڳناٿ اهو وهاڻو سويڪار ڪيو آهي. اُن کان مٿي ٻيو ڪير بادشاهه آهي.

من کي سنتوش ڏئي ويٺو هو ته بادشاهه جا سپاهي نياپو کڻي آيا "بادشاهه توکي ياد ڪيو آهي ۽ بادشاهه جا ٺهيل وهاڻا کڻي هل." بادشاهه جو حڪم ٻڌي ڀڳت پرمشيتي پاڻ سان هڪ وهاڻو کڻي بادشاهه وٽ آيو. بادشاهه وهاڻو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو مگر هن پرمشيتي کان پڇيو ته ٻيو وهاڻو ڪٿي آهي؟

ساري شرير تي ڦونڊا ڦونڊا ٿي پيا. گروجن سڀ ڪجهه ماٺ ۾ واهگروءَ جو ڀاڻو مڃي ڪري سهيو.

چندوءَ وري ڪين ڇڏيو ته هاڻي نه ڀلا، اسان سان سڱ ڳنڍيو نه ته سندو نعش ته سپاهي وري مٿي گانءِ جي کل ۾ اوهانجو شرير بند ڪبو.

گروجن چيو ٻيارا اڄ اسان کي راوي نديءَ تي اشنان ڪرڻ جي موڪل ڏيو. جئن وڏيڪ واهگروءَ جي اڇا. چندوءَ سمجهيو ته گروجن شايد اشنان ڪرڻ کان پوءِ سندس ڳالهه مڃيندا. چندوءَ گرو ارجن ديو صاحب ۽ سندس پنجن سکن کي سپاهين سان گڏ راوي نديءَ تي اشنان ڪرڻ جي موڪل ڏني.

شري گرو ارجن ديو مهاراجن جو سڄو بدن ڦونڊا ڦونڊا ٿي پيو هو. هو آهستي آهستي پنڌ ڪندا اچي راوي نديءَ جي ڪناري تي پهتا. اچي راوي نديءَ ۾ اشنان ڪري شري جپ صاحب جو پاٺ ڪيائون ۽ پنجن سکن کي چيائون ته هاڻي اسانجو وقت پورجي آيو آهي. اسين پنهنجي آدي گهر ڏانهن هلون ٿا، شوڪ نه ڪجو ۽ پياري هرگوبند جي آگيا ۾ رهجو. ۽ اسان کي جل سماڌي ڏجو.

ائين چئي گرو ارجن ديو مهاراج چار ڏهاڙي ڀڳوت ڌيان ۾ وڃنا ۽ ٿوري وقت ۾ جوتي جوت سمايا. سندن اڇا انوسار سکن سندن استول شرير راوي نديءَ ۾ پروان ڪيو.

پرمشبٽي درزي

سورهين صديءَ ڌاري لاهور ۾ پرمشٽيءَ نالي هڪ درزي رهندو هو، سادو سودو رنگ جو سانورو، ڪپڙو ٻڌو پرهيز

سنت دادو

سنت دادوءَ جو جنم وڪرم سنبت ١٦٠١ ۾ مڃيو وڃي ٿو. احمد آباد ۾ شري لوديرام نالي هڪ برهمڻ رهندو هو جنهن کي سنتان ڪين هئي. هڪ ڏينهن هو سابرمتي نديءَ جو ڪنارو وٺي وڃي رهيو هو ته هن پريان نديءَ ۾ هڪ پيٽي لڙهندي ڏٺي. پيٽي ڏسي هو هڪدم نديءَ ۾ ڪُڏي پيو ۽ اها پيٽي نديءَ مان ڪڍي ٻاهر آيو.

اها پيٽي کولي ڏسي ته ان اندر هڪ سندر ٻالڪ گلاب جي گل جيان مشڪندڙ سمهيو پيو آهي. لوديرام اُن ٻالڪ کي پراپت ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ کڻيس پنهنجي گهر کڻي آيو. سندس ڌرمپتني پڻ ٻالڪ کي ڏسي تمام خوش ٿي. هو ڏاڍي چُوج مان ٻالڪ جي پالنا ڪرڻ لڳا. پرڀوءَ جي ڪرپا سان لوديرام جي پتنيءَ جي استنن ۾ کير اچي ويو.

ڏاڙر جنم ملڻ ٿي نه کير جي وهائي،
سنسار ۾ سفر ڪان پهرين سمر اچي ٿو. (پيوس)

ٻالڪ جو نالو دادو رکيو ويو جو اڳتي هلي دادو ديال جي نالي سان پرسد ٿيو. ننڍپڻ ۾ ئي ٻالڪ دادو سڀني مهاتمائن کي ڏسي خوش ٿيندو هو ۽ هي ٻالڪ ٻين کان هڪ نرالو ٻالڪ هو.

هُو ٻارهن سالن جو هو جو سنگتين سان راند ڪري رهيو هو. اتان هڪ ساڌو لنگهي رهيو هو. اُن ساڌوءَ هن ٻالڪ جي پيشاني ڏسي پنهنجي وات جي پان واري ٽڪ هن جي وات ۾

پرميشٽيءَ ساري حقيقت بادشاه کي ڪري ٻڌائي ته هن
کئن نه اهو وهاڻو ڀڳوان شري جڳناٿ جي ڀيٽ ڪيو آهي. اهو
ٻڌي بادشاه ڏاڍو غصي ۾ ڀرجي ويو ۽ پرميشٽيءَ جي ڳالهه تي هن
کي اعتبار ڪين آيو ته ڀڳوان جڳناٿ کئن دهليءَ ۾ آيو ۽ هن
اهو وهاڻو کيس ڀيٽ ڪيو. بادشاه ڏمرجي حڪم ڪيو "پرميشٽيءَ
کي جيل جي ڪاري ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو وڃي ۽ کيس ڪاڏو پڻ
نه ڏنو وڃي." حڪم جي پيروي ڪئي وئي. هڪدم پرميشٽيءَ
کي ڪاري ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو ويو. پرميشٽي اتي جيل ۾ پڻ
ڀڳوان جڳناٿ جي سمرڻ ۾ لڳن ٿي پريم جا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو.
ڀڳوان پنهنجي پياري جو ڏک سهي نه سگهيو. اڌ رات جو ئي ڀڳوان
اُن جيل ۾ آيو، ڀڳوان جي اچڻ ڪان اڳ جيل جي پهريدارن کي
گهاٽي ننڊ اچي وئي، جيل جو دروازو پنهنجو پاڻ کلي پيو. جنهن
ڪوٺيءَ ۾ پرميشٽي بند هو اُن ڪوٺيءَ جو دروازو پڻ کلي پيو.
ڀڳوان پرميشٽيءَ کي پنهنجو دويه درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪيو.
ڀڳوان جو درشن ڪندي پرميشٽيءَ جي ڪايا ئي پلٽجي وئي.
هو پڀوءَ جو درشن ڪري خوشيءَ جا لڙڪ لاڙڻ لڳو. اُهن
ڀڳوان انترڌيان ٿي ويو ۽ ڀڳوان بادشاه کي . ننڊ ۾ پنهنجي اچڻ
جي ڏيکاري ڏني. بادشاه پڻ سپني ۾ اهو درشن ڏسي هڪدم
اُٿي ويٺو ۽ هن هڪدم وزير کي گهرائي ننڊ واري گهٽنا ٻڌائي.

بادشاه ۽ وزير گڏجي جئن جيل طرف آيا ته هن
ڏٺو ته پهريدار کونگهرا پيا هڻن، جيل جا دروازا کليا پيا آهن ۽
پرميشٽيءَ واري ڪوٺيءَ جو دروازو پڻ کليو پيو آهي ۽ اُن
ڪوٺيءَ ۾ عجيب رونق آهي ۽ پرميشٽيءَ جي منهن ۾ عجيب
آهي. بادشاه ڀڳوان شري جڳناٿ جي اچڻ جي حقيقت ٻڌي
دنگ رهجي ويو. هن هڪدم حڪم ڪيو ته پرميشٽيءَ کي آزاد ڪيو
وڃي. هڪدم پرميشٽيءَ کي جيل مان آزاد ڪيو ويو ۽ بادشاه ه
ماڻ جي ڪافي عزت ڪئي. دهليءَ جي ڪنب ڪرڻ ۾ ڀڳ
پرميشٽيءَ جي ڪهڙي ڦهلجي وئي.

اڪبر بادشاهه به سنت دادو ديال جا اپديش ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. هڪ دفعي فتحپور سيڪريءَ ۾ ساندهه چاليهه ڏينهن تائين سنت دادوءَ جو اپديش ٻڌو. سنت دادو ديال جدا جدا شهرن ۾ ستسنگ دواران نرڳڻ برهم جو سنديش ڏنو. هو ڪرامتي ڪوتڪن کان پري هوندو هو.

هڪ دفعي جڏهن سنت دادو ڌيان ۾ ويٺو هو ته ڪن حاسدن سندس چوڌاري سرون ۽ پٿر رکيا جڏهن هو پوساڻجي ختم ٿـي وئي. جڏهن ئي هن ڌيان مان اکيون کوليون تڏهن اهو ڏسي ماٺ ٿي ماٺ ۾ مشڪندو رهيو. پرڀوءَ جي پيارن کي هميشه ڏک ڏسڻا پيا آهن، هو وري ڌيان ۾ مگن ٿي ويو. اها خبر جڏهن سندس پوئلڳن کي پيئي تڏهن هو انهن حاسدن تي ڪاوڙيا. سرون ۽ پٿر پري ڪري سنت دادوءَ جي پراڻ رکشا ڪيائون. انهن پوئلڳن حاسدن کي سزا ڏيڻ ٿي چاهي مگر سنت دادو کين منع ڪئي جو ته سنت سدائين ديالو ٿيندا آهن.

جي وڏڙن جن سان سي وڏ سي ٿي ڪن.

سنت دادوءَ جا ڪيترائي شش ٿيا جن ۾ سنت رجب، سنت غريبداس، سنت سندرداس، سنت جڳجيونداس ۽ سنت پرشا جوئي مشهور آهن. سنت دادوءَ ڪيترن جـي جيون ۾ ڦيرو آندو، نام جو اپديش ڏئي نهال ڪيو.

سنت دادو ڪيترائي سال ڄمپور ۾ نام جي جوت جڳائيندو رهيو ۽ پڇاڙيءَ جو وقت نارائڻ پهاڙيءَ جي هڪ غفا ۾ پنهنجن ڪن پيارن ششن سان گڏ ايڪانت ۾ گذارڻ لڳو.

سنبت ١٦٦٠ جي ڪرشڻ اشٽميءَ تي هي سنت سو نهارو هزارن جو پيارو برهملين ٿيو.

وڃي. پوءِ اهو ساڌو رهندو رهيو. دادو اُن راز کي سمجهي نه سگهيو. جڏهن ته هو عمر ۾ وڌيو تڏهن اُن ساڌوءَ جي درشن جي اڪلاڪا سندس من ۾ وڌندي رهي. جڳت ۽ جڳت جي پدارٿن کي ناسونت ڏسي هن کي دنيا کان ڪنارو اچي ويو. ١٨ سالن جي عمر ۾ وري کيس اُن ساڳئي سنت جو درشن ٿيو. هن هڪدم اُن جا چرڻ پڪڙيا.

اهو سنت ڪبيرداس جو سچو سنت ڪمال هو. ڪن جو چوڻ آهي ته اهو سنت ٻڍن هو. اُن سنت کيس سکيا ڏني ته پيارا اهو پريم ۽ شرڌا اون پرڀوءَ جي ڪمل چرڻن ۾ رک. هو توکي جيون مڪت ڪندو. دادوءَ جي دل ۾ اُن سنت لاءِ گرو ڀاونا پيدا ٿي ۽ شرڌا وچان هن وراڻيو، "اوهان ئي منهنجا سڀ ڪجهه آهيو، اوهان ئي منهنجو ڪلياڻ ڪريو."

سنت دادو جو پريم شرڌا ڏسي کيس پنهنجي ڇاتيءَ ڇپايو ۽ سکيا ڏني. اُس گروءَ جي سپرش سان دادوءَ جي من ۾ گيان جو پرڪاش ٿيو. دادوءَ جي دل ۾ ويراڳ ورتي وڌندي رهي.

هيڏانهن گهر وارن خيال ڪيو ته جيڪڏهن هن کي جلدي شادي نه ڪرائي ويئي ته هو سنسار جو تياڳ ڪري وڃي ساڌو ٿيندو. اُن ويچار کان ماتا پتا کيس جلد ئي شادي ڪرائي. گرهستي آشرم ۾ رهندي به سندس من جڳت جي پدارٿن ۾ ڪين لڳندو هو. روزگار جي لحاظ کان هو ڪپهه پينڃڻ جو ڪم ڪندو هو. کيس هڪ پٽ سنتان ٿي جنهن جو نالو غريبداس رکيو ويو. سنت ڪبيرداس جي واڻيءَ جو هن تي ڪافي اثر ٿيو. هو ڀڄن ڪندي به پرميشور جو چنتن ۽ ستسنگ ڪندو هو. پنهنجي واڻيءَ ۾ هن هڪ هنڌ لکيو آهي:

دادو روزي رام هي، رازق رزق هماري،
دادو اُس پرساد سين، پوشيا سڀ پريوار.

سنت ملوڪداس

اتر پرديش جي ٻوار پرياڳ ضلع جي ڪڙا ڳوٺ ۾ سنبت ١٦٣١ ويساک جي ڪرشن پنچمي تي شري سندرداس جنرمل جي گهر سنت ملوڪداس جو جنم ٿيو. ملوڪداس ننڍپڻ کان ئي نرالو ٻالڪ هو. ننڍپڻ ۾ ئي سندس دل ۾ دَيا ۽ پر اُپڪار جا ٻج ڇٽيل هئا. دکين دردين لاءِ دَيا ۽ سنتن مهاتمائن لاءِ شردا هنجي من ۾ وڌندي رهي.

هو گهمندي گهتندي رستي تي جيڪڏهن ڪو پٿر ڏسندو هو ته هڪدم اهو ڪڍي پاسرو ڪري ڇڏيندو هو ته متان ڪنهن کي ٿاٻو نه اچي. جيتوڻيڪ هن کي گرهست آشرم ۾ داخل ڪيو ويو ٿو مگر هن جي چت جي ورتي ڀڳوان جي چرنن ۾ رهندي ٿي، سنتن مهاتمائن کي ڏسي باغ بهار ٿيندو هو.

هڪ ڏينهن سندس گهر ۾ هڪ سنتن جي ٽولي اچي لٿي. ملوڪداس هڪدم گهر وارن کي چيو ته سنتن لاءِ ڀوڄن تيار ڪريو. مگر گهر جي ڀاتين ڀوڄن ڏيڻ کان آنا ڪاني ڪئي.

تنهن تي ملوڪداس ڏاڍو رنج ٿيو. هن ونڊائي ۾ وڃي ڏٺو ته کاڌي پيتي جو سامان نه موجود آهي سو پاڻ ئي اٽ لڪڙ ۾ کاڌو تيار ڪري سنتن کي کارايائين، سنت ڀوڄن کائي ڪس آسيس ڏيندا ويندا رهيا. ملوڪداس جي ماتا ملوڪداس تي اچي مڙي ته تون ساڌن کي کارائي کاڌي پيتي جو سامان خلاص ڪري

سنت دادوءَ ڪيتري ٻاڻي لکي آهي جنهن جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان آتمڪ آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. مثال طور سنت ٻاڻيءَ مان ڪي دوها پيش ڪجن ٿا.

عشق الله ڪي جات هَي، عشق الله ڪا انگ
عشق الله اوجود هَي، عشق الله ڪا رنگ

آپا ميٽي هري ڀجي، تن من تجي وڪار،
نربيري سب جيو سون، دادو يهه مت سار.

ڀرم ڪرم سب ٽوار، جيون جسب سوءِ،
دادو دک دور ڪري، دوجا نهن ڪوءِ.

عاشق معشوق هوي گيا، عشق ڪهاوي سوءِ،
دادو اس معشوق ڪا، الله عاشق هوءِ.

سب گهٽ مانهن رام هَي، ورلا بوجهي ڪوءِ،
سوئي بوجهي رام ڪو، جو رام سنمکي هوءِ.

دادو پايا پريم رس، ساڌو سنگت مانهن،
ڦر ڦر ديکي لوڪ سب، يهه رس ڪتهون ناهن.

پريم لهر ڪي پالڪي، آتم بيٺي آءِ،
دادو کيلي پيو سون، يه سک کها نه جاءِ.

بره جگاوي درد ڪو، درد جگاوي جيو،
جيو جگاوي سرت ڪو، پنچ پڪاري پيو.

جاگت جگپتي ديکئي، پورن پرمانند،
سووت ڀي سوئي ملي، دادو اتي آنند.

ڪاوڙ ڪئي ته تون مال مزورن جي حوالي ڪري ٿو ڇڏين اهو ٺيڪ نه آهي. ڪو مزور مال کڻي ڀڄي وڃي يا ڳنڍڙيءَ مان ڪنهن ڪڍي وڃي ته پوءِ ڇا؟ تون جڏهن مزور دوارا ڳنڍڙي موڪلي آهي مان ان کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. هل ته ماڻ ڪمرو کوليون. اچا جو ڪمرو کوليون ته مزور ٿي غائب.

اهو ڪوتڪ ڏسي ملوڪداس جي مَنَ جو رنگ وهجي ويو ٿي ۽ ملوڪداس پڻ روئي ويٺو. هن ماءُ کي چيو، "امان ڀڪ ٿي ڀڪ اهو رواڻي مزور نه پر ڀاڳ ڀـڳوان هو ندو جو انهيءَ بند ڪرڻ جي پاڻ جبن انتر ڌيان ٿي ويو" تون ڀاڳين واري هئينءَ جو تو ڀڳوان جو درشن ڪيو پر ڪيس هن نموني بند نـ ڪرڻ ها. ملوڪداس جي ماتا انهيءَ ڪئي تي پڇتاءُ لڳي ۽ ملوڪداس پرڀوءَ جا آڙڪ لاڙيندو رهيو.

ملوڪداس سادن ٿي ڏينهن ٻيا ڪاٽي ڀڄي اُن ڪمري ۾ ڀڳوان جي پاس ۾ جهرندو رهيو. بس هاڻي سندس من ۾ ٻوڙ وڃاڳ ورتي پيدا ٿي. دنيوي زندگي ڏاڙيءَ مان سندس دل کڻي ٿي پيئي ۽ چمڻ چيئي، جي چرڻ ۾ لڳي ويو. طلب جو ڏيهوڙو وجندو رهيو.

هي پيارو انهيءَ پهر هري ڪيرتن ڪندو رهيو. ڪيترا ٿي پراڻي هن ڀڪمعه جي درشن لاءِ اچڻ لڳا. ملوڪداس جو گرو مهاتما ونلداس هو پر سنت مرارداس جو پڻ هن تي، جيون تي ڪافي پرڀاءُ پيو. هوُ انهيءَ گروءَ جي استتي ڪندي چوي ٿو:-

جيڪي ٻاڙي گرو پرتاپي، مايا موهه نوارِ،
ڪهه ملوڪ گرو ڪرپا تي اُترا ڀوجل پارِ.

ڇڏيو. تنھن ملوڪداس ماتا کي رنڍڻي ۾ وٺي آيو. اڃا جو ماتا رنڍڻي ۾ نھاري ته ڏسي ٿي ته ڪاٺي جو سامان ڦاٽي پيو آهي. اهو اچرج ڏسي دنگ رهجي وئي. ملوڪداس چيو ته ” اسان سڀني ۽ مسڪينن کي کارائڻ سان کاڌو گھٽندو ڪين آهي پر ڪاٺي ۽ مايا جي برڪت ٿيندي آهي.“

ملوڪداس جو پيتا ڪمبل وڪڻي گھر جو گذران ڪندو هو. ملوڪداس پڻ پيتا جي آگيا انوسار ڪمبل کڻي وڪڻڻ ويندو هو. رستي تي جيڪڏهن ڪو سيءَ کان ڪنبندو ڏسندو هو ته هو ان کي ڪارائي پنهنجي سخاوت ڪندو هو.

هڪ دفعي ملوڪداس منڊيءَ ۾ ڪمبل وڪڻڻ لاءِ ڪمبلن جي ڳنڍڙي کڻي ويو مگر سڄو ڏينهن هڪ به ڪمبل ڪين وڪاميو. هي ٻيچارو نراس ڪين ٿيو مگر رام جي رضا تي راضي رهيو. ڪمبلن جي ڳنڍڙي کڻي گھر ڏانهن واپس وريو. ڳنڍڙي ۾ ڪافي بوجهه هو. هو ٿڪ سبب اهڙو بار کڻي ڪين اچي سگهيو. ان وقت هن جي عمر اڃا ٻارهن سال هئي. ڀڳوان ڀڳت جي لاچاري جو بوجهو کڻڻ لاءِ هڪ مزور جو روپ ڌارڻ ڪري رستي تي هن کي مليو ۽ کيس چيائين ته اها ڳنڍڙي مان تنهنجي گھر پهچائيندس. آءُ ان صرف هڪ پئسو مزوري ڏج.

ملوڪداس هڪدم ها ڪئي ۽ اها ڳنڍڙي ان مزور کي ڏني. اهو مزور ملوڪداس کان گھڻو اڳ اها ڳنڍڙي کڻي ملوڪداس جي گھر پهچي ويو ۽ ملوڪداس جي ماتا کي اها ڳنڍڙي ڏنائين. اها ڳالهه ملوڪداس جي ماتا کي نه وڻي ته سندس پٽ اهڙو لاغرض ٿي مزور هٿ ڳنڍڙي موڪلي، سو ماتا ان مزور کي کڻي ڪوٺڙي ۾ بند ڪيو.

هيڏانهن جڏهن ٿي ملوڪداس گھر پهتو ته سندس ماتا مٿس

سنت رجبداس

سنت رجبداس جو جنم وڪرم سنبت ۱۶۲۴ ڌاري جئپور جي ويجهو سانگانير ۾ هڪ پٺاڻ جي پريوار ۾ ٿيو. سندس نالو ننڍپڻ جو رجب علي هو. سندس پتا جئپور راڄ ۾ سٺي عهدي تي هو تنهن ڪري رجب جو ننڍپڻ شان شوڪت سان ٿيو. پورٻ جنم جي سنسڪارن ڪري هو ننڍپڻ ۾ ئي درويشن ۽ سنتن جي سيوا ۾ حاضر هوندو هو. ويهن ورهين جي عمر ۾ سندس پتا ڪيس مڱايو.

رجب کي شادي ڪرائڻ لاءِ جڏهن آمير ڄڃ ٿي وئي ته رستي تي آميري پهاڙ تي سنت دادوءَ جو آشرم هو. سنت دادو ستسنگ ڪري رهيو هو. رجب سينگاريل گهوڙي تي ڄڃ سان گڏ هو. اوچتو اهو گهوڙو سنت دادوءَ جي آشرم جي ٻاهران رڪجي ويو. رجب سنت دادوءَ کان دعا وٺڻ لاءِ هيٺ لٿو ۽ سندس ڪمل قدمن کي ڇهي سندس پيرن جي مٽي اکين کي لڳائي.

بس جڏهن ئي رجب سنت دادوءَ جو درشن ڪيو ۽ سندس پيرن جي خاڪ بدن کي لڳائي ته هن اندر محسوس ڪيو ته سنت دادوءَ سان ڪو ههڙو اڳين جنم جو ناتو آهي. جڏهن رجب گهوڙي تي چڙهڻ لڳو ته سنت دادوءَ هيئن دوهو چيو:

رجب تين غضب ڪيا سر پر باندا مور
آيا ٿا هري ڀڄن ڪون ڪري نرڪ ڪي ٺور

سنت ملوڪداس جي زبان ۾ وڏي سڌي هئي. هڪ دفعي برسات نه پوڻ ڪري سندس ڳوٺ ۾ اڪال جي اچڻ پيدا ٿي ڪيترا ئي غريب بک ۾ پاڻ ڇڏڻ لڳا.

سنت ملوڪداس ڪيتن ۾ مينهن پوڻ جي آشيش ڪئي جو سندس سنڪلپ شڪتيءَ سان بادل برسيا ۽ کيت سرسبز ٿيا.

بادشاه اورنگزيب جڏهن هندن تي ڪيڏا نه اتياچار ڪيا انهن پڻ سنت ملوڪداس جي ساراهه ٻڌي کيس پاڻ وٽ گهرايو. اورنگزيب سنت ملوڪداس جو درشن ڪري ۽ وچن ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن سنت ملوڪداس جي چوڻ تي ملوڪداس جي ڳوٺ جي جزيه ڍل معاف ڪئي ۽ سنت ملوڪداس جي ڳوٺ واسين کي ڪافي سهوليتون مهيا ڪيون. ڪٽر اورنگزيب به سنت ملوڪداس جي اڳيان ڪنڌ جهڪايو.

سنت ملوڪداس برهملين ٿيڻ کان ڇهه مهينا اڳ پنهنجي اسٿول شرير تياڳڻ جي ڳالهه پنهنجي ساٿين ۽ شش رام سنيهيءَ کي ٻڌائي ڇڏي هئي.

سنت ملوڪداس ١٠٨ ورهين جي عمر ۾ وساک ڪرشن چتردشي تي سنبت ١٧٣٩ ۾ برهملين ٿيو. سنت ملوڪداس جي ڀاونا سان ڀرپور ڪيتري ٻاڻي لکي آهي. جنهن جي پڙهڻ سان شانت رس جي اُتپتي ٿئي ٿي.

سندس هڪ ڄاڻيل دوهو پيش آهي:-

اجگر ڪري نه چاڪري پڇي ڪري نه ڪام
داس ملوڪا ڪهه گئي سب ڪي داتا رام.

لاءِ اُن ٻراھمڻ جي گھر وڃي رھيو ھو ته رستي تي کيس ھڪ غريب ٻراھمڻ مليو. اُن جا لٽا ڪپڙا ڦاٽل ھئا. سنت رجب اُن ٻراھمڻ کي پوڄڻ ورتائڻ لاءِ پاڻ سان گڏ اُن ٻراھمڻ جي گھر ويو ۽ روانگي ڪائڻ وقت ھن کي پنھنجي پاسي ۾ ويھاريو.

شمشن سنت رجب کي چيو ته اوھان ھن کي پنھنجي پاسي ۾ گاديءَ تي ڇو ويھاريو آھي؟ سنت رجب محسوس ڪيو ته سندس شمشن کي ايمان آھي سو ھن ٻڌايائين ته سندس گاديءَ تي اھو ٻراھمڻ ئي براجمان ٿيندو ۽ آئينده به اُن گاديءَ تي غريب ئي براجمان ٿيندو.

سنت رجب پنھنجي شمشن کي سمجھائيندي چيو ته اھي غريب دين معصوم آتما پرڀوءَ جو روپ آھن، انھن کان نفرت ھرگز ڪين ڪريو.

رجب سنت دادوءَ کان ھڪ پل به پري رھڻ نه چاھيندا ھو. سنت دادوءَ جي برھملين ٿيڻ کان پوءِ رجب سندس وڇوڙي ۾ ڏاڍو وياڪل ٿيو. ھن سنڪلپ ڪيو ته ھو پنھنجي اکين سان ڪنھن جو درشن ڪين ڪندو. انڪري ھن پنھنجي اکين تي پٽي ٻڌي ڇڏي.

سنت رجب پنھنجي گرو سنت دادوءَ جي سڌانتن کي عمل ۾ آندو. سنت رجب نه صرف پاڻ رام جي رنگ ۾ رنڱجي ويو، مگر ھن ڪيترن کي پرڀوءَ جي راھ ۾ ڇڪيو.

سنت رجب ۱۲۲ سالن جي عمر ۾ سنبت ۱۷۴۶ ۾ برھملين ٿيو. ھو نرگڻ وادي سنت ڪوي ھو.

سنت رجب جا ڪي دوھا پيش آھن جن مان سندس پختي ڀاونا ۽ پريم جي جھلڪ ملي ٿي.

سنت دادوءَ جا اهي لفظ رجب کي تير جيان چڀي ويا. هن هڪدم مور مڪٽ لاهي سنت دادوءَ جي چرنن ۾ رکيو. ماتا پتا ۽ مائٽن رجب کي گھڻو ئي سمجھايو مگر رجب شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

سنت دادوءَ سندس امتحان وٺڻ لاءِ کيس چيو ته بلاشڪ گرهست ۾ رهي ڀڳوت ڀڄن ڪر. مگر رجب پنهنجي سنڪلپ تي ڏڙهه رهيو ۽ سنت دادوءَ کي چيائين ”اوهان ئي منهنجا پراڻ ناٿ آهيو.“ ائين چوندي رجب سنت دادوءَ جي چرنن تي ڪري پيو ۽ سندس اکڙين مان پريم جا لڙڪ سنت دادوءَ جي چرنن تي ڪري پيا. سنت دادوءَ هڪدم گھوٽ رجب کي ڇاتيءَ سان لڳايو.

رجب جي من ۾ ڏينهون ڏينهن سنت دادوءَ لاءِ گرو ڀاو ٿا وڌندي رهي. هو هنجي چرنن ۾ ويهي آتم گيان پراپت ڪندو هو. هڪ دفعي سنت دادو پنهنجي شش٘ين سان گڏ ڪٿي نڪتو. رستي ۾ هڪ ندي هئي، اُتي ڪناري تي ڏاڍي گپ چڪ هئي. سنت دادوءَ شش٘ين کي آگيا ڪئي ته ٿورا پٿر ڳٽي اچي رکو جئين رستو آسانيءَ سان پار ڪجي.

اهو ٻڌي ٻيا شش٘يه ته پٿر ڪٽڻ ويا مگر رجب پاڻ سڌو ئي اُن گپ چڪ ۾ سمهي پيو ۽ پنهنجي گرو سنت دادوءَ کي ويهي چيائين ته اوهان منهنجي هن شرير مٿان لنگهي وڃو، اوهان جي چرڻن جي سپرش سان منهنجو هي شرير ته ڀو ساگر مان پار ٿي ويندو. سنت دادو رجب جي اهڙي حالت ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو سندس سمرپڻ جي ڀاونا ڏسي سنت دادوءَ کيس ڳلي لڳايو. رجب سنت دادوءَ جي سنگ ۾ پاڻ به سنت ٿي پيو.

هڪ ڀيري ڪنهن ڀاڳوءَ سنت رجب جي سڀني شش٘ين ڀوڄن رو ٿي موڪلائي. سنت رجب شش٘ين سان گڏ ڀوڄن ورتائڻ

سڀاڻ جو آيو جن ڪيو ۽ سڀني ڪوين کي چيو ويو ته اهڙيءَ ڪوتا لکو جنهن ۾ آخرين بند اچي "ڪروڙمل آس اڪبر ڪي."

ورڌي ڪوين سمجھيو ته ڪوي شريپتي يا ته اُن قسم جي ڪوتا ڪين لکندو ۽ جي وري لکندو ته ان قسم جي ڪوتا ۾ ڪمس اڪبر باد شاهه جي ثنا ڳائڻي هوندي.

هفتي کن کان پوءِ سڀ درٻاري ڪوي درٻار ۾ اڪبر باد شاهه اڳيان حاضر ٿيا. ڪوي درٻار شروع ٿي.

ڪوي شريپتيءَ کان سواءِ ٻين سڀني ڪوين آديش انوسار مٿين پد جو پرلوڳ ڪندي اڪبر بادشاهه کي پنهنجي ڪوتائن دوارا جوت چاڙهي ڇڏيو.

جڏهن ڪوي ڀڳت شريپتيءَ جو وارو آيو تڏهن هن مشڪندي هيٺيون پد پڙهيو جنهن ۾ هن مٿيون پد "ڪروڙمل آس اڪبر ڪي" جو پرلوڳ ڪيو مگر اُستتي ڀڳوان جي ڪئي نه اڪبر جي.

اب ڪي سلطان ڦنيان سمان ڏئي،
باندت پاڳ اٽمبر ڪي،
ٽج ايڪ ڪو دوسر ڪو جو ڀجئي،
ڪٽ جيڀ گـرئ واٿر ڪي.
سر ناگت "شرابت" ڪي،
نهين ترالس هئه ڪاهه جبر ڪي،
جن ڪو هري ڪي ڪڇ آس نهين،
سو ڪروڙمل آس اڪبر ڪي.

ڪوي شريپت جي ڪوتا ٻڌي حاسد ڪوين جي منهن جا رنگ لهي ويا ته هن ڪيئن نه مٿيون ڏنل پد به ملايو ۽ پنهنجي سڌانت تي قائم رهيو، اڪبر جي پرشنسا نه ڪري ڀڳوان جي مهما ڳائي.

دادو دريا رام جل، سڪل سنت جن ميِن
سک ساگر ۾ سب سکي جن رجب جي ليِن.

ڊرد نهي دلدار ڪا، طالب ناهين جيو،
رجب ورهه ويوگ بن ڪهان ملي سو پيو.

ڪرڻي ڪٺن سبندگي، ڪهڻي سب آسان،
جن رجب رهڻي بنا، ڪهان ملي رحمان.

چنڊ سور پاڻي پون ڌرتي اور آڪاس،
يي سائين ڪي ڪهي ٻي نمون رجب گورداس

اب ڪي جيتي جيت هئي، اب ڪي هاري هار،
او رجب رامهن بجن الپ آيو دن چار.

ڪوي شريپت

ڪوي شريپت ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيه ڀڳت هو. هو جهونٽيڪ اڪبر بادشاهه جو درباري ڪوي هو. مگر هين ڪو ٻين وانگر هو اڪبر بادشاهه جي ساراهه جون سرڪدون ڪين ٻڌندو هو. هو هر وقت شري ڪرشنچندر آنند ڪند جو چنتن ڪندو هو ۽ ٻرڀوء جي پيار جا گيت رچيندو هو.

اڪبر ڪيترن ڪوين کي انعام ڏيندو هو ته هن درباري ڪوين کي حسد جي باهه وڪوڙي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن اٻرڪا ڪندڙ ڪوين ڪوي شريپت جو ڪنڌ جهڪائڻ لاءِ رٿا رٿي. هن اڪبر بادشاهه جي ساراهه ۾ ڪوي

شري گرو هرگوبند صاحب

ڇهين پاتشاهي شري گرو هرگوبند صاحب شري گرو ارجن ديو صاحب جا سپوٽ هئا. سندس جنم امرتسر جي نزديڪ وڏالي ڳوٺ ۾ وڪرم سنبت ١٦٥٢ ۾ ٿيو. شري گرو ارجن ديو صاحب جهان ڪوچ ڪرڻ جو وقت پري ڏسي پنهنجي هٿن سان شري هرگوبند کي گادي سونپي ۽ شرير ڇاڏڻ وقت سنديش موڪليائون ته سنگتا شاهي ظالمن جو منهن ٽوڙ مقابلو ڪجي.

شري هرگوبند صاحب پوڄ پتا جن جي ڪريا وڌيءَ سان ڪري، سندن آگيا انوسار شستر ڌارڻ ڪيا. پرڀات جو آساد پوار ۽ ڪمرٻن ڪري سکن کي شستر ودپا سيکار پندا هئا. هنن سکن ۾ ايڪتيءَ سان گڏ ويرتا جو سنچار پڻ ڪيو. گروجن پاڻ تيرن ۽ تلوارن هلائڻ ۾ تمام قابل هئا.

چنڊال چندوءَ جو من اڃا چڙهيل هو. شري گرو ارجن ديو صاحب کي هٿن ڪشٽ ڏيڻ کان پوءِ به هن جو جيءُ خوش ڪين ٿيو. سو هن وري شري گرو هرگوبند صاحب کي چٺي لکي موڪلي ته تون منهنجي نياڻي قبول ڪر نه ته تو سان به ساڳي جٽ ڪندس.

جڏهن اها چٺي صاحبن کي ملي تڏهن گروجن کيس انڪاري جواب ڏياري موڪليو. چندو ٿيو باهه ٿي ويو ۽ وير وٺڻ جي لحاظ کان هن وري جهانگير بادشاه جا شري گرو

ڀڳت سورداس

ڀڳت سورداس ڀڳوان شري رامچندر جو اننيه اُپاسڪ هو. هن پنهنجي نالي کي چرتارٿ ڪيو. شري سوريه ديوتا جي درشن ڪرڻ کان پوءِ ئي هو اَن جل وٺندو هو. اهو نيم هن ٽوڙيو ئي ڪين هو.

هڪ دفعي برسات جي مند ۾ سندس گهر ۾ ڪي سنت آيل هئا. صبوح جو سوريه ديوتا بادلن ۾ ڇپيل هو. وقت گذرندو ويو مگر آسمان ۾ چوڌاري گهنگهور گهٽائون ڇانيل رهيون.

ڀڳت سورداس خيال ڪيو ته جيڪڏهن هو پاڻ سنتن سان گڏ ڀوڄن نه ٿو وٺندو ته متان ڪي سنت ناراض نه ٿي وڃن.

سو ڀڳوءَ ڪي دل ئي دل ۾ ڌياني پوڄا جي سامگري کڻي جنهن آڪاس طرف منهن ڪيائين ته گهنگهور گهٽائون هٽي ويون ۽ سورداس کي شري سوريه ديوتا جو ساکيات درشن ٿيو. هن سوريه ديوتا جي پوڄا اُپاسنا ڪري پوءِ سنتن سان گڏ ڀوڄن ورتايو.

سنت نيم جا ڪيڏا نه پابند ٿين ٿا. جيڪي نيم ڌاري آهن ڀڳوان پاڻهي اچي انهن جي سهائتا ڪري ٿو.

مان هڪ سندر گهوڙو خريد ڪري وٺي پٺي آيو ته پنجاب ۾ اٽڪ وٽ هڪ امير اهو گهوڙو روڪي شاهجهان بادشاهه کي سوغات طور ڏنو. بادشاهه گهوڙي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. جڏهن گهوڙي تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪيائين ته گهوڙو چيڙو ٿي پيو. گهوڙو نه ڪاٺي نه پيئي ۽ ڏٻرو ۽ بيمار ٿي پيو. بادشاهه گهوڙي مان بيزار ٿي پيو ۽ بادشاهه قاضي رستم خان کي حڪم ڏنو ته اهو گهوڙو وڃي وڪڻي ڇڏ.

رستم خان گهوڙي کي وٺي جڏهن گرو جن جي ڏيري وٽان لنگهيو ته گهوڙي زوردار هڻڪار ڪئي ته هڪدم گرو جن جو ڌيان اوڏانهن ويو. گرو جن ٻاهر ماڻهو موڪلي گهوڙي هلائيندڙ رستم خان ۽ گهوڙي کي گهرايو. رستم خان ڏهن هزارن روپين ۾ اهو گهوڙو گرو جن کي وڪيو. اهو گهوڙو گرو جن وٽ رهڻ ڪري وري نوبنو ٿي پيو.

هيڏانهن ٻازن جي ڳالهه تي شاهجهان شري گرو هرگوبند صاحب کي قيد ڪرڻ لاءِ مخلص خان جي اڳواڻيءَ هيٺ فوج چاڙهي موڪلي.

گرو جن جي بهادر سکن مخلص خان کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو ۽ سندس فوج جون ڌجيون اڏائي ڇڏيون. شاهجهان وري ٻه گرو جن تي فوج چاڙهي موڪلي مگر هار نصيب ٿيس.

شري گرو هرگوبند صاحب سکن ۾ ڀڳتي ۽ ويرتا جو سنچار ڪيو. گرو جن وڪرم سنبت ١٧٠١ ۾ برهملين ٿيا.

برهملين ٿيڻ کان ڇهه ڏينهن اڳ پنهنجي گادي پنهنجي پوٽي شري هرراءِ کي سونپيائون.

هرگوبند جي خلاف ڪن پرڻ شروع ڪيا ۽ ڪڏهن ڀائي گروجن کي گهرايو. پادشاهه جهانگير گرو هرگوبند صاحب سان وار تاليپ ڪري ڏايو پرسن ٿيو. گروجن جي پيشاني ڏسندي ٻاغ ٻهار ٿيو ۽ گروجن جي ساراهه ڪرڻ لڳو.

اها ڳالهه چندوءَ کي نه وڻي، سندس اميدن تي پاڻي ڦري ويو. چندوءَ چالاڪي ڪري پادشاهه سلامت کي چٺي چاليهه ڏينهن گرو هرگوبند صاحب کي گواليار جي قلعي ۾ رهايو جتي اڳ ۾ ئي ٥٢ راجائون بنا قصور قيد هئا.

چنڊال چندوءَ شري گرو هرگوبند صاحب کي گواليار جي قلعي ۾ ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون. زهردار پوشاڪ موڪلي، زهر موڪليو مگر سندس اڳ نيمص ڀراب نه ٿي. پادشاهه جهانگير گرو هرگوبند صاحب جي شخصيت تان ايترو نه متاثر ٿيو جو هن گروجن جي چوڻ تي ٥٢ راجائن کي آزاد ڪيو.

گروجن ساري حقيقت پادشاهه کي ٻڌائي ته ڪيئن چندوءَ ويو ۽ حسد ڪري سندس پتا شري گرو ارجن ديو صاحب کي عذاب ڏنا ۽ وري هاڻي هن کي ختم ڪرڻ لاءِ هيلا هلايا آهن.

پادشاهه جهانگر حقيقتون ٻڌي حيران ٿي ويو هن هڪدم چندوءَ جي ٻانهن گروجن جي حوالي ڪئي ته چندو کي جوڳي سزا ڏيو. گروجن چندوءَ جي ٻانهن سکن کي سونپي جن سندس درگتي ڪئي، سندس ڪتي جهڙي حالت ڪئي.

جهانگير پادشاهه شري گرو هرگوبند صاحب سان گڏ پانولي صاحب ۽ امرتسر ۾ آيو. گروجن جي ٻارهين واڳار ۽ وهنوار ڪان ڏايو پرڀاوت ٿيو. گروجن جڏهن امرتسر پهتا تڏهن مانا گنگاديوي ۽ سارو پريوار ۽ سک سنگت باغ ٻهار ٿي.

هڪ دفعي گروجن جو هڪ پيارو سک گروجن لاءِ روم

شري هنومان جي آراڌنا ڪندو هو. سندس موجب شري هنومان
هن کي ساکيات درشن ڏنو ۽ ڀڳوان شري رام پڻ کيس ساکيات
درشن ڏيندي وردان ڏنو ته وڃي لوڪن جو ڪلياڻ ڪر ۽ ڌرم
جو پرچار ڪر.

سنت رامداس جي جنم جو نالو نارائڻ هو. ڀڳوان شري
رام سندس نالو نارائڻ مان بدلائي رامداس رکيو. رامداس ڀڳوان
شري رام جو درشن ڪري ڏاڍو آنندت ٿيو.

رامداس جڏهن ٻارهن سالن جو ٿيو تڏهن سندس ماتا پتا
کيس وواهه ڪرائڻ جو ويچار ڪيو. هو پنهنجي وواهه جي
ڳالهه ٻڌي اداس ٿي ويندو هو.

هڪ دفعي پنهنجي شاديءَ جو ذڪر ٻڌي هو گهر مان
ڀڄي نڪتو. گهڻي منٿ ڪرڻ کان پوءِ سندس ماتا پتا کيس
مڃايو ۽ وواهه جي تياري ٿي. رامداس وواهه منڊپ ۾ ڏکيو اچي
ويٺو. دروازي کان پوءِ جڏهن پنڊت وڌي پڙهڻ جي رسم
شروع ڪري ٿي هو ته هن گهوٽ رامداس کي چيو ”ساوڌان!“

تڏهن رامداس اِن پنڊت کان ”ساوڌان“ لفظ جو
رهسيه پڇيو. پنڊت وراڻيو ته اڄ کان وٺي تون گرهست جي
جي زنجير ۾ جڪڙجي ويندين تنهن لاءِ ساوڌان رهج.

اهو ٻڌي رامداس وواهه منڊپ مان ڀڄي هليو ويو ۽
گوداوري نديءَ ۾ اچي ٽپو ڏنائين. هو ترندو ترندو اچي ناسڪ
پنچوٽيءَ ۾ پهتو، جتي کيس ڀڳوان شري رام جو ساکيات
درشن ٿيو.

اِس هو هاڻي گوداوري ۽ نندني جي سنگم جي ڪناري
ٽاڪلي ڳوٺ ۾ هڪ غفا ۾ ڀڳوان جي رام جي ڀڳتيءَ ۾ لين
رهيو. ”شري رام جيءِ رام جئه جئه رام“ جو منتر هو اچاريندو

سمرٿ سوامي رامداس

سمرٿ سوامي رامداس نه صرف آڌياتمڪ مارگ درشڪ ۽ سچو سنت هو مگر پنهنجي دور جي راڄنيتي حالتن کي به نئون موڙ ڏنو. هن مهاراشٽر ۾ نئين چيتنا آندي. ڀڳتي ۽ ڌرم جا سنسڪار وجهي وڌ رهيل ساڻ منهن مقابلو ڪرڻ جي شڪتي پيدا ڪئي.

هن جو جنم وڪرم سنبت، ١٦٦٥ ڌاري مهاراشٽر جي جامب ڳوٺ ۾ شري سوراجي پنت جي گهر ۾ ٿيو.
شري سوراجي پنت ڀڳوان سوريه جو اپاسڪ هو ۽ هن ساڍه ٻارهن سال سوريه ڀڳوان جي اپاسنا ڪئي، جنهن ڪانپوءِ کيس ٻه پٽ ڄاوا جن مان ٻيون نمبر هو سنت رامداس. سنت رامداس جي ماتا راڻوبائي ڌارمڪ پرورتيءَ واري ماتا هئي.

هڪ دفعي سندس ماتا پتا کيس سنت ايڪناٿ جو درشن ڪرائڻ لاءِ پئٺڻ وٺي ويا. ايڪناٿ بالڪ رامداس کي ڏسندي ئي چيو ته هي بالڪ شري هنومان جو انش آهي ۽ اڳتي هلي هو مهان سنت ٿيندو.

سنت ايڪناٿ جي اڳڪٿي سورنهن آنا سچي ثابت ٿي. ماتا پتا جي ڌارمڪ سنسڪارن سبب بالڪ رامداس ۾ ڀڳتي، سنيم سداچار جا گڻ پيدا ٿيا. هو نت نيم ڀڳوان شري سوريه کي هزار دفعا پرڻام ڪندو هو. هو شري هنومان جي مندر ۾ وڃي

گهر آيو ۽ گهر جي ٻاهران جئه رام جئه رام جو آواز بلند ڪيو. ماتا سندس آواز سڃاتو. هوءَ هڪدم دروازو کولي ٻاهر آئي. سنت رامداس پنهنجي پياري ماتا جي چرڻن جي خاڪ اکين کي لڳائي جڏهن تي پنهنجو هٿ ماتا جي نيڻن تي رکيو ته ماتا جي نيڻن ۾ نئين جوت اچي وئي. پنهنجي جان جگر نوري نظر رامداس کي ڏسي هڪدم کيس ڀاڪر پاتائين ۽ پٽ کان پڇيائين، ”رامداس تو ڪهڙو جادو هٿ ڪيو آهي جنهن جي زور تي تو مون انڌيءَ کي روشني ڏني آهي؟

رامداس مشڪندي چيو، امان، ”رام نام جو جادو“ ماتا ۽ ڀاءُ جي زور ڀرڻ تي هو ڪجهه ڏينهن اتي رهيو ۽ هن ماتا کي ڪپل گيتا پڙهائي کيس آتم گيان ڏنو.

سنت ٻارهن سال کن ياترا ڪئي. ياترا ڪندي هن هزارن کي رام جي راهه ٻڌائي ۽ ڌرم پرچار ڪيو. سندس ڀڄن جي ڌوڙ ۾ ڪيترا ئي ٻڌجي ويا. وڏن وڏن راجائن مهاراجائن سندس چرڻن ۾ سر جهڪايو.

ڇترپتي شواجي مهاراج سنت تڪارام کي پنهنجو گرو ڪرڻ ٿي چاهيو مگر سنت تڪارام کيس صلاح ڏني ته سنت رامداس کي گرو ڪج. شري شواجي مهراج سمرٿ رامداس جي درشن لاءِ ڏاڍو اُتسڪ هو.

وڪرم سنبت ١٧٠٦ ۾ شنگڻ واڙي ۾ هڪ وڻ جي هيٺان شواجي مهاراج کي سمرٿ سنت رامداس جو درشن ٿيو. سنت رامداس شواجي مهاراج جي شرڌا ۽ ڀاءُ ڏسي کيس پنهنجو شش بڻايو ۽ ڌرم موجب راڄ ڪرڻ جي کيس آگيا ڪئي.

هڪ دفعي شواجي مهاراج ستارا جي قلعي ۾ هو. سنت رامداس پنهنجي ششن منڊليءَ سميت ڀکيا جي لحاظ کان جئه جئه سمرٿ رگهوير جو نعرو هڻندو اتي آيو. شواجي مهاراج هڪ

هو هن الي ١٢ سال سانده ڀيسيا ڪئي.

هڪ دفعي سنت رامداس سنگم وٽ منتر سائڻا ڪري رهيو هو ته هڪ نوجوان استريءَ کيس پرڻام ڪيو. سنت رامداس کيس چيو "ڀاڳن واري ٿيءُ ۽ ٻچن واري ٿين."

اهو ٻڌي ان نوجوان استريءَ چيو "سوامي جي مان ته وڌوا ٿي آهيان مان هاڻي پنهنجي گهوٽ جي استول شرير سان گڏ ستي ٿيڻ واري آهيان. مان ته اوهان کان آشيرواد وٺڻ آيس، مان ائين ٻچن واري ڪيئن ٿينديس؟"

سنت رامداس گوداوري نديءَ مان جل کڻي ان استريءَ جي گهوٽ جي لاش مٿان رام رام چوندي جل ڇٽڪايو ته هو جيوت ٿي اٿي ويٺو. ان شخص هڪدم اٿي سنت رامداس کي پرڻام ڪيو. سندس نالو گرڌر پنت هو. گرڌر پنت ۽ سندس پتني انپورڻا سنت رامداس جي واڪ سڌي ٿيڻ ڪري دنگ رهجي ويا ۽ هنن سوامي رامداس جا چرن پڪڙيا.

سوامي رامداس کين چيو ته اوهان کي اٺ نه پر ڏهه پٽ ڄمندا. سنت رامداس جو وچن ست ٿيو. گرڌر پنت پنهنجو پهريون ٻالڪ اوڌو گوسواميءَ کي سنت رامداس جي چرنن ۾ ڀيٽ ڪيو جو اڳتي هلي سنت رامداس جو مکيه شش ٿيو.

سنت رامداس ڪيترن ئي تيرٿ آستانن جي ياترا ڪئي ۽ ڪيترن ئي هنڌ ڀڳوان شري رام ۽ شري هنومان جا مندر استاپن ڪيا. هڪ دفعي هو پنڍرپر سنت ايڪناٿ جي سماڌيءَ جو درشن ڪرڻ ويو. اتي کيس ڪن سڄڻ ٻڌايو ته ڪٿن نه سندس ماتا سندس ورهن ۾ روئندي روئندي اکين جي جوت وڃائي آهي. سنت رامداس ماتا جي درشن لاءِ پنهنجي اباڻي

سنت تڪارام

سنت تڪارام جو جنم مهاراشٽرا جي ديهو ڳوٺ ۾ وڪرم سمت ۱۶۶۵ ۾ شري بولوجيءَ جي گهر ٿيو. شري تڪارام جي ماتا جو نالو ڪنڪ ٻائي هو. تيرهن ورهين جي عمر ۾ شري تڪارام جو وواهه ٿيو. سندس پتنيءَ جو نالو رکوٻائي رکيو ويو. رکوٻائيءَ کي دم جي بيماري هئڻ سبب تڪارام کي ٻي شادي ڪرائي وئي. سندس ٻي پتنيءَ جو نالو ججائي هو. تڪارام جي پتا بولوجيءَ برڌ اوستا هئڻ سبب گهر گرهست جو ڪاروبار پنهنجي وڏي پٽ ساوجي کي سونپڻ چاهيو. مگر ساوجي ورڪت ٿي سنتن جي سنگ ۾ رهڻ لڳو تنهن ڪري سندس پتا گهر جو ڪاروبار تڪارام کي سونپيو.

شري تڪارام چار سال چڱيءَ ريت گهر جون جوابداريون پوريون ڪيون. سندس پتا پرلوڪ پڌاريا ۽ ٿورن ڏينهن بعد وري وڏي ڀاڄائي به گذر ڪري وئي. شري تڪارام جو وڏو ڀاءُ ساوجي نه دنيوي جهنجهٽن کان ڇٽڪ ٿي تيرٿ ياترا تي هليو ويو.

شري تڪارام جو من گهر گرهست جي وڏڪ جوابدارين ڪري مايوس ٿي ويو. دڪان ۾ ڪيس نفعي بدران نقصان ٿيڻ لڳو، قرض ڪڻڻو پيو، ڏيوالي ڪڍڻ جي نوبت اچي وئي. پر تڪارام جي ساهرن ۽ ڪن ٻين مترن وقت سر مدد ڪئي. سندس پهرين پتني نه سانت سڀاءُ واري هئي ۽ سندس ٻي

ڪاغذ اُڪر لکي سندس جهوليءَ ۾ وڌو.

سنت رامداس اهو چٺي پڙهي، اُن چٺيءَ ۾ لکيل هو، "اڄ کان وٺي مان سارو راڄ گرديو سمرٿ رامداس جي ڪول چرڻن ۾ ارپڻ ڪريان ٿو."

اهو پڙهي سمرٿ رامداس کيس گلي لڳائيندي چيو ته، "پيارا تون راجا آهين ۽ تنهنجو ڌرم آهي راڄ ڪاروبار هلائڻ. تنهن ڪري تو ڏنو، اسان ورتو. اڄ کان وٺي سداءِ رام راڄ سمجهي پنهنجي راڄ ڪاروبار هلائج ۽ پرجا کي سکي ڪج."

شواجي مهراج گرو رامداس جي آگيا انوسار راڄ ڪاروبار هلايو. راڄ گديءَ تي سنت رامداس جون چاکڙيون پراجمان ڪيون. وقت به وقت راڄ ڪاروبار لاءِ گرو رامداس کان صلاح ۽ آسيس وٺندو هو. سنت رامداس سندس رهنمائي ڪندو هو.

هڪ دفعي قلعي جي اڏاوت جو ڪم چالو هو جنهن تي هزارين مزور ڪم ڪري رهيا هئا. شواجي مهراج جي من ۾ سوکم اهنڪار پيدا ٿيو ته سندس ڪري هزارين مزورن کي روٽي ملي رهي آهي جيڪڏهن هو قلعا نه ٺهرائي ته شايد انهن مزورن کي روٽي به نصيب ڪين ٿئي. سنت رامداس ڏٺو ته شواجي مهراج جي من ۾ اهنڪار ورتي پيدا ٿي آهي. اُن ڏينهن هو شام جو شواجي مهراج کي شهر کان ٻاهر وٺي آيو ۽ کيس آکيائين ته هن پٿر کي ٽوڙ.

شواجي مهراج گروءَ جي آگيا انوسار هڪدم اُن پٿر کي ٽوڙيو ته هڪ ڏيڏر ٽپا ڏيندو نڪتو. تنهن تي سنت رامداس شواجيءَ کي چيو، "پيارا اِن ڏيڏر کي به ڇا تون ٿو کارائين؟ جو هو زنده آهي." شواجي مهاراج گرو رامداس جي اشاري کي سمجهي ويو ۽ هڪدم سندس قدمن تي ڪري پيو ۽ ڪشما ياچنا ڪندي چيائين ته اڳتي اُن قسم جو ويچار من ۾ نه آڻيندس.

وڪرم سنوت ١٧٣٩ ۾ سمرٿ رامداس برهملين ٿيو.

وٺل جو ڌيان ڪندو هو. پوڄا اپاسنا ڪندو هو ۽ سنڌيا جي وقت ڳوٺ ۾ واپس اچي هري ڪيرتن ڪندو هو. هاڻي هندي ورتي تام سمرٿ ۾ لڳي وئي ۽ سندس مکاروند مان نڪتي ڪاويه ڌارا پرواهت ٿي. ڏاڍي پريم سان پڪاري ٿي پنهنجا ابهنگ ڳائيندو هو، پر پوءِ ڪي رچنا ٺهندو هو.

ڀڳتي ساڌنا جي ڪري شري ٽڪارام جو يش چوڌاري ڦهلجڻ لڳو. هو سچو سنت ٿي پيو. هڪ ويدانت جي پرڪانڊ پنڊت ديهوءَ جي حاڪم کي چيو ته هي گهٽ ذات جو ٿي ڪري ڀڳوان جا ڀڄن ڳائي ٿو هن کي ديهو مان لڏي ڪڍو.

جڏهن اها خبر ٽڪارام کي پئي تڏهن هو ان پنڊت رامشور ڀٽ وٽ آيو ۽ کيس چيائين ته ڀڳوان پانڊورنگ جي ڪرپا سان ٿي منهنجي مک مان ابهنگ نڪرن ٿا ۽ يش ڪيرتي به ان پرڀو پرماتما جو آهي. جيڪڏهن تو هان کي اعتراض آهي ته مان اڳتي ابهنگ ڪين لکندس.

تنهن تي ان حاسد پنڊت سنت ٽڪارام کي چيو ته هن کان اڳ جي تو ابهنگ لکيا آهن سي نديءَ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏ.

سنت ٽڪارام پنهنجا سمورا لکيل ابهنگ نديءَ ۾ پروان ڪري ڇڏيا. گهٽ ذات جو هئڻ سبب ٽڪارام کي ڀڳوت ڌرم جو اڌڪار نه آهي. پنڊت جو اهو وهنوار سنت ٽڪارام کي ڪين وڻيو.

سنت ٽڪارام پما ڪاڏي ٻئي ڀڳوان وٺل جي مندر جي سامهون هڪ پٿر تي وهي رهيو. ڀڳوان جي درشن جي لالسا ڪندي انهن تيرهن ڏينهن گذري ويا. هن سنڪلپ ڪيو هو ته ڀڳوان وٺل جو درشن ڪندس يا پنهنجي زندگيءَ جي پڄاڻي ڪندس. آخر ۾ مندر واري ڀڳوان جي مورتي لڏي ۽ ڀڳوان وٺل هڪ ٻالڪ جي روپ ۾ سنت ٽڪارام جي سامهون اچي

اُڌري ڪٽ ڪئي هئي، گهر ۾ گهٽي ۽ ٻاهر وري قرض وارن جي ڪٽ پٽ. آخر هن کي ڏيوالو ڪڍڻو پيو. وري به هن دل ٻڌي مرچن جو ڌنڌو ڪيو مگر اُن ۾ به کيس ڪوٽ پئي.

هڪ دفعي سري تڪارام پنهنجي کيت مان ڪمند جون چڙيون ڪٽي ٻڌي آيو ته ٻوٽن کي ٻار آهس. هن انهن ٻارن کي هڪ هڪ ڪمند جي چڙي ڏني ۽ باقي هڪڙي چڙي گهر آڻي پتنيءَ کي ڏني. سندس پتنيءَ مٿس ڏمرجي اها ڪمند جي چڙي سندس پٺيءَ تي هڻي. چڙي هڻڻ سان ٻه ٽڪرا ٿي پئي تڏهن به هي ٻاپڙو تڪارام مشڪندي پتنيءَ کي چوڻ لڳو "ڏس ڪيڏي نه سٺي سمجهي آهين جو منهنجي لاءِ چڙي جي ڪمند جا ٻه ٽڪر ڪيا اٿئي. نه موکي به ٽڪر ڪرڻا پون ها." ٻاري تڪارام ۾ ڪيڏي نه ڪما شيلتا ۽ سهنشيلتا هئي. ستپرشن جا اهي ڳڻا آهن.

سري تڪارام جي پتنيءَ جا ڀائيءَ کيس ٻه سو روپيا اڌارا وٺي ڏنا. سري تڪارام ان سؤ روپين جو لوڻ خريد ڪيو. لوڻ ۾ کيس ڏيڍ سو روپيا فائدو پيو. سري تڪارام جڏهن سودو وڪڻي واپس وري رهيو هو ته کيس ڏڪار جو ستايل هڪ تمام دکي شخص گڏيو. سنت تڪارام اهي سمورا پيسا ان کي ڏئي ڇڏيا.

سري تڪارام ڏٺو ته دنيا لو هو پنهنجي گهر جو خيال نه ڪري پر دين دکين جو خيال ڪندو هو، سندن سنڀال ڪندو هو. سندس ٻهراڻ پتني ۽ پٽ ٻارڙوڪ پڌرا پيا. هاڻي تڪارام جي من ۾ ويراڳ وڌي پيدا ٿي. هو ڏينهن جو سارو ڪاروبار ڇڏي ڏيڪڙ پنهنجي نديءَ ڀاءُ کي سونپي ايڪانت آستان تي ويهي ڀڳوان جا ڀڄن ڳائيندو هو. ڀڳوان وٺل جي مندر ۾ وڃي ڀڳوان

شري گرو هرراءِ صاحب

شري گرو هرراءِ صاحب جو جنم وڪرم سنبت ١٦٨٦ جي مالگهه مهيني ۾ شري گرو هرگوبند صاحب جي سپوٽ گرو دتا صاحب جي گهر ڪرتپور ۾ ٿيو. گهر جي ڌارمڪ واتاورڻ سبب بالڪ هرراءِ ۾ سٺا سنسڪار پيا. ٻارهن ورهين جي عمر ۾ سندن وواهه ٿيو. ١٥ ورهين جي عمر ۾ کين سندن ڏاڏي شري گرو هرگوبند صاحب پنهنجي گادي سونپي.

هڪ دفعي باغ ۾ سير ڪندي گروجن جي ڄامي جو پلؤ هڪ گل جي ٻوٽي کي لڳو ۽ هڪ گل ٽٽي ڪري پيو. اهو ڏسي گرو هرراءِ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ان کانپوءِ هو جامو سنڀالي پائيندا هئا جيئن گل کي به ايذاءُ نه رسي.

شاهجهان جي وڏي پٽ دارا کي سندس ڀاءُ اورنگزيب ملڻ مراد سان ڇيتي جون مڇون ڪاڌي ۾ کارايون جنهن ڪري هو سخت بيمار ٿي پيو. شاهجهان خوب هٿ هلايا ليڪن فرق نه ڪيو. آخر ڪنهن کين ڏس ڏنو ته سائين پنجن جي هرڙ ۽ هڪ ماسي وارو لونگ دارا کي کارائڻ سان فائدو پوندو ۽ اهي ٻئي شيون شري گرو هرراءِ صاحبن وٽان ئي ملڻ ممڪن هيون.

شاهجهان گروجن کي واسطي لکي موڪلي ته ڪرپا ڪري اهي ٻئي شيون موڪلي منهنجي فرزند جي جان بچايو. گروجن جي ٻچا سان شاهجهان ڀال ڪين ڀلايا هئا مگر سائين اُتا ٻهر ٻريا

پيئو. سنت تڪارام هڪدم ڀڳوان جا چرڻ پڪڙيا ۽ ڀڳوان کيس اُٿاري ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ کيس چيو ته تنهنجا اڀنگ اندرياڻي نديءَ ۾ سرڪشت رکيا آهن ڇتا نه ڪجهه. انهن ڇڏي ڀڳوان اُترڏيان ٿي ويو.

سنت ايڪناٿ آکاڙ ۽ ڪارتڪ مهني جي ڪياورسن تي پنڍرپور پنڍري ناٿ جي درشن لاءِ ويندو هو ۽ ڏاڍي نمتا سان نام جو سمرڻ ڪندو هو.

سنت تڪارام مهاراشٽر جي شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي نام ڪيرتن ڪري ماڻهن کي پرڀوءَ جي راهه ۾ ڇڪيو. هن پياري مراٺي ڀاشا ۾ ڪيترا نه مٺا پد لکيا. هو اهي ڀڳتي ڀاونا سان پرڀور پد اڪي ڳائيندو هو. هو ٻاجهه نمرتا جي مورت هو.

هڪ دفعي شواجي مهاراج کيس گرو ڪرڻ لاءِ آيو هو پر پيارو تڪارام سڌ سڌ ٺاڻو کيس صلاح ڏني ته وڃي سمرٿ رامداس کي گرو ڪر. شواجي مهاراج ڪيترو ڀيرو هنکي پنهنجي راڄڌانيءَ ۾ اچڻ لاءِ نوتو ڏنو پر هو پنهنجو غريبيءَ ۾ گذارڻ بهتر سمجهي ٿو.

سنت تڪارام پرانڪاري پڻ آهي هو. هو دکين درويشن جي سيوا به ڪندو هو. وٽس جيڪي ڪجهه ايندو هو سو گهرجائن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. سندس پتنيءَ کي هڪڙي ساڙهي هئي. هڪ ڏينهن هڪ غريب گهرجاڻ ٻراهمڻ کيس ساڙهيءَ جو سوال ڪيو. سنت تڪارام پنهنجي پتنيءَ واري ساڙهي اُن گهرجاڻو ٻراهمڻ کي ڏئي ڇڏي. هڪ دفعي شواجي مهاراج سنت تڪارام جي ستسنگ ۾ ويٺو هو ته کيس خبر پئي ته دشمن ڪاهي آيا آهن. مگر شواجي مهاراج ڪيرتن ۾ لڳاتار ويٺو رهيو. هيڏانهن دشمن ڏٺو ته هڪ سؤ شواجي ترارون ڪڍي سندن سامهون اچي رهيا آهن. دشمن دنگ رهجي ويا ۽ پاڻهي ڀاڄ کائي واپس وريا. اها خبر جڏهن شواجي مهاراج کي پئي تڏهن هن محسوس ڪيو ته اهو ڀڳوان جي ڪرپا ۽ سنت تڪارام جي آسيس جو پرتاپ آهي. سنت تڪارام وڪرم سمبت ١٧٠٦ ۾ برهملين ٿيو.

شري گرو تيغ بهادر صاحب

گيان جي گلزار ڀڳتيءَ جي ڀنڊار شهيدن جي سرتاج شري گرو تيغ بهادر صاحب جو جنم وڪرمي سنبت ١٦٧٩ جي ويساک مهيني جي ٥ تاريخ شري گرو هرگوبند صاحب جي گهر ٿيو.

هي گرو جن جا ننڍا پٽ هئا. هو گهڻو وقت ڀڳوت سمرڻ ۾ گذاريندا هئا. ايڪانت ۾ ڌيان ۾ مگن ٿيندا هئا.

هڪ دفعي هڪ سک مکڻ شاهه جو جهاز سمنڊ ۾ ٻڏي رهيو هو. هن ٻاس ٻاسي ته جيڪڏهن جهاز سلامت ڪناري لڳي ٿو ته شري گرو جن جي گادي نشين کي پنج سؤ مهرون ڀيٽ ڪندس. جڏهن هو ٻهراڙون تي پهتو گرو تيغ بهادر جن سان ملڻ آيو ته گرو جن اڳيان ٥ مهرون ڀيٽ رکيائين.

تڏهن گرو جن مشڪي چيو، "پيارا، اسان ٥ سؤ مهرن جي ٻاس ٻاسي هئي."

اهو ٻڌي مکڻ شاهه ڏنگ رهجي ويو ته ڪئن نه سچگرو سڀس ڪيل انجام کي ڄاڻو. هو ڄاڻيجاڻڻهار آهن. مکڻ شاهه ٻيون پنج سؤ مهرون گرو جن جي ڪمل چرنن ۾ ڀيٽ رکيون.

گرو تيغ بهادر صاحب ٻڪالي شهر ۾ ڪيترن ئي پراڻين کي نام جو اپديش ڏئي سندن جيون چمڪائي ڇڏيا. گرو جن ڪجهه وقت امرتسر جي ٻاهر هڪ ميدان تي اچي رهيا. ان جاءِ کي هاڻي ڏمڏمو صاحب سڏيندا آهن.

هتان پر اُنهن ٻه ڏاڍا گرو جن اهي ٻئي شيون هڪدم شاهجهان
کي موڪليون ۽ دارا اهي شيون ولي عهد مقرر ٿيو. وري
جڏهن اورنگزيب پنهنجي پيءُ شاهجهان کي قيد ڪيو ۽ دارا
ڀڄي ڪابل لڪو. رستي ۾ هن شري گرو هر راءِ وٽ آجهو
ورتو. گرو جن شرڻ آئي جي لڄ رکي.

جڏهن اورنگزيب کي اها خبر پئي، اُنهن هن چالاڪي
ڪري گرو جن کي پاڻ وٽ گهرائڻ چاهيو مگر گرو جن وٽس وڃڻ
کان انڪار ڪيو. اورنگزيب ٻيو هڪ نواب کي حڪم ڪيو
ته زبردستي گرو جن کي مون وٽ وٺي اچ. اهو نواب رستي
۾ ئي ٿڪجي مري ويو.

ڪرتارپور جي هڪ برهمڻ پاس پاسي ته جي پٽ جنمندو
ته ڪيس گرو جن جو شش ڪندس. گرو جن جي ڪرپا سان کيس
پٽ ڄائو مگر جلد ئي پرلوءِ سنڀالي ورتو.

برهمڻ مُئل ٻالڪ کي کڻي اچي گرو جن وٽ آزيون
نيازيون ڪيون ته ٻالڪ کي جيئرو ڪري ڏيو. گرو جن فرمايو ابا
اهو ته پرماتما جي هٿ ۾ آهي. ان برهمڻ مڃيو ۽ وچان دانهون
دانهون ڪيون. سکن گڏجي گرو جن کي ويٺي ڪئي ته
ڪرپا ڪري ٻالڪ کي جيئاريو. آخر گرو جن چيو ته اوهان مان
جيڪڏهن ڪو پراڻ تياڳ ڪرڻ چاهي ته ٻيو هي ٻالڪ زنده
ٿي سگهندو. انهن سکن مان ڀائي ڀگتوءَ جي پٽ جيوڻ چيو ته
سائين مان پراڻ تياڳڻ لاءِ تيار آهيان. ائين چوندي ڀائي جيوڻ
پراڻ تياڳيا ۽ برهمڻ جو ٻالڪ زنده ٿي پيو. گرو جن ڀائي جيوڻ
جي قرباني ڏسي سندس ڪٽنب پريوار کي آسيس ڪيائون ته
هو وڌندا ويجهندا رهندا.

گرو هر راءِ صاحب وڪرم سنبت ١٧٩٨ ۾ پنهنجي ننڍي
پٽ شري هرڪرشن کي گادي بخشي برهملين ٿيا.

شري گرو ھرڪرشڻ صاحب

اٺين پاتشاھي شري گرو ھرڪرشڻ صاحب جو جنم وڪرم سنبت ١٧١٣ جي ساوڻ مھني ۾ شري گرو ھر راءِ صاحب جي گھر ڪيرت پور ۾ ٿيو. پنجن سالن جي ننڍي عمر ۾ کين سندن پتا شري گرو ھر راءِ صاحب گادي سونپي. ٻالڪ شري گرو ھرڪرشڻ صاحب موھڻي مورت ھئا. ننڍڙي اوستا ۾ ڪئن نه درٻار صاحب ۾ وڏي اپديش ڏيندا ھئا. سندن وچن جي وڪا لعل دلين کي ٺاري ڇڏيندي ھئي.

جڏھن سندن وڏي ڀاءُ رام راءِ کي خبر پئي ته گادي شري ھرڪرشڻ کي سونپي وئي آھي تڏھن اورنگزيب کي شڪايت ڪئي ته ڪئن نه سندس حق ماريو ويو آھي.

حقيقت ۾ رام راءِ لوج پتا شري گرو ھر راءِ صاحب جي وچن جو النگھن ڪري اورنگزيب کي خوش ڪرڻ لاءِ شري گرو صاحبن جي ٻاڻيءَ جي ست ۾ لفظن جي ڦير ڦار ڪئي ھئي. تنھنڪري شري گرو ھر راءِ صاحب مٿس ڪافي ناراض ٿيا ھئا ۽ پنھنجي گادي رام راءِ کي نه ڏني ننڍي ڀاءُ شري ھرڪرشڻ کي ڏنائون. تنھنڪري رام راءِ حسد جي ڀاونا سبب اورنگزيب کي پنھنجي ننڍي ڀاءُ جي شڪايت ڪئي.

اورنگزيب ٻاڙن جي قوت جو فائدو وٺي راجا جئسنگھ کي ڪم رکيو ته گرو ھرڪرشڻ کي دھليءَ ۾ وٺي اچي. راجا

جيسنگهه وري گروجن کي دهليءَ هلڻ لاءِ خاص ماڻهوءَ هٿ پتر لکي موڪليو.

گروجن وراڻي لکي "اسين دهليءَ هلي سکن شهوڪن سان ملنداسين مگر اورنگزيب جو منهن نه ڪين ڏسنداسين."

گروجن دهليءَ ۾ پهتا. سکن گروجن جو هارڊڪ سواگت ڪيو ۽ راجا جيسنگهه ٻڻ گروجن سان حالي احوالي ڪيو. گروجن جو درشن ڪري سڀئي پرسن ٿيا. اورنگزيب هڪ امير ذريعي گروجن کي نياپو موڪليو ته هو سندن درشن ڪرڻ ٿو چاهي. گروجن امير کي جواب ڏنو، ته هو اورنگزيب سان ملاقات ڪين ڪندا.

اورنگزيب اهو انڪاري جواب ٻڌي اندر ۾ غصي ٿيو ته هڪ سائين ستن سالن جو ٻالڪ ايڏو نر ڀيڪتا سان جواب ٿو ڏئي. ان وقت دهليءَ ۾ پليگ جي بيماري ڦهليل هئي. ڪيترا ئي پليگ ۾ ورال شخص گروجن وٽ آسس وٺڻ آيا ۽ شفاياب ٿي ويا. گروجن جو يش چوڌاري ڦهلجي ويو.

رام راءِ کي اها ڳالهه ڪين وڻي. هو وڌيڪ حسد جي آڳ ۾ جلڻ لڳو ۽ بادشاهه اورنگزيب جا ڪن ڀرڻ لڳو.

اورنگزيب پڻ ڪنهن نه ڪنهن نموني گرو هرڪرشڻ صاحب کي اسلام ۾ آڻڻ ٿي چاهيو. ان ڪري هن ور ور راجا جيسنگهه جي معرفت گروجن جو درشن ڪرڻ ٿي چاهيو.

گروجن جاڻي جاڻڻهار اورنگزيب جي اندر جي ڀاونا کي پرکي ويا. هنن اورنگزيب جو منهن ڏسڻ ئي ڪين ٿي چاهيو.

هاڻي گروجن دشت اورنگزيب جي منهن ڏسڻ کان اڳ لاءِ هنن اسٿول شرير جو تياڳ ڪرڻ چاهيو. دهليءَ کان ٻاهر ٽڪري ڏارو لڳائي آسڻ پوڻ اٺن مهين جي ننڍڙي عمر ۾ گروجن وڪرم سمت ١٧٢١ ۾ جوتي جوت سمايا.

ڪشمير جي صوبيدار شير افغان اورنگزيب جي فرمان موجب هندن جو ڌرم ڦيرائڻ ڪرڻ لاءِ ساڻن جٽيون ڪيون.

ڪشمير جا ڪي پنڊت ڌرم رکشا لاءِ شري گرو تيغ بهادر مهاراج وٽ آيا ۽ اچي سمورو احوال ٻڌايائون ته ڪيئن نه اورنگزيب هندن سان عقوبتون ڪري رهيو آهي.

گروجن هندن سان ايترو ظلم جو وهنوار ٻڌي دل ۾ سوچڻ لڳا. تڏهن ٻالڪ گوبند سنگهه کانئن پڇيو ته پتاجي اوهان ڪهڙي چنتا ۾ آهيو. تڏهن گروجن گوبند کي چيو، اڄ هندو ڌرم جي ”رکشا لاءِ“ ڪنهن مهاپرش جي قربانيءَ جي سخت ضرورت آهي. تڏهن ٻالڪ گوبند سنگهه ورائيو ”پتا جي اوهان کان وڏو ٻيو مهاپرش ڪهڙو ٿي سگهي؟“ ٻالڪ جا اهي سياڻپ ڀريا لفظ ٻڌي گروجن کيس گلي لڳايو ۽ هندو ڌرم جي رکشا لاءِ هو دهليءَ روانا ٿيا.

اورنگزيب گروجن کي پاڻ وٽ گهرائي چيو، ”مان سڄي هندستان ۾ اسلام جو جهنڊو بلند ڪرڻ ٿو چاهيان. توهان پڻ پنهنجن سکن شيوڪن سميت مذهب قبول ڪريو. مذهب قبولڻ کان پوءِ سڀئي هندن کي مالا مال ڪندس.“

گروجن اورنگزيب کي سمجهائيندي چيو، انهن لکن هندن جو خون وهائي ڌرم ڦيرائڻ ڪرڻ پاپ آهي. ڌرم ته سيکاري ٿو مانو ٿا. تون ظلم جي گهوڙي تي سوار آهين، سر وڃي ته وڃي پر هندو ڌرم جي رکشا ڪنداسين.

گروجن جا وچن ٻڌي اورنگزيب کي باهه لڳي وئي ۽ هن گروجن کي قيد ۾ بند رکيو. گروجن سان گڏ پنج سک ساڻ هئا انهن مان هڪ متيداس چيو، ”حڪم ڪريو ته ظالم کي سبق سيکارجي.“ اها ڳالهه اورنگزيب جي ڪن تي پهتي هن جلاد کي حڪم ڪيو ته متيرام کي ڪاراتيءَ سان چيري ٻه اڌ ڪريو. حڪم جي تعميل ٿي. متيرام شهيد ٿي ويو. گروجن سکن کي

گروجن ڪيرت پور کان ڇهن ميلن جي دوريءَ تي انندپور نالي نئون شهر اڏايو. ستگرن جي ڪرپا سان انندپور جلد ئي وسجي ويو. گروجن کي جيڪا ڀيٽا ملندي هئي سا شهر جي اڏڻ ۾ لڳائيندا هئا. نت نيم سان سمرڻ ڪندا هئا ۽ براهمڻن کي پڻ اپديش ڪندا هئا.

هڪ دفعي گروجن جهنگل ۾ ڏيرو ڪيو. ٻه چور هڪ هندو ۽ هڪ مسلمان گروجن جو گهوڙو چوري ڪرڻ چاهيو ۽ ان مراد سان هو اڌ رات جو چوري ڪرڻ آيا ته اوچتو اتي هڪ شينهن ظاهر ٿيو. شينهن گروجن جي ڏيري اڳيان سر جهڪائي هليو ويو.

مسلمان چور محسوس ڪيو ته گروجن اوليا آهن انهن جي چوري ڪرڻ مناسب نه آهي. هو ماٺ ڪري گهر واپس ويو.

هندو چور مت ٻڌي ڪجهه وقت بعد گروجن جو گهوڙو چوري ڪري جڏهن ٻاهر نڪتو ته سندس اکين مان روشني غائب ٿي وئي ۽ انڌو ٿي پيو، هلڻ کان هلاڪ، قدرت کانئس اُتي جو اُتي حساب چڪتو ڪيو.

گرو تيغ بهادر صاحب ڪيترن ئي تيرٿ آستانن تي ويا. سفر ڪندي سڀن کي نام جي راهه ۾ ڇڪيائون.

آسام جي راجا رام گرو مهاراجن کي پتر سنتان لاءِ ونتي ڪئي. گروجن آسيس ڪندي کيس پٽ جي بخشش ڪئي. گروجن کي ء پٽنا مان سنڌيش آيو ته کين ء پتر سنتان ٿي آهي جنهنجو نالو شري گوبند سنگهه رکيو ويو. گروجن پتر جنم جي خبر ٻڌي پٽنا ويا ۽ ڪجهه وقت اُتي گذاريائون.

بادشاهه اورنگزيب اسلام جي پرچار لاءِ تلوار کان ڪم ورتو زور زبردستيءَ سان ليڪن هندن جو ڌرم پراوران ڪيو ويو.

شري گرو گوبند سنگهه صاحب

ڀڳتي ۽ شڪتيءَ جي اوتار دسوين پاتشاهي شري گرو گوبند سنگهه صاحب جو جنم امرت ويلي پوهه مهيني جي 17 تاريخ وڪرم سنبت 1723 ۾ پٽنا شهر ۾ شري گرو تيغ بهادر صاحب جي گهر ٿيو. ماتا گوجري ٻالڪ کي جنم ڏئي ڀاڳ ڀار ٿي، سندس ڪک سڦلي ٿي.

جڏن ٻالڪ وڏو ٿيو تڏن کين گرمکي اکر سيکاريا ويا گرمکي اکر سکڻ بعد شري گرو گوبند سنگهه جن گروواڻي جو اڀياس ڪندا هئا. کين سنسڪرت ۽ فارسي پڻ سيکاري وئي. وقت جي تقاضا انوسار کين شستر ودّيا ۽ گهوڙيسواري جي سکيا پڻ ڏني وئي. ستن ورهين جي عمر ۾ سندن وواهه ڪيو ويو.

شري گرو گوبند سنگهه اڃا ڏهن ورهين جا هئا جو هنن پوڄ پتا شري گرو تيغ بهادر صاحب کي هندو ڌرم جي رکشا لاءِ قرباني ڪرڻ جي وينتي ڪئي. شري گرو تيغ بهادر هندو ڌرم ۽ جاتيءَ جي صدقي دهليءَ ۾ شهادت جو جام پيتو.

شري گرو تيغ بهادر صاحب جن جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ

انت ڏيندي ڇو ظالم اورنگزيب جي ٻُڌڻ لاءِ اسين نه قرباني ڪنداسين. اوهان کي جيڪڏهن موت جو ڀئو آهي ته بلاشڪ جيل مان ڀڄي وڃو. گروجن جي ڪرپا سان انهن سکن جي هٿن مان هٿڪڙيون هٽ ڪري پيون ۽ جيل جو دروازو کلي پيو ۽ پهريدار کي ننڊ اچي وئي. ڀائي گرڏتو گروجن سان گڏ جيل ۾ رهيو باقي ٽي سک جيل مان ڀڄي ٻاهر نڪتا. جڏهن اها خبر اورنگزيب کي پئي تڏهن هن کي ڏاڍو غصو لڳو.

گروجن وٽ جيل ۾ هڪ قاصد سندن سپتر جو پتر کڻي آيو جنهن ۾ لکيل هو ته ڪيئن سڀ ٻارڙا، ماتا ناناڪي، ماتا گجري ۽ ٻيا گروجن جي درشن لاءِ پياسا آهن. گروجن اُن پتر جي موٽ ۾ ڪين ڪمان ۽ وراڳ سان ٻه ٻور شلوڪ لکي موڪليا جي شلوڪ هاڻي نائين محلين جي ٻاڻي سان پيسڪ آهن.

اورنگزيب گروجن کي آخري اطلاع ڏنو يا مذهب قبول ڪريو يا موت. گروجن کيس جواب موڪليو:

”سر جاوي تو جاوي، هندو ڌرم نهين جاوي.“

دشت اورنگزيب گروجن کي قتل ڪرڻ جو فرمان ڪيو. شهيد ٿيڻ کان اڳ گروجن هڪ سک کي چيو، اسان جو سر اُڏامي اچي تنهنجي جهول ۾ پوندو. تون اهو کڻي اسانجي سپتر گوبند سنگهه کي آنندپور ۾ ڏئي اچج.“

۵ مانگهه وڪرم سنبت ١٧٣٢ ۾ جڏهن دشٽن گروجن کي قتل ڪيو تڏهن گروجن جو سر اُڏامي اُن سک جي جهوليءَ ۾ وڃي پيو. جلاد سر کي اُڏامندو ڏسي عجب ۾ پئجي ويا. هيڏانهن اهو سک گروجن جي سيسي کڻي آنندپور ۾ شري گرو گوبندسنگهه وٽ آيو. سڀني جي اکڙين ۾ آنسون هئا ۽ چوڌاري غم جي گهٽا ڇانئجي وئي.

شري گرو گوبندسنگهه ۽ سڀني سکن گروجن جي سيس جو اگني سنسڪار ڪيو. ڌرم جي صدقي شري گرو تيغ بهادر جن شهادت جو جام پيتو. لافاني قربانيءَ ظالم اورنگزيب جو انت آندو.

شهادت جام جن پيتو سدائين سي زنده آهن،
هٿي اي جسم آ ان جي هٿي اي جسم نا ٻانن.

جي ليڊرن لاءِ مورڪيو. گروجن دکڻ ديدون ٻيواهن لاءِ خاص لنگر هلائيندا هئا. هندو جاتيءَ ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ گروجن ڪافي ڪوشش ڪئي، ويھ ورس سان ٻاهر ڪولانون رهيو ن. گروجن جڳدمبا ديوي مالا جي اپاسنا پڻ ڪئي.

وساکيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ گروجن وڏو ديوان لڳايو. هزارين سک آيل هئا. گروجن انهن جي اڳيان وڃڻ لاءِ چيو، ”هندو ڌرم جي رکشا لاءِ سر ويڙهن جي سخت ضرورت آهي جي سر ڌريءَ تي رکي ميدان ۾ اچن.“

پوءِ هڪ سک دياسنگھ اڳيان آيو، گروجن تلوار ڦيرائيندا ان سک کي تنبوءَ ۾ وٺي ويا، هڪ ٻڪري ماري تلوار هلائي ٻاهر آيا ۽ دياسنگھ کي شهيد ڪيو سين. تنبوءَ مان رت وهڻ لڳو. اهڙيءَ طرح هزارين سکن مان صرف پنج سک گروجن اڳيان هر قرباني ڪرڻ لاءِ نڪري نروار ٿيا. گروجن وساکيءَ ڏينهن انهن پنجن پيارن کي گرو واڻي پڙهي پهل پيئاري خالصا پنٿ جو آرنڀ ڪيائون. پنجن پيارن کي ڪنگو ڪرپان ڪڙو ڏنائون ۽ چيائون، ”خالصا ٿيڻ لاءِ اهي چار شيون سدائين ساڻ هجن ۽ پنجون ڪيس (وار) رکائڻ به لازمي آهي. خالصن کي ڌرم جاتي ۽ ديش جي رکشا لاءِ سدائين تيار رهڻ گهرجي، قرباني ڏيڻ ۾ ڪيٻائڻ نه گهرجي. اڄ کان وٺي توهانجي نالي جي پٺيان سنگھ (شير) لفظ ڳنڍيو ويندو، اوهان کي شينهن وانگر بهادر ٿيڻو آهي. گرباڻي پڻ لازمي پڙهڻي آهي. اڪال پرک جو ڌيان ڪرڻو آهي ۽ ڏکين ديهن جي خدمت به ڪرڻي آهي.“

شري گرو گوبند سنگھ صاحب جڻ ر ٿاڻو ملٽري فورس تيار ڪيو، جنهن اڳتي هلي هندو ڌرم، جاتي ۽ ديش جي

سندن ئي آديش انوسار شري گرو گوبند سنگهه ننڍڙي اوستا ۾ گاديءَ تي براجمان ٿيا. ننڍي عمر ۾ وڏي جوابداري ڪلهن تي کڻڻي پيئي. اُن وقت ڏاڍي ڇڪتاڻ وارو وايو منڊل هو. هندو ڌرم جي رکشا لاءِ هر قسم جي قربانيءَ جي سخت ضرورت هئي.

شري گرو گوبند سنگهه شڌن شيوڪن کي تاڪيد ڪيو ته اڌرمين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ هٿيار ٻڌوار ۽ گهوڙا ڀيٽا جي روپ ۾ پيش ڪريو. گرو جن سکن جو فوجي جٿو تيار ڪيو ۽ سکن ۾ ويرتا جو سنچار ڪيو.

"چڙيون کو مين باز بڻائون، تب گوبند سنگهه نام ڪهائون."

ظالم اورنگزيب کان هندو راجائن کي ٻڙ چرچ ڏئي شري گرو گوبند سنگهه سان جنگيون جوٽايون. اورنگزيب جو لشڪر گرو جن تي حملو ڪري آيو ۽ اُن لشڪر آنندپور کي گهيرو ڪيو. اهو حملو ڏينهن ڏئي جو اوچتو ٿيو انهن ڪري گرو جن جو ڪجهه نقصان ٿيو. گرو جن راڄ جو دشمن جي نڪ ۾ دم آڻي ڇڏيو. هو جيڪو مال اسباب لٽي ڦري ويا هئا اهو به هُن کان واپس ورتو ويو. اورنگزيب جو ڪيترو لشڪر ته ختم ٿي ويو.

شري گرو گوبندسنگهه مهاراجن کي چار پُٽ اجيت سنگهه، زورآور سنگهه، جهوجهار سنگهه ۽ فتحسنگهه ڄاوا. گرو جن پاڻ بانڪا بهادر هئا ته سندن سپوٽ به وير بهادر هئا. شير جي سنتان شير ٿيندي آهي.

گرو گوبندسنگهه مهاراج نت نيم امرت ويلي اُٿي نرنڪار جو سمرڻ ڪندا هئا. ٻراهمڻن ۾ ڀڳتي ۽ شڪتيءَ جو سنچار ڪندا هئا. گرو جن ڀارت جي پراچين ڌارمڪ پستڪن جي سکيائن جو پرچار ڪيو اُن لاءِ گرو جن سکن کي ڪاشيءَ ۾ سنسڪرت پڙها

شري گرو گوبند سنگهه جي پٽ اجيت سنگهه ۽ ٻين سپهه سالارن دشمن جي لشڪر کي ٽوٽا چبايا. گروجن پنهنجن ٻن پٽن اجيت سنگهه ۽ جهوجهار سنگهه ۽ ڪجهه سکن سان گڏجي چمڪور طرف هڪ باغ ۾ رهيا. اجيت سنگهه ۽ جهوجهار سنگهه دشمن جون واهون ٻتال ڪندي شهادت جو جام پيتو. گروجن کي ڏاڍين ڏکن ڏولاون سان گذر ڪرڻو پيو.

انند پور ڇڏڻ وقت گروجن جي ماتا، پتني ۽ ٻه پٽ زوراور سنگهه ۽ فتح سنگهه ۽ پنهنجي رسوئي گنگارام برهمڻ سان گڏ روانا ٿيا. اُن برهمڻ گنگارام ساڻن وشواس گهات ڪيو، سندن جواهرات ۽ پيسا کڻي نمولي لڪايائين ۽ نواب کي چغلي هڻي گروجن جي ٻنهي پٽن زوراور سنگهه ۽ فتح سنگهه کي گرفتار ڪرايو. قاضيءَ حڪم ڪيو ته گرو گوبند سنگهه جي انهن ٻنهي فرزندن کي مسلمان ڪيو وڃي. جي هو اسلام ۾ اچڻ قبول ڪن ته کين نه ڪيو وڃي.

زوراور سنگهه ۽ فتح سنگهه تي ڪافي زور بار آندو ويو ته هو اسلام قبول ڪن، کين لوڀ لالچ پڻ ڏني وئي مگر گروجن جا ٻئي فرزند ڌرم تي قائم رهيا. هنن قتل ٿيڻ قبول ڪيو پر مذهب ۾ داخل ٿيڻ کان انڪار ڪيو. ٻنهي وير پٽن کي ظالم نواب جيئري ڀتين ۾ چڻايو.

گرو گوبند سنگهه پنهنجا ڪيا قربان جگر جاني،
اٽل ها ڌرم پنهنجي تي ڇٽيا ويا لعل لاثاني.

ماتا گوجري پوٽن جي سخت صدمي سبب پرلوڪ پڌاري. گرو گوبند سنگهه چمڪور جي قلعي مان نڪري جت پور آيو. جتي راءِ ڪلها سندس چڱي سيوا ڪئي. تنهن بعد گروجن مالوا ۾ ڪجهه وقت رهيا.

گروجن هاڻي وري ڪجهه شستر هٿ ڪيا ۽ دشمن جي

رکشا لاءِ پاڻ پٺوڙ ٿيو. خالصا پنٿ ۾ پوءِ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيا اڄ ته انهن جو انداز لکن ۾ آهي.

شري گرو گوبند سنگهه جي وڌندڙ ڪرتي ڏسي ڪن هندو راجائن ۾ پڻ حسد پيدا ٿيو. انهن مان ڪن شري گرو گوبند سنگهه خلاف اورنگزيب جا ڪن ڀريا.

اورنگزيب لاهور ۽ سرحد جي نوابن کي حڪم ڪيو ته گرو گوبند سنگهه تي حملو ڪريو. انهن نوابن حڪم جي تعميل ڪئي. فوج وٺي انندپور کي گهيرو ڪري حملو ڪيو. شري گرو گوبند سنگهه انهن کي ٽوٽا چٻايا. نوابن جي هار ٿي. اهو ٻڌي اورنگزيب حڪم ڪيو ته ڪيئن به گرو گوبند سنگهه کي قيد ڪري شاهي دربار ۾ پيش ڪريو.

لاهور ۽ ڪشمير جي نوابن وري گروجن تي وڏي فوج وٺي زبردست چڙهائي ڪئي. گروجن جي لشڪر وري به دشمن جي نڪ ۾ دم آڻي ڇڏيو ۽ سوڀ حاصل ڪئي.

اورنگزيب شڪست جو احوال ٻڌي وري جوش ۾ آيو سندس مراد پوري ڪونه ٿي. هن پنجاب جي نوابن کي حڪم ڪيو ته سڀ گڏجي انندپور تي حملو ڪري گرو گوبند سنگهه کي ختم ڪريو.

نوابن لشڪر وٺي گهمسان سان جنگ جوٽي، انندپور جي قلعي کي چوڌاري گهيرو ڪري ڇڏيائون. شري گرو گوبند سنگهه پڻ خالصا فوج ڏاڍي همت سان منهن مقابلو ڪيو مگر قلعي جي چوڌاري دشمن جي گهيري سبب کاڌي پيتي جي سامان جي اٿاوت سبب ڪيترن خالصن کي بک جو پڻ مقابلو ڪرڻو پيو. حالت نازڪ ڪڙيءَ تي پهتي جو گروجن کي پريوار ۽ باقي بچيل فوج سميت انندپور ڇڏڻي پئي. انندپور ڇڏڻ وقت پڻ دشمن اوچتو مٿن حملو ڪيو.

سنت گلال صاحب

اُتر هندستان جي گاجيپور ايراضيءَ جي ڀرڪڙا ڳوٺ ۾ سنبت ۱۷۵۰ ۾ سنت گلال جو جنم ٿيو. هن جو پتا رواجي زميندار هو. جڏهن گلال وڏو ٿيو ته کيس شادي ڪرائي وئي. هو کيتي ٻاري سنڀاليندو هو. سندس کيت لاءِ ڪم ڪندڙ هڪ ڪڙٻي ٻلاڪيرام هو جو پوءِ ٻلا صاحب جي نالي سان پرسد سنت ٿيو، جنهن گهڻن کي ايشور جي راهه ۾ ڇڪيو.

هڪ دفعي شري گلال پنهنجي کيتي ٻاريءَ جي سار سنڀال لهڻ لاءِ کيت ۾ آيو. هن ڏٺو ته ٻلاڪيرام کيت کيڙڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. ٻيل کيت ۾ ڪلي سان ٻڌل آهن. هن هڪدم ٻلاڪيرام کي سڏ ڪيو. ٻلاڪيرام ته ايشور جي ڌيان ۾ لين هو.

شري گلال سمجهيو ته ٻلاڪيرام ڪم ڪان نٽائي آرام ڪري رهيو آهي. سو هن ڪٽي هڻ ته ٽم هڪدم ٻلاڪيرام جي پٺيءَ تي زور سان لت لڳايائين. ٻلاڪيرام جي ڌيان ۾ وگهن پيو. هن ڏٺو ته ٻلاڪيرام جي هٿن مان ڏهيءَ جو ڪٽورو ڇلڪي رهيو آهي. اهو ڏسي هو عجب ۾ پيو.

ٻلاڪيرام ڏڪندڙ آواز ۾ چيو ته مالڪ، مون کان غلطي ٿي وئي آهي جو ڪم بند ڪيو اٿم معاف ڪندا اڄ ٽي اٿن ته ٿيندو مان سنتن جي سيوا ۾ رڌي ويس، انهن کي کاڌو

مقابلي لاءِ فوج ڪني ڪئي. اهو ٻڌي سرهند جي نواب وري گروجن تي حملو ڪيو. گروجن جي سکن نواب جي فوج کي نونا چٻايا. گروجن اورنگزيب کي ظفرنامو لکي موڪليو جنهن ۾ سندس ظلمن جي اوگهڙ ڪندي کيس ڪي هدايتون لکي موڪليائون.

اورنگزيب پڇتاءُ ڪندي گروجن کي لکيو ته وري هو گروجن تي چڙهائي ڪين ڪندو نه وري ٻين نوابن کان حملو ڪرائيندو.

شري گرو گوبند سنگهه مهاراج آدي گرنٿ وري لکائڻ شروع ڪيو جنهن ۾ نائين پاتشاهي شري گرو تيغ بهادر صاحب جي باڻي ٻڻ درج ڪيائون. شري گرو گوبند سنگهه صاحب پاڻ اوچ ڪوٽي ۽ جا ڪوي هئا. هنن ٻڻ ڪيتري باڻي لکي. گروجن جدا جدا ڄڻن ۾ وڃي نام جو پيغام ڏنو. گروجن بندي بهادر کي شستر ڏئي هندو ڌرم جي رکشا لاءِ تيار ڪيو.

بندو بهادر گروجن جي آگيا سان ڪجهه بهادر سکن کي وٺي سرهند جي نواب جي حڪومت کي ڌوڏي ڇڏيو.

بادشاهه بهادرشاهه هڪ سازش سان هڪ مسلمان گل خان کي ڀڙڪائي لالچ ڏئي گروجن وٽ نوڪري ڪرڻ جي صلاح ڏني، جئين هو وجهه وٺي ڪنهن نه ڪنهن وقت گروجن کي ختم ڪري. گل خان اُن ملعون مراد سان گروجن وٽ نوڪري ڪئي ۽ هڪ ڏينهن جيئن گروجن اڪيلا آرام ۾ هئا ته هن نادان گروجن کي پيٽ ۾ ڪٽاري هڻي گهايل ڪيو. گروجن انهي ان دشت کي ختم ڪيو مگر ڪٽاري لڳڻ سبب ڪافي خون وهڻ لڳو. سندن زخم جو علاج ڪيو ويو. گروجن ٺيڪ ٿيا مگر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وري اهو زخم کلي پيو. گروجن محسوس ڪيو ته هاڻي هن استول شرير ڇڏڻ جو وقت پهتو آهي. سکن کي سڏائي آخرين اپديش ڏنائون ته شري گرو گرنٿ صاحب کي ئي گرو ڪري مڃيندا ۽ ڌرم تي قائم رهندا. شري گرو گوبند سنگهه صاحب وڪرم سمبت ١٧٠٨ ۾ برهملين ٿيا.

سنت غريبداس

سنت غريبداس جو جنم پنجاب جي ڇڙاني ڳوٺ ۾ ويساک پورنما وڪرم سنبت ١٧٧٤ ۾ ٿيو. ننڍپڻ ۾ سندس دل ڪرمڪار ۾ ڪين لڳندي هئي. سنتن مهاتمائن جو درشن ڪري هو ڏاڍو پرسن ٿيندو هو. سندس نصيب کليو جو سنت دادو ديال کيس گرو روپ ۾ پراپت ٿيو. ڪيڏي نه صدق سان هن سنت دادو ديال جي سيوا ڪئي.

سنت دادو ديال جي پرلوڪ ٿيڻ کان پوءِ سنت غريبداس سندس گاديءَ تي پرڌان ٿيو. سنت غريبداس پنهنجي ٽالي کي سار ٿڪ ڪيو. جيڪا به کيس ڀيٽا ملندي هئي سا غريبن دکين جي سيوا ۾ خرچ ڪندو هو.

بادشاهه جهانگير ڪي ڳوٺ کيس دان ۾ ڏيڻ لئي چاهيا مگر هن انهيءَ موريءَ سو پڪار نه ڪيا. سندس زبان ۾ رڌي سڌي هئي. هو سديو ڀڳوان جي مهما پيو ڳائيندو هو.

هڪ دفع گرميءَ جي منڌ ۾ بادشاهه جهانگير ٽوليءَ سميت سنت غريبداس جو درشن ڪرڻ آيو، ان وقت اتي پاڻيءَ جي ڏاڍي اڻاٺ هئي. بادشاهه جهانگير سنت غريبداس کي پاڻيءَ جي تڪليف دور ڪرڻ لاءِ وينتي ڪئي.

سنت غريبداس وڻٺا کٽي ملهار راڳ ڳايو ته هڪدم بادل

پروسي رهيو هوس. باقي ڏهي رهيل هئي. جڏهن اوهان آيا تڏهن اٺهن کي ڏهي ڏني رهيو هوس.

اها وارتا ٻڌي شري گلال عجب ۾ پئجي ويو ته مهنجو ڪڙمي اڏيالمڪ راهه تي اڳتي وڌي ويو آهي ۽ مان اڃا تائين ننڍي رهجي ويو آهيان. هو هڪدم هنهجي ڪڙمي ٻالڪرام جي چرنن تي ڪري پيو ۽ اُن کان ايشوري راهه جي سکيا ورتائين. شري گلال گرهست ۾ رهندي به ايشور چنتن ۾ لين رهندو، آوري ٿي وقت ۾ پگوت پنهن ڪندي رچي راس ٿي پيو.

هاٿي زميندار گلال سنت گلال صاحب ٿي پيو. سندس چيت جي ورٽي چووهه تي ڪلاڪ نام ۾ لڳل هوندي هئي. هن سون کي پراپو جو پيغام ڏنو ۽ سندن جيون ۾ ڦيرو آندو. سنبت ١٨١٦ ۾ پرلوڪ پڌاريو.

هن صاحب جي من ۾ پڳتي ڀاونا جون لهرون ڪاهه جي روپ ۾ چلڪنديون هيون. سندس هڪ پڳتي پرڪ ڪاويه سنگره آهي جنهن ۾ هن صاحب نام جي مهما ۽ ستگرن جي ڪرپا وغيره وشين تي لکيل پنهن سنگرهيت آهن. هڪ پنهن ۾ هو چوي ٿو ته آهو ڏينهن ننڍي سڀاڳو آهي جنهن ڏينهن ڪنهن سنت جو درشن ٿئي. سنتن جي ڪمل چرنن جي مهما ڪرڻ جي مون کي طاقت ڪٿي آهي. برهما وشڻو شنڪر پڻ سادن جي پويان ڦرن ٿا. اهڙن سنتن جو سنگ لڄ ڪي مهان پڙاڻي ٿو:

سو دن ليکي جا دن سنت ملا نهين،
سنت کي چرن، ڪمل کي مهما، موري بولي ارن نه جانهه.
برهما وشڻو مهيش ساڌ سنگ، پاڇي لاڳي جانهه.
داس گلال ساڌ کي سنگت، نيچ پرم پد جانهه.

سنت ونکنبي مهاراج جو جنم پنجاب جي پٽيالا رياست ۾ شري رامچندر برهمڻ جي گهر وڪرم سمبت ۱۸۲۰ ۾ چيٽ مهني ۾ ٿيو. سندس جنم جو نالو بالچندر هو. بالڪ بالچندر ننڍپڻ سياڻو ۽ ڏاڍو ٻالڪ هو.

شري رامچندر کي پٽر سنتان ڪين هئي. سنت ميلارام جي آشيرواد سان ئي کين ٻهريون پٽ ٻالچند ڄائو. شري رامچندر سنڪلپ ڪيو هو ته هو ٻهريون ٻالڪ سنت ميلارام کي ارپڻ ڪندو. شري رامچندر سنڪلپ انوسار ٻالڪ ٻالچندر کي ڏهن سالن جي عمر ۾ سنت ميلارام جي چرڻن ۾ ارپيو.

هڪ دفعي پٽيالا جي راجا سنت ميلارام کي وينتي ڪري پنهنجي محل ۾ گهرايو. ٻالڪ ٻالچندر به سنت ميلارام سان گڏ هو. راجا جون راڻيون ٻالچندر کي ڏسي کيس خوب پيار ڪرڻ لڳيون. ان وقت ٻالڪ ٻالچندر محل مان نڪري هڪ وڻ جي هيٺان وڃي سماڌيءَ ۾ ويٺو.

ان گهٽنا کان پوءِ سنت ميلارام ٻالچندر جو نالو بدلائي ونکنبي رکيو. ستگرو سنت ميلارام جي ڪرپا سان شري ونکنبي مهاراج ۲۰ ورهيه سنت شاسترن ۽ ويدن جو اڀياس ڪيو ۽ تيرٿ ياترا پڻ ڪئي.

ياترا ڪندي هو آسام ۾ هڪ ديوي ماتا جي مندر ۾ آيو. اتان جي پوڄارين کيس ٻڪري ديويءَ اڳيان ٻل چاڙهڻ جو پڪو ارادو ڪيو. شري ونکنبي مهاراج اتان ڪنهن اٽڪل سان نڪري آيو. ڪجهه سالن کان پوءِ شري ونکنبي مهاراج ان ساڳئي آستان تي ويو ۽ ان مندر جي پوڄارين کي سمجهائي ٻل چاڙهڻ جي رسم بند ڪرائي ڇڏي. سوامي ونکنبي مهاراج رامشور ۾ اداسي آشرم استاپن ڪيو.

پرسيا. اهو ڪوتڪ ڏسي بادشاهه جهانگير حيرت ۾ پئجي ويو.

گرهست ۾ رهندي به هن "نام سمرڻ" ۾ چت لڳايو ۽ سوُن کي نام جو منتر ڏنو. وڪرم سنبت ١٨٣٥ ۾ هو برهملين ٿيو.

"انيو پرڀوڌ" ۽ "واڻي ساکي" سنت غريبداس جا ڪاويه سنگره آهن. سندس ڪي دوها پيش آهن:

زندگا آيا جڳت ۾، زندگا هي تو جاءِ،
وچ ڪو خوابي خيال هئه من مايا ڀرمايا.

اس مانٽي ڪي محل ۾ مگن ڀيا ڪيون مورک،
ڪر صاحب ڪي بندگي، اس سائين ڪو ديکيه.

صاحب سيتي دوستي، سنتو سيتي پيار،
تنهه ڪو سڪا هئه نهين، ڌرمراءِ دربار.

نام رسائڻ پيجئي، ڀي اوسر ڀهي داؤ،
ڦر پيڇي پڇتائگا، چلا چلي هر جاؤ.

سنت ونکنڊي مهاراج

سنت ونکنڊي مهاراج اداسين سمپرداءِ جي پرمپرا جو سنت هو. سکر سنڌ ۾ سنڌو ندي جي وچ ۾ پهاڙيءَ تي هن ئي مهان مورتي شري ساڌ ٻيلا جي استاپنا ڪئي.

ساڌ ٻيلا سنڌ جو مشهور تيرٿ استان بڻجي ويو. سنت ونکنڊي مهاراج سنڌ ۾ سناتن هندو ڌرم ۽ آرئه سنسڪرتي جو جهنڊو بلند ڪيو.

شخص ٻاهي وڃي. اهو ڪونڪ نسي اُن انگريز آفيسر کي غصو لڳو. هن حڪم ڪيو ته سنت ونڪنڊي مهاراج کي هن ٻيٽ مان ٻاهر ڪڍيو وڃي.

اُن رات جو اُن انگريز آفيسر کي پيٽ ۾ سخت سور پيو. اُن آفيسر من ۾ محسوس ڪيو ته اهو پيٽ جو سور سنت کي ستائڻ جو نتيجو آهي. پوءِ ان آفيسر سوامي جن کان وڃي معافي ورتي ۽ اهو آستان کين سونپي ڇڏيائين.

سوامي جن رڌي سڌيءَ جا مالڪ هئا پر ڏيکاري ڪين ڏيندا هئا.

سوامي جن وڪرم سنبت ١٩٢٠ ۾ برهمليين ٿيا. سوامي جن هنديءَ ۾ ڪجهه دوها لکيا آهن.

سنت جلارام

سوراشٽر جي ويرپور ڳوٺ ۾ سنبت ١٨٥٦ جي ڪارتڪ مهني شري پرڌان ٺڪر جي گهر سنت جلارام جو جنم ٿيو. سندس ماتا جو نالو راج ٻائي هو. شري ٺڪر ساڌارڻ نموني ڌنڌو ڪندو هو. سندس ڪمائي ٿوري پئي هوندي هئي. هو ايماندار شخص هو. راج ٻائي گهر ٻار جو ڪم ڪندي، پرڀوءَ جو سمرڻ پڻ ڪندي هئي. شري جلارام جو چاچو پڻ سندس پتا سان ڀائيوار هو.

ڪجهه سال کان پوءِ سندس پتا ۽ چاچي پنهنجي ڀائيواري ڇڏائي. هرڪو پنهنجي ليکي ڌنڌو ڪندو هو.

هڪ دفعي ايوڌيا جو سنت رگهوبرداس پنهنجن ساٿين سان گڏ رٽن ڪندو ويرپور ۾ شري جلارام جي گهر اچي لٿو. جلارام

سوامي ونکنڊي مهاراج ڀڳتيءَ ۾ لڳا ساڌ ٻيلا آشرم ٺهرايا ڪيو ۽ انهن بعد سنڌ ڀوميءَ ۾ چڪر گهمايا. لتي مسان تي سونهاري سکر ۾ سنڌو نديءَ جي وچ ۾ ٻيٽ تي ساڌ ٻيلا جي استاپنا ڪري الي تپسيا ڪئي. هن يوڳيءَ الي ايتري ته ڀڳتي ڪئي جو اُن جهنگل ۾ منگل ٿي ويا. ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ کان سنت مهاتمائون الي ايندا هئا. ان وقت انگريزن جي حڪومت هئي. هڪ انگريز ميجر سوامي جن سان ڪٿونس ڪئي. سوامي جن سماڌيءَ ۾ هئا ته اُن ميجر کين سڏيو. ڌيان ۾ ليِن هئڻ ڪري سوامي جن جواب ڪونه ڏنو.

ميجر غصي ۾ اچي ڄڻ سوامي جن مٿان بندوق جي ڪُندي سان وار ٿي ڪيو ته سندس هٿ اُتي ئي ڀڄي ويو. سندس پيرن جي چرپر بند ٿي وئي. ميجر ٻئي هٿ سان پنهنجو ٽوپلو لاهي سوامي جن جي اڳيان رکيو ۽ معافيءَ جي طلب ڪئي. هو ڏاڍو پشيمان ٿيو. هن محسوس ڪيو ته سوامي جن جي الوڪ شڪتيءَ جو مالڪ آهي، سنت سڌ ديالو. سوامي جن مٿس ديا درشٽي ڪئي ۽ پوءِ هو هلڻ چلڻ جهڙو ٿيو. اُن ساڳي انگريز ميجر سرڪار کي سفارش ڪئي ته اهو ساڌ ٻيلي وارو استان هميشه لاءِ سوامي جن کي ڏنو وڃي.

سوامي جن سنڌو ديش ۾ هندو سنسڪرتيءَ جو پرچار ڪيو. هو مهان يوڳي هئا. پنهنجي يوڳ بل ۽ ڀڳتي دوارا سوامي جن سڀن جي سونهپ ڪئي.

هڪ دفعي انگريز آفيسر فرئنڪ ولس اڏڙيءَ ۾ سير ڪندي ساڌ ٻيلي آستان تي اچي پهتو. هن آفيسر اهو سنڌو آستان ڏسي الي پنهنجو بنگلو ٺهرائڻ ٿي چاهيو. هن اي ڏينهن مزدورن کي جاءِ ٺاهڻ جو حڪم ڏنو.

مزدور ڏينهن جو جهڪو ڪم ڪن سو رات جو ڪو ازغيبي

پڙهڻ ۽ سنتن جي سنگت ۾ ئي آنند ٿو اچي، دنيوي ڳالهين ۾ چت ڪين ٿو لڳي. مهرباني ڪري منهنجو مڳٽو ٿو ڏيو."

سندس پتا پاڻهه مان کيس چيو، "پيارا پٽ گرهست آشرم جي اهميت سنياس آشرم کان گهٽ ڪين آهي، گرهست ۾ رهندي به منش آڌياتمڪ اُنتي ڪري سگهي ٿو. جنهن جي دل ۾ وئراڳ ڀاونا آهي اُن لاءِ گرهست آشرم ۽ سنياس آشرم هڪ جهڙا آهن. هوُ نرليپ رهي ٿو."

ڀوڄ پتا جي سمجهاڻيءَ جو هن تي پرڀاءُ پيو. هن سوچيو ته ڀوڄ پتا جي آکيا انوسار گرهست ۾ رهندي به سادو جيون گذاريندس.

سورهن سالن جي عمر ۾ جلارام جو وواهه ويربائيءَ سان ٿيو. گرهست ۾ رهندي به هو نت نيم ڀڳوت ڀڄن ڪندو هو، دکين دريدرن کي اناج ۽ ڪپڙو ڏيندو هو، انهن جي سيوا ڪندو هو. ڪن حاسدن کي جلارام جو اهو ست ڪرم به ڪين وڻندو هو. هوُ سندس پتا کي سندس شڪايت ڪرڻ لڳا ته تنهنجي پٽ کي ڌنڌي واپار جي ڪجهه به ڄاڻ ڪين آهي، جيڪي وٽس آهي سو لٽائيندو پيو وڃي.

سندس پتا ان ڪري کيس ڌمڪي ڏيندي چيو ته جيڪڏهن تنهنجا اهڙا حال آهن ته تون اسان کان جدا ٿي وڃ. ساڌن ۽ غريبن کي سديو دان ڏيڻ ٺيڪ نه آهي.

ساڌن سنتن دکين دريدرن جي سيوا صدقي جلارام ڀوڄ پتا جو گهر ڇڏي الڳ رهڻ لڳو، گرهست جو گاڏو به هلائڻ لڳو ۽ ستڪرم جو به تياڳ نه ڪيائين. سندس چاچي والجي ڀائيءَ کي مٿس قياس آيو هن کيس سانتونا ڏيندي چيو، "تون آئينده منهنجو دڪان اچي هلائيندو ڪر." حاسدن کي هنجي

جي مائٽ پتا سنت رگهوبرداس ۽ ٻين سنتن جي ڏاڍي صدق
سان سيوا ڪئي. ماتا راڄ ٻائي پنهنجي وڏي پٽ ٻوڌارام کي
ڪڇ ۾ کڻي سنت رگهوبرداس اڳيان آئي، تڏهن سنتن کيس
چيو، "هاڻي ٻيو جيڪو ٻالڪ جنمندو سو تيجسوي ۽ ڀڳت
ٿيندو."

سنت رگهوبرداس جي اڳڪٿي سو ورهن آنا سچي نڪتي.
ماتا راڄ ٻائيءَ کي ٻيو سنتان ٿي جنهن جو نالو جلارام رکيو ويو.
ٻالڪ جلارام جي ور ٿي ننڍپڻ کان ئي ڀڳوان جي طرف هئي.
هي ٻين ٻالڪن کان نرالو ٻالڪ هو. سندس دل ديا ۽ پريم سان
ڀرپور هئي.

هڪ دفعي هڪ اڻ سڃاتل سنت شري پردان ٺڪر جي
گهر آيو. ان وقت ماتا راڄ ٻائي گهوٽ جي غير حاضري ۾ ان
سنت کي کاڌي پيتي جي آڇ ڪئي. مگر ان سنت وراڻيو ته
پهرين هوءَ ٻالڪ جلارام جو منهن ڏسڻ ٿو چاهي.

ماتا ٻالڪ جلارام کي سڏ ڪري چيو ته سنت کي ڏنڊوت
ڪر. ٻالڪ جلارام جڏهن ان سنت کي ڏنڊوت پرڻام ڪيو ته
سنت ٻالڪ جلارام کي آشيرواد ڪندي پڇيو، "پيارا ٻالڪ
مون کي سڃاڻين ٿو؟"

سنت جي انهن چوڻ سان جلارام جي من ۾ وڌيڪ ڀڳتي
ڀاونا پيدا ٿي. شري جلارام جڏهن شاديءَ جي لائق ٿيو تڏهن
سندس پتا کيس آٽڪوٽ جي ٺڪر پراڳجي سوميا جي سپتري
ويربائيءَ سان مڱايو. جڏهن جلارام کي مڱڻي جي خبر پئي
تڏهن هو ڏاڍو اداس ٿيو ڇاڪاڻ ته سندس دل دنيا ۾ ڪين
لڳندي هئي. هن جو من پيو پرواز ڪندو هو پريوءَ جي طرف.

هن پوءِ پتا کي وينتي ڪندي چيو "بابا مونکي ڀڳوس

اُهو دڪاندار جلارام جي چاچي کي ساڻ وٺي ٽڪرو ٽڪرو اُن رستي تي پهتو جتان جلارام سيٺي جو سامان ۽ ڪپڙو مٿي تي رکي کڻي پئي ويو. سندس چاچي رڙ ڪندي کيس روڪيو ۽ پڇيو ته تون ساڌن لاءِ اُن ۾ ڇا ٿو کڻي وڃين؟ جلارام وراڻيو ته ڪنبا.

جڏهن جو جلارام جي چاچي هڙ کولي ته سيٺي جي بدران اُن هڙ ۾ کيس ڪنبا ڏسڻ ۾ آيا. وري چغلي هڻندڙ دڪاندار جي صلاح تي سندس چاچي پڇيو ته لوٽي ۾ ڇا آهي؟

جلارام وراڻيو پاڻي آهي. جڏهن هن لوٽي ۾ ڏسن ته گيهه بدران پاڻي ڏسڻ ۾ آين. چغلي هڻندڙ دڪاندار ۽ جلارام جو چاچو عجب ۾ پئجي ويا. هو ٻئي دڪان تي واپس آيا.

چغلي هڻندڙ دڪاندار وري جلارام جي چاچي کي چيو ته ڪپڙي جو ٿاڪيو ته ماپيون اُن مان ١٠ وال ڪپڙو جلارام ساڌن کي ڏنو آهي. جڏهن جو اُنهن ڪپڙو ماپيو ته ڪپڙي ۾ ڪا ڪمي ڪونه هئي. اهو ڪوتڪ ڏسي انهن جا ڏند چپن سان لڳي ويا.

اُن گهٽنا جي جڏهن جلارام کي ڄاڻ پيئي ته ڪيئن نه پرماتما هن پڄاري جي پَت رکي آهي. تڏهن پرماتما ۾ سندس وشواس وڌيڪ وڌيو.

شري جلارام تيرٿ ياترا تي نڪتو. تيرٿ ياترا ڪرڻ کان پوءِ جڏهن هو ڳوٺ ۾ واپس آيو ته هن جي دل دنيا داريءَ مان لهه کٽي ٿي پئي. هن هاڻي پوري پورڻ گروءَ جي ضرورت محسوس ڪئي. هن مهاتما پوجلارام کان گرو منتر ورتو. هاڻي جلارام پتنيءَ سان گڏ کيتي ٻاريءَ جو ڪم ڪندو هو. سندس جيون سادي ڪاڌو سادو.

جلارام ۽ سندس پتنيءَ محنت ڪري ٨٠ مڻ اناج اپائي

ڏيا-ڏان وارو سڀاءُ ڪين وڻندو هو. پر جلارام چاچي سان گڏ ڏاڍو ڪندي دان پڄ ڪندو رهيو، بکين کي روٽي کارائيندو هو ۽ ننگن کي ڪپڙا ڏئي ڍڪيندو هو. روز سندس دڪان تي ساڌن سنتن ۽ غريبن دکين جي قطار لڳي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن جلارام پنهنجو دڪان کولي اجا دڪان جي صفائي ڪري رهيو هو ته هڪ ساڌن جي ٽولي سندس دڪان سامهون اچي بيٺي. انهن سنتن جي ٽوليءَ کي ڏسي هو باغ بهار ٿي پيو ۽ سنتن کي وينتيءَ واري نوع ۾ پڇيائين ته مان اوهانجي هاڻي ڪهڙي شيوا ڪريان؟

سنتن ورائيو، ”اسين گوڪل متورا کان اچي رهيا آهيون ۽ گرنار ۽ پٽڻ طرف وڃڻو آهي. جيڪڏهن توهان اسان لاءِ کچڙي تيار ڪري سگهو ته ڏاڍو سٺو.“

جلارام مشڪندي انهن ساڌن سنتن کي چيو، ”مهاراج اهڙو موقعو وري نه ملندو. مان جلدي کچڙيءَ جو بندوبست ڪريان ٿو.“ جلارام کاڌو تيار ڪرائڻ لاءِ اٽو دال ۽ ٻيون سڀئي جون شيون پنهنجي دڪان تان کنيون. گيهه لاءِ وٽس ان وقت ٽانو ڪين هو، سو هڪ سنت کان لوٽو وٺي گيهه سان ڀرايائين.

سنتن جي مهندار جلارام کان ڪپڙو پڻ گهريو. جلارام سنت لاءِ ٽاڪي مان ڏهه وال ڪپڙو پڻ ڦاڙيو. هو دڪان بند ڪري اهو سڀئي سامان وارو بوجهه کڻي سنتن سان گڏ نڪتو. جلارام جي اها چال سندس پاسي واري دڪاندار کي نه وڻي. هو هڪدم چاچي جي گهر ويو ۽ جلارام جي شڪايت ڪندي چيائين ته جلارام ڪٿي نه ساڌن سنتن کي پنهنجي دڪان جو مال ڏئي لٽيندو پيو وڃي. جلارام جي اها حالت هڪ ڏينهن لوڪن ڏاوالو ڪيائيندي.

جهولي کڻي گهر واپس وڃ."

سنت جلارام جي پتني ويرباءِ آڪاشواڻيءَ انوسار گهر واپس وري ۽ سارو ورتانت سنت جلارام کي ٻڌايو.

اَن دان، وستر دان، ڌن دان ۽ وديا دان ته ٻڌو آهي پر سنت جلارام استريءَ کي دان ۾ ڪيو، ڪهڙي نه سنتس مهانتا.

وڪرم سمت ۱۹۳۴ ڌاري جڏهن ڏايو ڏڪر پيو تڏهن به سنت جلارام جو سداورت چالو رهيو. سنت جلارام کي هڪ پٽ ڪالا ڀائي ۽ هڪ نياڻي جمنا ٻائي هئي. ڪالا ڀائيءَ کي وري هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو هرپرا

هڪ دفعي سنت جلارام جو پوٽو هرپرام پڙهڻ لاءِ پاٺشالا ۾ وڃي رهيو هو ته سنت جلارام کيس پرساد ڏيندي چيو، "ٻالڪ هري تون هي پرساد کاءُ توکي پاٺشالا کان وڌيڪ گيان هتي حاصل ٿيندو." پرساد کائڻ کان پوءِ ٻالڪ هرپرام جي ٻڌي کلي پئي، کيس رامائڻ مها ڀارت ياد ٿي ويا.

سنت جلارام جي جيون جون انيڪ گهٽنائون ملن ٿيون جنهن مان سنت جلارام جي ڀڳتيءَ جي شڪتيءَ جي پروڙ پوي ٿي. سنت جلارام جو هڪ پيارو ڀيماجي گنگا جمنا آدي تيرٿن تي وڃڻ لاءِ خواهشمند هو. هن ڪيترا دفعا سنت جلارام کان تيرٿن تي وڃڻ جي موڪل گهري. آخر هڪ ڏينهن سنت جلارام ڀيماجي ٺيور اڇا ڏسي کيس تيرٿن تي وڃڻ جي موڪل ڏني.

سڀاڻي تي هن تيرٿن تي وڃڻ جي تياري ڪئي. پر رات جو هن سپني ۾ ڏٺو ته ٻه استريون مٿي تي ٻاٽيءَ جون گهاگهريون کڻي سنت جلارام جي آشرم ۾ آيون آهن ۽ انهن اُهو جل آشرم واري مٽڪي ۾ وڌو.

گڏ ڪري رکيو ۽ پوءِ هن پتنيءَ کي چيو ته اناج سڪرت ۾ لڳائجي. اُن اناج مان هن سداورت جو ڪم شروع ڪيو. روز ڏکين ڏينهن ضرورتمندن کي کارائڻ جو ڪم چالو ڪيو جو اڄ سنت جلارام جي آشرم چالو آهي. ويرپور جي ٺاڪر سنت جلارام جو اهو ڀلو ڪارج ڏسي ٻه سؤ ايڪڙ زمين ۽ واڙي اُن ڪارج لاءِ شري جلارام کي ڏني جنهن سداورت جو ڪارج هلندو رهي.

هڪ دفعي هڪ ٻڍڙ اوستا جو سادو سنت جلارام جي گهر آيو. سنت جلارام کيس پوڄڻ ورتائڻ لاءِ ويهي ڪئي. مگر اُن سنت ٻڌائين کيس سوال ڪيو ته مان تنهنجي ساراهه ٻڌي آيو آهيان ته تون ڏاڍو سنت سيوي آهين. مان تمام ٻڍڙ اوستا جو ٿي ويو آهيان، شرير نستو ٿي ويو آهي تنهنڪري جيڪڏهن تون منهنجي سيوا ڪرڻ چاهين ٿو ته مونکي پنهنجي پتني ڏي جا هلي منهنجي سيوا ڪري.

سنت جلارام ٻڌڻ سان ئي هڪدم ها ڪئي ۽ پتنيءَ کي چيو ته تون هاڻي هن سنت جي سيوا ۾ رهج. هو توکي پاڻ سان وٺي ويندو. سنت جلارام جي پتنيءَ پتيءَ جي آگيا اکين تي رکي اُن ٻڍڙ اوستا جي سنت سان گڏ جهنگل ڏانهن وئي. رستي تي اُن سنت کيس چيو ته هي جهنڊو ۽ جهولي جهلي هت ترس. جيسين مان نه اچان ائين ويٺي رهج. مان ڪاويري نديءَ تان اشنان ڪري اچان.

اهو ٻڍڙ اوستا جو سنت ڪاويري نديءَ تي اشنان ڪرڻ ويو. ڪافي وقت گذري ويو پر هو نه موٽيو. آڪاشواڻي ٿي ”هي سنت جلارام جي پتني! مان تنهنجي ۽ تنهنجي گهوٽ جي پرکيا پئي ورتي. اوهان ٻئي سڦل ٿيا. هاڻي تون اهو جهنڊو ۽

ڪوي رسخان

ڪوي رسخان ڀڳوان شري ڪرشن جو ڀڳت هو. سندس
م جي تاريخ ۽ سنه ٺيڪ رو نٿو ملي، مگر سندس ڪلام جي آڌار
چئي سگهجي ٿو ته هو سورهين صديءَ ۾ ٿيو هوندو.
جيتوڻيڪ ذات جو مسلمان پٺاڻ هو پر ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ
ندس دل ۾ ڪيڏي نه شردا ۽ پريم هو. سو سندس رچيل ڪرشن
لام مان پڌريءَ پٺ ظاهر آهي.

دهليءَ ۾ هڪ شاهوڪار جو پٽ تمام سندر هو. رسخان انکي
ر پيائيندو هو. هو ڏينهن رات ان جي پٺيان پيو گهمندو هو.
ري قدر جو هو ان جو جوٺو کاڌو کڻي کائيندو هو. رات ڏينهن
جي تات لڳل هوندي هئي. سندس ذات وارا هن رسخان
ان هلت سبب سندس نندا ڪندا هئا، مگر تنهن ۾ هو ان
ر ڇوڪري جي محبت ۾ مخمور هوندو هو.

هڪ ڏينهن ڪي ڀڳت پنڊ ۾ وارتالاپ ڪري رهيا هئا ته
ن ۾ ڇت اين لڳائجي جئن رسخان شاهوڪار جي پٽ ۾
لڳائي آهي. رستي تان لنگهندي رسخان اهي لفظ ٻڌي
. هن هڪدم کين پڇيو ته ڀڳوان جو روپ ڏسجي ته دل لڳي
ڏهن انهن ڀڳت رسخان کي ڀڳوان شري ڪرشن مراريءَ جي
ت ڏيکاري. مورت ڏسندي ئي رسخان مدهوش ٿي ويو.
جو کيس ننڊ ڪين آئي. هو ٻئي ڏينهن دهليءَ مان بندرابن
ٿيو. ويس بدلائي بندرابن جي جدا جدا مندرن ۾ ويو مگر

صبح ٿيو ته پيماجي اهو سڄي واري گهٽنا جو احوال سنت جلارام سان ڪيو. جلارام ڪيس ٻڌايو ته اهي ٻئي گنگا جمنا هئون توکي نه گنگا ۽ جمنا تيرٿ ياترا ڪرڻ لاءِ وڃڻو آهي نه؟

پماجي وراڻيو هاڻي گنگا جمنا تيرٿن تي ڪين ويندس. اوهان ائين ئي مونکي انهن جو درشن ڪرايو آهي. سنتن جا آستان ئي تيرٿ آهن.

شاهجي نالي هڪ شخص جي پٽ کي نانگ ڏنگيو. ڏنگيل ڇوڪري کي سنت جلارام وٽ کڻي آيا. سنت جلارام ان ڇوڪري جي ڏنگيل جاءِ تي ٽي دفعا ترشول گهمايو ۽ ڇوڪرو هڪدم ٽپ ڏئي اٿي ويٺو.

ڪالراڻاڻيءَ جو پٽ سنت جلارام جو شش هو. ڪيس پيٽ ۾ سخت سور پيو، ڪيس ڪيترين ئي دوائون پيئاريون ويون مگر دوائن درد دور ڪين ڪيو ۽ ٻکي پرواز ڪري ويو. اها خبر ڪن ٻراهمڻن سنت جلارام کي ٻڌائي. سنت جلارام هڪدم انهن جي گهر آيو. مرتڪ ڇوڪري کي کاٽيءَ ۾ رکيائون مس ته جلارام اتي اچي پهتو. سنت جلارام مرتڪ ٻالڪ کي چيو ”ٻالڪ اٿين ڇو سمهيو پيو آهين اٿي جاڳ! سادهون ته ڏس!“

سنت جلارام جو ائين چوڻ ۽ ٻالڪ جو کاٽيءَ تان اٿي ويهڻ. اهو ڏسي سڀ ئي دنگ رهجي ويا. سنت پنهنجن ڀڳتن جي ڪيڏي نه سنڀال لهن ٿا.

وڪرم سنبت ١٦٣٧ جي ماگهه مهيني جي ڏشميءَ تي پر اپڪاري سنت جلارام ٻرهملين ٿيو

ڪيترا ئي شردا وان ڪيس ”جلا بابا“ ڪري پڪاريندا هئا. اڄ به سندس آستان تي سداورت چالو آهي. ڀڳتي ۽ شردا جي جوت جڳي رهي آهي.

شري رامڪرشن پرمهنس

سنت سوامي رامڪرشن پرمهنس اڻويهين صديءَ جي
صديءَ جي مهان مورتي هو. جنهن سڀني جي سونهپ ڪري
ڪين پرڀوءَ جي راهه ۾ ڇڪيو. شري نريندر کي وويڪانند بڻائڻ
جو صرف سوامي رامڪرشن پرمهنس کي ئي آهي.

سوامي رامڪرشن ويدن شاسترن جو اڀياس ڪين ڪيو
مگر آتمڪ انڀو سبب ۽ پرڀوءَ جي پريم سبب هنجي مکاررو ند
مان گيان جي گنگا پرواهت ٿيندي هئي، جنهن مان پرڀوءَ جي
پار جا پانڌيڙا پياس پوري ڪري آتمڪ آنند پراپت ڪندا
هئا. اڄ به سندس امرت وچن اسانجو مارگ درشن ڪن ٿا.
اسانجي لتل دلين کي سيتلتا بخشين ٿا. سندس امرت وچن ۾
مايل سکيا گرهڻ ڪري اسين پنهنجو وهنوار ۽ پرمارٿ ٻئي
سڌاري سگهون ٿا. سوامي رامڪرشن سرل سبوڌ نموني رهسيتاتمڪ
روحاني راز سمجهايا آهن.

سوامي رامڪرشن جو جنم ١٨ فيبروري سنه ١٩٣٦ع ۾ بنگال
ي هگلي ضلع جي ڪامارپور ڳوٺ ۾ شري کوديرام چٽو اپاڌيايه
ي گهر ٿيو.

شري کوديرام هڪ غريب برهمڻ هو. شري رامڪرشن
ي جنم جو نالو گداڌر هو. ماتا پتا جي ڌارمڪ سنسڪارن سبب
شري رامڪرشن جي وڌي ڌرم طرف هئي. هو سنت سڀاءُ هو.

ڀڳوان جنهن روپ سندس چت چورايو ڪيو هو سو ڪنهن نظر ڪين آيس. هو ٻيهر گوپالپور ۾ آيو، ۽ اتي ڀلائي ڀڳوان شري ڪرشن جي مندر ۾ ويو. اتان جي پوڄاريءَ کيس ڌڪو ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ٻيهر هو گوبند ڪنڊ وٽ وڃي رهيو. ٽي ڏينهن سانده کاڌو پيتو ڪين ۽ رڳو ڀڳوان جي پياس ۾ ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو.

رسخان جي پياس ڏسي ڀڳوان شري ڪرشن کيس ساکشات درشن ڏنو. ڀڳوان جو درشن ڪنديئي رسخان ڀڳوان جا چرڻ پڪڙيا، ۽ ڀڳوان انترڌيان ٿي ويو. پوءِ ته رسخان جي اکڙين مان سرهه جي برسات وسندي رهي. ڀڳوان شري ڪرشن جي پريم ۾ هن ڪيتري نه ٻاڻي لکي آهي. هو ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيه اپاسڪ هو. کيس گوسائين گرو روپ ۾ پراپت ٿيو. هن گرو گوسائين ۾ به ڀڳوان ٻانڪي بهاريءَ جو درشن ڪيو.

رسخان ڀڳوان شري ڪرشن جي روپ جو ورڻن ڪندي چوي ٿو:

يا ڇبي پہ رسخان سب وارون ڪروٽ منوج،
جا ڪي اپما ڪوِن نهن پائي رهي سڪوچ
موهن ڇب رسخان لکي، اب دڳ اپني ناهن
انچي آوت ڌنش سي، چوٽي سرسي جاهن،
...   .

ٻيو ليکو مون، چورڙيو چت جو راڙيو هت، ٻيو ڪي گالهه،
ڪنهن لڳن لکيو سڃي ستڪاريه، هنسيو ڍ. سندر آنن

ڪوي رسخان پريم جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

پريم هري ڪو روپ هئي، تيون هري پريم سو روپ
ايڪ هوئي دو ئي يون لسين جيون سورج اور ڌوپ
گيان ڌيان وديا مٽي، مت وشواس وويڪ
بنا پريم سب ڌور هئي اگ جگ ايڪ انيڪ.

سوامي رامڪرشن تي شري طوطا پوري ۽ ڀيرويءَ جو به ڪافي اثر پيو.

سوامي رامڪرشن جي ڌرمپتني شارداماڻي ساڻس ملڻ لاءِ جڏهن دکڻيشور مندر ۾ آئي تڏهن سوامي رامڪرشن کيس چيو "مان سڀني استرين کي ماتا ڪالي درگش نديءَ جو روپ سمجهان ٿو. توکي به مان انهيءَ روپ سمجهان ٿو."

ماتا شارداماڻي ورندي ڪندي چيو، "مان به اوهان جي قدمن ۾ رهڻ چاهيان ٿي." سوامي رامڪرشن پرسن چت ٿي پنهنجي پتني شارداماڻيءَ کي آتم گيان جو اپديش ڏئي ڀڳتيءَ جي راهه ۾ چڪيو.

اِن شارداماڻيءَ به سوامي رامڪرشن جي سنگ ۾ اهڙي ڀڳتي ڪئي جو هوءَ اڄ ماتا شارداماڻيءَ جي نالي سان پرسد آهي. جڏهن سوامي رامڪرشن گهڻو وقت ڌيان ۾ لين رهندو هو تڏهن هوءَ به ڌيان ۾ گذاريندي هئي.

سوامي رامڪرشن پئسن کي ڇهندو به ڪين هو. هو مايا کان پري رهڻ چاهيندو هو. هڪ ڏينهن ڪن سندس بستري جي هيٺان سندس پرايت ڪجهه پئسا رکي ڇڏيا. سوامي رامڪرشن جڏهن بستري تي ليٽيو ته هو "ناٿا! ناٿا!" چوندي اٿيو. بستري هيٺان پيل پئسا کيس نانگن وانگر لڳا، جڻ اهي پئسا کيس باهه جو لٽو ڏئي رهيا هئا: هن پئسا ڪڍي ٻاهر رکيا. هو سچ پچ تياڳ جي مورتي هو.

شري نريندر جڏهن سوامي رامڪرشن وٽ آيو ته ڪانئس پڇيو ته ڇا اوهان ڀڳوان ڏٺو آهي؟

تڏهن سوامي رامڪرشن ٻاهوهه مان ڪيئن نه کيس سمجهايو ته جيئن تون مونکي ڏسي رهيو آهين تيئن مان ڀڳوان کي ڏسي

شري رامڪرشن سورهن سالن جو هو جو سندس ڀاءُ ڀرلوڪ پڌاريو. هن اتي ڳوٺ ۾ شروعاتي تعليم ورتي.

شري رامڪرشن جو وواهه شاردامڻيءَ سان ٿيو. وڏي ڀاءُ جي ڀرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ مندر جي پوڄا جو سارو ڪم شري رامڪرشن کي ڪرڻو پوندو هو. هو ڪيڏي نه شرڌا ۽ پريم سان ماتا جيءَ جي پوڄا ڪندو هو. پوڄا ڪندي ڪندي هو ماتا درگيش نندني جو اننيه اپاسڪ بڻجي پيو.

ڪجهه سالن کان پوءِ سندس وڏي ڀاءُ کيس ڪلڪتي ۾ گهرايو. پوءِ هو اتي راس مڻي جي دکشنيشور جي مندر ۾ رهيا. شري دکشنيشور جي مندر جي پوڄا جو ڪم کين سونپيل هو.

شري رامڪرشن ڪلاڪن جا ڪلاڪ ماتا جي ڌيان ۾ لين رهندو هو. هو ماتا جي درشن لاءِ منتظر هوندو هو. هو ماتا جي مورتيءَ اڳيان ويهي جڏهن پياس ۾ پرارٿنا ڪندو هو تڏهن سندس نيڻن مان ڳوڙهن جو نير ڇلڪندو هو.

هڪ ڏينهن اڌ رات جو آويش ۾ اچي ماتا جيءَ کي چوڻ لڳو. "ماتا جي مونکي پنهنجو درشن ڏي نه ته مان تلوار سان پنهنجو انت ٿو آڻيان." انهن چئي جئين هن هٿ کي تلوار لاءِ هٿي ته کيس عجيب پرڪاش نظر آيو. ان پرڪاش ۾ هن ماتا جو درشن ڪيو. ڪالي ماتا مٿس پرسن ٿي.

سوامي رامڪرشن جي من ۾ وڌيڪ پياس پيدا ٿي. اشٽ جي درشن ڪرڻ سان پياس پوري ڪين لهندي آهي مگر وڌيڪ وڌيڪ پياس لڳندي آهي. شري رامڪرشن راتين جون راتيون جاڳي ماتا جي پوڄا ڪندو هو. هن ساڌنا ڇهه سال نرنتر ڪئي، پس انهي ڪري سڌائي ۾ سدا پرسن چت رهندو هو. ماتا کي پڪاريندي ڪيترا ڏينهن دنيا جي سڌ لهي ويندو هو.

سنت سائين بابا جو جنم سنه ١٨٥٦ع ۾ گوداوري نديءَ جي ڪناري احمدنگر ضلع جي پٿري ڳوٺ ۾ هڪ مسڪين براهمڻ پريوار ۾ ٿيو.

ننڍپڻ کان ئي هي بالڪ سادو نماڻو، اڄ ٿيو هزارن دلين جو راڄو. سندس پالنا پڻ هڪ درويش ڪري ليو. شري بيدڪسا کيس گرو روپ ۾ پراپت ٿيو هو جو کيس آڌياتمڪ مارگ ۾ آڻي ٿو. جوان سائين بابا ڪئين ڏ الڳ ڀاو سان پنهنجي گرو شري بيدڪسا جي سيوا ڪري ليو، سندس گرو مٿس ڏاڍو پرسن ٿيو هو.

سائين سورهن سالن جو آهي تڏهن سندس گرو استول شرير جو تياڳ ڪري ٿو. ان وقت هن جو من اداس ٿيو هو؛ ڪيترو وقت هي ايڪانت ۾ ڪنهن سنسان جنگهه ۾ پڪو وقت پٽين ۾ گذاري ٿو.

ٿو ڪجهڙا ڳوٺ جي پٽيل شري چاند پاٽيءَ جو گهوڙو ان مهين کان غائب هو. هو سائين بابا وٽ آيو. سائين بابا کيس چيو ته تون فلاڻي پاسي وڃ توکي اتي گهوڙو ملندو.

اهو پٽيل ان طرف ويو ۽ برابر کيس پنهنجو گهوڙو مليو. شري چاند پاٽيءَ جو سائين بابا ۾ وشواس وڌيو. هو کيس شرڌي ۾ وٺي آيو.

ان ڏينهن شرڌيءَ ۾ مهاتما ديوداس رهندو هو. سائين بابا مهاتما ديوداس سان وارتالاپ ڪيو. سائين بابا شرڌيءَ ۾ ئي پڪي ساڌنا ۾ تلين رهيو. سندس ڀڳتي آڪرشڻ ڪري ڪيترا ئي ڀڳت سندس درشن لاءِ اچڻ لڳا. هندو چاهي مسلمان کيس درويش ڪري پوڄيندا هئا.

پرسڌ ٿيڻ کان اڳ سائين بابا پٿي پارڻ لاءِ پوليءَ جي

رهيو آهيان ۽ هو سدائين مون سان ساڻ آهي.

شري نريندر سوامي رامڪرشن پرمهنس جي نيڻن ۾ آتمڪ پرڪاش ڏسي ورتو. سندس نصيب کلي پيو ۽ هو سوامي رامڪرشن جهڙي مهان شخصيت ڪيس گرو روپ ۾ پراپت ٿي ٿي.

سوامي رامڪرشن پرماتما پنهنجيءَ سان گڏ دکين دريدرن جي سيوا لاءِ به زور ڏنو. اڄ نه صرف ڀارت ۾ مگر وديش جي ڪن شهرن ۾ پڻ سندس نالي شري رامڪرشن مٺ استاپن آهن جي گهڻا ڪم ۽ سيوا جا ڪيندر آهن. سوامي رامڪرشن شري وديا ساگر، شري ڪيشب چندر سين ۽ برهم سماج سڌارڪن جي سمپرڪ ۾ به آيو مگر هنجي راهه انهن کان نرالي هئي.

شري رامڪرشن پرمهنس ١٥ آگسٽ ١٨٩٦ ۾ برهملين ٿيو.

شرڊيءَ جو سائين بابا

اڄ شرڊي مهاراشٽر جو مکيه تيرٿ آستان بڻجي چڪو آهي. جتي سندس ستمرش پنهنجي سادنا ڪن ٿا اها پوري ڀاڳ واري ٿي ٿي. هزارين شرڌالو پريمي ڪيترن ڀيٽا شرڌا وچان شرڊيءَ ۾ سائين بابا جي آستان تي اچن ٿا، سندس ڪرپا گهرن ٿا، آرتيون ڪن ٿا. بابا جي مورتيءَ جو درشن ڪري ڀاڳ ڀاڳن ٿا، ڪي من چاهين مرادون پائين ٿا.

اهو سڀ سندس سائين بابا جي پنهنجيءَ جو پرتاپ آهي. ڪنهن جي ڪمائي اجائي ڪين ٿي وڃي. سڀني در جي ڏولي ۾ ڏک ڏور ٿي ڪري.

سوامي وويڪانند

سوامي وويڪانند ڀارت جي مهان وڀوتي هو. هن ڀارتيه سنسڪرتيءَ جو سچو سروپ وديشن اڳيان رکي سندن اکيون ڦرخ ڪري ڇڏيون. سوامي وويڪانند جي جيون جي سرهاڻ نه صرف ڀارت تائين سيمت آهي مگر سندس سرهاڻ ساري سنسار ۾ ڦهليل آهي. هو مهان گرو سوامي رامڪرشن پرمهنس جو مهان شش هو. سندس جيون ۾ ٻلتر آٿر جو شريه سوامي رامڪرشن پرمهنس کي آهي.

سوامي وويڪانند جي جنم جو نالو نريندر هو. هن مهان مورتيءَ جو جنم ڪلڪتي جي اٽارني وڪيل وشوناٿ دت جي گهر ۱۲ جنوري ۱۹۶۳ع ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو ڀونيشوري هو. هوءَ ٻالڪ نريندر کي "وشويشر" جي نالي سان پڪاريندي هئي. ڇاڪاڻ ته ڀڳوان شري وشويشر جي ڪرپا سان ئي کيس ٻالڪ نريندر ڄائو هو.

ٻالڪ نريندر ننڍپڻ کان ئي نرڀئه هوندو هو ۽ ٻڙهڪ ۾ به ٻروڀاڻ هو. سندس گهر ۾ ڪٿا واچڪ هر روز شري مهاڀارت ۽ رامائڻ مان ڪٿا ڪندو هو. ٻالڪ نريندر ڏاڍي ڌيان سان ڪٿا ٻڌندو هو، ڌارمڪ سنسڪارن جو ٻج سندس جيون ۾ ڇٽيو ويو.

نريندر جو راند روند ۾ ڪافي چاهه هوندو هو، هو روز

ڪين رهواسين کان ٽمل گهرايو، هن ٽمل ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ٿڌهن سائين بابا ٻنيءَ ۾ ٽمل بدران پاڻي وجهي ٻئي ٻاري ۽ ٻتي ڏاڍي شعاع سان ٻرندي رهي. اهو ڪرامت ڏسي ٽميل ڏيڻ کان انڪار ڪندڙ واڻيا اچي ويا ۽ هن سنت جي قدمن تي ڪري پيا.

سائين بابا جو جيون تياڳ مه هو. جيڪڏهن ڪنهن کاڌي لاءِ ڪجهه ملندو هو ته ڪجهه کائيندو هو نه ته مالڪ جي محبت جي مستيءَ ۾ مخمور هوندو هو. لوڪن کي لک کهڙي!

نشو آ نيڻن ۾ کهڙو، ٻچي ڏس ٽمڪن وارن کان،
ڇڪي جن جن ڇڪي پيتي اُنهن مخمور ٻارن کان
(ٻار سرام ضيا)

هڪ دفعي شرڊيءَ ۾ اوڙڪ برسات ڦري رهي هئي ۽ تيز طوفاني هوا لڳي رهي هئي. شرڊي نواسي ڊپ وچان سائين بابا وٽ آيا ۽ اچي ونتي ڪيائون "ديا درشٽي ڪريو ته هيءَ اوڙڪ برسات بند ٿئي ۽ طوفاني هوا بيط ٿري وڃي."

سنت سد مڙ د بالو، سائين بابا اڇا آسمان ڏانهن مٿي نظر ڪئي ته برسات به بيهي ويئي ۽ هوا جو رخ به بدلجي ويو.

سائين بابا جي هاڪ ٻڌي ڪيترا ئي بيمار دکي شرڊيءَ ۾ وٽس ايندا هئا ۽ سندس درشن ڪري شفاياب ٿي ويندا هئا. سائين بابا جي کيرلي چوڏاري ڦهلجي وئي. هو شرڌالن ڀڳتن کي دکين جي شفا ۽ سائينءَ جي سمرٿ جي سکيا ڏيندو هو. وٽس جيڪي ڌن ٻادرت ايندو هو سو پروڪت وراڻي ڇڏيندو هو. سنه ١٩١٣ع ۾ سنت سائين بابا استول شرير جو تياڳ ڪيو، پر هو اڄ به جيوت آهي جو سڄن سوالي سندس در تان مالامال ٿي موٽن ٿا.

جو درشن ڪيو آهي. جيئن تون پنهنجي اکين کي چڱيءَ ريت ڏسي سگهين ٿو ائين مان پنهنجي نيترن سان پربوءَ کي ڏٺو آهي."

نريندر سوامي رامڪرشن پرمهنس جي اکرن ۾ آتمڪ وشواس جو درشن ڪيو ۽ کيس پنهنجو گرو ڪري سندس آگيا موجب آڌياتمڪ پٿ جو پانڌيئڙو بڻيو. هو وشواس ۽ شرڌا سان گرو سوامي رامڪرشن جي ٻڌايل مارگ تي عمل ڪرڻ لڳو. سوامي رامڪرشن پڻ هن کي ڏاڍو پاليندو هو.

نريندر اڃا پڙهندو هو ته سندس پتا پرلوڪ پڌاريو. انهن کري گهر جي جوابداري به نريندر جي ڪلهن تي آئي. نريندر سوامي رامڪرشن کي ونتي ڪئي ته ديوي ماتا کان اهڙو ڪو وردان وٺو جيئن اسانجي آرٿڪ ڏکيائي دور ٿئي.

سوامي رامڪرشن ورائي ڏني "تون کي جيڪي گهرڻ سو ماتا کان پاڻ گهرج. ٻئي ڏينهن نريندر مندر ۾ ويو ماتا جي مورتيءَ اڳيان پرارٿنا ڪندي چيائين، "ماتا مونکي اهڙي بڌي ۽ ڀڳتي دان ڏي جيئن تنهنجو درشن ڪري سگهان." نريندر کان پنهنجي آرٿڪ ڏکيائي دور ڪرڻ جي ونتي ڪرڻ ئي وسري وئي. هاڻي سندس من ۾ سنياس ڌارڻ ڪرڻ جي چاهنا پيدا ٿي. سوامي رامڪرشن کيس سمجهائيندي چيو، "نريندر! تون صرف پنهنجي مڪتيءَ جي لاءِ سنسار کان ڪنارو نه ڪر. دنيا ۾ انيڪ لوڪ دکي آهن. انهن جو دک دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪر.

ڪجهه ڏينهن بعد شري نريندر سوامي رامڪرشن پرمهنس کان سنياس جي ديکيا ورتي. سوامي رامڪرشن کيس اپديش ڏيندي چيو، "سنياس جو مطلب آهي مڪت ٿي لوڪن جي سيوا ڪرڻ. جيڪو صرف پنهنجي سک ۽ مڪتيءَ جو خيال ڪري ٿو سو سوارٿي آهي. جيڪڏهن تون ڀڳوان جو درشن ڪرڻ چاهين ٿو ته دکين دريدرن اڪيلن سڀني جي سيوا لاءِ تيار رهه."

ڪسرت شالا ۾ وڃي ڪسرت ڪرڻ ويندو هو. ڪسرت ڪرڻ سان سندس شرير سڊول ٿي ويو. سنه ١٨٧٩ع ۾ هن مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ پوءِ هو ڪلڪتي جي جنرل اسيمبلي ڪاليج ۾ داخل ٿيو. ڪاليج ۾ هن ساهتيہ، اتهاس ۽ فلسوفيءَ جو چڱو اڀياس ڪيو. ڪاليج ۾ اڀياس ڪندي سندس من ۾ پرماتما جي سچي سوروپ ڄاڻڻ جي چاهنا پيدا ٿي. هن ان وقت شري ڪيشب چندر سين ۽ مهرشي ديويندر ناٿ جا پاسو ڪيا پر انهن هوندي به هن کي پورڻ شانتي پراپت ڪين ٿي. هو انهن مها پرشن ۽ ٻين سنتن مهاتمائن کان پڇندو رهندو هو ته ڇا اوهان پرماتما جو درشن ڪيو آهي؟ ڪنهن به سندس سوال جو پورو پورو سماڌان ڪين ڪيو.

هڪ ڏينهن سندس پاڙي ۾ ڪنهن جي گهر سوامي رامڪرشن پرمهنس آيل هو. نريندر سوامي رامڪرشن جو درشن ڪرڻ لاءِ ان گهر ۾ ويو. سوامي رامڪرشن جو درشن ڪري نريندر پرسن ٿيو. سوامي رامڪرشن دکشڻيشور ۾ اچڻ لاءِ کيس نينڊ ڏني. ان وقت نريندر ڪاليج جي امتحان ۾ مشغول هو. ڪاليج جي امتحان مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ هو سوامي رامڪرشن جو درشن ڪرڻ لاءِ دکشڻيشور ويو. جڏهن نريندر سوامي رامڪرشن وٽ آيو ته جڏهن سوامي رامڪرشن ڏاڍي سڪ سان کيس چيو ”پيارا مان ڪڏهن کان تنهنجي راهه پيو نهاريان، اون جي آئين اڄ آئين.“

ان وقت سوامي رامڪرشن جي اکين ۾ پريم جا آنسو هئا. شري نريندر سوامي رامڪرشن جي اکين ۾ نهاريندو رهيو.

هڪ ڏينهن نريندر سوامي رامڪرشن کان سوال ڪيو ”ڇا اوهان ڀڳوان جو درشن ڪيو آهي؟“

سوامي رامڪرشن مشڪندي جواب ڏنو، ”مون ڀڳوان

کي ڪافي پرڀاوت ڪيو.

"نيو يارڪ هيرلڊ" اخبار جي سمپادڪ لکيو ته سوامي وويڪانند جي وياکيان ۾ عجيب شڪتي هئي. سوامي وويڪانند جي وياکيانن ڪيترن جي دلين کي ڌوڏيو. سوامي وويڪانند آمريڪا جي جدا جدا شهرن ۾ ڪئي وياکيان ڏنا. سوامي وويڪانند ٻه سال آمريڪا ۾ رهيو ۽ پوءِ لنڊن ۾ ويو اتي به هن ڪافي پرسڌي پراپت ڪئي.

آڪسفورڊ ۾ پروفيسر ميڪسمولر سندس هارديڪ ستڪار ڪيو. لنڊن ۾ سوامي وويڪانند جا ڪيترائي شش ٿيا. هو سڀني کي هڪ سرکو پيار ڏيندو هو. هو لنڊن مان سوئٽزرلينڊ، اٽلي فرانس ۽ جپان پڻ ويو. چار سال آمريڪا ۽ يورپ جو دورو ڪري هو هندستان واپس وريو. وديش ۾ سندس وچار ڌارا کان پرڀاوت ٿيل ڪي پريمي جن ۾ ماتا نويديتا ۽ ٻيا پڻ ساڻس گڏ آيا.

سوامي وويڪانند وديش ۾ هندو ڌرم جي سچي تصوير پيش ڪئي. سندس ودوتا ۽ مانوتا واري وچار ڌارا جي سرهاڻ ساري ڀارت ورش ۾ ڦهلجي وئي. جڏهن هو ڀارت ۾ واپس وريو تڏهن مدراس ۾ سندس ٻيڪدار سواگت ڪيو ويو.

سوامي وويڪانند جي وچار ۽ آچار ۾ تاثير هو. ان وقت ڀارت ۾ آزاديءَ جو آندولن هلي رهيو. سوامي وويڪانند ڀارتواسين ۾ راشٽريه چيتنا آندي. سندس وياکيانن مان پريرڻا پائي ڪيترن ئي نوجوانن راشٽريه سيوا جو سنڪلپ ڪيو.

مانو سيوا جو آدرش رکي سوامي وويڪانند رامڪرشن مشن جي استاپنا ڪئي.

سوامي رامڪرشن پرمهنس نريندر کي نئين جيون ڏني سندس نالو وويڪانند رکيو. شري وويڪانند سوامي رامڪرشن جي سنگ ۾ سونو ٿي پيو. سندس جيون ۾ وڏو موڙ اچي ويو.

سن ١٨٨٦ع ۾ جڏهن سوامي رامڪرشن پرلاڻو ٿيو تڏهن شري وويڪانند ڪلڪتي جي وراڻگر شهر واري آشرم ۾ رهي سڀ شاسترن جو ابياس ڪيو. پوءِ هو ڀارت جي ڀن ڀن شهرن ۾ دورو ڪرڻ نڪتو. جڏهن هو بهار ۾ ڀرمڻ ڪري رهيو هو ته انگريز سرڪار جي پوليس عملدار سندس پيشانيءَ تي ڪيسر جو تلڪ ڏسي، شڪ وچان ودروهي سمجهي کيس گرفتار ڪيو ۽ ڪجهه وقت بعد کيس ڇڏي ڏنو.

سوامي وويڪانند ڀارت جي ڀن ڀن نگرن ۾ ڀرمڻ ڪندي هندو سناتن ڌرم ۽ ڀارتيه سنسڪرتيءَ جي اوڄهه لوڪن ۾ پيدا ڪئي. هڪ نئين چيتنا آندي. هن هندو شاسترن جو ڪافي ابياس ڪيو هو ۽ هو انگريزيءَ ۾ پڻ ماهر هو. تنهن ڪري هن ڪيترن عيسائي لوڪن کي پڻ پرڀاوت ڪيو.

سن ١٨٩٣ ۾ سوامي وويڪانند چڪاگو ۾ ٿيندڙ وشو ڌرم سميلن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو. سميلن ۾ هيءُ ئي هڪ عيوضي هندو ڌرم پاران ڳالهائيندڙ هو. سميلن ۾ شريڪ ٿيندڙن مان هيءُ ئي سڀني کان ننڍي عمر وارو هو. جڏهن هن ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”منهنجا ڀائرو ۽ ڀينرو!“ سڀني ڌرمن جو مول هڪ آهي برهم. ساري وشو جا ماڻهو مانو ڌرم جي سوٽر ۾ ٻڌل ڀائر ڀينر آهن.

سوامي وويڪانند ڀارتيه سنسڪرتي ۽ هندو ڌرم جي وشالتا جو ورڻن ڪيو. سوامي وويڪانند جي وياکيان ٻڌندڙن

سنه ١٨٧٩ع ۾ ڊاڪٽر گهوش پنهنجي ٽنهي ٻچن
ونئي ڀوشڻ، مَن موهن ۽ اربندوءَ کي وڌيڪ پڙهائيءَ لاءِ کڻي
مئنچيسٽر ۾ شري ڊيوڊريوٽ ۽ سندس ماتا جي سپرد
ڪري آيو.

شري ڊريوٽ ٻالڪ اربندوءَ کي پاڙهيندو هو. ڪجهه
وقت بعد ٽنهي ٻالڪن کي پڙهائيءَ لاءِ انگلنڊ ۾ رهايو ويو.

اربندوءَ کي اتي جي سينٽ پال سڪول ۾ داخل ڪرايو ويو.
هُو اتي ننڍپڻ ۾ ئي ڪوتائون لکندو هو. هُو پڙهڻ ۾ ڀرپور
هو، [illegible] هو، هن پنهنجي قابليت سان اسڪالرشپ حاصل
ڪئي ۽ پوءِ ڪنگس ڪاليج ڪيمبرج ۾ داخل ٿيو.

شري اربندو آءِ. سي. ايس جو امتحان پڻ سٺن مارڪن
سان پاس ڪيو باقي صرف اُن ڊگريءَ لاءِ ڪمس گهوڙسواريءَ
جو امتحان ڏيڻو هو، جو هن ڪين ڏنو. سنه ١٨٩٣ ۾ هو ڀارت
۾ واپس آيو.

شري اربندو گهوش ٻڙودي جي مهاراجا ڪاليج ۾
انگريزيءَ جو پروفيسر ٿيو. پروفيسري ڪندي هن هندواسين ۾
راشٽريه چيتنا آندي ۽ اُن دور جي سياستدانن جي ڪڙي آلوچنا
پڻ ڪئي.

ٻڙودي جو راجا گائڪواڙ هن کي ڪافي عزت ڏيندو هو.
شري اربندو يوگ سادنا ۾ پڻ روچي رکندو هو ۽ رهسيائمڪ
گيانهين ۾ چاهه وٺندو هو. هُو شاعر به هو ته سٺو ليکڪ به هو.
سندس وياکيان به اثرائتا هوندا هئا. هُو راشٽريه ڪوي هو.

سنه ١٩٠٦ع ۾ هُو ڪلڪتا جي قومي ڪاليج جو پرنسپال

جدا جدا شهرن ۾ انهن مشن ڏوارا لوڪ سيوا جا ڪارج شروع ڪيا ويا. اڄ به رامڪرشن مشن جي سهاري ڏکين ڏکين جي خدمت ڪئي وڃي ٿي.

سوامي رامڪرشن پرم هنس ۽ سوامي ويويڪانند جو سنت ساهتيه پرڪاشت ڪيو وڃي ٿو. سنه ١٨٩٩ع ۾ سوامي ويويڪانند ٻيهر نويدتا سان گڏ آمريڪا ويو. اتي هن نه صرف وياکيان ڏنا پر ويدانت سوسائٽيون اڀيون ڪيون. ڌرم اتهاس پريشد ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ سوامي ويويڪانند پئرس ۾ ويو. اتان واپس وري هن ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ وڃي ڏکين ڏکين جي سيوا جا ڪارج شروع ڪيا ۽ سڄي هندواسين کي سجاڳ ڪيو.

٣٩ سالن جي ننڍڙي عمر ۾ ٨ جولاءِ سنه ١٩٠٢ع ۾ سوامي ويويڪانند استول شرير جو تياڳ ڪيو. سندس جڳايل جوت اڄ به هزارن جي راهه روشن ڪري رهي آهي. سندس ڪرم يوگي جيون پريرڻا جو سرچشمو آهي.

رشي اربندو گهوش

نئين ڀارت جي نرماتائن مان رشي اربندو گهوش هڪ نرماتا هو، جنهن ڀارتيه سنسڪرتي سڀيتا جي پاڙ پختي ڪئي ۽ پراچين رشين منين جي پرمپرا سان نباهيو. سندس جنم ١٥ آگسٽ سنه ١٨٧٢ع ۾ ڪلڪتي شهر ۾ ڊاڪٽر ڪي ڊي گهوش جي گهر ٿيو.

شري اربندو جي ماتا جو نالو سورڻ لتا هو. شري اربندو کي پنجن سالن جي عمر ۾ دارجلنگ ڪانوينٽ سڪول ۾ داخل ڪيو ويو.

مهاتما گانڌي

اهنسا جو اوتار راشٽرپتا مهاتما گانڌي نه صرف مهان راشٽر ڀڳت هو مگر ايشور ڀڳت پڻ. هو ڀڳوان شري رام ۽ شري ڪرشن جو اننيه اپاسڪ هو. هو نت نيم پرارٿنا جو آلي ايشور چنتن ڪندو هو، شريمد ڀڳوت گيتا جو پاٺ ڪندو هو.

ڀارت ورش کي وديشين جي ٻنڌڻ مان آزاد ڪرائڻ جي شڪتي کيس پرڀو پرارٿنا مان ئي پراپت ٿي. سندس جو نه نيم انوسار پرارٿنا ڪندو هو، اپواس جو ابياس ڪندو هو. سندس جيون ۾ ڀڳتي گيان ۽ ڪرم جو سندر سمنوءَ هو. انتم دن ٻرلا مندر ۾ جڏهن هو پرارٿنا سڀا ۾ شريڪ ٿي رهيو هو ته دشٽ جڏهن کيس گولي هنيائين ته هڪدم هن جي زبان مان "رام! رام!" نڪتو.

اهو ڏيکاري ٿو ته ڀڳوان شري رام سان سندس ڪيترو نه پريم هو. هو چوندو هو ته پرارٿنا دواران ڪيترن ئي مشڪلن جو حل ملي ٿو وڃي. مهاتما گانڌي ان پرارٿنا جي شڪتي اڻ ٿڪ آڌياتمڪ ٻل دواران ئي قوم جي ڪشتي ڪناري لڳائي سگهيو.

مهاتما گانڌيءَ جي جنم جو نالو موهنداس هو. سندس جنم ۲ آڪٽوبر سنه ۱۸۶۹ع ۾ پوربندر گجرات ۾ شري ڪرمچند گانڌيءَ جي گهر ٿيو. ۱۳ سالن جي عمر ۾ سندس وواهه ڪستوربا سان ٿيو. ۱۹ سالن جي عمر ۾ هو بئريسٽري پڙهڻ لاءِ انگلنڊ ويو.

ٿيو. ”وندي ماترم“ اخبار دوارن هو پنهنجا جذباتي ديش ڀڳتيءَ وارا ويچار ظاهر ڪندو هو.

قومي جاڳرتا جي ڪارروائين سبب سري اربندوءَ کي جيل جا آزار پڻ ڪرڻي پئي. مگر هو بيباڪ بانڪو بهادريءَ سان منهن مقابلو ڪندو رهيو.

هن پنهنجي ويچارن کي وڌيڪ ڦهلائڻ لاءِ بنگاليءَ ۾ ”ڌرم“ ۽ انگريزيءَ ۾ ”ڪرم يوگي“ اخبار جو سمپادن ڪيو. جن ۾ سياسي سڄاڳيءَ سان گڏ ايشور ڀڳتيءَ، گيان ۽ يوگ بابت لکڻ پڻ هوندا هئا.

هڪ ڏينهن اندر جي آواز انوسار انهن سڀني ڪارين کي ڇڏي هو پانڊيچريءَ ۾ آيو ۽ اتي اچي آشرم جي استاپنا ڪيائين.

اتي سري اربندو يوگ ساڌنا ۽ آتم چنتن دوارن ساڪشاتڪار ڪيو.

هيءُ آشرم آڌياتمڪ اُنتيءَ جو ڪيندر بڻجي پيو. وديارٿين کي سڀئي وديا ڏني وڃي ٿي ۽ ڪين يوگ ساڌنا جي سکيا ڏني وڃي ٿي ۽ اڄ به اُن قسم جي سکيا سري اربندوءَ جي نالي ڪوٺل آشرم ۾ ڏني وڃي ٿي

سن ١٩٥٠ع ۾ سري اربندو گهوش برهمليين ٿيو. هو مهان ڪوي، ساهتڪار ۽ اوچ ڪوٽيءَ جو فيلسوف، راشٽر ڀڳت ۽ ايشور ڀڳت هو.

سٽيءَ ۾ جڏهن ئي سائينءَ جي وڪ سو سر ۾ گهڻي سرهو.

باپوءَ ڏکڻ آفريڪا ۾ رهندڙ هندواسين سان ٿيندڙ بي انصافيءَ خلاف ستياگره شروع ڪيو. انڪري کيس ڇهه مهينا جيل جي سزا ملي. گانڌيجي هي ٻيون دفعو ڀارتين جي حقن صدقي جيل ۾ ويو ۽ سندس ان قربانيءَ جو اهو نتيجو نڪتو جو قانون ۾ تبديل ڪري ڀارتين کي حق ڏنا ويا. اها گانڌيءَ جي ستياگره جي ڀارت جيت هئي.

آفريڪا مان واپس وطن ٿي هن هندستان جي جدا جدا شهرن، ڳوٺن جو دؤرو ڪري ڀارتيه جنتا جي ڏکن دردن جو احساس ڪيو ۽ هن وائسراء کي شڪايتن جو چٺو ڏنو.

بهار جي چمپارن ضلع جي ڪسانن جي سڏ تي گانڌيجي اوڏانهن ويو ۽ اتي انگريزن جي اياچارن خلاف ستياگره شروع ڪيائين. رولٽ انڪٽ جي ورڌ گانڌيجي اسهوڳ آندولن ۽ ستياگره شروع ڪيو. باپوءَ جي پڪار تي هزارين ٻيهڙون سرڪاري نوڪريون ڇڏي ستياگره ۾ ڀاڱو ورتو. وديارٿي اسڪول ۽ ڪاليج ڇڏي آندولن ۾ ٽپي پيا وطن واسطي. باپوءَ ان آندولن ۾ اهنسا جي استر جو ئي استعمال ڪيو.

گانڌيجيءَ کي ڇهه سال جيل جي سزا ڏني وئي. جيل ۾ به باپو رچنائمڪ ڪارج ڪندو هو. ڌرم مهورتن جو اتي ڀارتين باپوءَ جي پرارٿنا ڪندو هو، آتم چنتن ۽ شاستر چنتن ڪندو هو. ليک لکندو هو. چرخو هلائيندو هو. هو سچو ڪرم يوگي هو. هن وديشي چيزن جي بهشڪار لاءِ جنتا کي سجاڳ ڪيو. سندس اچار ۽ وچار ۾ مقناطيسي چڪ ۽ اڏيالمڪ ڪشش هئي. سالن جا سال وطن صدقي جيلن ۾ رهيو، ڏک ڏاکڙا ڏٺائين پر ستيه اهنسا جي مارڳ تي اٽل رهيو.

هو ڪيترا مسئلا پرارٿنا دوارا حل ڪندو هو. مسڪين

هو ٻين جي پيڙا کي پنهنجي پيڙا ڪري سمجهندو هو. ڪروڙن ڀارتين کي دکي ۽ غريب ڏسي پاڻ به غريبن وانگر گذاران ڪندو هو. هڪ دفعي هڪ ٻالڪ ٻاپوءَ کي اڌ خميص ڏسي عرض ڪري ٿو "ٻاپو مان اوهان لاءِ هڪ خميص گهر مان ڪڻي اچان. اوهان مهرباني ڪري ٿورو ترسو. ٻاپو مشڪندي ٻالڪ کي چيو "ٻالڪ مونکي هڪ خميص نه پر وڌيڪ گهرجن."

ٻالڪ وراڻيو، ٻابا ڏهه. پندرهن خميصون ڪڻي اچان ٿوءِ نه اوهان اهي پهريندا نه؟" ٻاپو چيو، "ٻالڪ جڏهن منهنجا ڪروڙين ديشواسي ننگا آهن تڏهن مان ڪئن بدن پهريان. جي مونکي خميص پهرائڻ چاهين ٿو ته چاليهه ڪروڙ خميصون ڏي. ڀارت جا چاليهه ڪروڙ رهواسي منهنجا ڀائر آهن.

هي اِي تاج پادشاهه دلين جو راڄ ڪئي نه مهين جا مهينا اُپواس رکي ٿو. جهان اندر پاڻ ئي رهي ٿو مگر سدائين سندس منهن ۾ مشڪ. ان کي تسلائون ڏئي، ڪنهن جي ڪاروهنوار مان ديش جي آزاديءَ جي ڪشتي ڪناري لڳائي، ليڪن هندو ڀائر جن کي اڇوت سڏي ٺڪرايو ٿي، تن کي هن "هريجن" جو لقب ڏئي گلي لڳايو. گوتم جيان اهنسا جو سنديش سڻايو، نه صرف ڀارت ۾ مگر وشو ۾ پڻ ڀائرن جي اڌڪارن لاءِ هن سنگهرش ڪيو.

هن پياري جڏهن ڏکڻ آفريڪا ۾ ڀارتين سان انگريزن جو برو ورتاءُ ڏٺو تڏهن هن کان سٺو نه ويو. سندس ته ڪيترا دفعا اپمان ڪيو ويو. اتي هن ڀارتين کي ايڪتا جي سوٽر ۾ ٻڌو. "نيشنل انڊين ڪانگريس" ٺاهي ڪري ٻاپوءَ ڀارتين کي اڌڪار وٺي ڏيڻ لاءِ هلچل هلائي.

انگريزن ڪيترا دفعا آزاديءَ کي ختم ڪرڻ جي سازش

نه پوءِ مان ڇو ڪين هن ۾ ويٺو هجان؟ مان سک سان ان گاڏي ۾ وهان ۽ پيا منهنجي ڪري پريشان ٿين اها ڳالهه مان ڪڏهن برداشت نه ڪندس.“

باپوءَ جا اهي لفظ ٻڌي گارڊ حيــو ڪڏهن همت ئي ويو. ويندي وقت صرف ايترو ٻڌائين، ”باپو! مون لائـق ڪا سيوا هجي ته ٻڌايو.“

باپوءَ وراڻيو، ”منهنجي اها سيوا ڪريو ته مسافرن کـي تنگ نه ڪريو ۽ رشوت نه وٺو. بس ايترو ڪندا تـه سمجهندس ته اوهان منهنجي سيوا ڪئي.“

باپو ٻاڻ برسات جي پاڻيءَ ۾ ڀڄندو رهيو پر هن ٻين کي تڪليف نه ڏني ۽ گارڊ کي ٻڻ مسافرن جـي سهنج سهوليت لاءِ تاڪيد ڪئي. بـاپوءَ کــي ٻين جــي سک جي ڪيڏي نـه چنتا هئي.

جيو ديا:

سرشٽ پرش پراڻي مات ۾ ديا ڪرڻ پنهنجو مکيه ڪرتويه سمجهندا آهن ۽ ٻين کي ٻڻ ان قسم جي صلاح ڏيندا آهن. باپوءَ جي دل ۾ به نه صرف منش مات پر هڪڙن پسن لاءِ به عجيب پيار هو، همدردي هئي.

هڪ دفعي جڏهن باپو چمپارن ۾ هو تـڏهن اوچتو اتـي هڪ جلوس ڏسي آيـو. انهن جلوس ۾ ماڻهن سان گـڏ هڪ ٻڪري ٻڻ ساڻ آهي. باپو پاڻوه مان پڇيو، ”پيارا اوهان هن ٻڪريءَ کي ڪيڏانهن نيا وڃو؟“

جلوس وارن ماڻهن وراڻيو شهر ۾ ماتا ڦهليل وئـي آهي. ديوي ماتا کي پرسن ڪرڻ لاءِ اسين ديوي ماتا جي مندر پرسان هن ٻڪريءَ کي ختم ڪري ديـوي ماتا تي بـل چاڙهيندا سين

مهاتما ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ هٿن سان سيوا ڪندو هو. اوڙو ۽ سالڪ ڳالهه ڳالهائيندو هو ۽ ڏاڍو سنجم سان هلندو هو. هو ڌرم ۽ ڪرم لاءِ ايترو سچو هو ته ڌرم کي پيار ڪندڙ سڀ ڌرم رکڻ جو حامي هو. سندس نظر ۾ سچو سنت اهو جو پرائي پيڙا جاڻي ان کي دور ڪري:

"وئشنو جن تو تيني ڪهئي جي پيڙ پرائي جاڻي ري."

ڪروڙين هندواسين جي همدرديءَ جو ساگر ڪٿن نه هنديءَ هردي ۾ ڇوليون ماريندو هو.

ٻين جي سک جي چنتا:

مها پرشن کي پنهنجي سک جي اپيکيا گهٽ هوندي آهي. هو پنهنجي لاءِ ڪي تڪليفون ڏسي به ٻين جو ڀلو ڪندا آهن. باپوجي ته ساري جيون ڀارت ماتا جي سيوا لڳيءَ ۾ ارپڻ ڪئي. باپو پاڻ کي تڪليف ۾ رکي به ٻين کي سک ڏيندو هو.

هڪ دفعي باپو گاڏيءَ ۾ مسافري ڪري رهيو هو. اوچتو زبردست برسات پئي. باپو جنهن گاڏي ۾ ويٺو هو ان ۾ ڪافي برسات جو پاڻي اچي رهيو هو. اها ڳالهه گارڊ کي ٻڌائي. هو هڪدم باپوءَ جي گاڏيءَ ۾ آيو ۽ اچي کيس وينتي ڪيائين ته اوهانجي هن گاڏي ۾ ڏاڍو برسات جو پاڻي اچي رهيو آهي ۽ اوهان کي تڪليف ٿي رهي آهي. اوهان مهرباني ڪري هن گاڏي مان هلي ٻئي گاڏي ۾ ويهو.

باپوءَ ان تي گارڊ کان پڇيو، "جيڪڏهن مان هي گاڏو خالي ڪريان ته اوهان هن گاڏي جو ڇا ڪندا؟"

گارڊ ادب سان وراڻيو، "اوهان لاءِ هيءُ گاڏو خالي ڪرائي ٻين گاڏي جا مسافر هن گاڏي ۾ ويهارينداسين."

باپوءَ چيو: "جي توهين هن ۾ اها مسافر ويهارڻ وارا آهيو

سوامي رام تيرٿ

سوامي رام تيرٿ جو جنم ٢٢ آڪٽوبر سنه ١٨٧٣ع ۾ پنجاب جي مراري والا ڳوٺ ۾ شري هيرانند گوسوامي برهمڻ جي گهر ٿيو. گهر جي آرٿڪ حالت ٺيڪ ڪانه هئي. ٻالڪ رام تيرٿ اڃا سال کن جو مس هو ته سندس ماتا پرلوڪ پڌاري. سندس پرورش سندس ڀُڻي ڌرمڪور ڪندي هئي. هوءَ کيس ٺمٺم مندر ۾ وٺي ويندي هئي.

ٻالڪ رام تيرٿ شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي. شري رام تيرٿ لکڻ پڙهڻ ۾ هوشيار هو، جنهن ڪري اسڪول جو هيڊ ماستر مولوي محمد علي کيس ڀائيندو هو. ڏهن سالن جي عمر ۾ هن جو وواهه ٿيو. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ رام تيرٿ کي گجرانوالا ڳوٺ ۾ رهڻو پيو. اتي هنجو سمپرڪ ڀڳت ڌنامل سان ٿيو، جنهن کي هن پنهنجو گرو ڪري مڃيو.

ڀڳت ڌنامل جي پريرڻا ۽ آسيس سان ئي شري رام تيرٿ پرڀوءَ جي راهه ۾ جهڪي آيو. ڪاليجي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ رام تيرٿ کي لاهور ۾ رهڻو پيو. ڪاليج ۾ پڙهڻ وقت هن کي آرٿڪ مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پيو. ڪڏهن ڪڏهن ته کيس روٽي به نصيب ڪين ٿيندي هئي. سندس رهڻي تمام سادي سودي هڪ ڳوٺاڻي جهڙي هئي.

ڏينهون ڏينهن گرو ۾ سندس شرڌا وڌندي رهي. هن —

جنهن ديوي ماتا پرسن ٿئي ۽ ماڻهو ماتا کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن.

ٻاپوءَ ڪاڻون پڇيو، "ٻڪري سرشٽ يا منش."

جلوس وارن وراڻيو، "منش سرشٽ آهي." تنهن تي ٻاپوءَ کين وراڻيو، "جنهن صورت ۾ منش ٻڪريءَ کان سرشٽ آهي پوءِ ڇو نه ٿا اوهين منش جي ٻلي چاڙهيو سرشٽ چيز ٻلي چاڙهڻ سان ديوي ماتا وڌيڪ پرسن ٿيندي نه؟ اوهان مان جيڪڏهن ڪو ٻلي ڏيڻ لاءِ تيار ناهي ته واهه نه ته مان تيار آهيان."

ٻاپوءَ جا اهي شبد ٻڌي جلوس وارا ماڻهو اهڙو ڪين جهڙي ٿيا. ٻاپوجي کين وري چوندي چيو، "معصوم ٻي زبان ٻڪريءَ جي ٻلي چاڙهڻ سان ڇا ديوي ماتا پرسن ٿيندي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته اوهان پنهنجو خون ڏيو. ٻڪرين جو خون وهائڻ مها پاپ آهي. پڻ ته ان ۾ آهي ته اوهين ٻراٽي مارڻ سان ٻيو ڪم ڪريو. ٻڪرين تي ڪهل ڪريو. اوهان ٻين جيون تي ديا ڪندا ته ديوي ماتا اوهان تي ديا ڪندي. ديا ئي ڌرم جو مول آهي. مڪت ڪريو ان ٻڪريءَ کي. جي ٻاپوءَ جي ڪرپا چاهيو ته جيو ديا جي جوت جڳايو. من وچن ۽ ڪرم سان سڀني جيون کي پيار ڏيو! ترت ڏيو.

•

ديش جو ڪرڻڌار ۽ وشو جي مهان وڀوتي مهاتما گاندي ٣٠ جنوري ١٩٤٨ع ۾ اڌهلمن ٿيو.

پياري ٻاپوءَ جي سادگيءَ واري جيون ۽ اعليٰ وچار اڄ به اسانجي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. سندس لاڳاپي ڀر اسانجي ۽ سارا جوڳن ڪارڻ سڀ ٻارڙا جنهن کيس "ٻاپو" ۽ راشٽر پتا ڪري سڏيو. سندس اڪت ڪوشش سبب اسانجو ڀارت ديش آزاد ٿيو.

سوامي وويڪانند وديش ياترا ڪري جڏهن ڀارت ۾ واپس ورڻيو تڏهن جدا جدا شهرن ۾ سندس سواگت ڪيو ويو. لاهور ۾ پڻ سناتن ڌرم سڀا جي سهاري سوامي وويڪانند جو سواگت ڪيو ويو ۽ اُن اُتسو جو آيوجڪ شري رام تيرٿ هو.

شري رام تيرٿ جو اُن موقعي تي سوامي وويڪانند سان سمپرڪ ٿيو. هن سوامي وويڪانند جي جيون ۽ وياکيانن مان پريرڻا پرابت ڪئي ۽ سچي راهه تي هلڻ جو من ۾ سنڪلپ ڪيو. هن پڻ سنياس اختيار ڪرڻ جو وچار ڪيو.

سوامي رام تيرٿ سن ١٨٩٩ ۾ ڪاليج جي نوڪريءَ جي استعيفا ڏني، پوءِ هو لاهور جي اورينٽل ڪاليج ۾ صرف ٻه ڪلاڪ پاڙهڻ ويندو هو، باقي وقت آتم چنتن، هندو سنسڪرتي ۽ ويدانت جي پرچار ۾ وتيت ڪندو هو. ڪين پيو پت ته ڇاڻو جڏهن جو نالو برهمانند رکيو ويو. اونهاري جي موڪلن ۾ شري رام تيرٿ امرناٿ جي ياترا لاءِ روانو ٿيو. هن اتي ايڪانت ۾ آتم چنتن ڪيو.

سوامي رام تيرٿ اردو ۾ ”الف“ اخبار جو سمپادن ڪيو.

شري رام تيرٿ جي من ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي درشن جي لالسا پيدا ٿي. هڪ ورهيءَ واڳر سندس نيڻن مان پريم جا آنسو ڇلڪندا هئا. پنهنجي اشٽ ڀڳوان شري ڪرشڻ جي پريم ڀوميءَ جي درشن لاءِ هو متراءِ ۽ ورندراٻن هليو ويو. ڀڳتي ڀوڳ ۾ سندس وياکيان پڌي پريمي مستر مڳن ٿي ويندا هئا.

شري نارائڻداس آريه سماجي هندو مکيه شسيه ٿيو. شري رام تيرٿ سڌ پڌ پاڻ ڀڳوان شري ڪرشڻ جي پريم ۾ لين ٿي ويندو هو.

سوامي رام تيرٿ کي ويدانت جو رنگ چڙهيو. هو آتم

اردو ۽ فارسيءَ جو ڪافي اڀياس ڪيو، شيخ سعدي جي "گلستان ۽ بوستان" جهڙن ڪتابن ۽ چڱائون هن کي ڪنٺ ڀي ياد هون هيون. هو ڪيترو وقت اڀياس ۽ ايڪانت ۾ گذاريندو هو. هو ڪاليج جي ايف.اي امتحان ۾ پهريون نمبر آيو. هو ڪن وشين ۾ تمام قابل هو. پنهنجي آڙاڪ مشڪلاتن کي دور ڪرڻ لاءِ هو ڪن ودياٿين کي ٽيوشن به ڏيندو هو. بي.اي جي امتحان ۾ پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ هن پهريون نمبر مارڪون کنيون پر انگريزي وشيه ۾ گهٽ مارڪون کڻڻ ڪري هو ناپاس ظاهر ڪيو ويو. امتحان ۾ ناڪاميابي سندس دل کي چوٽ رسائي مگر سندس گروءَ ڏنا پڪ ۽ هن کيس امتحان ڏيڻ لاءِ همٿايو.

شري رام تيرٿ وري بي.اي جو امتحان ڏنو ۽ سڄي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيو ۽ کيس سٺ روپيا ماهيانو اسڪالرشپ ۽ سونو ٻلو انعام طور مليو.

ايم.اي پڙهڻ لاءِ هو لاهور جي گورنمينٽ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. هو پنهنجي سڦلتا جو شريه ايشور ڪرپا کي سمجهندو هو. هن جو پرماتما ۾ پورڻ وشواس هوندو هو. سندس چاهنا هئي ته هو حساب جو پروفيسر ٿئي. هن ايم.اي پاس ڪئي.

شري رام تيرٿ کي سيالڪوٽ جي مشن هاءِ اسڪول ۾ ماستريءَ جي نوڪري ملي. کيس ٨٠ رپيا پگهار ملندي هئي. اسڪول جي پڙهائي کانپوءِ هو باقي وقت سناتن ڌرم سڀا ۾ وڃي سڦلو ڪندو هو. ان سڀتا ذريعي هو ڌرم ۽ ديش ڀڳتي جي وشين تي وياکيان ڏيندو هو. سندس وياکيان ۾ عجيب اثر هوندو هو. ڪجهه وقت بعد هو لاهور جي فورمين ڪرسچن ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. سندس چاهنا پوري ٿي. هاڻي هو پنهنجي ڌرم پتنيءَ کي پڻ لاهور وٺي آيو.

جڏهن بہ پهريون ڀيرو ڏٺائين کيس خبر پئي تہ اِئي سمجهاڻ کان لنگهندو. اهو ٻڌي هو اُن ۾ بہ ملڪ جو راز سمجهڻ لڳو. هن اِهي اندرو جهڙي ڪلب ۾ وياکيان ڏنا، هن اِئي جي ڪاسمس ڪالبج ۾ "سفلتا جو رهسيہ" وشيہ تي وڌو ٻوڙ وياکيان ڏنو. هو جيان مان ورتي آمريڪا ويو اِئين تہ هن پنهنجي پروچن دوارن ٻڌندڙن کي ڏاڍو پرڀاوت ڪيو.

هن اُتان جي ڪيترن ئي ڪاليجن ۾ وکيان ڏنا. هو هميشہ ڦڪڙ رهندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن ڪائونس پڇيو تہ. اوهان ٻڌا پيسن جي ڪٿي گذران ڪندا آهيو؟

سوامي رام تيرٿ کيس جواب ڏيندي چيو تہ جڏهن ٻئڪ اڄ لڳندي آهي تہ ٻيو ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ڪارائي ويندو آهي.

اِئين سوامي رام تيرٿ پنهنجي وياکيان ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جو ورڻن ڪري رهيو هو تہ ڪنهن نہ. جڏهن ڀڳوان بانسري وڄائيندو هو تہ گوپيون گوال سڀ ڪم ڪارون ڇڏي مرلي منوهر جي پوئان ڊوڙندا هئا. گائيون بہ مرليءَ جو مڌر آواز ٻڌي ڊڪندڙيون ايندڙيون هيون.

سوامي رام تيرٿ جو وياکيان ٻڌي ڪن شنڪا ڪئي تہ اِئين ڪيئن هوندو جو مرليءَ جي آواز تي ماڻهو ڀڄندا اچن.

اِي ڏينهن جڏهن سڀا پورال هئي تڏهن سوامي رام تيرٿ وياکيان شروع ڪندي ان ۾ اهڙو تہ ڪتوهل وارو درشٽانت ڪيو جو سڀني ٻڌندڙن جو ڌيان اُن ۾ کپي ويو. درشٽانت اڃا اڌ ۾ ئي هو تہ سوامي رام تيرٿ رنگ منچ تان لهي ٻاهر نڪرندو ويو، ٻڌندڙ بہ اُٿي سگهيا وچان سندس پويان ڊوڙندا ويا ۽ کيس ويڙهي ڪيائون تہ پنهنجا مڌر وچن ٻڌايو.

ساڪشاتڪار لاءِ پرتيشيل رهيو. انهن ڪري هن ويدانت جو ڪافي ابياس ڪيو. هو ونراڳ وارتيءَ ۾ پرتشٺش ۾ وڃي رهيو.

ويدانت جو پرچار پرسار ڪرڻ لاءِ سوامي رام تيرٿ ”ادونيت امرت ورشڻي“ سنسٿا ٺاهي ڪئي. سوامي رام تيرٿ ڌيان ۽ ڌارڻا دواران آتمڪ اُنتيءَ جي مارڳ تي اڳتي وڌيو.

سوامي رام تيرٿ جي من ۾ ونراڳ وارتي وڌي ويئي ۽ سنساري جهنجهٽن جو تياڳ ڪري پرماتما جي کوج ۾ نڪتو. هن ڪاليج جي استعيفا واري خط ۾ لکيو: ”رام پادشاهه هاڻي ڪنهن جو نوڪر ٿي نٿو رهڻ چاهي. هو ته صرف پرماتما جي ئي چاڪري ڪرڻ چاهي ٿو.“ سندس انهن لاءِ ڪن ٽيڪا ٽپڻي ڪندي چيو: ”شري رام تيرٿ جو دماغ جاءِ ڪين آهي.“ شري رام تيرٿ تي ايشوري پريم جو خمار چڙهيل هو.

شري رام تيرٿ جو اصل نالو تيرٿ رام هو مگر جڏهن هو گنگوتريءَ پهتو تڏهن هن اُتي پنهنجو نالو تيرٿ رام مان بدلائي رام تيرٿ ڪيو. هن هماليه ۽ گنگا ماتا جي گود ۾ وڃي آشرم ورتو.

هماليه ۽ گنگا ماتا جي گود ۾ گذاريندي هن آتم ساڪشاتڪار ڪيو ۽ سنياس ڌارڻ ڪيو.

سوامي رام تيرٿ جي وياکيان ۾ عجب مستي ۽ تاثير هو. جپان ۾ انهن وشو ڌرم سميلن ۾ ڀاڱو وٺڻ لاءِ سوامي رام تيرٿ ٢٨ آگسٽ سن ١٩٠٢ ۾ جپان لاءِ روانو ٿيو. رستي تي هو هانگ ڪانگ ۾ هڪ سنڌي واپاريءَ وٽ رهيو. اُتي هن هندن گرو ڀڳتي ۽ ويدانت تي پروچن ڏنو. جڏهن هو ٽوڪيو

ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي

پيارو دادا ساڌو واسواڻي هو شري گرو نانڪ جيان صورت نماڻي، جنهن جي مڌر آنند دائڪ ٻاڻي، جنهن سڀني مهڻجي پيار جو پاڻي، جنهن جو لطف لوري نماڻي، ٻيڪماڻي مهران جهڙا ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ سندس دلڙي وياڪلي، روحاني راحت سدائين جنهن ماڻي، جنهن دردن ساڻ سدائين هو ساڻي. ڀارتا جو سرچشمو سندس جيون ڪهاڻي. جنهن جو روحاني وارث دادا جشن واسواڻي.

پياري دادا واسواڻيءَ جو جنم ڪارتڪ ايڪادشي ٢٥ نومبر ١٨٧٩ع ۾ سنڌ جي حيدرآباد شهر ۾ شري ليلارام واسواڻيءَ جي گهر ٿيو.

دادا جن جي جنم جو نالو ٿانور داس هو. داداجن جو پوڄ پتا شري ليلارام واسواڻي ديوي ماتا جو اُپاسڪ هو ۽ سندس ماتا وران ٻائي شري گرو نانڪ ديو جي سچي صدقياڻي ۽ ڀڪتياڻي هئي. هوءَ نت نيم پرڀات جو شري جپ صاحب ۽ شري سکمني صاحب جو پاٺ ڪندي هئي. گهر جي انهيءَ ڌارمڪ ۽ ڀڳتيمه واتاورڻ جو ٻالڪ دادا تي ڪافي اثر پيو.

سنڌ جو مهان سماج سڌارڪ، نشڪام سيوڪ، سنڌي سماج جو سچو ڪوهنور آدرشي اڌياپڪ ساڌو هيرانند آڏواڻي ٻالڪ دادا کي اسڪول ۾ استاد جي روپ ۾ نصيب ٿيو جنهن جي اعليٰ آدرشن جو دادا جي وديارٿي جيون تي وڏو اثر پيو.

لاهور سوامي رام تيرٿ کان سمجهائي ڏيندي چيو ته مون
هميشه ماٿُرا جي ٻاران اوهان ڏي وڌندا آيا. شري ڪرشن ته ٻال
سروپ هو، پر ان جي مرليءَ ٻاران ڪيترن ئي لوڪ ڏکندا
آيا هوندا.

ان سال جي پوري ڪان پوءِ هو وديش مان واپس ڀارت
۾ آيو. ٽهريءَ ۾ هڪڙو شاندار سواگت ڪيو ويو. پوءِ هن ڪجهه
وقت ڀارت جي ٻين ٻين شهرن ۾ پرچار ڪري ديش ڀڳتي ۽
ايڪتا پکيڙي جو سنديش ڏنو. هو وري رشيڪيش جي ايڪانت ۾
واپس منڊل ۾ رهڻ لڳو.

١٧ آڪٽوبر سنه ١٩٠٦ ۾ سوامي رام تيرٿ گنگا ۾ اشنان
ڪندي اوهر ۾ لهي ويو. هن هزارن هندواسين ۽ وديشين
جي جيون ۾ موڙ آندو. سندن لعل ڏاهن کي ويدانت جي اپديش
سان سڀل ڪيو. هو ڪوي هردي هو هن ڪيترائي شعر لکيا
آهن. سندس لکيل خط سندس ويچارن جو اڻ ملهه خزانو آهي.

سڀني جهڙي آتم آنند جاڳي،
سڀني جهڙي آتم اوڙو ٻاڳي.

سڀني ٻارن جو آتم اونڌار،
جڳ جو ڪرڻ آيا هون اڌار.

لن سڀني آن مان سڀار،
درشن ڪڻي چمڪ لاغ بهار.

سڀني سان رکن سڀ سڌائي،
مالڪ جيون لهه سچائي.

سڀني آي ڪن لا روشن راهه،
وڏا سڀني جي سدا پناهه.

ٿي سائنس ٿي سالمت گذاريندو هو. خاص ڪري رات جي وقت ڇنڊ تارن ڏي ڏسندو نهاريندو هو. ماتا جي مرضيءَ موجب دادا اسڪول ۾ دلچسپيءَ سان پڙهندو رهيو. پڙهڻ سان گڏ دادا ننڍيا ننڍيا شيوا جا ڪاريه به ڪندو هو ۽ رات جو ايڪانت ۾ ٻه ٻه ڪلاڪ ايشور کي به ياد ڪندو هو. هو پنهنجي قابليت ۽ هوشياريءَ ۽ ذهن جي آسري سان ساري سنڌ ۾ مئٽرڪ امتحان ۾ پهرون نمبر آيو ۽ کيس ميٽرڪيوليشن اسڪالرشپ پڻ عطا ٿي.

دادا وڌيڪ اوچ وديا پراپت ڪرڻ لاءِ ڪراچي ڪاليج ۾ داخل ٿيو. دادا پنهنجي نمرتا ۽ پروتيتا سبب ڪاليج ۾ پڻ نالو ڪڍيو. دادا ڪاليج جي لعلين پرائيندي ڌارمڪ گرنٿن، شريمد ڀڳوت گيتا، رامائڻ، گروانيءَ ۽ ٻين پستڪن جو ابياس ڪندو رهيو. سنڌس جيون ۾ سادگي، سچائي، سنتوش، سيوا ۽ ديا جا گڻ چمڪيا. دادا انهي گڻ هڪ ڪلاس ۾ پيدا ڪيا. دادا بي.اي جو امتحان ڏيڻ لاءِ بمبئيءَ ۾ آيو. دادا بي-اي جي انگريزي وشيه ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيو. هڪ سنڌي ٻالڪ لاءِ ڪري انگريزي وشيه ۾ پهريون نمبر اچڻ سو به هڪ اعلي يونيورسٽيءَ مان، اها هڪ فخر جي ڳالهه هئي. ان ڪري ٻهاري دادا کي بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان ايلس اسڪالرشپ عطا ٿي.

دادا کي سنڌس قابليت ۽ وديا سبب ڪراچي ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو. دادا ڪاليج ۾ پاڙهيندي پنهنجو ابياس جاري رکيو ۽ ٻن سالن بعد ايم.اي جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي.

ڪراچيءَ ۾ رهندي دادا برهمو سماج جي سمپرڪ ۾ آيو. برهمو سماج وارا دادا کي وياکيان ڏيڻ لاءِ وقت به وقت نينڊ ڏيندا هئا. دادا جي وياکيان ۾ عجيب تاثير هوندو هو. ٻڌندڙ

ڏکڻ ڏرندڙن، مسڪين محتاجن، يتيمن جي سيوا جا ٻج سندس وڏيرائي جيون ۾ ڪي ڇٽيا ويا جي اڳتي وڌي سندر سلا ٿيا؟ سلن مان ٻوٽا؟ ٻوٽن مان سيتل ورکش ٿيا جن جي ڦلن ڦولن؟ سيتل ڇانوَ هزارن کي فيض رسايو. دادا پڙهڻ ۾ به ڀرپور هوندو هو. هو هميشه ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندو هو. هو ٻين وڏيرائين کان هڪ نرالو وڏيرائي هو، ڪيس جيڪا خرچي ملندي هئي ان مان ٿورو خرچي باقي اپاهجن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو.

سڪول ۾ پڙهندڙ مسڪين وڏيرائين کي ٽول وٺي ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ٽفن اسڪول ۾ کڻي ايندو هو ته رستي تي ڪو ڪنگال ٻار ڪو فقير ڏسي ان کي پنهنجي ٽفن کارائي ڇڏيندو هو.

پيارو دادا وڏيرائي جيون ۾ سدائين ائين مسڪندو هو. سندس مشڪائي ٻئي ٻهڪندي هئي. هن کي استادن لاءِ ڪيڏي نه شردا هوندي هئي. هو هر پيادا سان سندن آگيا ۾ رهندو هو؟ جوت ۾ سندس استاد به ڪيس ڏاڍو پاليندا هئا.

اسڪول ۾ پڙهندي دادا گهر جي سيوا نه ڪندو هو. لن ڏينهن ۾ گهرن ۾ نلڪا ڪين هوندا هئا، دادا ٻاهران گهر لاءِ پاڻي ڀري ايندو هو. روز مالا ڦيرا ڪري پڙهون ڏيندو هو، سنتن مهاتمائن جا جيون چرتر پڙهندو هو. ننڍپڻ ۾ ئي دادا جي جيون ۾ جيوديا جي جوت جاڳي. هن مانس آهار جو تياڳ ڪيو.

دادا اڃا چوٿين درجي انگريزيءَ ۾ هو جو سندس پتا شري ليلارام واسواڻي پرلوڪ پڌاريو. پوڄ پتاجن جي پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ بالڪ دادا جو من اداس ٿي پيو. سنسار جي ڪٺنائيون ڏسي سندس من ۾ وئراڳ ورتي پيدا ٿيڻ لڳي؟ پرلوءَ لاءِ پياس پيدا ٿي. دادا ڪلاڪن جا ڪلاڪ گهر جي ڪنڊ

دادا واسواڻي لاهور جي ديالسنگهه ڪاليج، ڪراچي جي وڪٽوريا ڪاليج ۽ انبالا جي مهيندر ڪاليج ۾ پرنسپال جي پد تي رهيو. هزارين ودياارٿين جي راهه روشن ڪيائين.

اوچ مالا جي پراوڪ پدارٿ کان پوءِ دادا دنيوي عهدن جو تياڳ ڪري پرڀوءَ جي راهه ۾ آيو ۽ جيون ۾ سمرپڻ شيوا جي جوت جڳايائين.

پيارو دادا هو هيڻن جو همدرد، مسڪينن جو مددگار. پنهنجي ساري جيون ارپن ڪيائين پر اهنڪار پرمارٿ ۾. ٻالڪن ٻالڪن کي سچي وديا ڏيڻ لاءِ پياري دادا حيدرآباد ۾ ميران سڪول کوليو. جتي ودياارٿين کي پستڪن جي اڀياس سان گڏوگڏ سچي سکيا ڏني ويندي هئي جنهن جو اهڙي اعليٰ آدرشي انسان اهي قوم جو ڪندن ٿي ڪن. ميرا وديا هلچل هزارين جي جيون کي ڏاهيو. هن پوني ۾ پڻ دادا جن ميران سڪول ۽ ڪاليج شروع ڪيو جتي ودياارٿين کي پوتر واتاورڻ ۾ سچي وديا ڏني وڃي ٿي. ميرا وديا هلچل جا آدرش هئا: پوترتا، پرارٿنا، سادگي، سيوا.

٢٩ ورهين جي عمر ۾ دادا برلن ۾ وشو ڌرم سميلن ۾ شرڪت ڪئي. دادا جو روحاني پيغام اتان جا ماڻهو منتر مگڌ ٿي ويا.

پياري دادا پنهنجي مڌر واڻيءَ ذريعي سنڌ، هند ۽ وديش ۾ پيار، سنسڪرتي، سڀيتا ۽ سنسڪرتي جو سنديش ڦهلايو. سندس ساهتيه سرل سبڪ سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ آهي. جنهن ۾ معنوي موتي ماڻڪ موجود آهن.

پيارو دادا سنڌ جو نڀاڳو هو. جنهن گرديو نڀاڳو ڪري وشو پاري شانتيءَ نڪتين جي استاپنا ڪري وديا جي ننڍين جوت

سنڌس ويڪهاڻ پڌي، منتر مگهه ئي ويندا هئا. برهمو سماج سان سمبنڌ هئڻ ڪري دادا کي ڪلڪتي جي ودياساگر ڪاليج جي پرنسپال جي پد سنڀالڻ لاءِ ٻار آئي، دادا ڪلڪتي روانو ٿيو. دادا ڪلڪتي ودياساگر ڪاليج جو پرنسپال ٿيو.

اهو عهدو سنڀاليندي دادا ڪاليج جي وديارٿين ۾ سچ، سيوا سادگي ۽ سوديشي ويچار ڌارا جا ٻج ڇٽيا.

دادا پنهنجي آدرشي رهڻي ڪهڻي ذريعي نه صرف ڪاليج جي وديارٿين ۽ پروفيسرن کي پرڀاوت ڪيو مگر ڪلڪتي شهر ۾ ناٺ پرسڌ ٿيو.

پياري دادا کي پياس هئي نه ڌن عهدن جي پر اپرو ڪي پُسٺ جي. هو ڪنهن پراپورڻ گروءَ جي تلاش ۾ هو.

ڪلڪتي ۾ سندس اها پياس پوري ٿي ئي، جو کيس شري نالودا هڪ مهان دارشنڪ، وڏو ودوان سنت برهم گياني گرو روپ ۾ پراپت ٿيو.

پياري دادا سنت نالودا جي ڪمل چرنن ۾ ويهي آڌياتمڪ گيان پراپت ڪيو.

پيارو دادا گروءَ جي ڪرپا سان ڀڳتي، گيان ۽ ڪرم جي مارگ تي وڌندو رهيو.

ڪاليج جي ولڪشڻ سبب دادا حيدرآباد سنڌ ۾ ماتا وٽ آيو. ماتا جي اڇا هئي ته سندس فرزند ٿانور (دادا) شادي ڪري سکي زندگي بسر ڪري.

پياري دادا نمرتا پورڪ وينتي ڪندي ماتا کي چيو، "امان منهنجي دل ته لڳي ٿي الهوتن سان" مان ، واهه جي پندن ۾ ڪين اڙندس. موکي ته پياس آهي پرڀوءَ جي ملڻ جي.

راشٽرپتي ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن جڏهن پياري دادا سان پوني ۾ ملڻ آيو تڏهن چيائين: ”پياري دادا جو هي آستان آهي مون لاءِ تيرٿ آستان ۽ مان هڪ تيرٿ واسيءَ جي ڀاوَ ۾ هت آيو آهيان.“ ڪيڏي نه شردا ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن کي هئي پياري دادا جن لاءِ.

پياري دادا آزاديءَ جي هلچل ۾ سگهارو ڀاڱو ورتو نه صرف پاڻ اڪيلو پر پنهنجي پريمين سميت ودياٿي وسٽن جو ٻهڪار ڪندو هو. سوديشيءَ جو سنديش ڏيندو هو. سنڌ واسين ۾ پياري دادا ڀارت جي آزاديءَ لاءِ راشٽر چيتنا ڦوڪي. سنه ١٩١٨ع کان وٺي پياري دادا سادي کاديءَ جي پوشاڪ پهري.

ديش جي ورهاڱي کان پوءِ دادا پوني جي پٽي ڀوميءَ ۾ اچي رنگ لڳايا. اڄ اهو آستان ڀوميءَ جي ڄالي سان پرسڌ آهي ۽ هڪ تيرٿ آستان ٿي پيو آهي. هتي اُن ڀڳوتي ڀوميءَ تي روز ستسنگ ڪندا هئا سوين پريمي ستسنگ جو لاڀ وٺندا هئا. دادا اتي ميران اسڪول، ميران ڪاليج کوليو ٻارن لاءِ دواخانو ۽ گهرجائو پهڻن جي سکيا ۽ ڪمائيءَ لاءِ ناري شالا کولي. دکين دردمن جي سيوا جو ڪارج پڻ شروع ڪيو. دادا هزارن کي پرڀوءَ جي راهه ۾ چڪيو.

دادا ڪرم يوگي سنت هو. سنڌس جڳايل ستسنگ ۽ سيوا جي جوت اڄ به پيارو دادا جشن واسواڻي ۽ دادا گنگارام ساڄنداس جڳائي رهيا آهن.

آزاديءَ کان پوءِ ڀارت ۾ وڌندڙ ڀرشٽاچار جي ڀاوَنا کي ڏسي دادا جي دل ۾ درد پيدا ٿيو ۽ ڀارت جي دکي حالت ڏسي دادا پرماتما کي پرارٿنا ڪئي ته:

جڳائي ٿي پياري دادا ميران سڪول ۽ ميران ڪاليج کولي وديا جي کيتر ۾ ٿيئن سڃاڳي آندي.

پيارو دادا گرو نانڪ، ڪبير ۽ گرداس ٺاڪور جو روپ هو. جئن انهن مهاپرشن جي ٻاڻي امولڪ آهي تئن پياري دادا جي ٻاڻي پڻ انمول ۽ امولڪ آهي. دادا مهان دارشنڪ ۽ مهان ڪوي هو. سندس ڪاويه سنگره نوري گرنٿ هڪ مانسرووَر آهي. ڪو هنس هجي جو موتي وٺي چڳي. جيئن ڪوٽيڪ هي گرنٿ ڀڳتي ڀرپور ڪاويه سان ڀرپور آهي، روحاني رمزن رازن کي سلجهي ٿو ۽ پرماتما جي پيار جي پانڌيئڙن لاءِ راهه روشن ڪري ٿو مگر رهنوارڪ جيون ۾ پڻ مونجهيل ماڻهن لاءِ روشن منار آهي. پياري دادا پنهنجا دارشنڪ وچار سرل سپڪ سنڌي ڪاويه ۾ پيش ڪيا آهن. ويدن شاسترن اپنشدن جو مکڻ ڪڍي نوري گرنٿ ۾ ڏنو آهي.

دادا جيو ديا جو سنديش ڏئي هزارن جي جيون ۾ ڦيرو آندو.

پيارو دادا جنتا ۾ سڃاڳي آڻڻ لاءِ نيو ٽائيمس اخبار جو سمپادن ڪري ٿو. لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ اڀياسيا ڪلاس کولي ٿو. سنڌ هند ۾ جيو ديا جي جوت جڳائي ٿو. سمرڻ سيوا سنهه جو سنديش سڻائي سڀن جي راهه روشن ڪري ٿو. سندس جيون هئي قرباني جي جيون.

پيارو دادا راشٽر پتا مهاتما گانڌي جي آدرشن کان ڏاڍو پرڀاوت ٿيو. هو راشٽر ڀڳت، ايشور ڀڳت، گئو پالڪ، اڇوتن جي داسن ۽ ديين دکين دلين لاءِ درد، ديا، همدردي، تياڳ ۽ قرباني جون مورتون هيون.

ري رمڻ جو سڦل من جاڳي اٿيو.

هو سنسار جي تشورنا ڏسي سترهن سالن جي عمر ۾ ستمبر
ي کوچ لاءِ اروڻاچل پربت ڏانهن روانو ٿيو. جوانيءَ ۾ وڌاڻ ورتي
مندس پوُ روُ جنم جي اڻر سنسڪارن جو نتيجو هئي. هوُ مدراس
ٽندو اروڻاچلور اچي پهتو. اتي مندر ۾ ڀڳوان جا درشن ڪري
سن ٿيو. کيس اتي عجيب پرڪاش ڏسڻ ۾ آيو. هوُ اتان وري
ڻاچل ڏانهن روانو ٿيو. رستي تي کيس اڄ ڪڏهن ستايو مگر هوُ
ڻ جي پياس ۾ وڪ وڌائيندو اچي اروڻاچل جي مندر ۾ پهتو.
ي ڀڳوان جو درشن ڪري جڏهن هوُ ٻاهر آيو ته هن پنهنجا سڀ
ڙا لٿا ڦٽي ڪيا ۽ صرف لانگوٽي ڌارڻ ڪئي. هوُ هاڻي
ٽو وقت زار زمين غفا ۾ ڌيان ۾ ليٽيو رهندو هو.

لوڪ شردا وچان کيس برهمڻ سوامي ڪري ڪوٺيندا هئا. ٻال
مچاري رمڻ جي اڪثر ڀڳت هوندو هو. سالن جا سال هوُمون ۾
و. وٽس ڪيترا ئي ڀڳتي اچي ويندا هئا هوُ صرف انهن جي
ن ۾ نهاريندو هو ته سندن سمورن سڀني ويندئون هيون.
س موُن ۾ به شڪتي هئي. هڪ دفعي هڪ جگياسوءَ سوال
و ته تپ جي معنيٰ ڇا آهي؟ شري رمڻ ورائيو "آتم جي
ج" مهرشي رمڻ وڏو پاڻ سچائي تي زور ڏنو آهي
ر ٻال برهمڻ "پارس جي کوج" پستڪ ۾ ذڪر ڪيو آهي ته
ن نه مهرشي رمڻ جي تپسيا ۽ تپسوي جيون کيس متاثر ڪيو.
هڪ دفعي هڪ گهايل ڪانءُ هن جي آشرم ڪري پيو ٿو.
رمڻ ان گهايل ڪانو کي کڻي پالي پڏي ٿو. ڪجهه وقت
اهو ڪانو اتي مري وڃي ٿو. سنت رمڻ پنهنجي آشرم پرسان
ڪانو جي سمادي ٺهرائي ٿو. هڪ ٻڪريءَ کي به سنت ايڏو پيار
سنت سترش هڪ هڪ ٻراڻيءَ کي پنهنجو پوتر پيار ڏين ٿا. سنت
ڪڏهن نه سادگي سڀيهه هو. هڪ ڦاٽل لنگوٽيءَ ۾ وقت گذاريندو
سندس سادي رهڻي ۽ مهان ويچار ڌارا هندستان جهڙي آهي.

منهنجو ملڪ مون کان آهي نه جدا،
ڀڳل آهي ڀارت، پر منهنجو خدا،
رکه مهر ۾ سدا نوري نهاري سانت ۾.
دکه درد ۾ آ! ايو ڀارت ڀڄي،
دلس ڀارو ڪر نهال: نوري نهاري سانت ۾.

١٦ جنوري ١٩٦٦ ته پوني ۾ سندن جو سولهارو ڀارت جو مهان سنت ساڌو واسواڻي برهملين ٿيو.

ڀاري دادا جي اڌياتمڪ ساهتيڪ، سماجڪ، راشٽريه سيوائن سبب ڀارت سرڪار سندس يادگيريءَ ۾ ڊاڪ ٽڪل، پرڪاشت ڪئي. سندس سکيائون منش ماتر لاءِ روشن منار آهن.

شري رمڻ مهرشي

شري رمڻ مهرشيءَ جو جنم ٣٠ ڊسمبر ١٨٧٩ع ۾ ڏکڻ ڀارت جي ترچڙي ڳوٺ ۾ شري سندر آئر برهمڻ جي گهر ۾ ٿيو. سندس جنم جو نالو وينڪٽ رمڻ هو. هن شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پاٺشالا ۾ ورتي ۽ پوءِ کيس مدورا جي هاءِ سڪول ۾ داخل ڪيو ويو. اسڪول جي پڙهائيءَ ۾ هن جو چت ڪين لڳندو هو. هو اڪثر مندر ۾ ويندو هو، هو سنتن جا جيون چرتر ڏاڍي چاهه سان پڙهندو هو. هو پرماتما کي پرارٿنا ڪندو هو ته هو ٻاڪ به انهن سنتن سڳورن جي نقش قدم ۾ هلي. شري وينڪٽ رمڻ مندر ۾ ڀڳوان شنڪر جو درشن ڪري باغ بهار ٿيندو هو.

هڪ دفعي سندس گهر ۾ هڪ مهاتما آيو. هن ان کان پڇيو ته اوهان ڪٿان آيا آهيو؟ ان مهاتما وراڻيو "مان اروڻاچل پربت جي اراضيءَ مان آيو آهيان. اروڻاچل جو نالو ٻڌندي ئي

ٽهائي وڌو ڪيو. سوامي جن ٽنڊي ٻاجر ۾ ڪي عرصو رهندا هئا. گهر ۾ ٻه ايشور جي ڌڻي لڳائيندا هئا. سندن ٻيٺڪ لڳي ٿي جو دڪان ٽنڊي باغ ۾ جي ٻيو واري چوڪ ۾ هو. ٻالڪ ليلارام کي دڪان تي ويهاريو ويو ۽ ڪاٺ ته ٻه پڙهڻ ۾ سندس دلچسپي ڪين لڳندي هئي، جنهن عمر ۾ ڏهورا وڏا ٿيا تنهن هو اناج جي خريداري جي لحاظ کان ٽنڊي باغ ۾ ويندا هئا. رستي تي ڪي ٻيٽ ٻڪريون ڪي انگ اگهاڙا ڏسي سوامي جن کين خريد ڪيل اناج مان اَن ڏيندا هئا.

سوامي جن هڪ دفعو نه پر ڪيترا دفعا ائين ڪيو مگر سندس سوٽن آ جي ڪنهن کان شڪايت ڪين ڪئي. اهڙي رحم سندن من ۾ ڪين ٻالڪپڻ جي لاءِ درد پيدا ٿيو.

هڪ دفعي ٽنڊي محمد خان جا شري سوامي ڪيشورام صاحب ٽنڊي باگڙي ۾ پڌاريا هئا. هو ويدانت جا ودوان هئا. سندن ڪيترا ئي شش ٿي گذريا آهن، سوامي ليلاشاه مهاراج انهن جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ کين ٻڌائڻ گرو ڪيائون. سنت ڪيشورام صاحب جڏهن ٻهڄي شهر ٽنڊي محمد خان طرف روانا ٿيا ته سوامي ليلاشاه جن ٻڌ سائن گڏ ويا. هو نت نيم سان گرو استان تي ٻهاري پائيندا هئا، صفائي ڪندا هئا، ڳائين جي سيوا ڪندا هئا. هو ڳائين جي ڪر لاءِ ٻهڙ هلائيندا هئا. گرو استان تي رهندڙ سنتن جي چرڻن جي سيوا پڻ ڪندا هئا. سيوا ڪندي جڏهن سندن من ۾ ڪو ٻيو خيال پيدا ٿيندو هو ته ٻاڻ ڪي ذڪ هڻي من کي سمجهائيندا هئا.

سوامي جن ٻهڄي سنتن سوامي ڪيشوداس جي سکيائن جي ٻڌ رتي پوري پوري ڪندا رام رنگ ۾ رنگجي لعل ٿيندا ويا. سندن مائٽن جي خواهش هئي ته سوامي جن شادي ڪن.

سوامي ليلاشاهه مهاراج

سچا سنت پارس سمان آهن، جيڪو سندن سنگ ۾ اچي سو سون ٿي پوي. هو مانو جاتيءَ جا مارگ درشڪ آهن. هو پراڻي مانو جي ڪلياڻ لاءِ ئي جيون گذارين ٿا. سنت ڪبيرداس چيو ٿو:

ورکش ڪبهون نهي ڦل ڀکئين، ندي نه سنچئي نير،
پراپڪار ڪي ڪارڻي، سادن ڌرو شرير.

وڻ پنهنجو ميوو پاڻ ڪونه کائين، ندي پنهنجو پاڻي پاڻ ڪونه پيئي. هنن جي جيون ٻين لاءِ آهي. سنت به پنهنجي جيون پر اپڪار ۽ پرمارٿ جي ڪارڻ ۾ لڳائين ٿا. ڪن پنهنجو لوڀ لالچ ڪونهي، هو ته پرپنچ کان ٻاري جيون مڪت آهن.

سوامي ليلاشاهه مهراج اهڙن مهان پراپڪاري سنتن مان هڪ هئا جن جي جيون هڪڙي آدرش جي جيون. هو صاحب برهم گياني، برهمنشٽي، برهمشروٽري هوندي لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ رات ڏينهن پرشارٿ ڪندا هئا. پراڻين جي وهنوارڪ جيون ۾ ليڪل آڻي سندن من جي ورتي مالڪ ڏانهن موڙيندا هئا. سندن جيون ۾ ڀڳتي گيان ۽ ڪرم جو سندر ميلاپ هو.

سوامي ليلاشاهه مهاراج جو جنم ٢٣ ڦڳڻ ١٨٨١ع ۾ مهراب ڳوٺ اولاڻي ڏنڊي ٻاغي، سنڌ ۾ ٿرپارڪر ضلع ۾ ٿيو. ننڍپڻ ۾ ئي سندس ماتا پتا گذر ڪري ويا. ڪن جاهي

شفاياب ڪيائون.

سوامي جن مهان لوڪ ڀلائي هئا. سوامي جن جي پرارٿنا ۽ پرشاد سان ڪيترا ئي تتو گيان سنڌي ۽ آڌياتمڪ وشيه جا پستڪ سنڌيءَ ۾ پرڪاشت ٿيا.

سوامي جن ذاتي ڀيد ۽ ٻين سماجڪ برائين خلاف آواز بلند ڪيو. ڪيترن ئي برهمڻن سوامي جن جو آواز اولائي ذاتي ڀيد جو تياڳ ڪيو.

سوامي ليلا شاه مهاراج جي پروچن ۾ عجيب تاثير هو. سوامي جن نه صرف ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سيوا، ستسنگ ۽ آتم گيان جو سنديش ڏنو مگر سلون، برما، سنگاپور، هانگ ڪانگ ۽ وديش جي ٻين ملڪن ۾ پڻ پيغام پهچايو.

سوامي جن ڪيترو وقت هماليه جي پهاڙن، نئنيتال ۽ اتر ڪاشيءَ ۾ پڻ گذاريو. اتر ڪاشيءَ ۾ جتي سرڪار نهرن ٺي پاڻي ڪين ٺهرايو اتي سوامي جن ڳوٺاڻن جي سهوليت لاءِ پليون ٺهرائي هڪ اهم ڪم ڪيو. سوامي جن ڀارت جي ڪن ڪن نگرن ۾ پاٺشالائون، ناري شالائون، گئوشالائون ۽ اسڪول پڻ کوليا، جن مان اڄ به هزارين لاڀ وٺي رهيا آهن.

سوامي جن ٻڌڙن ۽ ٻين ڏکين ۽ دردمندن جي سيوا لاءِ به سدائين تيار هوندا هئا. هن داس کي اهو شخصي انڀو آهي ته جيڪي سندن جهڙيءَ ۾ پيسا هوندا هئس سي هڪدم کلي چوندا هئا: ”ڌمال لڳاءِ لهر“ ۽ ٿن ڪنهن کي ٻڌايا کين هئا، چوندا هئا، ”انا ليلا شاه جي روٽي راڄ ٿي رلي ڪلهي ٿي.“

سوامي جن ۴ نومبر ۱۹۷۳ ۾ برهمليين ٿيا. برهمڻ سندن پوتر سماڌي آديپور گانڌيڌام ۾ ٺهرائي آهي. اهو آستان اڄ هڪ تيرٿ آستان آهي. پاڻ گنگاڌر ۽ رچنا ڏو لائيءَ، ٻيءَ

مگر سوامي جن آچاريه برهمچاريه جو ورت ڌارڻ ڪيو. ويدانت ۽ هندو شاسترن جو اونهو ابياس ڪيائون، ڌارمڪ ڪارڻ سان گڏو گڏ سماجڪ ڪيترن ئي سيوا ڪارڻ جو آرنڀ ڪيائون.

سوديشي هلچل ۾ پڻ سوامي جن ڀاڱو ورتو. هريجن سڌار ڪيائون. جنتا ۾ آزاديءَ لاءِ اتساهه ڦوڪيندا رهندا ۽ پرارٿنا، سنسڪرتي ۽ سڀيتا لاءِ چاهه پيدا ڪندا هئا. پاڻ کاديءَ جو وڳو پهريندا هئا. اڄ به اهي ساڳي کاديءَ جي پوشاڪ پهريندا آهن. سندن سنجهي ۽ سادگيءَ واري جيون ٻين لاءِ پريرڻا جو استروت آهي. هو گيان جا ڀنڊار ۽ ڀڳتيءَ جا ڀنڊار مگر ڏيک ويک کان ڏهه ڪوهه ڏور، سدائين ڀيٽا مشڪندا ۽ مشڪي مهر جو مينهن وسائيندا هئا. سندن مقناطيسي کشش هئي، پيشانيءَ مان نوراني لوڙ ۽ اهو جهلڪا ڏيندو هو. ٻاڻ ماڙيت ۽ هسدوار جو وسيو هيائي سڀن جي سونهن ڪندا هئا. هريجن جي اڌار لاءِ سوامي جن سنڌ ۾ مهتو پورڻ ڪارڻ ڪيو. سوامي جن سچا ديش ڀڳت هئا، سوديشي هلچل جا حامي هئا، هو تمام سادگيءَ واري زندگي گذاريندا هئا، ڪٿي جي اسٽري ٿي سمهندا هئا، ڪيترو وقت پڻ جهنگل ۾ گذاريندا هئا.

ورهاڱي بعد سوامي جن ڀارت جي جدا جدا شهرن جو ورتن ڪندي ڏنيون ڀيٽ ۽ ڪيترن سماجڪ اوڻاين کي دور ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪوشش ڪئي. لوڪ سنڌي ڀڳتاڻ سوامي جن جي آڳيان کي عملي روپ ڏنو آهي.

اجمير، آگري، ڏانڌيلام، گودرا، سنڌو نگر ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۾ سوامي جن جي پريرڻا سان سيوا کيندر کوليا ويا آهن، جتان ڪيترن ڀائرن ۽ ڀيڻن کي لاڀ پراپت ٿي رهيو آهي.

سوامي جن قدرتي علاج جا پڻ ماهر هئا ۽ يوگ وديا جا ڄاڻو هئا. ڪيترن ئي ماڻهن کي قدرتي علاج ۽ يوگ ڪرياڻن دوارا

سنت ڀڳوان

١٨ صديءَ جي وچ ڌاري ڪڇ جي ابراضيءَ ۾ شري مهورام جي گهر هڪ ٻالڪ جنم ورتو جنهن جو نالو رکيائون ڀڳوان. پورڙو جنم هي سنسڪارن ڪري ٻالڪ ڀڳوان ننڍپڻ ۾ ئي هڪ نرالو ٻالڪ هو. جڏهن ٿورو وڏو ٿيو ته شري ڪرشن جيان جهنگل ۾ ڳائون چارڻ ويندو هو.

هڪ دفعي جهنگل ۾ ڳائون چارڻ ويو ته ٻاڻ ڀڳوت پڙهڻ ۾ لين ٿي ويو. ڳايون وڃاڻ ته واپس آيون ۽ ٻاڻ ٽون ڏينهن کان پوءِ واپس وريو. سندس من جو لاڙو مالڪ جي طرف ڏسي مائٽن هن کي شادي ڪرائي. هن کي پوءِ ٻه پٽ پيدا ٿيا جن جا نالا رام ۽ ڪرشن رکيا ويا. پتا جي پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ هي موديخانو هلائيندو هو. ان موديخاني ۾ ٻيا به ڪي سچا ڀائيوار هئس. هيءُ ان موديخاني مان غريب گهرجائن کي مفت اناج ڏيندو هو.

هڪ دفعي سنت ڀڳوان جمنا نديءَ ۾ سنان ڪري رهيو هو ته سندس پرسان مانگرمڇ آيو. برهمڻن سنت ڀڳوان کي چيو ته سائين مانگرمڇ کان پاسو ڪريو.

سنت مشڪندي چيو، ”ابا! اسان مانگرمڇ کي ستايو ڪين آهي پوءِ هو ڇو اسان کي ستائيندو.“ مانگرمڇ ابار پاسو وٺي ٻئي طرف هليو ويو.

۽ موهنداس، ڀاءُ مهاڀڙو مل، ڀاءُ ڏيپچند، ٽلڪچند سوامي جن جي ڪارڻ ۽ آدرش جي جوت جڳائيندا پيا رهن

پيش آهن سوامي جن جي جيون جون ڪي گهٽنائون جن مان ثابت آهي ته سوامي جن رڌي سڌيءَ جا مالڪ هئا پر ڏيکاري ڪين ڏيندا هئا. اهڙا سندن ڀڳتيءَ جي شڪتي هئي جنهن ڪيترن دکين جا دک دور ڪيا.

ڪوڙهه ڇڏائڻ

هڪ دفعي هڪ ڪوڙهه ور تل مائا سوامي ليلاشاهه جن کي اچي عرض ڪيو "سائين ڪوڙهه مان ڇٽايو، رام جو رنگ لڳايو." سوامي جن وراڻيو: "وڃ وڃي درياهه شاهه جي مٽي ڪوڙهه واري هنڌ لڳاءِ." ان مائا سوامي جن جي وچن ۾ وشواس رکي درياهه شاهه جي مٽي کڻي ڏينهن ڪوڙهه واري هنڌن تي لڳائيندي رهي. آخرين ان مائا ڪوڙهه مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. سندن سنتن ۾ اپاءُ ۾ صدق وڏو ۽ ڇمه جي ورلي پٽ نام ۾ لڳي. جنهن ڪري فرق ڪين ڪيو آهي سنتن جي سولي علاج فائدو رسايو.

نامردي دور ڪرڻ

ٺيڪرو نالي هڪ جوان، جو نامرديءَ جو شڪار ٿي چڪو هو. هو سوامي ليلاشاهه ۾ صدق رکي انهن جي پٺ ڇڏي نه سگهيو. ور ور پيو ڪين وينتي ڪندو هو. "مون مسڪين تي دئا جي درشٽي ڪريو. ڀڄهي مرض مان ڇٽايو." سوامي جن جيڏانهن وڃن ها ته اهو به انهن جي پوئتان.

هڪ ڏينهن سوامي جن جهنگل مان ٿي لنگهيا ته اهو جوان ٺيڪرو به سندن پوئتان. سوامي جن کي ان جوان تي ڪهل اچي وئي سو ڪنڊ جي وڻ مان ٻه پن ڇني، اهو پن ٺيڪرو کي ڏيندي چيائون ته وڃي اهو پن گهوٽي پيءُ، ٺيڪرو صدق رکي پن گهوٽي پيتو ته سندس دک دور ٿي ويو سندس ڪايا ترو تازي ٿي وئي.

سوامي گنگيشور آنند مهاراج

يوگيشور ويدانت آچاريه سوامي گنگيشور آنند مهاراج جو جنم ٢٧ ڊسمبر سنه ١٨٨١ع ۾ پنجاب پرديش ۾ پنڊت رامدت جي گهر ۾ ٿيو. پنڊت رامدت کي پٽر سنتان ڪونه هئي. پنڊت رامدت ودوان ۽ ايشور ڀڳت هو. سندس جيون رشي مثل هو. سندس پتني به سرلا ديوي پڻ سالوڪ ساتوي هئي.

هردوار ڪنڀ جي ميلي تي کين سوامي رامانند جو درشن نصيب ٿيو. ان مهاپرش جي ڪرپا سان کين پٽر سنتان ٿي جنهنجو نالو چندريشور رکيو ويو جو اڄ سوامي گنگيشور آنند جي نالي سان پرسڌ آهي. سوامي گنگيشور آنند اڃا اڍائي سالن جو مس هو جو سندس ماتا پرلوڪ پڌاري. سندس پتا پنڊت رامدت کيس سنسڪرت جا ڌاتو سيکاريندو هو. بالڪ گنگيشور آنند جي سمرڻ شڪتي تمام تيز هئي. بالڪ گنگيشور آنند کي سوامي رامانند جي ڪمل چرڻن ۾ ارپڻ ڪيو ويو.

سوامي رامانند بالڪ گنگيشور آنند کي پيار ۽ آسيس ڪندي چيو ته پٽ نت نيم شرڌا ڀڳوت گيتا، شري وشنو سهسر ناميءَ جو پاٺ ڪندو ڪر.

بالڪ گنگيشور آنند گرو جي آگيا انوسار پوڄا پاٺ ڪندو هو. سندس پتا پنڊت رامدت پڻ کيس شاستر پڙهائيندي ڀڳوان شري ڪرشن جون ليلائون ٻڌائيندو هو.

سنت ڀڳوان ڀڳوت ڀڳتيءَ ڪرڻ ڪري ڀڳت ڀڳوان سڏجڻ لڳو.

سن ۱۸۰۱ع ڌاري هو صاحب ڀيرو ناوار سمت سنگهه ڪندو حيدرآباد سنڌ ۾ اچي لٿو. ديوان گدومل هٿن ٽڪاڻي جي ٻاهري ڪي حال ٻاڙ وٽ رهايو. ٻر ماڻهن جي گهڻي اچ وڃ ڌسي هن ڪنهن ايڪانتڪ استان ۾ رهڻ چاهيو.

هو اهو ارادو ڪري ڪوٽڙيءَ جي ٻاهر هڪ دڙي تي اچي ويٺا. اها زمين سيد ڌڻي شاهه جي هئي. مسلمانن ڌڻي شاهه کي حسد وچان ڀڙڪايو ته سنت ڀڳوان کي چئو ته اِن زمين تان بسترا گول ڪريو.

سنت ڀڳت ڀڳوان آکيو ” بابا هيءَ زمين ته اصل ۾ ايشور جي آهي. اڄ ڪلهه ۾ انسان هن سان ذاتي ڪئي آهي. اعتبار نه اچي ته اچو ته دڙو کوٽي ڏسو اسانجو چمٽو ۽ ڌوڻي هن دڙي اندر آهي.“

مزورن زمين کوٽي ته برابر سنت جو چمٽو ۽ ڌوڻي نڪتي. سيد ڌڻي شاهه ۽ ٻيا حاسد مسلمان دنگ رهجي ويا. اُتي سنت دربار اسٿاپن ڪئي.

سنت ڀڳوان توڪلي سنت هئا، لوڀ لالچ کان پري. هو روز دربار ۾ لنگر هلائيندا هئا. غريب گربن کي کارائيندا هئا. رات جو ٻچيل کاڌو درياهه ۾ وجهائيندا هئا. ايتري قدر جو ٻچيل ٻاٽلي ۾ هارائي ڇڏيندا هئا جو ته چوندا هئا سڀاڻي جا ٻاجهه سڀاڻي سان ٻاجهه ڀريو پرڀو ڪندو.

هڪ دفعي سنت ڌرمچنديءَ کي مٽي ۾ اچي سور ٿيو. سنت آکيو ته سنت ڌرمچند رتي ۾ جيڪي لورا ٻيسا ٻڌل آهن اهي ڇوڙي ڇڏي. بابا تي مٽي ۾ سور ٿي ٻيدا ڪري.

ائين ڪرڻ سان برابر سنت ڌرمچنديءَ جو سور دور ٿي ويو. سنت ڀڳوان هڪ سؤ ورهين جي اوسٿا ۾ برهملين ٿيا.

غائب ٿيڻ سندس پتا کان حال احوال ورتو ۽ کيس سانتونا ڏيندي شري گنگيشور آنند تي ديا درشٽي ڪئي. ڪٿي جي ميلي گڏجاڻ کان پوءِ شري گنگيشور آنند سنت راماننَد سان گڏ رهڻ پسند پئي ڪيو. مگر سندس پتا ممتا وچان کيس ساڻ وٺي وڃڻ ٿي چاهيو. سوامي راماننَد پدمنيت رامدنت کي آگيا ڪئي ته حال توهان گنگيشور آنند کي گهر وٺي وڃو پوءِ هو اسان سان گڏ ٿي رهندو.

اهو ٻڌي گنگيشور آنند جي اکين ۾ پريم جا آنسون اچي ويا. سنت راماننَد کيس سانتونا ڏيندي چيو ته توهان ڪنهن به قسم جي چنتا نه ڪريو توهان اسان ساڻ سدا ساڻ گڏ رهندئين. هو پتا سان گڏ گوٺ واپس آيو. اتي هن شاسترن جو ابياس جاري رکيو.

اوچتو هڪ ڏينهن پرڀات جو سوامي راماننَد مهاراج پدمنيت رامدنت جي گوٺ ۾ پڌاريو. رامدنت ۽ سندس پتر گنگيشور آنند ۽ سارو پريوار سوامي راماننَد جو درشن ڪري ڪرتارٿ ٿيو.

سوامي راماننَد ٽي ڏينهن سندن گهر ۾ رهيا. چوٿين ڏينهن بالڪ گنگيشور آنند پڻ ساڻن گڏ روانو ٿيو. بالڪ جو سو ڀاڳيه هو جو سوامي راماننَد مهاراج کين گرو روپ ۾ پراپت ٿيو. سوامي راماننَد هن کي شريمد ڀڳوت گيتا ۽ اپنشدن جو ابياس ڪرايو. ستگرو مهاراج جي آگيا سان شري گنگيشور آنند ڦلن تي گذران ڪندي چوويهه لک دفعا شري گايتري منتر جو جاپ ڪيو.

چون ٿا ته جڏهن هن ان منتر جو جاپ سماپت ڪيو ته هن ان رات جو کيس گايتري ماتا جو درشن نصيب ٿيو. ستگرو سوامي راماننَد جي انيه ڪرپا ساڻ شري گنگيشور آنند شاسترن جو ابياس ڪندي، منتر جاپ جو انشٺان ڪندي آڌياتمڪ راهه

ڀڳوان شري ڪرشن جون ليلائون ٻڌي هن جي من ۾ ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ پريم پيدا ٿيو. سندس پتا ڪيس ڀڳوان شري ڪرشن جي پوتر ٻندرابن ڏانهن وٺي ويو. رستي تي سنت رامجي جو آشرم هو. پتا ۽ پُٽر ٻنهي سنت رامجيءَ جو درشن ڪيو. هو اتي مهنو ڪن رهيا. سنت رامجيءَ جي ڪرپا سان ٻالڪ گنگيشور آنند ڀڳوان شري ڪرشن جو ساڪشات درشن پڻ ڪيو. جڏهن هو سنت رامجيءَ جي آشرم مان ٻندرابن وڃڻ لاءِ تيار ٿيا ته اوچتو ٻالڪ گنگيشور آنند کي زبردست بخار اچي ويو ۽ سندس ساري بدن تي ماتا نڪتي. ايتري قدر جو سندس اکين تي پڻ ماتا نڪتي. سندس اکين ۾ ايتري ته گرمائش ٿي جو سندس اکين مان جوت غائب ٿي وئي. ٻالڪ جي اکين جو علاج ڪيو ويو مگر ڪنهن به دوا فائدو ڪين ڪيو.

ٻالڪ گنگيشور آنند ٻاهران روشني ته وڃائي پر ڪيس دل جي روشني پراپت ٿي. تپسوي رامجي پڻ ڪيس آسيس ڪئي. هو آخر پنج ڇهه سان گڏ ٻندرابن ۾ آيو. هو اتي ٻانڪي بهاريءَ جي مندر ۾ ويا. هو ڪجهه وقت ٻانڪي بهاريءَ جي مندر ڀرسان آشرم ۾ رهيا.

ٻالڪ گنگيشور آنند جمنا ۾ اشنان ڪري وڃي وڻ هيٺان ڀڳوان شري ڪرشن جي ڌيان ۾ ويهندو هو. باقي وقت شري ڪرشن جي ڪيرتن ۾ گذاريندو هو. اتي هن شريمد ڀڳوت جي ڪٿا شروع ڪئي.

هو ڀڳوان جون ليلائون ٻڌي مست ٿي ويندو هو. هو پوءِ هردوار ۾ ڪنڀ جي ميلي ۾ ٻين پنج ڇهه سان گڏ ويو. اتي روز گنگا مئيا ۾ اشنان ڪري جدا جدا مهاتمائن جو پروچن ٻڌي آنند ٿيندو هو. اتي ڪين سنت رامانند جو درشن ٿيو.

سنت رامانند شري گنگيشور آنند جي ٻاهران روشني

آهي جا برهمڻن جي من جي لوڀ ڀڄائي ٿي. سوامي ڄڻ گمان ڀڳتي ڪرم جي اڳرو ٻڌي آهن.

هو هڪ ڪئي ڪنهن نه سنيهه ڏنو آهي. هو سچا راشٽر ڀڳت آهن. جڏهن چين ڀارت تي حملو ڪيو هو، تڏهن سوامي جن راشٽر رکشا ڪوش ۾ ٻتيا ڏو گهڻو دان ڏنو.

سوامي جن ويدانت جا پرکانڊ پنڊت آهن. هنن پرچار ٿي ويد سنگرهه ڪري سندر نموني پرڪاشت ڪري هندو جاتي ۽ ڀارت ديش جي مهان سيوا ڪئي آهي. نه صرف ڀارت جي ٻين ٻين نگرن ۾ مگر وديش ۾ به وڃي ڀارت جي سنسڪرتيءَ ۽ ويدانت جو سنديش پهچائي اهو لهه سيوا ڪئي آهي.

٨ جنوري ١٩٨١ کان ١٨ جنوريءَ تائين سندن جنم شتابدي اُتسو اڀتيءَ ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ نه صرف ڀارت مان پر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان سندن پريمي ۽ هزارين سنت مهاتمائون شريڪ ٿيا.

سو سالن جي ڄمار اوستا ۾ هوندي به اُن موقعي تي سوامي جن اهڙو نه اڳرائتو ڀاڱو ڪيو جو شروع کان آخر مکمل ٿي ويا.

ڀڳتيءَ مان ملي جنهن کي مڪتي،
شڪتيءَ مان ملي مڪتي ڀڳتي.
سنتن جو سنگ مڪتيءَ دوار،
"آشا" لئي جو ويد آڌار.

۾ اڳتي وڌيو. هن لوڳ اڀياس پڻ ڪيو. هو ٻه سال رشيڪيش
اتر ڪاشي، وشسٽ گنگوتري، امنواري ۽ هماليه جي ايڪانت
استانن ۾ سادنا ڪندي گذاريا. سوامي رامانند مهاراج آڌر
کي گرو منتر ديڪشا ڏني سندس نالو گنگيشور آنند رکيو.

گرو منتر جي ديڪشا کان پوءِ سوامي گنگيشور آنند مهاراج
ڪاشيءَ ۾ سنسڪرت وياڪرڻ، نياءِ شاستر ۽ ويدانت جو ڪافي
اڀياس ڪيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هو پرڪانڊ پنڊت ٿيو. اُن
وقت ديش ۾ آزاديءَ جي آندولن سبب راشٽريه ايڪتيءَ جي
ڀاونا پڻ سوامي جن جي من ۾ پيدا ٿي.

سوامي گنگيشور آنند ڀرمڻ ڪندي ڪيترن ئي مهان
آتمائن سنتن جي سمپرڪ ۾ آيو. هو پوءِ گرديو سنت سندردا
جي آڳيا انوسار لوڪ ڪلياڻ لاءِ جدا جدا شهرن ۾ اچي
لوڪن کي شاسترن جو پرڪاش ڏيڻ لڳو.

وڪرم سنبت ١٩٨٣ ۾ سنت گنگيشور آنند مهاراج سند
منڊليءَ سميت سنڌ ڀوميءَ ۾ پڻ پڌاريو. هو ڪجهه وقت اُتي
سکر سادو ٻيلا آشرم ۾ سوامي هرنامداس مهاراج وٽ رهيا. سک
کان پوءِ سوامي جن ٽي مهينا حيدرآباد ۾ اچي رهيا جتي سؤ
کي ڀڳتيءَ ۽ گيان جي راهه ۾ ڇڪي اُنهن جي راهه روشن
ڪيائون. انان پوءِ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ آيا ۽ وري ٻهر ڳوٺن
۽ شڪارپور ۾ ڪجهه وقت رهيا. سوامي جن ڌرم پرچار سا
گڏ پريمين ۾ لوڪ شيوا جي ڀاونا پڻ پيدا ڪئي.

سوامي گنگيشور آنند مهاراج ڀارت جي مهان ودواني
آهن. هو اداسين سمپرداءِ جا سرمور آهن، هو پروپڪار جي
پريم مورتي آهن، دَيا جا ساگر آهن. سندن واڻي امرت

سوامي شوانند رشيڪيش ۾ يوگ ساڌنا ۽ ڀڳتي ساڌنا ڪندي تپسوي جيون گذاري، آتم گيان ڌواران آتم ساڪشاتڪار ڪيو. هن آتم گيان جو سنديش پکيڙڻ لاءِ رشيڪيش هردوار ۾ ڊوائين لائيف سوسائٽي، يوگ ويدانت فاريسٽ يونيورسٽي، دي آل ورلڊ رليجس فيڊريشن، دي شوانندا پبليڪيشن ليگ، شوانند خيراتي دواخانو ۽ پرائمري اسڪول اڏيا ڪيو. هن نه صرف لوڪن کي آتم گيان ڏنو مگر دکين دردين جي سيوا جي ڀاونا پڻ پيدا ڪئي.

سوامي شوانند سرسوتيءَ جي اپديش ۽ لکڻيءَ ۾ تاثير هوندو هو. هن ويدانت يوگ ۽ ڀڳتي پرڪ وشين تي ڪيترائي پستڪ انگريزيءَ ۾ لکيا. سندس فلاسافي سولي ۽ گرهڻ جهڙي آهي. هن وڌ ور ڪري آتم سڌاڻ تي زور ڏنو. آتم سڌاڻ سان ئي منش مڪتي حاصل ڪري سگهندو.

هن لوڪن کي سچي سيوا ۽ پرڀو جو سنديش ڏنو. هن ڌيان ڪرڻ تي به زور ڏنو آهي، ساڌڪ لاءِ سماڌيءَ ۾ رهڻ به ضروري آهي.

ڀارت جي پن پن نگر ۾ ڊوائين لائيف سوسائٽيءَ جون برانچون کوليون ويون آهن. جتي سوامي شوانند مهاراج جي سڌانتن انوسار لوڪن کي آڌياتمڪ گيان ۽ يوگ جي سکيا ڏني وڃي ٿي ۽ لوڪ ڪلياڻ لاءِ سيوا جا ڪارج ڪيا وڃن ٿا.

سوامي شوانند سرسوتيءَ جون سکيائون وهنوارڪ ۽ پرمارٿڪ جيون گذارڻ لاءِ روشن منار آهن.

سوامي شوانند سرسوتي

سوامي شوانند سرسوتي يوڳ ۽ ويدانت جي سکيا ذريعي هزارن جي راهه روشن ڪئي. هن لوڪن کي ڌرم جو اصل سرل ڀاشا ۾ سمجهايو. هن جو جنم ٨ سيپٽمبر ١٨٨٧ع ۾ ٽامل ناڊ جي پٽامڊئي شهر ۾ ٿيو. ٻالپڻ ۾ سندس نالو ڪپوسوامي آئر هو. سنياس ڌارڻ وقت سندس گروءَ سندس نالو شوانند رکيو.

سندس پڙهائي جون ڏيکاري ٿي ته هو هڪ هوشيار وديارٿي هو. سنه ١٩٠٧ع ۾ هن ڊاڪٽريءَ جو امتحان پاس ڪيو. ڊاڪٽر جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ هن اسپتال شروع ڪئي. سنه ١٩١٣ع ۾ هو ملايا ويو. اتي هن چڱو نالو ڪمايو.

پر جلد ئي گوتم ٻڌ وانگر هن جي من ۾ تياڳ ورتي پيدا ٿي. سنه ١٩٢٣ ۾ هن دنيوي وهنوار جو تياڳ ڪيو ۽ ڀارت ڏانهن واپس وريو. هو سچ جي ڳولها ۾ ڀارت جي تيرٿ آستانن تي ويو. آخرڪار ٨ مئي ١٩٢٤ع ۾ هو رشيڪيش ۾ پهتو.

رشيڪيش ۾ کين سوامي وشوانند جو درشن نصيب ٿيو. ان مهان آتما جو درشن ڪندي هن آنند جو انڀو ڪيو ۽ کين گرو روپ ۾ سويڪار ڪيو.

پهرين جون ١٩٢٤ تي سوامي وشوانند هن کي ديکشا ڏني ۽ سندس نالو شوانند سرسوتي رکيو. هو هاڻي ڊاڪٽر مان سوامي ٿيو.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ڪيترن ئي سالن مهاتمائن
جي سمپرڪ ۾ آيو. امرتسر ۾ شري گرو گرنٿ صاحب جو چڱيءَ
ريت ابياس ڪيائين. ڪاشيءَ ۾ ڪن ودوان پنڊتن جي مارڳ
درشن ۽ سڀ شاسترن جو ابياس ڪيائين. آخر سڌ سوامي ٽيئونرام
مهاراج گرو روپ ۾ ڪيس پراپت ٿيا.

سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جي ڪهڙي نه
صدق ۽ شرڌا سان سيوا ڪئي ۽ سنگ ڪيائون. ستگرن جي
سنگ ۾ ڪيس آڌياتمڪ رنگ لڳو، اهڙو ڏٺو. اڄ هو صاحب
گرن جي گاديءَ تي براجمان آهي. پاڻ ٽرانچ، نشڪام ڀلائي،
ڪيتن نه پرڀوءِ سوامي سروانند مهاراج جي پرهماين ٽوڻ ڪان ٻوه
هن سڀ نهاري سڀ ڪي زور ڏيءَ گاديءَ تي وهاريو ٿا. هي سڌ
سد لڀائون، هزارن دلين جو راڻو پڳڙيءَ جو پنڊار گيان جو گلزار
ڏئي سين ڪي پهچو ٻو ٻر پيار. سنگت ڪي چوي ٿو ته اوهين نه
ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جا ڌڻي آهيو. شش آهيو ۽ مان
به اوهان وانگر سوامي جن جو هڪ شش آهيان، مونکي گاڏيسر
ڪين سمجهجو. اچو ته گڏجي گرن جو نالو روشن ڪريون، سڀني
ڏکن نام جي مرڙيءَ دواران اندر آباد ڪريون، پنهنجن دلين
شاد ڪريون. سوامي جن ۾ ڪهڙي نه اميرا نماز ۽ حليمائي
آهي.

نئين پرٿ ڪان ئي سوامي جي تيز فهم ۽ ٻرو ٻرٿ آهي. شري
گرنٿ صاحب جي ڪيتري واڻي ۽ پين سنتن سنتوشن جي
ڪيتري واڻي ڪنٺ اٿس. سڌس ستسنگ ۾ ساڌڪن کي
نت نئون سکيائن ۽ درشٽانتن جو خزانو ملي ٿو. جيءُ پاڻي ئي
ڪين. هڪ هڪ کي نيڪي جي نهار سان ڪن نهال ڏئي آٿم
گيان جو لعل، اهڙي ڀرپوري مالا مال سوامي جي سمرٿ ۽ سيوا
جي جوت جڳائي هزارن جي راهه روشن پيو ڪري سڀني پالها
پاڻ پيو ڪري.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

جيون پرچيو : برهم گياني ، برهم نشٺي ، برهم شروتري
ڪرم يوگي سنت سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جو جنم تاريخ
يوز ٽما سنه ١٩٠٧ع ۾ سکر ضلعي جي ڇڪ ڳوٺ ۾ شري
آسودي مل ڀوڄا جي گهر ٿيو. ماتا پتا جي ڌارمڪ سنسڪارن
جو سوامي جيءَ تي ڪافي پرڀاءُ پيو. سوامي جيءَ سکولي تعليم
صرف ٿي درجا حاصل ڪئي. ٻارهن سالن جي عمر ۾ سوامي
جيءَ کي وڏي ماتا نڪتي جنهن ۾ اسٿول اکين جي روشني
غائب ٿي وئي. سوامي جيءَ جو پتا ٻالڪ کي سالهن سنت
هرچو رام جن وٽ وٺي آيو ته من سنت ٻالڪ کي اوُر ڏشڻ
سوامي جي هاٺي سائين هرچو رام صاحب جي شيوا ۾ حاضر
هوندو هو.

ڀائي هرچورام ننڍين ڄمائي جو سڌ پرش هو، سندس ڄاڻ
۾ رڌي سڌي هئي. هن هڪ ڏينهن شري آسودي مل کي چيو
ته ٻاٻا ننڍڙي هن فرزند کي اندران روشني ملندي، اهو وڏ
ٿي وڏو سنت ٿيندو ۽ هزارن کي ٻاهر روشني ڏيندو، ننڍڙي
هن جي ٻاهريون اکيون وڃايون آهن ته ان جو چنتا نه ڪر. اوڪي
وهنوار جي خيال کان اهو فرزند پڻ ٿيندو.

سنتن جا وچن سوا سورهن آنا سچا نڪتا. اڄ ٻرابر
سوامي جي هزارن کي روشني ڏئي رهيو آهي.

ڪٽڻي پيار!

ڪوئٽا ۾ زلزلو آيو ته هڪدم سوامي جي آگيا ڪري ٿو ته ٻارا ڪوئٽا وڃي زلزلي ۾ ڦاٿل ماڻهن جي سار لهو.

هڪ پراڻي چوڻي آهي ته سائين ۾ ڌيان رکڻ پيو وڃي، ڌڻي سوامي جي فرمائي ٿو ته ٻارا مدد ته مهل جي، مدد موقعي تي نه ملي ته ڪهڙي ڪم جي. سوامي جيءَ جي آگيا سان هڪدم دوارڪاداس رتناڻي، شري گوبند رام پاڻيا، پرسرام ڪنعيالمل للريجا جي اڳوانيءَ هيٺ هڪ شيوادارن جي ٽولي ڪوئٽا روانه ٿي. سو رستي پروچ ۾ پهتا ٿي، هڪدم سوامي جن اتي شيوا ڪارڻ شروع ڪيو. چين جي چڙهائيءَ وقت، پاڪستان جي حملي وقت سوامي جي ستسنگين جي سهائتا ۽ قومي فنڊ ۾ دل وجان سان يوگدان ڏنو. اندرا پرديش ۾ خوفناڪ طوفان ۽ ٻوڏ آئي، سوامي جن هڪدم پيڙتن جي سهائتا لاءِ شيوادارن جي ٽولي [شري مرليڌر ڪيماڻي، شري ڪشن ڀڳواني، شري ڪشنچند پاروناڻي، ڏيونداس، گردومل] اندرا پرديش روانى ڪئي ۽ اتي ستسنگين لاءِ لنگر شروع ڪرايو. سوامي جيءَ جي پرشارٿ پريرنا سان جيتا جاڳدن پرشد ڪمرا ٿي شيوا جا ڪارڻ ڪري رهيو آهي. پيڙتن ليواهن سفيد پوشن جي شيوا جي جوت جڳائي رهيو آهي. سوامي جن جي نالي سان الهاسنگر ۾ ۴ ۾ پيا آشرم هلندڙ آهي. سوامي جن جي ئي پريرنا سان سندر شيوڪ سڀا جي سهاري الهاسنگر ۾ ونهن لڪن لائق سان سوامي سرواننڊ هاسپيٽل ٺهي رهي آهي.

پکين پسن کي پيار :- سوامي جي نه صرف منش مات کي پنهنجو پيار ڏياري ٿو مگر پکين پسن کي پڻ پيار ڪري ٿو، جيو دِيا جي جوت جڳائي سوامي جيءَ هزارن کي راکشسي ڪاٺي ڪاٺ کان بچائي سندن جيون ۾ ڦيرو آندو آهي. گڪدام اڪرن

سوامي جيءَ سوامي ٽيئونرام مهاراج جن جي پريم پرڪاش منڊل سڄي ساري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هزارن کي نام جو امرت پيئاريو. آزاديءَ جي آندولن وقت سوامي جيءَ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ديش ڀڳتي ۽ سوديشي وستن لاءِ روح ڦوڪيو ۽ هر ڀڳتن کي ڀارت ماتا جي ڀلائي جي ڀيار ڏنو، انهن جي شيوا ڪئي. ديش جي ورهاڱي کان پوءِ سوامي جيءَ الهاسنگر ۾ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم جي استاپنا ڪئي. هي آستان اڄ ڪلهه سنڌين جو تيرٿ آستان ٿي پيو آهي، جتي نت نيم سوامي جن ستسنگ جو آنند وٺندا آهن ۽ ڪيترائي ماڻهو مڌيهل مارگ درشن پائين ٿا. سوامي جن جي سيوا الهاسنگر واسين محدود نه آهي، پر هو ساري ڀارت ورش ۾ رهندي ڪندي پريمين جي ڀلاس پوري ڪن ٿا ۽ کين سڄاڻ ڪندي نام جو سنديش ڏين ٿا. سنڌي سماج کي سماجڪ برائين خلاف سچيت ڪن ٿا، ڀٽڪيل پٽڪيلن کي سنئين راهه تي آڻي سندن جيون ۾ پرڀاوَ آڻن ٿا.

ڏکايل ۽ ڏکارن :- سوامي جي ننڍپڻ کان ئي ڏکين ڏکيارن جي سيوا پڻ ڪئي آهي. هو ٻين جو ڏک درد پنهنجو ڏک درد ڪري سمجهندو آهي. جڏهن ۾ ڏڪارن اسي اتائين اڀلائين، ڀواهن پڪين اسين جي ڀلا سيوا ڪن. سن ١٩٣٣ع ۾ سنڌ ۾ جڏهن رڪ چڪ ۽ لاڙڪاڻي طرف ٻوڏون پيون تڏهن ڪيٽن ۾ سوامي ٽيئونرام مهاراج جن جي آڳيا سان سوامي جن ٻوڏ پيڙتن جي سهائتا لاءِ هڪدم ان طرف ويئي هو. ڪجهه وقت اڳ هٽ ارهار ۾ جڏهن ٻوڏ آئي، لکين ماڻهو بي سبب بيزار ٿيا. هزارن جانور موت جو شڪار ٿي رهيا هئا تڏهن سوامي جن فرمايو "پيارا وڃو پيارا وڃي اڪال پيڙتن جي سيوا ڪريو، سهائتا ڪريو ۽ مهل اسي کين مدد ڪريو. مهل جي مدد مهاري آهي. سوامي جن هزارين روپيه گڏ ڪري ڏنا، جي ڀلا سيوا ڪارج شروع ڪيو. نه صرف اهڙو پر ڀارت ۽ پيڙتن جي سيوا لاءِ پيا ويا ڪئي الهاسنگر

جهولي ڀريندو. سوامي جن ڪنس پرساد روپ هڪ ڦل ڏنو. گهر اچي اُن ٻنهي پرماتما کي پرارٿنا ڪري اهو ڦل کاڌو. برابر هڪ سال کان پوءِ اُن ٻنهي کي پٽ ڄائو. هو ڏاڍي خوش ٿي.

ڪجهه مهينن کان پوءِ هو الهاسنگر ۾ ٻـو ڄڻيا سوامي جن جي آشرم ۾ آئــي ۽ سوامي جن جا شڪرانا مڃڻ لڳي ٻـڌائين سوامي جن ڪنس چيو "اها ڏيڻ واري ته ڪي پرماتمان ڏني آهي، اسان ته ڪجهه ڪين ڪيو. ان ڪري توهين ايشور جا احسان مڃ جنهن توهنجي گود ساوي ڪئي آهي."

سوامي جن وٽ ڪيترائي دکي سوالي ٿي ايندا آهن ته سوامي جن چوندا آهن "اها مندر ۾ ستگرو مهاراج کــي وڃي متو ٽيڪيو. ستگرو مهاراج ڀلي ڪندا.

ڪيترا ئي ٻرامي وشواس رکي سوامي جن کان جل پڙهائي پيئندا آهن ته انهن جا درد دور ٿيندا آهن.

ڪاويه رچنا :- سوامي شانتي پرڪاش مهاراج نه صرف مهان سنت آهي پر اوچ ڪوٽيءَ جــو اُپديشڪ ۽ مهان ڪوي آهي. سوامي جيءَ سنڌي ۽ هندي ڀاشا ۾ ڪاويه رچنا ڪئي آهي. ڀارتيه راڳ راڳڻين جي آڌار تي سوين ڀڄن لکيا آهن. "ڀڄن بهار" پستڪ ۾ سندن ٣١٢ ڀڄن سنگره ٿيل آهن، انهن ڀڄن ۾ شانت رس پرڌان آهي، رواني آهي. ماڌريه آهي، سرل ۽ مٺي ڀاشا جو پرڀوگ ٿيــل آهي،

سوامي جن هزارن جي راهه روشن ڪري رهيا آهــن هو مهان ڪرم يوگي سنت آهن نه صرف آڌياتمڪ مگر وهنوارڪ درشٽيءَ کان به سونهپ ڪري رهيا آهن.

ٻڪرن کي جيئدان ڏيارڻو آهي. الهاسنگر ۾ راڌي شيام گئو شالا کولي ڳاين جي عملي سيوا ٻڄ ڪئي آهي. سوامي جيءَ وٽ ڪيترا ئي ڏکي ٻيمار اچن، سوامي جي انهن کي آگيا ڪندو آهي ته ٻيارا کولهن ماکوڙن کي مٺي شيءِ کارائڻ، ڪانون کي کارائڻ، ٻڪرين کي چوڳو ڏيو ته ٻس ٿيو اوهانجا ڏک دور ڪندو. سوامي جي ڪروڻا ۽ پيار جي مورتي آهن.

سماجڪ سڄاڳي :- سماجڪ سڄاڳي آڻڻ لاءِ سوامي جيءَ اڌياتمڪ سميلن، استري سميلن، وديارٿي سميلن، سماج سميلن جو آيوجن ڪيو آهي. پاڻ جتي وڃن اتي سوامي جيءَ ديش جي جدا جدا شهرن ۾ ستسنگ ڪندي ڏيتي ليتي، فيشن، ماس ۽ شراب خلاف پرچار ڪري هزارن جي سو نهپ ڪئي آهي.

سوامي جيءَ ۾ مقناطيسي ڇڪ آهي، عجيب پيار ۽ نمرتا آهي. سندس مهمان نوازي ۽ محبت بي نظير آهي.

سوالين جا سوال پورا ڪرڻ

سوامي جن ڪيترن ئي سوالين جا سوال پورا ڪندا آهن مگر ڏيکاري ڪين ڏيندا آهن. گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ سوامي جن جا ڪيترا ئي ٻراهمڻ ۽ شرڌالو رهن ٿا، پاڻ ۽ پنهنجي منڊلي تاهي نت نيم ستسنگ ڪندا آهن ۽ وقت به وقت پوڄنا سوامي جن کي قرباني ڪوٺ ڪندا آهن.

هڪ دفعي سوامي جن اتي رهيل هئا ته هڪ پنڊت پتر سنتان جي اڇا رکي سوامي جن وٽ آئي ۽ اچي سوامي جن کي پتر اڇا جي پورائي جو واڌي ڪيائين.

سوامي جن فرمايو، "ٻچڙي! پتر ڏيڻ وارو ته ڀڳوان آهي، تون جيڪي گهرين سو ان کان گهر." ان پڄاڻان وري سوامي جن کي شرڌا پورڪ ونتي ڪئي. سوامي جن وري ڪجهه سمجهايو اهڙي ونتي واليءَ کي ڪر. واليءَ جا وڻ وڏا آهن جنهنجي

اِي سکيا هئا، پر هي پيارو سڀ عهدا اقبال ڇڏي سنه ١٩٣٩ع
کان پوءِ دادا ساڌو واسواڻي جن جي سنگت ۽ سيوا ۾ رهيو.
گرديو دادا واسواڻيءَ جي ڪمل قدمن ۾ پنهنجي جيون ارپڻ
ڪري آتم گيان پراپت ڪيائين.

پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي سنگت ۾ نه صرف سنڌ جي
جدا جدا نگرن ۾ ۽ ڳوٺن ۾ سيلان ۽ ٻين ڪن هنڌ پڻ دادا جشن روحاني
رنگ ڪندو رهيو ۽ ساڻ ساڻ پياري دادا جي سيوا ۾ حاضر رهندو
هو. سيوا ڪندي ڪندي پياري دادا جشن کي روحاني رنگ
لڳو. جن سيويا کي پاڻ پاتا مان. هي پيارو انگريزيءَ ۾ هڪ مخزن
Excllsior پڻ پرڪاشت ڪندو هو جنهن ۾ سنتن ستپرشن جي
جيون ۽ وچارن تي روشني وجهندو هو.

آمريڪا جي انٽر نيشنل انڪليڊيءَ پياري دادا جشن کي
سندس لکيل انگريزي ڪتاب "دي اسٽوري آف دي سول
مئن" تي ڊاڪٽر آف فلاسافي جي آنرري ڊگري عطا ڪئي پر
هي پيارو دنيوي ڊگرين کي ڇا ڪري! جنهن کي نام جي
ڊگري ملي سو سنساري ڊگرين کي ڇا ڪندو.

پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ پياري دادا جشن کي آگيا ڪئي
ته هو سينٽ ميران ڪاليج جي پرنسپال جو پد سنڀالي. دادا
جن جي آگيا اکين تي رکي ميران وديا هلچل جي آدرشن کي عمل
۾ آڻڻ لاءِ دادا جشن اهو پد سويڪار ڪيو. پرنسپال جي پد
تي هوندي دادا ٻالڪن ۾ نوڙتا پرارٿنا جو ٻج پوکيو، ڪن ڀارت
جي رشين منين جو پيغام ڏنو. "ايسٽ اينڊ ويسٽ" ماسڪ
پترڪا دوارا پڻ دادا جشن اسانجي سونهن ڪري رهيو آهي.

دادا جشن آهي پوڄنيه ساڌو واسواڻيءَ جو روحاني وارث.
هن پياري دادا جي سکيائن ۽ سڌانتن جي ساکي پنهنجي جيون
۾ ڏني آهي. دادا جشن جي تقرير ۽ تحرير ۾ اهڙو ته تاثر آهي،

دادا جشن واسواڻي

سونهاري سنڌڙيءَ جي حيدرآباد شهر ۾ ٢ آگسٽ سنه ١٩١٨ع ۾ شري پهلاجراءِ واسواڻيءَ جي اڱڻ ۾ آيو الاهي عشق جو اوتار دادا جشن واسواڻي، ڪرم ڪمان ٻچڙيءَ جي صورت نماڻي، جنهن جي مک مان پئي ٽمڪي سدا امرت واڻي. سندس اکڙين مان نوراني نور پيو جهلڪي، سندس سادگيءَ مان مهانتا پئي چمڪي، سندس ڪمل مکڙو سدائين پيو مشڪي، سندس مشڪ ۾ مقناطيسي ڇڪ جا پيدا ڪري سڀڪن لاءِ سِڪ.

پياري دادا جشن جو پوجيه پتا شري پهلاجراءِ واسواڻي، وڏوان ۽ پڪ سچ جن هو. ماتا ڪرشنا ديوي هئي گرو جي پياري نرمل نينهن واري. ماتا پتا جا اُتم سنسڪار، تنهن کان وڏيڪ جنهن ڪل ۾ پيدا ٿيو سنڌ جو اوتاري پرش دادا ساڌو واسواڻي اُن ئي ڪل ۾ جائو پيارو دادا جشن واسوڻي.

پيارو دادا جشن واسواڻي. وديارٿي جيون ۾ ئي روشن دماغ ۽ ٻُڌيوان هئو. تيرهن سالن جي عمر ۾ مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ داخل ٿيو. ڪيترو وقت ليبارٽريءَ ۾ ويهي نوان نوان تجربا ڪندو. انهيءَ قابليت، هوشياري ۽ سچائي ڪري پروفيسر ۽ پرنسپال هن کي ڏاڍو پسند ڪندا هئا. ايم.ايس.سي. فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري ڪاليج ۾ فيلو ٿيو. دادا جشن اڄ ڏينهن تائين اعليٰ ابياسي آهي. جوتش وديا جي ۾ هن ڪافي ڄاڻ حاصل ڪئي. هن ايم.ايس.سي. لاءِ شري سي. وي. رامن ارک سائنسدان جي ڪمل کوجنا ايڪسري ۽ وڏيڪ کوجنا ڪئي. هو چاهي ها ته پارس جو هڪ وڳالي ۾ سگهي ها، هڪ وڏو آءِ. سي. ايس عملدار

پيئندا هئا مگر ڦڪين فرق ڪين ڪيو.

مون ڪيس ٻاري دادا جشن ونان مليل ڦل ڏيندي چيو، "تون هي دادا جشن جو پرساد کاءِ ته تنهنجو دک دور ٿيندو." ان ٻچي وشواس رکي اهو ڦل کاڌو. ٻن ڏينهن کان پوءِ هوءَ مرض مان شفاياب ٿي پئي.

دادا جشن جي دل دنيا جو ڀنڊار آهي. هو ٻين جو دک پنهنجو ڪري سمجهندو آهي. هڪ دفعي دادا ورلي اسٽيشن کان ڪار ۾ لنگهي رهيو هو ته سندس نظر ٻڪرين جي ٻچن تي پئي. ڪو شخص اهي ٻد ٽيل ٻکي ٻچري سوڌا وڪڻي رهيو هو. دادا هڪدم ڪار روڪائي هيٺ لٿو ۽ ان شخص کان سڀ ٻکي خريد ڪري ان وقت ئي انهن ٻچن جا ڏر کولي سڀني ٻڪين کي اڌالي آزاد ڪيائين.

ٻاري دادا جشن آئي چيو ته اٻوجهه ٻڪين کي ٻه ڏنا آهن اذامل لاءِ مگر اسين پنهنجي سوارٿ سبب ڪين قيد ڪراون ٿا. ڪي وري انهن گگدام ٻڪين کي ماري کائين ٿا. اهي ٻکي ته ٻارڙن جو روپ آهن. انهن ٻڪين ته پيار ڏيو.

پيارو دادا جشن ٻار جي پرڀوڙتي آهي. هڪ دفعي مان امتحان جي ڪم سانگي اسٽي يونيورسٽيءَ ۾ ويٺو هوس. ان ڏينهن پيارو دادا جشن اسٽيءَ ۾ رهيل هو. اوچتو ان وقت منهنجو خيال ڪيڏي ويو ٻاري دادا جشن ڏانهن، ڪين دل سان ياد ڪيم ۽ سندن درشن لاءِ ٻياس ته پيدا ٿي مگر يونيورسٽي جي ڪم سبب ونڃي ڪين سگهيس. جڏهن واپس جو گهر الهاسنگر ۾ آيس ته منهنجي ڌرمپتني لاجونتيءَ چيو ته ٻاڻي ناڪ مندر واري هٿ دادا جشن پرساد موڪليو آهي. شري ناڪ گهر جي ڀاسي ۾ رهندو آهي. مون هڪدم ان کي گهرايو ۽ ڪاڻون پڇيو ته پيارو دادا جشن ٽوڪي ڪٿي ۽ ڪڏهن ڏيو ۽ منهنجي لاءِ ٽوڪي پرساد ڪين ڏنائين.

جو سنگ دل کي موم دل بڻائي ڇڏي ٿو. دادا جشن انگريزي ۽ سنڌي ڀاشا ۾ ڪيترائي پستڪ لکيا آهن جن جي پڙهڻ سان اندر کي آنند پيو اچي. سندن اپديشن ۽ واکيانن هزارن جي من ۾ ڦيرو آندو آهي، جيڪي اچن سندس واجهو سي لهن باغ بهار، هي پيارو ٻاني حليمي هار، ڏي سڀن کي نمئن نهار ڪري، سڀن کي پيار. پيارو دادا جشن آهي مسڪينن محتاجن جو مِتر، مددگار ٿي پيو پکين ٻين کي ٻڌ پيار. اجڙ دلين کي آباد پيو ڪري، سندن ڏکڙا دور پيو ڪري.

جنوري جو مهينو هو، پونا جي مشن پوءِ ۾ دادا واسواڻي جي ورسي اُتسو سلسلي ۾ جاڳرتي ستسنگ لڳي رهيو هو. ڪي پريمي اڌ رات جو پڪوان تيار ڪري رهيا هئا. دادا جشن ستسنگ ۾ ويٺو هو. اوچتو هڪ ٻجي رات جو اُٿان اُٿي ورانڊي ۾ آيو. جتي ٻئي ڏينهن جي لنگر پرساديءَ لاءِ پڪوان تيار ٿي رهيا هئا. پيارو پاڻ پڪوان ٺاهڻ وارن. ڪلاڪ کن کان پوءِ وري پاڻ سان هڪ سؤ کن ڪمبل کڻي اٽڪل ٢ بجي رات جو لڪيو پوني جي فوٽ پاٿن تي، سمهيل سيءَ ۾ ڏڪندڙ اُناٿ ماڻهن کي ڪمبل ورهايا! ڪهڙي نه ديا هن جي دل ۾ درديلن ڏکين جي لاءِ آهي هو ڪرونا جو روپ آهي.

دادا جشن ور ور ستسنگ کي اپيل ڪندو آهي ته پکين ٻين کي ماري کٿو نه بڻايو. اُنهن تي ديا درشٽي ڪريو. جيو ديا جي جوت جڳايو. دادا جشن مسڪين، محتاجن ڏکين ۽ درديلن ۾ داتار جو درشن ڪري ٿو.

پيارو دادا جشن رڌي سڌي جو مالڪ آهي پر اُن ڳالهه جي ڏيکاري اصل ڪين ڏي. سڀ پرش سڌايو پڇي پوهه. ۾ ٿي ڳنڍيا آهن. هڪ دفعي مان پوني مان واپس اُلهاسنگر ۾ گهر آيس ان وقت منهنجي، هڪ عزيز ٻڌل آيل هئي جنهن کي ڪيترن مهينن کان هٿن ۾ ڪو مرض هو. هن ڪيترا ئي ڊاڪٽر

ستيه سائين بابا

ستيه سائين بابا جنهن کي هن صديءَ جو اوتار چيو وڃي ٿو، جنهن جي چمتڪارن نه صرف ڀارتواسين کي ڀرپور ڪيو آهي مگر دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ به سندس سڃاڻپ ڦهلجي وئي آهي. هن جا ڀڳتيءَ دواران شڪتي پراپت ڪئي آهي. اُن ذريعي هو هزارن جا دک دور ڪري رهيو آهي. هي مهارش لوڪڪ ۽ آڌياتمڪ اُنتيءَ لاءِ هزارن جي راهه روشن ڪري رهيو آهي.

وديارٿين کي نيڪ ناگرڪ بڻائڻ لاءِ هن ڪرم يوڳي ستيه سائين وديا جا ڪيندر کوليا آهن. انهن سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ وديا وٺندڙ وديارٿين ۾ ڀارتيا ۽ يورپا جا اچ چنتا وجن ٿا. ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ بابا جا ڀڳت پيار ۽ پريم منڊلين ناهي ڪيرتن ڪن ٿا ۽ بابا جو سنديش ڦهلائين ٿا.

اهڙي مهان وڀوتيءَ جو جنم ۲۰ نومبر ۱۹۲۶ع ۾ آنڌرا پرديش جي اننتپور ضلع جي پٽپرٿي ڳوٺ ۾ شري پيداوينڪپا راجوءَ جي گهر ٿيو. ستيه سائين بابا جي جنم جو نالو ستيه نارائڻ رکيو ويو. سندس ماتا جو نالو ايشورما هو. ايشورما ڌارمڪ وچارن واري ۽ پتيوتا هئي. پتيوتاءِ پتي کي جنم ڏئي ڪک سڦالي ڪئي.

ستيه نارائڻ ٻين ٻالڪن کان هڪ نرالو ٻالڪ هو. جڏهن به هو ڪنهن به فقير کي ايندو ڏسندو هو ته هڪدم گهر وڃي

شري ناناڪ وراڻيو، "دادا جشن اڄ مڇندر جو ڪارڻ ۽ درٻار ۾ گڏيا مون کان پڇيو ته، مان ديال آشا جي گهر پرسان الهاسنگر ۾ رهندو آهيان. تڏهن دادا جشن مون کان لو لاءِ نه پڇيو ۽ اسو لاءِ ارساد نه ڏنو."

ساڳيو ڏينهن ساڳيو وقت مون اماري دادا جشن کي ياد ڪيو. سندس سنپورش دلين جا جاڙون اهن ڪڍو ته پيار ۽ همدردي ڏنائين.

دادا جشن اوچ ڪوٽيءَ جو ڪوي ناٿ آهي. "انڀاڳي" جي تخلص سان سوين گيت رچيا اٿائين. سندس گيتن ۾ آنند پڪڙي، گرديو لاءِ اُڪير، سڀني جيون لاءِ پيار، مالڪي ملڻ ورهه ويدنا سمايل آهي. سندس ڪوتا ۾ شانت رس جو سماويش آهي، خيالن جي گهرائي ۽ جيون جو انڀو ڪوٽ ڪوٽ ڀريل آهي.

اماري دادا جشن جي رچنا ۾ گرو ڀڳتي ڀرپور آهي ۽ اها گرو ڀڳتي سندس ڪاوي ۾ ڪوٽ ڪوٽ ڀريل آهي. دادا جشن گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي وڇوڙي ۾ ويدنا پورڻ جي گيت ڳايا آهن، سي سندس پيار جا ڳوڙها آهن.
دادا جشن پنهنجو پيغمبر سڀ ڪجهه پنهنجي گرديو اماري دادا ساڌو واسواڻي کي ليکي ٿو:-

گرديو ديالو، دادل مهنجا سائين،
مهنجو پيغمبر، سڀ تون ئي آهين.

اماري دادا جي اترو واڇو رهندي آ، دادا جشن دادا کي اماڻي واڪي ڪندي چوي ٿو:-

پنهنجي درلڀي دادل! ڪري ڪرم اپار،
من ڪنهن ڏينهن ساڳي ملي مهر نهار.

شري ستيه نارايڻ سڀني ظاهر ڪندي چيو، "مان نه شرڊي جو سائين بابا آهيان جو اوهان جي گهر ۾ اوتار وٺي آيو آهيان."

اهو ٻڌي سڀني پتا کي پڻ تعجب لڳو. هڪ ڏينهن ڪن براهمڻن کيس چيو ته اسان کي ڪا ثابتي ڏي ته هو برابر سائين بابا آهي.

تڏهن شري ستيه نارايڻ کين چيو ته ڪجهه گل کڻي اچو. براهمڻ گل کڻي سندس اڳ ۾ ڏنا. شري ستيه نارايڻ گلن جو هڪ ڇڳ قوهه کڻي ته هڪدم ڌرتي تي گلن جا اکر ٺهي پيا. اهي اکر هئا "سائين بابا"

اهو ڪوتڪ ڏسي اهي براهمڻ عجب کائڻ لڳا ۽ کين پڪ ٿي ته برابر شري ستيه نارايڻ سائين بابا جو اوتار آهي.

هاڻي ستيه نارايڻ "شري ستيه سائين بابا" جي نالي سان پرسڌ ٿيڻ لڳو. ڪيترا ئي براهمڻ سندس ستسنگ ۽ ڪيرتن ٻڌڻ ايندا هئا.

هڪ دفعي پوٽا ڪان آيل ڪي براهمڻ پوڄا ڪانسي آرام ڪري رهيا هئا ۽ ستيه سائين بابا سامهون واري وڻ جي جهولي تي ويٺي لڏي رهيو هو. هن اوچتو سڀني براهمڻن کي سڏيو.

براهمڻ ڏسن ٿا ته جنهن وڻ جي جهولي ۾ شري ستيه سائين بابا ويٺو هو اتي ان وقت ڀڳوان شري ڪرشن مرلي منوهر ڏسڻ ۾ آيو. اهي براهمڻ ڀڳوان شري ڪرشن مرلي منوهر جو درشن ڪري ڏاڍو آنندت ٿيا. شري ستيه سائين بابا جا ڪيترا ئي چمتڪار قابل ذڪر آهن.

شري ستيه سائين بابا ٻڌائي ٿو ديا درشٽي سان سون

ڪجهه نه ڪجهه کٽي اُنهن کي ڏيندو هو. ان ڪري ڪيترا ئي فقير سندس گهر جي ٻاهران ايندا هئا.

ٻالڪ ستيه نارائڻ هڪ ڏينهن ڪلاس ۾ ڌيان ۾ محو هو نه. سندس ماستر ڪمس چيو ته جيڪي مان پاڙهي رهيو آهيان سو تو ڌيان سان ڪين ٻڌو آهي نه وري ڪجهه لکيو آهي. تنهن تي ستيه نارائڻ وراڻيو "گروجي اوهان جيڪي پاڙهيو سو نه مونکي ياد آهي. اوهان جي آڳيا هجي ته ٻڌايان."

ماستر مسٽر ڏموچق ڪمس آڳيا ڪئي ته اچي ٻڌاءِ. وديارٿي ستيه نارائڻ ڪيترو وقت ٻڌائي تي بيٺو رهيو. هو هر ڪلاس ۾ ڏاڍو هوشيار هوندو هو. قدرتي طرح جي ماستر جنهن ڪورس تي پاڙهيو هو ان سان جيڪي پڙهيو، اهي نه پڙهي سگهي.

ڪلاس جي وديارٿين ماستر صاحب کي وينتي ڪئي ته ستيه نارائڻ نردوش آهي ان کي مهرباني ڪري معاف ڪيو وڃي. جڏهن ماستر ستيه نارائڻ کي ٻڌائڻ جي آڳيا ڪئي ۽ جڏهن هو ٻڌائي ويو ته ماستر ان ڪورس جا سوال ٻيهر سان ٻڌائي سگهيو. اهو چمتڪار ڏسي ماستر ۽ وديارٿي دنگ رهجي ويا.

ننڍپڻ ۾ پڻ سندس تبديلي ٿيندي هئي. هو ستيه نارائڻ ان تبديلي جو ٻڌل هو. ڏاڍي شرڌا ۽ پريم سان هو پوڄا ڪندو هو. ڏاڍي لڳاتار ٿيندي تنهن تي وڃندو هو. اچا هو چوڌاري سان جو هو ته هڪ ڏينهن ڪلندي ڪلندي پنهنجي هٿ مان گل ۽ مصري ڪڍي ورهائيندو رهيو.

اهو ڪوتڪ ڏسي گهڻا ٻارڙا ۽ ماتا پٽا دنگ رهجي ويا. جڏهن سندس پتا کي ان ڳالهه جي خبر پئي ته هو هڪدم اُٿي آيو ۽ ڪاوڙ ڪندي پڇائين "تون ڪير آهين جو هي ڪم ڪري رهيو آهين؟"

جا دک دور ڪيا آهن.

شري ڏيولداس ڪمداڻي آزاد کي ڪرلکي جو سخت سور هو. هن ممبئي جا وڏا وڏا ڊاڪٽر ڏيکاريا. دوائن دک دور ڪين ڪيو، ڪين فرق نه ڪيو. جڏهن شري ڏيولداس ڪمداڻي صدق رکي سائين بابا جن وٽ پهريءَ واءُ ڏٺهن هڪ ئي نهار سان انهن سندس لاعلاج سور دور ڪري ڇڏيو. جتي ڊاڪٽري دوائون سڦل نه ويون اتي سنت سائين بابا جي ڪرپا درشٽيءَ ڪلياڻ ڪيو.

سنت سائين بابا سڀ ڌرمش آهي ڪيس رڪيون سڀيون اولڊيون آهن. هزارن ڀڳتن جي وچ مان لنگهندي ڪن کي گل ڀيا ڏين ٿا، ڪن کي ميوا ٿا، ڪن کي ڀيونٽي ڏئي مالا مال ڀيا ڪن.

سوين ميلن جي مفاصلي تي هوندي جڏهن ڀڳتي شو ڏا ڀوروڪ شري سنت سائين بابا جو ڌيان ۽ ارچنا ڪن ٿا ته سندس مورتيءَ مان نه ڪرپا روپ ۾ ڀڀوتي اڪري ٿي. اهو سنت سائين بابا جي ڀڳتيءَ جو پرتاپ آهي.

شري سنت سائين بابا مهان ڪماليءَ ڏياني ۽ وڏوان آهن. سندن مکارونڊ مان ڪماڻ گنگا ڀڳتي پرواهه لهندي آهي ۽ ان مان هزارن آديالمڪ پياسي پنهنجي پياس پوري ڪن ٿا. هو ورو پڪي ۽ سيوا جو سنديش ڏين ٿا. دکين دردمندن انسانن جي سيوا ڪرڻ لاءِ پرارٿنا ڪن ٿا. زنده پاڪ سنت ۾ شري سنت بابا وشو ويالي شخصيت آهي.

هري اوم شانتي !

ڊاڪٽر ديال آشا
جا لکيل ڇپيل ڪتاب

1. ٽهڪ ٽڪڙيون
2. مهڪندڙ مکڙيون
3. دادا درشن
4. شري لعل بهادر شاستري
5. ٻارن جي ٻاغ مان
6. شل اهڙا لعل ڄمن
7. سک جا سڏڙا
8. سنڌي سنت ڪاويه رواجن
9. وطن صدقي
10. ڀارت جي مها پرش ساڌو واسواڻي
11. سوامي شانتي پرڪاش مهاراج وڪتيتو ۽ ڪاويه
12. سنڌي ڪوين جي هندي ساڌنا
13. ترنگي
14. آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪوين جا هندي ۾ يوگدان
15. نئين روشني
16. ديش پڪاري ٿو
17. مهان سنت ڪوي ساڌو واسواڻي

107



ڊاڪٽر ديال "آشا" ڀارت جي پرڌان منتري
شريمتي اندرا گانڌيءَ کي پنهنجو هندي پستڪ
"سنڌي ڪوين کي هندي ساڌنا"
۽ "مهڪندڙ مکڙيون" پستڪ ڀيٽ ڪري
رهيو آهي.